سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ

A History of Sindhi Language

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ

ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ.

چاپو پهريون ١٩٥٦ع تعداد ..
چاپو ٻيون ١٩٦٦ع تعداد ..
چاپو ٽيون ١٩٧٢ع تعداد ..

(All Rights Reserved with the Sindhi Adabi Board)

قيمت: REVISED 6/- PRICE

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
گاڏي کاتو "امين منزل" حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب "زينت پرنٽرس" حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ مسٽر غلام رباني آگري سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس امين منزل گاڏي کاتي حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو.

فهرست

باب	مضمون	صفحو
	ٻولين جون ڪوجنائون	١
	ڀاڱو پهريون	
١	قديم سنڌ ۽ اڻ آريہ ٻوليون	١٠
٢	آريہ لوڪ ۽ سنسڪرت	٢١
	ڀاڱو ٻيون	
١	ٻين ٻولين سان ناتو	٨٠
٢	سنڌيءَ جون اُپڀاشائون	٩١
٣	سريلي	٩٦
٤	وچولي	١١٣
٥	لاڙي	١٢١
٦	ٿريلي	١٤٠
٧	ڪڇڪي	١٥١
٨	لاسي	١٥٦
٩	ٻوليءَ ۾ فرق	١٦٠
١٠	سنڌي لغت	١٦٨
١١	اصطلاح ۽ پهاڪا	١٩١
١٢	مسلمانن جي حڪومت جو اثر	١٩٨
١٣	انگريزن جي صاحبي	٢٥٦
١٤	ٻوليءَ جي منزل ۽ آئيندو	٢٧٧
	ڀاڱو ٽيون	
١	ٻوليءَ جي تبديل ۽ واڌارو	٢٨٣
٢	اکرن تي ويچار	٢٩٢
٣	سنڌي وياڪرڻ تي ويچار	٣٠٦
٤	سنڌيءَ جون خوبيون ۽ خاصيتون	٣٢٣
٥	لفظن جي بناوت	٣٣٠
٦	سنڌي صرف جا اصول	٣٣٦

ناشر طرفان ٻه لفظ

ڪتابي ادب جي حفاظت ۽ بقا جو دارو مدار ڇپائيءَ جي عام موجودگيءَ تي آهي. ڪي ڪي مذهبي ڪتاب بر زبان ياد به ڪرايا ويندا آهن- ۽ انهن جي بروقت حفاظت جو اهو به هڪ طريقو آهي- پر ڪتاب، مذهبي هجن يا خالص علمي ۽ ادبي، هڪ دفعو جيڪڏهن ڇپبا ۽ پوءِ اڻلڀ ٿي ويا جو عام پڙهندڙن کي وقت سر انهن جو ملڻ ناممڪن ٿي پوي، ته ڄڻبو ته آهي ڪتاب ۽ منجهن جيڪو ادبي سرمايو موجود هو، هميشه لاءِ ڄڻ فنا ٿي ويو.

زندهه ٻوليون پنهنجي ادبي سرمايي کي ڪڏهن به ائين بيدرديءَ سان فنا ٿيڻ نه ڏينديون آهن- سندن ادبي شاهڪارن جا نوان نوان ڇاپا باقاعدگيءَ سان ۽ نهايت آب تاب سان هميشه نڪرندائي رهندا آهن. افسوس آهي، جو اسان جي سنڌي عالمن ۽ اديبن، ادبي جماعتن ۽ علمي ادارن ان طرف اڄ ڏينهن تائين ايترو ڌيان نه پئي ڏنو آهي، جيترو کين ڏيڻ گهربو هو: نتيجو هي نڪتو آهي، جو اڄ سوَن اهڙن بيمثل سنڌي ڪتابن جا نالا وٺي سگهجن ٿا، جيڪي ڪنهن به قيمت تي پڙهندڙن کي هٿ نٿا اچي سگهن، ۽ اڻلڀ ٿيو پيا وڃن، ڇڻ اهي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڏهن لکيائي ڪونه ويا هئا. ظاهر آهي

نہ پنھنجي ھن عظیم ادبي ورثي ڏانھن ایتري سرد مهري، ۽ ان کان ایتري غفلت ۽ لاپرواهي. نہ کڏھین معافيءَ لائق ٿي سگھي ٿي، ۽ نہ وري ان جي کڏھن کا مناسب پورائي ٿي اسان کان ٿي سگھندي. پنھنجن وڏن جي میڙیل چونڊیل املھہ مالڪن کي ائین ھٿن جـي وِتبن مان واريءَ وانگر جیڪڏھن ھمیشہ وڃائیندا ڏي رھنداسین تہ آخر ۾ سواء خالي ھٿن جي باقي اسان وٽ ڇا وڃي بچندو. سا ڳالهہ سڀڪو سمجھي سگھي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ، انھن ڳالھین کي محسوس کندي، ھڪ بنیادي مقصد پنھنجي سامھون ھي بہ رکیو آھي تہ پنھنجي بوليءَ جا پراڻا چیبل ڪتاب جنھن عـزت ۽ احترام جي لائق آھن، تنھن عـزت ۽ احترام سان ٻيھر ڇپائي شایع کیا وڃن، تہ جیئن سنڌي ادب ۾ انھـن ڪتابن جي ھڪ دائمي حیثیت باقي رھي سگھي.

ھيءَ ڪتاب اول سرڳواسي مصنف ڇپائي پـڌرو کیو ھو ۽ پوء ٻین عمدن نوس ادبي ڪتابـن وانگر نایاب ٿي ویو، جو سنڌي ادبي بورڊ نئینءَ طرز سان، نئینءَ ٽائیپ ۾، پھریائین ١٩٥٦ع ۾ شایع ڪرایو. بورڊ طرفان، ھيءَ اُن جو ٽیون ڇاپو پیش ٿي رھیو آھي.

لائق مصنف کي سنڌي زبان سان محبت عشق جي درجي تـي پھتل ھئي، ھن جیتوڻیڪ بولـيءَ جي

خدمت ڪرڻ خاطر پيا به ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن،
پر هن ڪتاب تي جيڪا محنت، مشقت، سر جوکي ۽
دماغ سوزي ڪئي اٿس، تنهن جو مثال سنڌي زبان ۾
مشڪل ملي سگهندو. انهيءَ ڏس ۾ هن ڪتاب کي
اهڙو درجو حاصل آهي، جو هن جي پرغور مطالعي
کان سواءِ ڪوبه شخص سنڌيءَ زبان ۽ سنڌي ادب
تي عبور حاصل ڪري نه سگهندو. اسان جي نئين ٽهيءَ
لاءِ هن جي مطالعي کان محروم رهڻ هڪ نهايت افسوسناڪ
ڪوتاهيءَ برابر هو. سنڌي ادبي بورڊ، انهيءَ ڪوتاهيءَ
کي دور ڪرڻ لاءِ اسان جي نئينءَ ٽهيءَ اڳيان هي
ناياب ڪتاب آڻي ٿو ۽ اميد ٿو رکي ته هو هن کي
پوري غور سان مطالعو ڪري، پنهنجي پياريءَ زبان جا
ماهر بنجا.

سيڪريٽري،
سنڌي ادبي بورڊ

مُنڍ

سنڌي ٻوليءَ جي اونهي اڀياس ڪرڻ لاءِ هن وقت هڪڙو به ڪتاب ڪونهي. ڪيترن کي اها به سڌ ڪانهي، ته ڇو لاڙ جي ٻولي هڪڙي، وچولي جي ٻي، ۽ سرحد سنڌ جي وچائين ٽي آهي ۽ ڪهڙي سبب شڪارپور جي ٻولي ٻين سڀني کان ميٺاج ۾ وڌيڪ آهي؟ هن لاءِ هڪڙو ئي سبب هيءُ آهي ته عربن سنڌ فتح ڪئي، تنهن کان اڳ جي تاريخ آهي ئي ڪانه، جنهن مان اهڙين ڳالهين جو پتو پوي. مون ٽي ورهيه سانده محنت ڪري ڏيڍ سؤ کن ڪتابن مان قديم سنڌ جا احوال ڪڍيا. ڪنهن مان ٻه-ٽي سٽون ته ڪنهن مان فقط هڪ ٻه فقرو مليم، پر اهي ذرا پرزا به وڃي ڳنڍيم، ته چڱي خاصي تاريخ تيار ٿي پيئي. اها سموري ڪتاب ۾ ڏيان ها، ته ڪتاب تمام وڏو ٿي پوي ها، ته به ٻوليءَ جي تاريخ ۾ جيترو پرڳڻي جو احوال ڏيڻ گهرجي، تنهن کان گهڻو ڏنو اٿم.

ٻوليءَ جي تاريخ معنيٰ ٻوليءَ جي تبديل جي تاريخ. ٻوليءَ ۾ تبديل ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ آڻين ٿا، تنهنڪري جنهن ٻوليءَ جي تاريخ لکجي، تنهن ۾ پرڳڻي جي ماڻهن جو ذڪر به ضرور ڪجي. انهيءَ

سبب، سنڌ جي تاريخ ۽ ان جو جيڪو اثر ٻوليءَ تي ٿيو آهي، سو ٻڌايو اٿم.

ٻولي ۽ ساهت پاڻ ۾ ڳنڍيا ڳتيا پيا آهن: ساهت جو مدار ٻوليءَ تي ۽ ٻوليءَ جو مدار ماڻهن تي. تنهنڪري، هن ڪتاب ۾ اهو به ڄاڻايو اٿم ته سنڌي ساهت جي ترقي ڪيئن ٿي- مطلب ته هن ڪتاب ۾ ٽي تاريخون آهن: سنڌ جي تاريخ، ٻوليءَ جي تاريخ، ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ.

ٻولين جي تاريخن جوڙڻ جو رواج ويجهڙائيءَ ۾ يورپي لوڪن وڌو. سندين جوڙيل انگريزي ٻولين جون تاريخون ڏسي، اسانجن ڪن ڏيهي عالمن بينگالي، گجراتي ۽ مراهٽي ٻولين جون تاريخون ٺاهيون آهن. هيءَ اجا شروعات آهي، تنهنڪري سيني ڏيهي ٻولين جون تاريخون اجا ڪونه جڙيون آهن. باقي سر گريئرسن جي ڪوشش سان "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" جا ڪيترائي جلد ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. مون اهي ڪتاب پڙهيا، ته پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جوڙڻ جو خيال آيم. اسانجين ٻولين جون کوجنائون اول يورپي لوڪن ڪيون هيون، تنهنڪري سندن کوجنائن جو مختصر ذڪر هتي منڍ ۾ ڏيئي ڪيو اٿم- جو سنڌي ٻوليءَ جي بنياد جو انهيءَ سان وڏو ٿي واسطو آهي. ڪيترين مکيه ڳالهين بابت سندن به ڄاڻايو اٿم ته پڙهندڙن کي پتو پوي ته مون اهي احوال ڪٿان آندا.

سنڌي ٻوليءَ جي اونهي اڀياس ڪرڻ لاءِ هيءَ گويا پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ بابت ڪي مکيه ڳالهيون مختصر طرح ڏنيون اٿم، ۽ اهي به هتائي ڪتاب جي چيزي ڏي کيون اٿم، ته جن کي فقط تاريخ پڙهڻي هجي، تن کي اهي ڳالهيون وچ ۾ نه منجهائين. مضمون کي سلوڻي ۽ سوادي ڪرڻ لاءِ شاهه، سامي ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام مان ڪي ٽڪون ڏنيون اٿم ته پڙهندڙ پلي ته وندر جو ڪتاب ڪري پڙهن. جيڪڏهن پڙهندڙن ٻوليءَ جي اونهي اڀياس لاءِ چاهه ڏيکاريو، ته "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" نالي ڪتاب جلد ڇپائي پڌرو ڪندس، جنهن ۾ تاريخي احوال ٿورو ۽ ٻوليءَ جو ذڪر گهڻو آهي. هن ڪتاب تي جيڪا محنت ڪئي اٿم، تنهن جو قدر اميد ته پڙهندڙ پاڻيهي ڪندا.

ڪراچي، — ڀيرومل مهرچند

١٣ — فيبروري، ١٩٤١ع

ٻولين جون ڪوجنائون

يورپي لوڪن ۾ هيءَ هڪ وڏو ڳڻ آهي، ته جنهن ملڪ ۾ وڃن، تنهن ملڪ جي ٻولي سکي، ان جو علمي خزانو ونهي ٻولين ته پنهنجي دل ۽ دماغ کي روشن ۽ من کي منور ڪريون، ۽ انهيءَ مان آبدار موتي ماڻڪ ميڙي، پنهنجي ديسياڻن کي به ڏيون، ته پلي ته اهي به لاڀ پرائين.

عيسوي پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ پورچوگيزن، ڊچن، فرينچن ۽ انگريزن هڪٻئي جي پٺيان، واپار سانگي هندستان ۾ اچي ڪوٺيون وڌيون. ان وقت ڪي پادري به آيا، جن سنسڪرت تي گهڻو ڌيان ڏنو، ته ڏٺائون ته ان ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جي ساڳيا ڪيترين يورپي ٻولين ۾ به عام آهن، رکو اچار ٿورو ڦريل اٿن- مثلاً:

سنسڪرت	سنڌي	فارسي	انگريزي	
ماتر	ماتا - ماءُ	مادر	مدر	Mother
ڀراتر	ڀراتر - ڀاءُ	برادر	بردر	Brother
دهتر	ڌيئا - ڌيءُ	دختر	ڊاٽر	Daughter
نامن	نانءُ - نالو	نام	نيم	Name
نوَ	نئون	نوَ	نيوُ	New

اهڙا ڀيا ڪيئين لفظ آهن، جي گريڪ (يوناني)، لاٽن، جرمن، فرينچ، انگريزي ۽ ٻين يوروپي ٻولين ۾ عام آهن. لفظن جي هڪجهڙائي ڏسي حيران ٿيا، پر سمجهي نٿي سگهيا، ته ائين ڪيئن ٿيو آهي.

پهريون ڏي پهريون يوروپي عالم جنهن اهو پورو پتو (پرولي سلي)، سو سر وليم جونس هو. هو صاحب ٻولين سکڻ جو ڪوڏيو هو. اڃا يورپ ۾ ئي هو، ته فارسي، عربي، ۽ ٻيون ڪي ٻوليون سکيو هو. سن ١٧٨٣ع ۾ بنگال جو چيف جسٽس مقرر ٿي آيو، ته ٻئي سال (١٧٨٤ع) ۾ سنسڪرت ۽ ٻين ڏيهي ٻولين جي ابياس کي زور وٺائڻ لاءِ بينگال جي رايل ايشياٽڪ سوسائٽي برپا ڪيائين، جنهن جو صدر پاڻ هو. ڪانئس اڳي هڪ پورچوگيز پادريءَ، راجا ڀرتريءَ جا شتڪ ترجمو ڪيا هئا. هن وري ڪوي ڪاليداس جي 'شڪنتلا' ناٽڪ جو ترجمو ڪيو، ته يورپ جي ماڻهن جون اکيون کليون، ۽ قبول ڪرڻ لڳا، ته هندستان ۾ به ڪي وڏا عالم ٿي گذريا آهن، جي ههڙا عمدا ڪتاب لکي سگهيا ٿي.

سر وليم جونس ڏٺو ته سنسڪرت ۾ نه رڳو يوروپي ٻولين جهڙا لفظ آهن، پر ٻولين جي نحوي بناوت (Grammatical formation) به ڪيتريقدر هڪجهڙي آهي! هيءَ نهايت عجب جهڙي ڳالهه هئي، تنهنڪري ٽي ورهيه ساندهه اونڌو ڪنڌ ڪري سنسڪرت جو هيڪاري اونهو ابياس ڪيائين. سنه ١٧٨٦ع ۾ پنهنجي جاري ڪيل سوسائٽيءَ جي ٽئين ساليانيءَ ميڙ مهل،

ٻنهنجي صدارتي تقرير ۾ جيڪي چيائين تنهن مان ٿورو ڏڪر هتي ٻجنسي ڏجي ٿو:

"The Sanskirt language, whatever be its antiquity,is cf wonderful Struc;ture more perfect than the Greek, more copious than the Latin and more exquisitely refined than either, yet bearing tc both of them a stronger affinity, both in the roots of verbs and in forms of grammar than could possibly have been produced by accident; so strong, indeed, that no philologist could examine them all without beliving them to have sprung from some common source which, perhaps, no longer exists. There is a similar reason, though not quite so forcible, for supposing that both the Gothic and Celtic, though blended with a very different idiom, had the same origin with the Sanskirt; and the Old persian might be added to the same family."

سر وليم جونس جي هيءَ تقرير ولايت وارن پڙهي، ته سڄي يورپ ۾ غلغلو مچي ويو. ان لاءِ سبب هو:

صدين کان يوروپي لوڪ اِئين وسهندا هئا، ته "هيبرو" (Hebreew) يعني عبراني يا يهودين جي ٻولي، جنهن ۾ سندن آڳاٽا ديني ڪتاب (بائيبل يا انجيل وغيره) لکيل آهن، سا سڀني کان قديم ۽ مقدس يا پاڪ ٻولي (پوتر ڀاشا) آهي، ۽ دنيا جون ٻيون سڀ ٻوليون انهيءَ

عبرانيءَ مان پيدا ٿيون آهن! هندستان ۾ ڪوٺين وجهڻ کان اڳ ڪيترن يوروپي لوڪن کي ايتري به ڪل ڪانه هئي، ته هندستان ۾ سنسڪرت نالي ڪا ٻولي ٿيندي آهي! جن ٿورڙن کي اها سڌ هئي، تن سنسڪرت کي آخر ۾ ڌ. پئي آندو! هيئنر جو سر وليم جونس ٻڌاين، ته سنسڪرت ۽ يوروپي ٻولين جو بڻ ڏي ساڳيو آهي، ته اُنهيءَ ڳالهه تي ڪنهن به ويساهه نه پئي ڪيو.

ڪيترن يوروپي لوڪن پوءِ سنسڪرت جو اونهو اڀياس پاڻ ڪري ڏٺو ۽ ان جي يوروپي ٻولين سان ڀيٽ ڪيائون، ته ڪهڙن جو اڳيون اعتقاد ميٽجي ويو. يعني اڳي جو سمجهيائون ٿي، ته دنيا جون سڀ ٻوليون 'هيبرو' يا يهودين جي قديم ٻوليءَ مان پيدا ٿيون آهن، سو خام خيال صفا ميسارجي وڃڻ. ڪي يوروپي پوءِ پاڻ ائين وسهڻ لڳا، ته سنسڪرت ٻولي سڀني يوروپي ٻولين جي ماءُ ٿئي* ٻين کي اها ڳالهه اعتبار ۾ نه آئي، تنهنڪري وڌيڪ کوجنائون ڪرڻ لڳا.

ٻولين جي باري ۾ کوجنائن ڪرڻ لاءِ يوروپي لوڪن هيءُ رستو اختيار ڪيو، جو يورپ جي اڳاٽين ٻولين (گريڪ لاٽن وغيره) جي هاڻوڪين ٻولين (انگريزي، جرمن، فرينچ وغيره) سان ڀيٽ ڪيائون ۽ انهن جي وري سنسڪرت سان ڀيٽ ڪيائون، ته ٻولين جو هڪ نئون راز هٿ آين، جنهن جي اڳي ڪل ڪانه هين. هيئنر سمجهڻ لڳا ته جيئن دنيا ۾

* ڏسو رئپسن صاحب واري قديم "هندستان جي تاريخ" صفحو ٢٠.

سڀڪا ڳالهه حڪم جي ڏوري ۾ ٻڌل آهي ۽ جيئن سج، چنڊ، تارا وغيره ڪن ٺهرايل قاعدن پٽاندر ڪم ڪن ٿا، تيئن ٻولين کي به ڪي قدرت جا قاعدا مڃيا پون ٿا، ۽ خود اهي قاعدا به ڪن اصولن تي ٻڌل آهن، جن جو لاڳاپو انسانذات سان آهي؛ ڇاڪاڻ ته ٻولين جا ڳالهائيندڙ فقط انسان آهن، تنهنڪري انهن اصولن جو لاڳاپو به ضرور انسانن سان ٿيندو. اهو نئون علم، جو جدا جدا هنڌن جي ٻولين جي ڀيٽ ڪرڻ سان هٿ آيو، تنهن جو نالو رکيائون Comparative Philology، جنهن کي Glossology (علم لغات) ۽ Linguistic Science يعني ڀاشا وگيان يا ٻولين جي سائنس سڏين ٿا.

پهريون ئي يوروپي، جرمنيءَ جو نامور عالم، فرئنسز باپ هو، ١٨١٦ع ۾ هن صاحب هڪ گرامر ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ سنسڪرت، يوناني، لاطيني، فارسي ۽ جرمنيءَ جي ٻولين جي گردانن يا ڦيرن جي هڪجهڙي ترتيب ڏيکاري، وگيانڪ (Scientific) ريت هن ثابت ڪيو، ته سر وليم جونس جو قياس سچو هو ۽ اهي ٻوليون برابر اهڙيءَ ڪنهن قديم ٻولي مان پيدا ٿيون آهن، جا هن وقت دنيا جي ڪنهن به ڀاڱي ۾ ڳالهائڻ ۾ نٿي اچي.

يوروپي لوڪن لاءِ هاڻ هڪ وڏو مسئلو پيدا ٿيو. هو چوڻ لڳا ته هندستان ۽ ايران، جي يورپ کان ڪي هزار ڪن ڪوهه پري آهن، تن جي ٻولين جو پاڻ ۾ جگري ناتو ٿيو ڪيئن؟ هي پرولي سلي ڪير؟

هندن جي 'رگ، ويد' مان پتو پوين، تہ اهي آريہ لوڪ هئا، جي پنهنجي نشاني هيءُ ٻي ٻها ويد ڇڏي ويا آهن. ايران طرفان پتو پوين تہ خود 'ايران' لفظ اصل ۾ آهي 'ائرين' - يعني آرين جو ملڪ. هوڏانهن يورپ ڏي 'آئرلئنڊ' آهي، جنهن جي بہ اکري معني آهي 'آئـرز'، (شهزادن) يعني آرين يا شريفن جو ملڪ. رڳو انهن نالن منجهان ئي جيڪر هرڪو سمجهي، تہ اڳي هندستان ۽ ايران کان وٺي آئرلئنڊ تائين سمورو ملڪ آرين جو هو. هندن جي رگ ويد ۽ پارسين جي زنداويستا جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪري ڏٺائون، تہ انهن ٻنهي ڌرمي پستڪن جي نہ رڳو ٻولي هڪٻئي سان گهڻي مشابهت رکي ٿي، پر ڪيترا ڌرمي خيال بہ منجهن ساڳيائي آهن. ڪن ديوتائن جا نالا جهڙا رگ ويد ۾، تهڙا يونانين جي ڏند ڪٿائن ۾! مثلاً هندن جي رگ ويد مان معلوم ٿو ٿئي تہ آڳاٽا آريہ لوڪ آڪاس يا آسمان کي پتا (پيءُ) ۽ ڌرتيءَ کي ماتا يا ماءُ ڪري پوڄيندا هئا. آڪاس کي سڏيندا هئا 'ديوس پتر' يعني ابو آڪاس، (The sky-father) انهيءَ 'ديوس پتر' جو اچار لاٽن ٻوليءَ ۾ آهي (Ju-peter). گريڪ يا يوناني ٻوليءَ ۾ 'ديوس' جو آچار 'زيئوس' zeus آهي ۽ اهو وڏو ديوتا ليکيو هو. مطلب تہ ٻولين جي ڀيٽ ڪرڻ مان علم لغات (Comparative philology) جو پتو پوين، ۽ هاڻ ڏند ڪٿائن جي ڀيٽ (Comparative Mythology) مان هيڪاري يقين ٿين، تہ

انهن ٻنهي هنڌن جي آرين جي نہ فقط ٻولي ساڳي هئي، پر ڌرم ڪرم بہ ساڳيو هو.

يورپي لوڪن کي پنهنجن ابن-ڏاڏن جي احوال جي اڳي ڪا بہ سڌ ڪا نہ هئي. هاڻ جو ٻولين جي کوجنائن ڪندي تاريخ-روپي ٽورا جهلڪا ڏيندا نظر آين، تہ تاريخ جي کوجنائن ۾ پيا. هندن جي ويدن، پراڻن ۽ اتهاسن يعني رامائڻ ۽ مهاڀارت مان، ٻڌ ڌرم وارن جي ڌرمي ڪتابن مان، ڪن يونانين ۽ چيني مسافرن جي سفرنامن مان، ۽ ٻين هنڌان ڪيترو تاريخي احوال ڪٺو ڪري، اسان کي قديم هندستان جي تاريخ جوڙي ڏني اٿن، ڇو جو عربن جي ڪاهہ کان اڳ جي تاريخ هئي ڪا نہ.

آرڪيالاجيڪل کاتي وارن بہ تاريخي احوال ڪٺي ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڪئين. انهن ميسوپوٽيميا طرفان ڪيتريون حقيقتون هٿ ڪيون، جن مان پتو پوي ٿو، تہ عيسوي سنہ کان پندرهن صديون کن اڳي، آرين جون انهيءَ طرف ٻيٺڪون هيون. انهن ۽ ٻين کوجنائن مان يورپي عالمن کي ائن وسهڻ لاءِ سبب ٿيو تہ آڳاٽا آريہ لوڪ وچ ايشيا ڏي، يا انهيءَ ڪنهن طرف، گڏ رهندا هئا، جتي ٻولي ساڳي هين، پوءِ منجهائن ڪي يورپ ڏي تہ ڪي ايران ڏي ويا، ۽ اتان ڪي جبل جهاڳي اتر-هندستان ۾ آيا ۽ پنهنجي سنسڪرت ٻوليءَ جو اتي ڦهلاءُ ڪيائون، جنهن مان پوءِ سنڌي، هندي، گجراتي ۽ ٻيون ڏيهي آريہ ٻوليون پيدا ٿيون.

انهن سڀني هندن جي ٻولين کي گڏي "انڊو-يوروپين" Indo-European ٻوليون سڏيو اٿن، ته سمجهڻ ۾ اچي، ته هندستان ۽ يورپ جي ٻولين جو پاڻ ۾ ڳجهو ناتو آهي.

انهن سڀني هندن جي ٻولين کي گڏي ڪي صاحب 'آريه' ٻوليون به سڏين ٿا، ڇاڪاڻ ته انهن ٻولين جا ڳالهائيندڙ اصل آريه لوڪ هئا. جرمني وارا پاڻ کي 'آريه' سڏائيندي فخر وٺن ٿا، پر سر گريئرسن ۽ ٻيا ڪي يوروپي چون ٿا ته سڀئي ابا-ڏاڏا آريه نه هئا، پر آرين جهڙي ٻولي ڳالهائيندا هئا. ايترو قبول ڪن ٿا ته ايران جا پارسي لوڪ ۽ هندستان جا آريه اصل هڪڙي جو هڏ رت آهن، تنهنڪري رڳو ايران جي ٻولين ۽ سنسڪرت ۽ انهيءَ مان نڪتل ٻولين کي 'آريه' ٻوليون سڏين ٿا، باقي ٻين هندن جي ٻولين تي ٻيا ٻيا نالا رکيا اٿن. انڊو-يورپين ٻولين جي خاندان وارن اٺن شاخن ڏي هيٺيان نالا رکيا اٿن:

(١) آرين شاخ The Aryan Branch، جنهن ۾ سنسڪرت ۽ ان جو اولاد ۽ ايراني ٻوليون ليکجن ٿيون.

(الف) سنسڪرت مان پالي ۽ ٻيون پراڪرت ٻوليون پيدا ٿيون، جي پوءِ ڦري سنڌي، هندي ۽ گجراتي وغيره ٿيون.

(ب) فارسي، بلوچي، مڪراني، افغاني يا پشتو، ڪردستان جون ٻوليون ۽ داردستان جون دارڊڪ ٻوليون (ڪشميري وغيره)، لهندا، ملتاني ۽ سرائڪي، ايراني دفعي ۾ ليکجن ٿيون.

(٢) آرمينيا جي شاخ The Armenian Branch

(٣) هيلنيا جي شاخ The Hellenic Branch

(۴) آلبينيا جي شاخ The Albanian Branch

(۵) اٽاليءَ جي شاخ The Italic Branch

هن ۾ لاٽن، فرينچ، اسپين ۽ پورچوگال جون ٻوليون ليکجن ٿيون.

(۶) سيلٽڪ يا (ڪيلٽڪ شاخ (ڪيلٽ يا گال لوڪن جون ٻوليون) The Celtic Branch

(۷) بالٽوسلاواني شاخ (لٿونيا، رشيا، بلگيريا وغيره جون ٻوليون) The Balto Slavnic.

(۸) ٽيوٽاني شاخ The Teutonic Branch جنهن ۾ سڪنڊينيويا (سئيڊن، ناروي، آئيس لئنڊ ۽ ڊينمارڪ)، جرمنيءَ جون ٻوليون گاٿڪ سميت، انگلو سئڪسن، انگريزي، ڊچ ۽ فليمش ٻوليون ليکجن ٿيون.

انهن سڀني مان اسان جي سنڌي ٻوليءَ جو جگر ناتو سنسڪرت جي ڪري آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ

(پاڱو پهريون)

باب پهريون — قديم سنڌ ۽ اُن آريہ ٻوليون

سنڌ جو جنم

١- سنڌ جو پر ڳڻو سمنڊ مان پيدا ٿيل ڇوڻ ۾ اچي ٿو: ڌرتيءَ جي علم جا ڄاڻو چون ٿا، تہ نهايت قديم زماني ۾، اتر-هندستان وارو پاسو، گهڻو ڪري، سمورو سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ هو- پوءِ خوفناڪ سبب سمنڊ هٽي پري ٿيو ۽ زمين ظاهر ٿي پئي*.

قديم سنڌ جا رهاڪو

٢- سنڌ مان سمنڊ هٽي پري ٿيو، تہ جن لوڪن اهي، وارياسا پٽ اچي وسايا، تن مان قديم ۾ قديم لوڪ هاڙوڪن ڪولن، سنٿالن ۽ ڀيلن وغيره جا ابا-ڏاڏا هئا. ڪن ڪولن جا لاش موهن جي دڙي مان لڌا آهن، جا ڳالهہ آرڪيالاجيڪل کاتي جي ڊئريڪٽر جنرل سرجان مارشل، پنهنجي ڪتاب 'موهن جو دڙو' ۾ ڄاڻائي آهي.

---

* Sind is mainly a Sea- born land. M.B. Pithawlla; *Marvels of the Earth, p. 51.*
Mr. Wadia *Ceology of India, p. 5, et seg.*

ڪول ۽ سنٿال ڪٿان آيا؟

٣- عالمن جو چوڻ آهي ته قديم زماني ۾ جڏهن اتر-هندستان ڏي سمنڊ هو، تڏهن ڏکڻ-هندستان وارو پاسو آفريڪا، سلون (لنڪا) ۽ آسٽريليا سان خشڪيءَ جي رستي ڳنڍيل هو. ڪولن ۽ سنٿالن جي ٻولين جي بناوت آسٽريليا طرف جي ٻولين سان گهڻي قدر مشابهت رکي ٿي. انهيءَ سان اهو انومان ڪيدو اٿن، ته انهن لوڪن جا ابا-ڏاڏا انهيءَ غرق ٿيل ڪنڊ وارا پٽ لتاڙي، خشڪيءَ جي رستي آسٽريليا کان چين ولايت واري وات وٺي، آسام ۽ بينگال ڏي آيا ۽ پوءِ اتر-هندستان ڏي وڌيا. انهيءَ سموريءَ وات تي جيڪي ٻوليون چالو آهن، تن جو جڳري ناتو آسٽريليا طرف جي ٻولين سان آهي.

ڪولن ۽ سنٿالن ۾ ڪي 'منڊ' لوڪ به هئا، تنهنڪري سندين ٻولين کي گڏي 'ڪوليرين'[1] Kolarian ۽ 'منڊا'[1] Munda ٻوليون سڏيو اٿن ۽ اهي آسٽريليا جي ٻولين جي خاندان Austric family جي هڪ شاخ ليکجن ٿيون.

ڪولن جي ٻوليءَ جو نمونو

٤- ڪول، سنٿال، ڀيل وغيره اڳي جڏهين سنڌ سميت سڄي اتر هندستان ۾ رهندا هئا، تڏهين سنڌ ۾ جيڪا ٻولي چالو هئي، سا هن وقت وچ-هندستان ۾، ڇوٽا ناگپور طرف ڪول ۽ سنٿال ڳالهائين ٿا. انهيءَ ٻوليءَ جي بناوت جي نموني ڄاڻڻ لاءِ هتي هڪ مثال ڏجي ٿو.

سنٿالي (سؤنتالي) ٻولي ۾ ’دل‘ معنيٰ ’مارڻ‘. هن هڪڙي ئي لفظ سان پڇاڙين پٺيان پڇاڙيون گڏي چون ’دل ـ اوچو ـ آڪن ـ تڌهن ـ تءِ ـ تن ـ آ ـ اي‘. انهن هڪڙي ئي لفظ پٺيان پڇاڙين (Siffixes) گڏڻ سان هيءُ هڪ جملو جڙي پيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ته ’هيءُ جو هن جو آهي ۽ اهو جو منهنجو آهي‘ سو پاڻ کي پيو ماراڻيندو.‘ انهيءَ ساڳئي ’دل‘ لفظ جي وچ ۾ جيڪڏهن ’پ‘ گڏي ’دپل‘ چئبو، ته انهيءَ سان هڪٻئي کي مارڻ جي معنيٰ نڪرندي. جيڪڏهن ’دل‘ ۽ ’دپل‘ لفظن جي پٺيان ساڳيون ئي ستيون پڇاڙيون رکو ته ٿوريءَ ڦيرڦار سان گڏبيون، ته پوءِ مارڻ ۽ مارامارِيءَ بابت ڪيئن جملا جڙي پوندا.* مسٽر سڪريفسرڊ Mr. Skrefsurd وارو سنٿالي گرامر ڏسو ته ’دل‘ فعل جو گردان رکو ضمير غائب عدد واحد ۾ ڪيو اٿس، ته هڪ سؤ کن صفحا ڀرجي ويا آهن! اسان جي ڀر ڪٺي ۾ اجها اهڙي قسم جي ٻولي ڪولن ۽ سنٿالن جي صاحبيءَ ۾ چالو هئي. اڻ آريہ قومن جون ٻوليون مرڪب منزل Agglutinative Stage واريون ٻوليون آهن، جنهن جو هڪ مثال ترڪي ٻولي به آهي. انهيءَ منزل وارين ٻولين ۾ لفظن سان پڇاڙيون (glue) ڪنڊيڻيون پون ٿيون، تنهنڪري لفظن جون صورتون نهايت پيچيديون ٿين ٿيون، ۽ انهيءَ سبب انهن ٻولين جو گرامر نهايت ڏکيو ٿئي ٿو.

---

* Sir Grierson: Linguistic Survey of India, Vol: I, Part 1.

ڪولن جي ٻوليءَ جا سنڌيءَ ۾ نشان

٥- هن وقت اتر-هندستان ۾ آريہ ٻوليون چالو آهن ۽ ڪولن جي ٻوليءَ، جو نالو بہ ڪونهي. انهيءَ هوندي بہ سنڌين ٻوليءَ جو ڪو ڪو نشان اڄ تائين اسان وٽ آهي- مثلاً اسان جا هاري ناري ۽ ٻيا اڻپڙهيل اڪثر ويهون- ويهون ڪري ڳڻيندا آهن- اهي 'پنجاهہ' بدران چون 'اڍائي ڪوڙيون' ۽ 'سٺ' بدران چون 'ٽي ڪوڙيہ ن' يا 'ٽي ويهون' . انهيءَ تان چوڻي بہ آهي تہ 'جهڙي سٺ تهڙيون ٽي ويهون' . سو گريئرسن جو چوڻ آهي، تہ اهو انگن ڳڻڻ جو دستور ڪولن ۽ سنتالن جو آهي، جو اتر- هندستان جا اڻپڙهيل اڄ تائين هلائيندا اچن ۽ خود 'ڪوڙي' منڊا ٻولين جو لفظ آهي*. هن موجب جيڪو تہ اسان وٽ جو ڪي چوندا آهن، تہ انگريزي لفظ 'سڪور' (Score) جو اُچار سنڌيءَ ۾ بگڙجي 'ڪور-ڪوڙي' ٿيو آهي، سا غلط ڳالهہ آهي.

(الف) ويهہ-ويهہ ڪري ڳڻڻ جي ترتيب (Vigesimal system) اسان کي ڪل جهڙي پيئي لڳي، ۽ اسين اهو اڻپڙهيلن جو دستور ڪري ليکيون ٿا، جاڪاڻ تہ اسان جي ڳڻڻ جو دستور 'ڏاهيءَ' يعني 'ڏهاڪن جي ترتيب' (Decimal system) تي ٻڌل آهي. اسان جن انگن تي نالائي اهڙيءَ طرح رکيل آهن- مثلاً 'ٻارهن' (اصل 'ٻاڏهن') معنيٰ ٻہ ۽ ڏهہ، تيرهن (ٽيڏهن) معنيٰ ٽي ۽ ڏهہ، ۽ چوڏهن معنيٰ چار ڏهہ. ٻيا مثال:

* Linguistic Survey of India, Vol; 1, part 1, p. 35 anp 132.

سنڌي	سنسڪرت	اصل لفظ	معنيٰ
ويهه	ونشي	دوِ- دشنتي	ٻه ڏهاڪا
ٽيهه	ترنشتي	تر- دشنتي	ٽي ڏهاڪا
چاليهه	چتوار نشت	چتواردشنت	چار ڏهاڪا
پنجاهه	پنچاشت	پنچ-دشنت	پنج ڏهاڪا

پيا انگ به ائين جڙيل آهن. اهي آرين لوڪن جا جوڙيل آهن.

(ب) آڱرين تي ڳڻڻ جو رواج بلڪل سياويڪ ۽ نهايت سهنجو سولو آهي. انهيءَ سبب ڀانئجي ٿو ته آڳاٽن آرين کي ڏهه-ڏهه ڪري ڳڻڻ جو خيال هٿن جي ڏهن آڱرين تان آيو. ڪولن ۽ سنٿالن شايد پيرن جون آڱريون به ٽي ڳڻيون، جنهنڪري ويهه-ويهه ڪري ٿي ڳڻيائون.

٦- سنڌيءَ ۾ آوازن مان ٺهيل لفظ گهڻا آهن- مثلاً ڪتي جو آواز 'ڀئُو ڀئُو'، ٻلي جو آواز 'مياؤُ، مياؤُ'. ڪُئي ۽ جهرڪيءَ جو آواز 'چون چون' ۽ بلبل جو 'ٽڪاو ٽڪاو'. انهن کان سواءِ گهنگهڻ، جهڻجهڻ، ٽڪ ٽڪ، ٺاٺا، ٺڪاٺوڪي ۽ پيا ڪيترا آوازن مان ٺهيل لفظ آهن. هاڻوڪا ڪول ۽ سنٿال به ائين آوازن مان ٺهيل لفظ گهڻا ڪم آڻين ٿا. سندن ابن-ڏاڏن جي ٻوليءَ جو اهو اثر آرين جي ٻوليءَ تي ٿيو هجي ته عجب ڪونهي*.

* "Onomatopoetic words and jingles, however are characteristic of Kol as well. It may be that in this matter there is also Kol influence on Aryan" Dr. S. K. Chatterji *The origin and Development of the Bengali Language*, Voll 1.p.175

(الف) ڪولن ۽ منڊ لوڪن جي ٻولين جا پيا به ڪي نشان سنڌيءَ ۾ هوندا ته عجب ڪونهي. هن باري ۾ ڪي يورپي لوڪ وڏيڪ کوجنائون ڪن پيا. پر ايترو اڳيئي ڄاڻايو اٿن ته ڪول ۽ سنٿال ڪو گهڻو سڏ ريل ڪونه هئا.

سنڌ ۾ دراوڙ Dravidians

٧- قديم هندستان جون تاريخون، جي يورپي عالمن کوجنائون ڪري ويچهڙائيءَ ۾ ڏاهيون آهن، تن ۾ ڄاڻايل آهي، ته ڪولن ۽ سنٿالن جي صاحبيءَ ۾ دراوڙ لوڪ ڪاهي آيا، جن ڪولن ۽ سنٿالن کي هٽائي وچ- هندستان ڏي ڪيو ۽ پاڻ اتر- هندستان جا والي ٿي ويٺا. تازو موهن جي دڙي مان ڪن دراوڙن جا لاش لڌا آهن. ۽ انهن سان گڏ ڪولن ۽ سنٿالن جا به لاش لڌا آهن. هن مان سمجهجي ٿو ته دراوڙن جي ڪاهه ٿيڻ کان پوءِ به ڪي ڪول ۽ سنٿال سائن گڏ رهيا پيا هئا*.

*:It may be that the two races (Kolarians and Dravidians) dwelt side by side· and this is the theory now generally accepted Or it may be that tne Kolarians first inhabited the country and that the Dravidians came later, either from the North-West or from theSouth. at a time when the land now submerged beneaoth the sea. is supposd to have stretched from india in the direction fo Australia."

E, Marsden ahd Sir Henry Sharp: A *History of India P. 13*·

دراوڙ ڪٿان آيا؟

٨- دراوڙ لوڪ اصل ڪٿان آيا، تنهن بابت عالمن جا جدا جدا رايا آهن، جن مان ٻه مکيه آهن: هڪڙا چون ته دراوڙ لوڪ ٻه ڏکڻ - هندستان کان آيا، ۽ پوءِ اتر- هندستان ڏي وڌيا. ويچهڙائيءَ ۾ جيڪي کوجنائون ٿيون آهن، تن ٻڌاندر ڪن جو چوڻ آهي ته دراوڙ لوڪ يونوچ سمنڊ (Mediterranean Sea) طرف رهندڙ قومن مان هئا، اهي پهريائين ڪجهه وقت ميسوپوٽيميا طرف رهيا ۽ پوءِ بلوچستان واري واٽ وٺي هندستان ڏي آيا. سنجهائنن ڪن گنگا نديءَ واري ماٿري ته ڪي سنڌو نديءَ واري ماٿري والاري ويٺا*.

تازو موهن جي دڙي مان جيڪي حيرت جهڙيون حقيقتون هٿ آيون آهن، تن جي ذڪر ڪندي سرجان مارشل چيو آهي ته سنڌو نديءَ جي ماٿريءَ جي اها سڀيتا قديم دراوڙ لوڪن جي آهي ۽ اهو ميسوپوٽيميا ۽ مصر ملڪ جي قديم سڀيتا سان ملي اچي ٿي، پر ڪن ڳالهين ۾ انهن ڪي ٻه شهه ڏيئي وڃي ٿي*. هن مان ظاهر آهي ته دراوڙ لوڪن جي ميسوپوٽيميا طرف وارن سان گهٽي لهه وچڙ هئي، جنهنڪري سنڌ ۾ تهذيب ٻه انهي جي مائٽن جهڙي ٿي.

---

* Dr. S. K. Chatterji; *The Oregin & Develop: of the Bengali Language, Vol. 1.*

* Sir John Marshall: *Mohan-jo-daro and the Indus Civilization Vol. 1, P. 5, Preface.*

دراوڙن جي ٻولين جو خاندان

٩- دراوڙي ٻولين جو خاندان يا ڪل ڌُي نرالو آهي، جنهن ۾ تامل، تيلگو، ڪنڙيز ڪرگو ۽ مليالم (مل-يه-آلم) ٻوليون مکيه آهن. بلوچستان جا بروهي لوڪ جيڪا بروهي ٻولي ڳالهائين ٿا، تنهن جي نحوي بناوت به دراوڙي ٻولين جهڙي آهي، تنهنڪري اها به دراوڙي ٻولين جي دفعي ۾ ليکجي ٿي. پانهنجي ٿو ته قديم زماني ۾ بروهي لوڪن جا وڏا به ميسوپوٽيميا طرف رهندا هئا، تنهنڪري اتي ساڳي اها ٻولي ڳالهائيندا هئا، جا هاڻوڪن دراوڙن جا ابا-ڏاڏا اتي ڳالهائيندا هئا. ائين رڳو سنڌين ٻولين جو پاڻ ۾ ناتو آهي، نه ته ٻيءَ طرح بروهي لوڪن جي مدراس ڪاني وارن دراوڙن سان ڪابه مٽي-ماڻٽي ڪانهي.

"آڏاسو" لفظ جو بنياد

١٠- دراوڙن جي صاحبيءَ ۾ آريه لوڪ اتر-هند ممان تي ڪاهي آيا. آرين جي وچ ۾ ڪي جنگيون لڳيون هيون، تن جو رگ ويد ۾ ججهوئي ذڪر آهي. آدن ڏڪار وچان آڻ ريه لوڪن کي 'ڪرشڻ' (سانورو يا ڪارو)، 'داس' (غلام)، ۽ 'دسيو' (رهزن) ۽ 'آناس' ڪوٺيو آهي. رگ ويد

اشارو- 'دراوڙ' لفظ جو اصل آچار 'درامڙ' ۽ 'ترامڙ' هو، جو ڦري 'تامل' ٿيو. مطلب ته دراوڙ ۽ تامل ٻئي اصل ساڳيا لفظ آهن. بشپ، ڪالڊ ويل: دراوڙي ٻولين جو گرامر. ٻيو ڇاپو ڇپيون، صفحو ٩.

۾ ’اڻاس‘ لفظ رڳو هڪ ڀيرو ڪم آيل آهي ۽ هن وقت سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ اهو لفظ ڪونهي! اسان وٽ عام طرح چون ته ’اناس‘ (سنڌي ’اڻاسو‘). اصل ۾ آهي: آ=نه+ناس=نڪ- يعني ’اڻاسو‘ معنيٰ جنهن کي نڪ ناس نه هجي، نرلڄو (نرڄو) يا بيشرم. يوروپي عالمن ۾ ’آناس‘ لفظ جو ترجمو ڪيو آهي Nose-less، يعني جنهن کي نڪ نه هجي؛ پر شاهن آچاريه، جنهن ويدن جي ٽيڪا لکي آهي، تنهن چاڙهيو آهي، ته ويدڪ لفظ ’اناس‘ اصل ۾ آهي ’ان-آس‘ (ان=نه+ آس= وات) ۽ اکري معنيٰ اٿس: جنهن کي وات نه هجي (Mouth-less)، يعني جنهن کي برابر ڳالهائڻ نه اچي. سندس چوڻ موجب اڻ آريه لوڪ سنسڪرت لفظن جا اُچار پوريءَ طرح ڪري نه سگهندا هئا، تنهنڪري آريه لوڪن کين اناس ڪوٺيو*- هيءَ ته وچائين معنيٰ ڏي ٿي؛ پر مصنف کي پنهي معنائن جي وچ ۾ لاڳاپو نظر اچي ٿو. اڄ به گجرات کان هيٺ جيڪي مدراس طرف دراوڙن جي ملڪ ڏي وڃبو، تيئن معلوم ٿيندو، ته اتي جي ماڻهن کي ج، گ، م، ن ۽ ڻ جا آچار پوريءَ طرح ڪرڻ نه ايندا آهن؛ جن ته نڪ اُتن ڏي ڪونه، جنهن مان اهڙا آچار ڪن. پاڻتجي ٿو ته اُئين ”اناس“ (اڻاسو)

* ساڳيءَ طرح ايراني لوڪن کي عربي لفظن جا اچار پوري طرح ڪرڻ نه ايندا، ته عربن کين سڏيو ”عجم“- معنيٰ گنگو Dumb.

لفظ جي معنيٰ پوءِ ٿي 'جنهن کي نڪ نه هجي' ۽ تنهن کان پوءِ ٻيون اصطلاحي معنائون ثيس- نڪ نه هجڻ، بيشرم ۽ بيڪار،
'محبت نه جن جي من ۾، تن جي مٿي اڏاسي.'
-"سچل"

دراوڙن بابت غلطفهمي

١١- دراوڙ لوڪ آرين جي نسل مان نه آهن، تنهنڪري 'اڻ آريه' Non Aryans سڏجڻ ۾ آيا. انهيءَ 'اڻ آريه' لفظ جو اُچار پوءِ ڦري ٿيو 'اناڙي' ۽ هاڻ معنيٰ اٿس اڻسڌريل يا جهنگلي. رگ ويد ۾ اڻ آريه قومن بابت گهٽ وڌ لفظ لکيل آهن، تنهنڪري ڪيترن ائين سمجهيو، ته آريه لوڪ سڌريل ۽ اڻ آريه لوڪ اڻسڌريل هئا. ائين غلطفهمي پيدا ٿي، نه ته حقيقتون دراوڙ لوڪ انهيءَ اڳاٽي زماني ۾ ئي نهايت سڌريل هئا، جيئن خود رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي. سر جان مارشل به لکيو آهي ته 'تاريخون درست ڪرڻ گهرجن'.

دراوڙن جي ٻولين جو اثر

١٢- آڳاٽا آريه لوڪ جدا جدا وقتن تي ٽوليون-ٽوليون ٿي هندستان ۾ آيا. اتي جي اصلوڪن رهاڪن مان ڪن کي پنهنجو داس (ٻانهو يا غلام) بڻايائون. منجهن جيڪي وڌ گهرا ٽا هئا، تن سان سڱ ڳنڍيائون. ائين هڪٻئي سان لڙهه وچڙ وڌين، ته ڪيترا دراوڙي لفظ سنسڪرت ۾ چالو ٿيا. اهڙن لفظن جي هڪ وڏي يادداشت بشپ ڪالڊ ويل

پنهنجي تاميل دراوڙي ٻولين جي گرامر (صفحي ٥٦٧ کان ٥٧٩ تائين) ڏني آهي، جنهن مان ٿورا مثال هي آهن: مکت (موتي)، ڪٽيا (جهوپڙي)، ڪنار (ڪهاڙو)، ڪوٽ (قلعو)، ڪٽوا (ڪٽ)، شرنگ وير (هڱ)، مکل (مکڙي)، پشپ (گل) ۽ ٻيا معنيٰ ڀائي.

جان جا ڳان جند جهوڙيءَ ۾، نيٽين وهايان ويٺي نير،
ڪر منهنجي خواب جو تعبير. (ڪافي)

سنڌ ۾ هن وقت دراوڙ

١٣- ويدن واري زماني ۾ دراوڙن سان جيڪا آڳاٽن آرين جي لڙهه وچڙ شروع ٿي، سا پوءِ به هلندي آئي. سنڌ ۾ هن وقت جيڪي ”اوڏ“ آهن، سي اصل دراوڙن جي ڪل مان آهن. سنڌ ۾ ٻيا هن وقت ماچر ذات جا مهاڻا آهن. انهن جو وڌيڪ احوال لاڙي ٻوليءَ جي ذڪر ڪندي ڪبو. آڳاٽي وقت کان وٺي دراوڙي ٻولين جا جيڪي به اثر لاڙي ٻوليءَ خواه سنڌيءَ ٻوليءَ تي ٿيا آهن، تن جو مناسب هنڌن تي ذڪر ڪبو. انهن سڀني جي ڪي يادداشت ضميمي پهرين ۾ ڏني وئي آهي.

آرين جون ٽولون

۱ – رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو، ته آڳاٽا آريه لوڪ
جدا جدا ڪلن يا خاندانن ۾ ورهايل هئا، جن مان پنجن
ڪلن وارا مکيه هئا، جنهنڪري 'پنج جن' (Five folks
or Five peoples) لفظ رگ ويد ۾ گهڻا ڀيرا ڪم آيل
آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي 'پنج ڄڻا'. انهن مان
ٻن، ٻڌا آنو، ڌرهيو، چوٿان يدو ۽ پنجان
ترووسو هئا. تازين کوجنائن موجب چون ٿا ته سڀ آريه
لوڪ وچ-ايشيا کان ايران واري واٽ وٺي، اتر-هندستان ۾
آيا؛ باقي يدو ۽ ترووسو آرين بابت ته خود رگ ويد ۾
لکيل آهي، ته اهي سمنڊ جي رستي آيا هئا ۽ اندر ديوتا
کين سلامتيءَ سان آڻي پهچايو هو*. وڏيڪ کوجنائن سان
يورپي لوڪن کي يقين ٿيو آهي، ته اهي يدو ۽ ترووسو
بابل يا بئبلان کان سمنڊ جي رستي اچي، اول سنڌ ۾ رهيا

*"Thou roaring Iudra, dravest on the waters that make a roaring sound like rushing rivers, What time, O Hero, o'er the sea thou broughtest, in safety broughtest, Turvasu and yadu."
Rg Vedo, vi 20 12. Griffith's translation.

هئا، انهن کوجنائن جا بيان رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ ڏنل آهن، جن مان ٿورو مضمون سنه ١٩١٠ع ۾ سنڌ ڪاليج مسيلني ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو*. يوروپي عالمن جو چوڻ آهي ته آڳاٽن آرين جي ٻٻلان (بابل) سان لهه وچڙ هئي ڪري، انهيءَ طرف جا ڪي لفظ سنسڪرت ۾ اچي ويا، مثلاً 'مَنَ' (سنسڪرت 'مَن'—٤٠ سير) ٻٻلونيا جو لفظ آهي، جو فارسيءَ ۾ به اچي ويو آهي. اهڙو ٻيو لفظ 'ڪنس' آهي جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي 'ڪنجهو' (ساڳيءَ طرح 'هنس' جو اُچار ڦري ٿيو 'هنجهه'—هنج پکي). پاڻمجي ٿو ته ڪنجهي جي باسڻ جوڙڻ جو رواج ڏي ٻٻلونيا طرف جي ماڻهن وٺان سکيا آهيون.

١٥—رگ ويد ۾ سيني ڪلن جي آرين بابت چاڙايل آهي، ته اهي ستن ندين جا ڪنارا پاڻيءَ جي سهنج ڪري والاري ويٺا هئا، جن مان پنج نديون پنجاب واريون هيون، ڇهين سرسوتي ۽ ستين سنڌو، جنهن ۾ سنڌو نديءَ جون پرتسي ڪنڌڙ نديون (ڪابل ندي وغيره) به لڳيون وڃن ٿيون. انهن ستن ئي ندين کي گڏي 'سپت سنڌو' يعني ست درياءَ سڏيندا هئا، جنهن جو اُچار پارسين جي زنداويستا ۾ 'هپت

---

* "We know from recent historical research that before the Aryan conquest, Sind was peopled by the tribes of Yadus and Turvasus".

D. F. Sind College Miscellany, monsoon term issue of 1910, P. 82

هندو' لکيل آهي* انهيءَ ايراضيءَ ۾ سنڌ، پنجاب ۽ گنڌار (هاڻوڪو پشاور ۽ ان جو آسپاس وارو ملڪ) اچي ٿي ويا. هندستان جي ٻين ڀاڱن (بنگال وغيره ۾) اڻ آريه قومون رهنديون هيون.

سنڌ ۾ پنچالن جي حڪومت

١٦- رگ ويد جي ٻهرين ڏي ٻهرين منڊل مان معلوم ٿئي ٿو، ته انهيءَ قديم زماني ۾ سنڌ جو راجا سونڀاويه Svanya Bhavaya هو، جنهن جي راڄڌانيءَ جو نالو "روماسا" هو. اهو راجا ڪروي (Krivi) آرين مان هو، جي پوءِ "پنچال" سڏجڻ ۾ آيا. انهن مان ڪي اسڪني (چناب) نديءَ جي ڪناري تي، ته ڪي سنڌو نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا. سندن سؤٽ 'پرؤ' آريه لوڪ هئا، جن مان ڪي شتدري (ستلج) ته ڪي سرسوتي نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا. اهي سنڌ ۽ پنجاب وارا آريه لوڪ هئا، جن اڻ آريه لوڪن يعني دراوڙن وغيره مان جنگيون جوٽي، پنهنجو ڏکو ڄمايو ۽ پنهنجي سنسڪرت ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ڪيو، جنهن مان پوءِ سنڌي، هندي وغيره ٻوليون پيدا ٿيون.

---

* "سنڌو" لفظ جو اُچار اڳاتن ايرانين ڦيرائي ڪيو 'هندو'، جو نالو پوءِ سڄي هندو جاتيءَ بلڪ سڄي هندستان تي پيو. 'هندو' (سنڌو) لفظ جي اصل معنيٰ هئي، سنڌو نديءَ جي ڪناري تي رهندڙ يا سپت سنڌوءَ ۾ رهندڙ. پوءِ ٻيون قومون آيون، ته 'هندو' جي معنيٰ ٿي 'برهمڻي ڌرم کي مڃيندڙ.'

ويدڪ سنسڪرت

۱۷- هندن جا چار ويد آهن، جن مان رگ ويد سڀني کان آڳاٽو آهي. رگ ويد ۾ جيڪي منڊل (باب) آهن، سي جدا جدا زمانن جا لکيل آهن، تنهنڪري خود رگ ويد جي ٻوليءَ ۾ ڦير آهي. رگ ويد جون ڪي ڪي (رچنائون (Hymns) اهڙيءَ ڪنهن قديم سنسڪرت ۾ لکيل آهن، جو جيڪي رشي، ويدن واري زماني کان سگهوڙئي پوءِ ٿي گذريا، سي به انهن جو مطلب سمجهي نٿي سگهيا. جنا حقيقت ڏا ڪٽر پنڊارڪر پنهنجي ڪتاب 'ولسن فلالاجيڪل ليڪچرس' (علم لغات بابت تقريرن جي صفحي ۱۶) ۾ ڄاڻائي آهي. ٻين ٽن ويدن جي ٻوليءَ ۾ به ٿورو ٿورو ڦير آهي، پر ٿلهي ليکي انهن چئني ويدن ۾ ڪم آيل ٻوليءَ کي 'ويدڪ سنسڪرت' يعني ويدن جي زماني واري سنسڪرت*

---

* سنسڪرت لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي 'ڪر' Kri معنيٰ ڪرڻ، جنهن جو اسم مفعول 'ڪرت' معنيٰ ڪيو يا ڪيل. 'سم' هڪ اڳياڙي (preficx) آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'چڱو'، تنهنڪري 'سمڪرت' (سنسڪرت) ٻولي معنيٰ چڱي يا صاف ٿيل يعني اُڄاريل يا سڌاريل ٻولي Polished or refined language. سنسڪرت ۾ قاعدو آهي ته 'ڪر' ڌاتوءَ جي اڳيان جيڪڏهن 'سم' اچي، ته 'س' جو اُچار بالائي گڏڻ گهرجي. انهيءَ سبب 'سمڪرت' بدران 'سمسڪرت' (سنسڪرت) ۽ 'سمڪار' بدران سمسڪار (سنسڪار) چئبو آهي.

سڏيو اٿن. سر گريئرسن ۽ ڪن ٻين عالمن جو چوڻ آهي، ته آڳاٽا آريه لوڪ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾، توڙي لکپڙهہ ۾ جيڪا ٻولي ڪم آڻيندا هئا، تنهن جو مثال رگ ويد واري ٻولي سمجهڻ گهرجي.

آرين جو مڌيم ديش ڏي وڃڻ

۱۸ — رگ ويد کان پوءِ يجرويد آهي، جنهن ۾ سنڌونديءَ ۽ ان جي پرنتي ڪنڌڙ ندين جو نالو بہ ڪونهي*. آڳاٽن آرين مان، جيڪي 'پروُ' آريہ لوڪ هئا، تن مان هڪ راجا 'ڪرو' ٿي گذريو آهي، تنهن جي نالي پٺيان ڪي ٻاڻ ڪي 'ڪرو' بہ سڏائيندا هئا، جن جو اولاد پوءِ ڪورو ٿيا، جي پانڊون جا سؤٽ هئا. اهي 'پروُ' يا 'ڪرو' آريہ لوڪ ۽ سندن ڏورانهان سؤٽ 'پنچال'، جن جي سنڌ ۾ حڪومت هئي، تن مان ڪيترا يجرويد واري زماني ۾ سنڌ ۽ پنجاب جا وڻ ڇڏي، هاڏوڪن آگري ۽ اوڌ جي گڏيل پرڳڻن ڏي ويا. اُتي جنهن هنڌ ٻيڪون وڌائون، سو هنڌ سندن نالن جي پٺيان ڪرو-پنچال ديش سڏجڻ ۾ آيو. انهيءَ پاسي پيا آريہ لوڪ بہ رفتي رفتي ايتريقدر ترقي پڪڙي ويا، جو هماليہ جبل کان وٺي ونڌيا جبل تائين سمورو ملڪ سندن ٿيو ۽ اهو مڌيہ ديش يعني وچولو ملڪ Midland

*"We hear no more of the Indus and its tributaries, for the geogrophical date of all the recensions of the Yajura Veda point to the Kuru-panchal country lying between the Saraswati and Drishdavati (Ghoghra).' *Dr. Macdonell Sanskrit Literature.*

سنڌ جي ۾ آيو. اهو ”آريه ورت“ يا آرين جو ڪنڊ به ڪوٺجيو ٿو. انهيءَ ٻاسي هو ٻين ٻين اڻ آريه قومن سان لڙهه وچڙ ۾ آيا، ته سنڌين ٻوليءَ ۾ ڪجهه بگاڙو ٿيو؛ پر سنڌ جي سنسڪرت اڃا نيٺ هئي. اڄ به سنڌي ٻوليءَ ۾ قديم سنسڪرت جا ڪي اهڙا نشان آهن، جي مڌيه ديش جي هاڻوڪي هنديءَ يا هندستانيءَ (اردو) ۾ ڪينهن.

سنڌ ۽ پنجاب جي گڏيل حڪومت

١٩– يجرويد واري زماني ۾ ڪيترا آريه لوڪ سنڌ ۾ پنجاب مان لڏي مڌيه ديش ڏي ويا، ته آنو آريه لوڪن جو مکو ٻچيو ويو. آهي پنهنجي تمام آڳاٽي وڏي ڏاڏي راجا آنوءَ جي نالي پٺيان ”آنو“ يا ”آنوُ“ Anava يعني راجا آنوءَ جو اولاد سڏبا هئا، ۽ ڪي پنهنجي ويجهي ڏاڏي ”شوي“ جي نالي پٺيان ”شوي آريه“ سڏبا هئا. رگ ويد واري زماني ۾ اهي پرشني (راوي) نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا. انهيءَ ٻاسي هو جنهن هنڌ ڇاوا نپنا هئا سو هنڌ سندن ذالي پٺيان ”شيو پور“ (شوي، سبي) سڏبو هو، ۽ هاڻ شارڪوٽ ڪوٺجي ٿو*. انهن شوي آرين جي اولاد مان

* "ShorKot in the Jhang district was the capital of the Sibi Country, its ancient name being Sibi and Shivapur, as proved by an inscription dated 83 G.E. (=A.D.402-03) on a large copper Cauldion from a Buddhist monastery now in the Lahore Museum.

Dr. V. A. Smith: Early History of India, 4th Ed: p. 97 (Footnote).

هڪڙو هو ڪيڪيہ ۽ ٻيو سؤويرہ. انهن ٻن ٻاڱرن پنجاب جا ڪي ڀاڱا هٿ ڪيا، جي سند ن نالن پٺيان ڪيڪيہ ۽ سؤوير سڏجڻ ۾ آيا. سندن ٻن ڀائرن پنجاب جا ٻيا ڀاڱا هٿ ڪيا. انهيءَ ريت شوي آرين سڄوئي پنجاب، بلڪ ايران جو ڪجهہ پاسو، پنهنجي قبضي ڪيو. پراڻن ۾ چاٿايل آهي، تہ انهن شوي آرين سنڌ بہ فتح ڪئي*. انهيءَ ريت پنجاب ۽ سنڌ جي گڏيل حڪومت ٿي.

٢٠- آنوءَ يا سوي آرين جا ڏورانهان سؤٽ د رهيوءَ آرہ هئا. انهن مان هڪ راجا گانڌار هو، جنهن هاڻوڪو پشاور ۽ ان جي آسپاس وارو ملڪ پنهنجي قبضي ڪيو هو ۽ اهو سندس نالي پٺيان ”گنڌار“ سڏبو هو، جنهن جو آچار هاڻي قنڌار ڪيو اٿن. انهن د رهيوءَ آرين مان ڪيترا پنجاب ۾ هئا، تن کي آنو آرين اتان هڪاليو تہ اهي گنڌار ڏي وڃي رهيا.

ڏيٺ سنسڪرت جو سنڌ تي اثر

٢١- گنڌار (قنڌار) وارو پاسو توڙي ڪيڪيہ پر ڳڻو، جو هاڻوڪي ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان کان وٺي ملتان جي حدن تائين هو، سي ٺيٺ سنسڪرت جي ڪري ايترو قدر مشهور هئا، جو خود مڌيہ ديش وارا انهيءَ اتر طرف وديا پرائڻ ويندا هئا. انهيءَ اتر طرف کان جيڪي

* *F. E partiger: Ancient Indian Historical Tradition, pp. 264 and 293.*

علما پرائي ايندا هئا، تن جا اُچار صحيح ۽ چٽا هوندا هئا ۽ ماڻهو کين سَنَدَ ڪري ليکيندا هئا. هيءَ ڳالهہ خود ويدن جي هڪ ٻرهمڻ ۾ چاڙهايل آهي*. سڄيءَ سنڌ ۾ اڄ بہ سنڌ جي وچولي جي سنڌي ٻولي جهڙي نُٺ چٽجي، تهڙي ٻي نہ آهي. اهو شوي آرين جي سنسڪرت جو اثر آهي. سرحد.سنڌ جا رهاڪو، خاص ڪري شڪارپوري، قديم زماني کان وٺي گنڌار (قنڌار) طرف وارن وارا سنسڪار پرائي رهيا آهن، تہ اڄ بہ ڏسو تہ اُچار سنڌ ن صفا ۽ چٽا آهن ۽ شڪارپور جي ٻوليءَ ۾ ميناج بہ اهڙو آهي، جو سڄيءَ سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن بہ هنڌ جي ٻوليءَ ۾ ڪونهي. هنن ڳالهين جي وڌ ڏيک اُپتار 'وچولي' ۽ 'سريلي' جي ذڪر ۾ ڪبي.

سنڌ ۾ مڌيہ ديش وارن جي حڪومت

٢٢- شوي آرين جي حڪومت سنڌ ۽ پنجاب ۾ شايد ويدن واري زماني تائين هلي. انهاسن واري زماني ۾ اهي پيٺي هنڌ مڌيہ ديش وارن جي تابعي هئا. راماڻ واري زماني (تريتا جڳ) ۾ مڌيہ ديش طرف ايوڌيا جو راجا دسرٿ

* In the northen quartere Speech is uttered with most discernment, and northward go men to learn speech; he who comes thence to him men hearken". Kaustaki Brahmana vii-6 A.B. Keith's Translation,Quoted by Dr.S.K. Chatterji: *The Origin and Development of the Bengali Language*, *Vol: 1, P. 44.*

هو. ڪانئس پوءِ سندس مربي پٽ سري رامچندر ايوڌيا جي گاديءَ تي ويٺو، جو راڻي ڪوشليا مان ڄائو هوس*. سنڌ ديس جي راڻي ڪيڪئي هئي، جا ڪيڪيءِ پرڳڻي جي راجڪماري هئي، تنهنڪري انهيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ تي آئي. راجا دسرت کي راڻي ڪيڪئيءَ مان ڀرت نالي پٽ هو، جنهن کي سندس ناناڻو پرڳڻو ڪيڪيه مليو، پر رگهو ونش (١٥، ٨٧) ۾ ڄاڻايل آهي تہ ڀرت کي سنڌ ديش مليو* هن حقيقت موجب ڇئبو، تہ آنو يا شوي آرين جو زور انهن سورج ونسي گهراڻي جي راجائن اڳيئي ڀڃي، سنڌ ۾ ڪيڪيہ جا پرڳڻا پنهنجي قبضي ڪيا هئا، جنهنڪري راجا دسرت کان پوءِ سنديس حڪومت جو ورهاڱو متينءَ رهت ٿيو.

١٣- مهاڀارت واري زماني ۾ سنڌ جو راجا جئدرت هو. پراڻن پٽاندر هو پنچالن مان هو، جي ٻجرويد واري زماني

* ايوڌيا جو نالو هاڻوڪي اڌوڌ ني پيل آهي. اهو اڌوڌ وارو پاسو اڳي 'ڪوشل' سڏبو هو، جو ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل هو: هڪڙو اتر ڪوشل، جنهن کي 'گؤر' بہ سڏيندا هئا. جتي جا 'گور' برهمڻ اڄ تائين مشهور آهن، ٻيو 'ڏکڻ ڪوشل'. سري رامچندر جي سڳي ماءُ راڻي ڪوشليا انهيءَ ڏاکڻي ڪوشل جي راجڪماري هئي، تنهنڪري انهيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ تي آئي.

* Quoted by F. E. Partiger: Ancient Indian Historical Tradition, P. 278.

* *Dr. Sita Nath Pradhan Chronology of Ancient India, p. 103.*

۾ مڏيءَ ديش ڏي ويا هئا. مهاڀارت ۾ راجا جئدرٿ جو ٻيو نالو ’سؤوير‘ ڄاڻايل آهي. البروني (سنه ۱۰۳۰ع ڌاري) ڄاڻايو آهي. ته اڳي ملتان ۽ جهاروارڙ کي گڏي ’سؤوير‘ سڏيندا هئا. انهيءَ سبب سمجهڻ سولو ٿيو آهي ته راجا جئدرٿ ملتاني هو. اهو سؤوير پرڳڻو، شوي آرين ويدن واري زماني ۾ هٿ ڪيو هو، پر مهاڀارت واري زماني ۾ سندن هٿ ۾ نه هو.

۲۴- سنڌ گزيٽيئر موجب مهاڀارت واري لڙائي عيسوي سنه کان ٻارهن يا تيرهن صديون اڳ لڳي هئي. انهيءَ لڙائيءَ ۾ راجا جئدرٿ پنهنجن سالن ڪورون جي پاران لڙيو هو، ۽ پانڊون هٿان مارجي ويو هو. ڪانئس پوءِ سنڌ جو پرڳڻو پانڊون جي تابع ٿيو.

تعليم جو واڌارو

۲۵- سري رامچندر جي ڀاءُ ڀرت جا ٻه پٽ تڪش ۽ پشڪر هئا، تن پوءِ گنڌار (قنڌار)* وارو پاسو پنهنجي قبضي ڪيو. اتي سندن گاديءَ جا هنڌ سندن نالن پٺيان تڪش سلا

---

* راجا ڌرتراشٽر جي راڻي ”گانڌاري“، جا درپوڌن ۽ ٻين ڪورون جي ماءُ هئي، سا انهيءَ گنڌار پرڳڻي جي راجڪماري، راجا سبل جي ڌيءَ هئي؛ تنهنڪري انهيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ ٿي آئي.

* ڪن تاريخن ۾ ٽئڪسلا Taxila لکيل آهي، پر صحيح اچار ’تڪش سلا‘ Taksha-sila آهي.

۾ پشڪروتي سڏجن ۾ آيا. انهيءَ ڀاسي تعليم جي واڌاري لاءِ پوءِ هڪ وڏو وشو ودياليہ (يونيورسٽي) عيسوي سن کان ڇهہ صديون ڪن اڳي، تڪش سلا* ۾ برپا ٿيو، جو سڄي هندستان ۾ برک هو. انهيءَ يونيورسٽيءَ جو ويرانو اج تائين راولپنڊي ضلعي ۾ آهي. انهيءَ يونيورسٽيءَ جي ويجهو ناميارو پاڻني مني عيسوي سن کان پنج صديون ڪن اڳي ڄائو هو، جنهن جو جوڙيل سنسڪرت گرامر 'اشٽا ڌيائي' اج تائين مشهور آهي.

سنسڪرت ۾ ڦيرڦار

٢٦- يجر ويد واري زماني ۾ ڪيترن آرين مڌيہ ديش وڃي وسايو، تہ اتي ٻين ٻين قومن سان لڙهہ وچڙ ۾ اچڻ ڪري سندين ٻوليءَ ۾ ڪجهہ بگاڙو ٿيو هو. انهن ساڳين آرين پوءِ موٽي سنڌ، پنجاب ۽ گنڌار پنهنجي قبضي ڪيا، تہ سندين بگڙيل ٻوليءَ جو اثر انهن هنڌن جي ٻوليءَ تي بہ ٿيو، جنهنڪري پوءِ اها بہ گهٽجو ڪري مڌيہ ديش جي ٻوليءَ جهڙي ٿي پيئي ۽ رفتي رفتي ان وانگر بگڙجي اول وچولي ۽ پوءِ آخرين درجي تي آئي- مطلب تہ سنسڪرت جا ٽي قسم آهن: قديم، وچولو ۽ آخرين. قديم سنسڪرت بابت مٿي (صفحي ٢٧ ۾) اڳيئي چيو ويو آهي، تہ اها 'ويدڪ سنسڪرت' سڏجي ٿي؛ تنهنڪري هيٺر اول وچولي سنسڪرت جو ذڪر ڪجي ٿو.

وچولي زماني جي سنسڪرت

٢٧- ويدن ۾ رچائون (Hymns) آهن، پر ويدن کان پوءِ جي سنسڪرت (Post-Vedic Sanskrit) ۾ اڪثر 'سوُتر' آهن، تنهنڪري اها سوُترن جي زماني واري سنسڪرت (Sanskrit of the Sutra Period) سڏجي ٿي. 'سوُتر' لفظ اهو ساڳيو آهي، جنهن جو بگڙيل اُچار سنڌيءَ ۾ آهي 'سُٽ'. وچولي زماني ۾ وڏيون ڳالهيون ٿورڙن لفظن ۾ اُئين آڻيندا هئا، ڄڻ ته سٽ يا ڌاڳي ۾ موتي پوئيندا هئا. سوترن جي مکيه خاصيت آهي 'ٿور اکرائي' (Brevity). سنڌيءَ ۾ جيڪي پهاڪا آهن، سي اڪثر سوترن جي نموني جڙيل آهن. مثلاً 'جڙيءَ کي جس'، 'ڪندو سو پائيندو' يا 'جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي'. هتي ڏسو ته هرهڪ پهاڪي ۾ لفظ ٿورڙا آهن، پر منجهن وڏي فيلسوفي سمايل آهي. سوترن ۾ اڪثر قاعدا ڄاڻايل آهن. 'ڌرم سوترن' ۾ ڌرمي ڳالهين بابت ۽ 'گرهه سوترن' ۾ گهرو ڳالهين بابت قاعدا آهن ته گهر ٻاريءَ يا ڪٽنبي ماڻهوءَ کي پنهنجي حياتي ڪيئن گذارڻ گهرجي. اُئين 'سوتر'

اشارو- ويدن جو هڪ ڀاڱو جو 'برهمڻ' (فقه) (Theological portion) سڏجي ٿو سو، ۽ ياسڪ منيءَ جو 'نرڪت' (Vedic glossary) ۽ پاڻني منيءَ جي اشٽا ڌيائي (سنسڪرت گرامر اٺن ادڌيائن يا بابن ۾) وچولي سنسڪرت ۾ لکيل آهن. ياسڪ مني عيسوي سن کان ڇهه صديون ڪن اڳ ٿي گذريو آهي.

لفظ جي معنيٰ تي قاعدو، قول، يا نڪتو، جو ٿورڙن پر مائيدار لفظن ۾ ڇاٽايل هجي. سوترن ۾ لفظ ٿورڙا، معنيٰ وڏي-ويتر منجهن ٻولي بہ آڳاٽي ڪم آيل آهي، تنهنڪري سوترن تي وڏيون ٽيڪائون (تشريحون) لکيل آهن. سوترن واري ٻولي وچولي زماني جي ڪتابي ٻوليءَ جو نمونو ڄاڻائي ٿي؛ پر عام طرح جيڪا سنسڪرت ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، تنهن ۾ ڀوءِ بہ ڦير ڦرندو ويو، جنهنڪري آخرين درجي تي آئي.

آخرين درجي واري سنسڪرت

٢٨- آريہ لوڪ مڏيہ ديش ڏي ويا، تنهن کان پوءِ بہ هندستان جي ٻين پاسن ۾ ٽڙندا پکڙندا ويا. مثلاً مهاڀارت واري زماني ۾ سري ڪرشن ڪيترا هزار جادؤ ونسي، مترا مان ساڻ وٺي، دوارڪا ڏي وڃي رهيو. ائين سنسڪرت جو ڦهلاءُ جدا جدا هنڌن جي اڻ آريہ قومن ۾ ٿيو، تہ انهن جي ٻولي وڌيڪ بگڙي؛ جنهنڪري وچولي سنسڪرت ڦري آخرين درجي تي آئي. هندن جا اتهاس (رامائڻ ۽ مهاڀارت)*، سمرتيون، ڪوي ڪاليداس

*رامائڻ ۽ مهاڀارت واري سنسڪرت ڪجهہ قدر قديم آهي، تنهنڪري ان کي 'اِتهاسڪ سنسڪرت' Epic Sanskrit سڏين ٿا؛ پر ان ۾ ڪو گهڻو تفاوت ڪونهي، تنهنڪري عام طرح اها بہ آخرين درجي واري سنسڪرت جي دفعي ۾ ليکجي ٿي.

جا ناٽڪ ۽ ٻيا جيڪي ٻہ ڪتاب اڄ تائين سنسڪرت ۾ نڪتا آهن، سي سڀ انهيءَ ۾ لکيل آهن. هندن جا پراڻ بہ ان ۾ لکيل آهن، تنهنڪري اها عام طرح "پراڻڪ سنسڪرت" Puranic Sanskrit سڏجي ٿي. حقيقتؤن اڄڪلهہ سنسڪرت سڏبوئي انهيءَ آخرين درجي واري سنسڪرت (Classical Sanskrit) کي آهي ۽ اهائي هن وقت اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچي ٿي.

سنڌ ۽ پنجاب ۾ پشاچن جون ٻوليون

۲۹- مهاڀارت واري لڙائي جنهن وقت لڳي، تنهن وقت دواپورجُڳ پورو ٿيڻ تي هو، ۽ ڪلجُڳ شروع ٿي ٿيو. انهيءَ وقت ڏاري ڪي پشاچ لوڪ آيا، جن جو ذڪر اِتهاسن ۽ پراڻن ۾ آهي. اهي ڪير هئا، تنهن ڳالهہ جو ذڪر هندن جي ڪنهن ڏرسي پستڪ ۾ ڪونهي. سر گريئرسن پنهنجي نامي لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا ۾ داردڪ ٻولين جي ذڪر ڪندي ڄاڻائو آهي، تہ ٻولين جي کوجنائن مان ايترو معلوم ٿيو آهي، تہ قديم زماني ۾ جيڪي آريہ لوڪ هميشہ لاءِ ايران ۾ رهيا، تن جي آريہ ٻولي جڏهن اڃا پورو ايراني نمونو اختيار نہ ڪيو هو، تڏهن ايران وارن آرين مان ڪي هندستان ڏي آيا ۽ ڪافرستان کان وٺي ڪشمير تائين پنهنجا ماڳ جوڙي ويٺا. منجهائن ڪن پنجاب ۽ سنڌ ۾ اچي ٻيڪون وڌيون. انهن مان ڪي ايشيا ۽ يورپ ڏي بہ ويا ۽ اهي "جپسي" (Gipsy) سڏجڻ ۾

آيا. اهي ٻہ آريا هئا؛ پر ايران طرف گهڻو رهيا هئا، تنهنڪري سنڌين رهڻي ٿوري گهڻي (ٻولي) ٻيءَ طرح جي هئي. اهي ڪچو گوشت ۽ مڇي ماس کائيندا هئا. مڌ ديش وارا آريا لوڪ بہ اڳي مڇي ماس کائيندا هئا، پر پوءِ اهڙا پڪا ويشنو ٿيا، جو مڇي ماس کي ڇهندا بہ ڪين هئا (ڏسو ڀاڀارت جو شانتي پرو، موڪش ڌرم، ٢٥٥). مڌ ديش جي آرين هنن ايران مان آيل ماڻهن کي مڇي ماس کائيندو ڏٺو تہ اهڙي ٻچان آڻن جو ڪين "پشاچ" نالو ڏنائون. اهو نفرت يا ڌڪار جو لفظ آهي ۽ ڀوت جهڙي معنيٰ اٿس. سڌين ڀوليءَ کي بہ مڌ ياڏون 'ڀوت ڀاشا' يعني ڀوتن جي ٻولي. ڪشمير جي ڀرپان چترال ۽ گلگٽ طرف اڄ تائين "درد" لوڪ رهن ٿا، جي انهن ايران ڪان پوءِ آيل آرين مان آهن. اهو سڄو ڀاسو سندن نالي پڌيان 'دارد ستان' سڏجي ٿو، تنهنڪري سندين ٻولين کي سر گريئرسن 'داردڪ' ٻوليون سڏيو آهي، ۽ هن ڪان پوءِ اسين بہ اهوئي نالو ڪم آڻينداسون.

٣٠- ڪشمير طرف کان آيل پشاچ لوڪن جي شايد سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ بيٺڪ هئي، جو اڄ بہ جهبير ذات وارا ڀاڻا اتي آهن. جي هن وقت ڪشمير ۽ پنجاب ۾ بہ گهڻي تعداد ۾ آهن. داردڪ ٻولين ۾ "گهوڙو" بدران چون 'گورو'. ڪراچي ضلعي واري لاڙ، خاص ڪري ٺٽي طرف جا آچار بہ اهڙائي بگڙيل آهن. هنن ڳالهين جي وڏيڪ آپٽار "لاڙي" ٻوليءَ جي ذڪر ڪندي ڪبي.

سنڌ جو مڌيہ ديش سان ناتو ٽٽڻ

٣١- پنجاب ۽ سنڌ ۾ جنهن وقت پشاچ لوڪن ٻيٺڪون وڌيون، تنهن وقت مڌيہ ديش وارن آرين ۾ ذات پات جو پيڊ کهڙو هو. ان وقت مڌيہ ديش جي ٻاهرئين پاسي، يعني پنجاب، سنڌ، گجرات، بهار، بينگال ۽ ٻين هنڌ، جنهن کي جتان وٽندو هو سو نتان پرٽبو هو*. مڌيہ ديش وارن آرين پوءِ قاعدو ڪيو، تہ آرين جو سڳ ٻي ذات وارن ۾ نہ ٿئي، تہ منجهن نجو آرين جو رت هجي، تہ آرين قوم سدائين پلوان رهي ۽ ورڻ شنڪر پيدا نہ ٿين. ٻين هنڌ لنگ جي پوڄا جو بہ رواج هو، جيئن قديم قومن ۾ هو. ويدن کي ميڃندڙ آريا انهيءَ پوڄا جي برخلاف هئا. اهڙن سببن ڪري ٻين هنڌن جي ماڻهن کي نالو ڏنائون وراتيہ (Vratya) يعني نيات کان نڪتل يا ڪريا ڪرم کان رهت (Outcasts or riteless people). هنن لاءِ هيءُ قاعدو ڪيائون تہ ڪين پنهنجي نيات ۾ تڏهن گڏيندا سون، جڏهن هو وراتيہ ستوم (Vratya-stoma) ڪندا. هي شڌي ڪرڻ لاءِ هڪ يگيہ هو. پنجاب ۽ سنڌ، جتي پشاچن ٻئنڪون وڌيون هيون، تن لاءِ چيائون تہ اهي "مليڇ" (جهنگلي يا پليد) ديش آهن ۽ مڌيہ ديش مان جيڪو ايڏاهين ويندو تنهن کي پراچت ڪرڻو پوندو. اهڙن سخت قاعدن جاري

---

* ٻوڌاين جي سوترن ۾ ڄاڻايل آهي، تہ انهن هنڌن جا رهاڪو گاڏڙ نسل جا آهن.

ٽيڻ ڪري پنجاب ۽ سنڌ جا رهاڪو، آرين جي نيات منجهان ڌُي نڪري ويا. هيءَ ڪلجڳ جو پهريون ڇنڊو ڇنڊبو.

٣٢- عيسوي سنه کان ڇهه صديون ڪن اڳي، ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم جاري ٿيا، جن ۾ ذات پات جو ڀيد ڪونه هوندو هو. جيڪي ماڻهن برهمڻن کان سڙيا ويٺا هئا، تن اهي ڌرم سيگهي کان اڳي اختيار ڪيا. سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم زور ورتو، ته به برهمڻ اچا گهڻيئي هئا.

سنسڪرت جو ڦري پراڪرت ٿيڻ

٣٣- مڌيه ديش وارن آرين نه رڳو ڌرمي ۽ پنگتي وغيره ڳالهين بابت سخت قاعدا جاري ڪيا؛ پر پنهنجي ٻوليءَ جو به اونو ڌاريائون. هيءَ حڪم جاري ڪيائون ته: شودرن کي ويدن پڙهڻ جو ڪوبه اڌڪار (حق) ڪونهي؛ پڙهڻ ۽ پاڙهڻ جو ڪم رڳو برهمڻ ڪن ته ويدن جا منتر اهي پوريءَ طرح اچارين. پر چالو ٻولي ڪنهن جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ جي ڪانه هئي. سنسڪرت پوءِ به ڦرندي رهي. رفتي رفتي اهڙي حالت ٿي، جو جيڪا سنسڪرت عام طرح ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، سا سموري ڦري ٻئي هڪ نئين قسم جي ٻولي ٿي پيئي، ۽ اها "پراڪرت" سڏجڻ ۾ آئي. عام طرح ماڻهو پراڪرت ڳالهائڻ لڳا، ته سنسڪرت ڳالهائڻ جو رواج ئي بند ٿي ويو. هندن جا ويد ۽ ٻيا ڌرمي پستڪ سنسڪرت ۾ لکيل آهن، تنهنڪري برهمڻن ان جو درجو پراڪرت کان مٿي رکيو ۽ اڄ اها سڄي هندستان جي پوتر ڀاشا يا پاڪ ٻولي ليکجي ٿي.

سنسڪرت جو سنڌيءَ تي اڄ ڏائين اثر

۳۴- هن وقت سنسڪرت ٻولي دنيا جي ڪنهن به ڀاڱي ۾ عام طرح ڳالهائڻ ۾ نٿي اچي، تہ بہ 'مئل ٻولي' نہ آهي. اڄ ڏائين سنسڪرت ۾ نوان نوان پستڪ نڪرندا پيا. ڪيترا پنڊت ڌرمي ڳالهين بابت بحث مباحثو ڪندا ئي سنسڪرت ۾ آهن. برهمڻ، آريہ سماجي ۽ ٻيا ڪيترا هندو روزمره جي پاٺ پوڄا وغيره ۾ اها ئي ٻولي ڪم آڻين ٿا، ۽ اها اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ بہ پاڙهڻ ۾ اچي ٿي. انهن ڳالهين جو نتيجو هيءُ ٿيو آهي، تہ ڪيترا نج سنسڪرت لفظ وري نئين سر چالو ٿيا آهن. انهين سنسڪرت جو اثر سنڌي، هندي، بينگالي وغيره تي اڄ ڏائين پيو ٿئي؛ پر خود سنسڪرت ۾ ڪابہ ڦيرڦار ڪانہ ٿي ٿئي. ڦير پوندو ٿي چالو ٻوليءَ ۾ آهي، هن وقت سنسڪرت ٻولي عام طرح ڳالهائڻ ۾ نٿي اچي، تہ ان ۾ ڦير ڪونہ ٿو پوي. انهيءَ سبب جيڪا سنسڪرت پاڻني مني، ڪاتيائن ۽ پتنجلي رشيءَ جي جوڙيل گرامرن پٽاندر نہ هوندي، سا غلط ليکبي.

"پراڪرت" لفظ جون معنائون

۲۵- پراڪرت ٻوليءَ جي معنيٰ پرڪرتيءَ مان پيدا ٿيل ٻولي. 'پرڪرتي' لفظ جي هڪڙي معنيٰ آهي 'قدرت' (Nature)، ۽ ٻي معنيٰ اٿس 'اصلوڪي صورت'—جنهن جو ضد آهي 'وڪرتي' معنيٰ 'بگڙيل صورت'.—پراڪرت ٻوليءَ جي پرڪرتي يا اصلوڪي صورت آهي سنسڪرت

تنهنڪري پراڪرت ٻولي معنيٰ اصلوڪي صورت يعني سنسڪرت مان پيدا ٿيل ٻولي، جا قدرتي طرح يا پالمرادو سنسڪرت مان نهي پيئي. اها ٻولي عام طرح ڪم ايندي هئي، تنهنڪري پراڪرت ٻولي معنيٰ عام يا رواجي ٻولي به آهي. هرهڪ پرڳڻي جي پراڪرت پنهنجي پنهنجي هئي، تنهنڪري پراڪرت ٻولي معنيٰ پرڳڻي جي ٻولي به آهي. هن وقت سنڌ جي پراڪرت هاڻوڪي سنڌي ٻولي آهي.

پالي يا قديم پراڪرت

٣٦- گوتم ٻڌ، جو عيسوي سنه کان ڇهه صديون کن اڳي ٿي گذريو آهي، تنهن جي وقت ۾ سنسڪرت ٻولي اڪثر رڳو برهمڻ ڳالهائيندا هئا. ٻيا ماڻهو عام طرح هڪ جهوني پراڪرت ٻولي ڳالهائيندا هئا، جا هاڻ 'پالي' سڏجي ٿي. انهيءَ سبب گوتم ٻڌ پنهنجي ڌرم جو پرچار انهيءَ قديم پراڪرت ۾ ڪيو، ته سڀ ماڻهو پوريءَ طرح سمجهن. هن حقيقت مان انسائڪلوپيڊيا برٽنيڪا واري اهو بلڪل پورو انومان ڪڍيو آهي ته عيسوي سن کان اٽڪل هڪ هزار ورهيه اڳي سنسڪرت ڦري پالي ٿي هئي، جنهنڪري گوتم ٻڌ کي انهيءَ ٻوليءَ ۾ پرچار ڪرڻو پيو هو.

٣٧- ڪي يورو پي عالم چون ٿا، ته 'پالي' لفظ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ 'پرالي'، معنيٰ سٽ (ڪتاب جي)، ڌرمي ليک. ٻڌ ڌرم وارن جا ڌرمي پستڪ ان ۾ لکيل

آهن، تنهنڪري اهو نالو پيو اٿس. ٻڌ ڌرم وارا چون ٿا، ته سنسڪرت ۾ ’پال‘ معنيٰ پالڻ، تنهنڪري ’پالي‘ ٻولي معنيٰ اها ٻولي، جنهن ۾ ٻڌ ڌرم وارن جا ڌرمي متا پاليل يا سنڀاليل آهن. هن وقت پالي ٻولي برما، سيام ۽ سلون (لنڪا) جي ٻڌ ڌرم وارن جي پوتر ڀاشا يا پاڪ ٻولي آهي.

پالي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ

۳۸- ٻڌ ڌرم وارن ڪتابن ۾ لکيل آهي، ته گوتم ٻڌ پنهنجا پوترچرن (پاڪ پير) اسان جي سنڌ ۾ گهٽي ۾ به گهمايا هئا، ۽ سنڌي ماڻهن به ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هو. هن مان ظاهر آهي، ته ان وقت سنڌ ۾ پالي ٻولي چالو هئي، جنهنڪري اسان جا ماڻهو گوتم ٻڌ جو پرچار ۽ ٻڌ ڌرم جا ڌرمي پستڪ سمجهي سگهيا ٿي.

۳۹- گوتم ٻڌ پنهنجي وقت ۾ ٻڌ ڌرم جو ڦهلاءُ پئي ڪيو، ته مڌيه ديش وارن آرين پنهنجي برهمڻي ڌرم ڦهلائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي- مثلاً، عيسوي سن کان ڇهه صديون اڳ، اگست مني، ونڌيا جبل لتاڙي ڏکڻ- هندستان ڏي ويو ۽ اتي وڃي برهمڻ جون بيٺڪون وڌائين. اٿين مدراس کاتي ڏي برهمڻي ڌرم ۽ سنسڪرت جو ڦهلاءُ ٿيو. ان وقت اتر-هندستان ۾ ماڻهو عام طرح پالي ٻولي ڳالهائيندا هئا، تنهنڪري ڏکڻ-هندستان ڏي پالي جو به ڦهلاءُ ٿيو.

٤٠- عيسوي سنه کان پنج صديون ڪن اڳي، وچيه ناڻي هڪ راجڪمار، ڪيترن ماڻهن سان ’لاٽ‘* مان لڏي لنڪا (سلون) ڏي ويو ۽ ٻڌ ڌرم ۽ پالي جو ڦهلاءُ اوڏهين ٿيو ۽ اتي جي پالي ٻولي ٻوءِ ڦري سنهالي (سنگهالي) پراڪرت ٿي، جا هندستان جي پراڪرت ٻولين جي ڏورانهين سوٽ ٿي.*

٤١- عيسوي سنه کان چار صديون ڪن اڳي مڌ ديش وارن آرين، بهار کان وڏي بينگال وارو پاسو وسايو 7. انهيءَ پاسي اڳي ڪول، سنٿال ۽ هندستان جا ٻيا آڳاٽا رهاڪو هئا. انهيءَ وقت جو سنڌ بابت ڪجهه تاريخي احوال ڏجي ٿو، نه هن جهوني زماني جون حقيقتون سمجهڻ سوليون ٿين.

سنڌ تي ڌارين جون ڪاهون

٤٢- ٻڌ ڌرم واري زماني کان ئي اڳي سنڌ جو ٻرڪٿو سپيتا ۽ شاهوڪاريءَ سبب ملڪان ملڪ مشهور هو. انهيءَ تي ايران جي بادشاهه دارا پهرئين جو وات پاڻي ٿيو، سو عيسوي

*گجرات جو ڪنيات جي نار وارو پاسو ۽ سنڌ جو ڏاکڻو پاڱو اڳي ’لاٽ‘ سڏبا هئا. هيٺئر ’لاٽ‘ بدران ڇڙون ’ٽ‘ منجي ’ڙ‘ ٿيو آهي.

* ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي: بينگالي ٻوليءَ جي تاريخ، جلد ١، صفحو ١٥.

7 ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي: بينگالي ٻوليءَ جي تاريخ، جلد ١، صفحو ٦٢ ۽ ٧٩.

سنه کان ۵۱۶ کن ورهيه اڳي پنجاب، گنڌار (قنڌار) ۽ سنڌ تي ڪاهي آيو. انهن تنهين هنڌن جا رهاڪو سنڌن ڏن-ٻروُ ٿيا. ته ٽي سؤ سٺ (۳۶۰) ٽئلينٽ، يعني اٽڪل ٻه سؤ سٺ (۲۶۰) مڻ، سون خالص جا ساليانى ڍل طور ڪيس ڏيندا هئا؛ ۽ ايتري ڍل ٻئي ڪنهن به هنڌان ڪانه ملندي هيس- انهي ٽنهي هنڌن جا نالا ايران جي هڪ ڪتبي (اڪريل نوشتي) ۾ اڄ تائين لکيل آهن. دارا بادشاه جي ٻوين به ڪي سال اهو ڏن ڀڻي اڳاڙيو ان وقت پنجاب ۽ سنڌ ۾ ايرانين پنهنجي آئيويتا (الف-بي) چالو ڪئي. اسان جا ساٺهو ديوناگري اکرن تي هريل هئا، ۽ هنن اکرن جي شڪل بيڍولي ڏٺائون، تہ انهيءَ آئيويتا تي نالوئي ’کر-وشٽي‘ رکيائون- يعني گڏه جا چپ! سنسڪرت ۾ ’کر‘ معنيٰ خر يا گڏه ۽ اوشٽ معنيٰ چپ. اها آئويتا ڪئين ورهيه ساندهه ڀئي هلي ۽ هندستان مان عيسوي ٽينءَ صدي ڌاري غائب ٿي*.

سنه ۱۹۲۲ع ۾، موهن جي دڙي جي کوٽائي ٽيڻ وقت، اتي هڪ جهونو ٺل بيٺل هو، جنهن جي هڪ ديوار تي ڪي اکر ڪشن گهراڻي جي حاڪم وسديو ٻهرئين (۱۵۸-۱۷۷ع) جي وقت جا لکيل هئا. آرڪيالاجيڪل کاتي جي سپرنٽينڊنٽ مسٽر رکلداس بئنرجيءَ اهي اکر سڃاتا، تہ کر-وشٽيءَ ۾ لکيل آهن- هن حقيقت موجب ڄڻبو تہ عيسوي ٻي صديءَ ۾ به اهي اکر سنڌ ۾ چالو هئا.

---

* Prof. Rapson: *Ancient India.*

٤٣- ايران جي ڪياني بادشاهن جو زور، عيسوي سنه کان ٣٣٠ ورهيه اڳي سڪندراعظم ڀڳو. ان وقت پنجاب، سنڌ ۽ گنڌار (قنڌار) ايراني حاڪمن جي تابعي هئا، تنهنڪري سڪندراعظم اهي ٻه اچي هٿ ڪيا. ان وقت الور (روهڙي) ۾ 'ميوسيڪنس' (موشڪن جو راجا) هو، تنهن اول آڻ مڃي ٿي، پر پوءِ پنهنجي برهمڻ وزيرن جي مت تي لڳي يونانين کي سامهون ٿيو، ته يوناني لشڪر کي اهڙي ٻاهه وٺي ويئي، جو ڪيس جهلي ڪُهي ڇڏيائون، ۽ سيني برهمڻن جون سسيون لهرائي انهن کي ڪِجهن جو ڳاهه ڪيائون! هيءَ حقيقت 'ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا' جي جلد پهرئين ۽ 'سنڌ گزيٽيئر' جي صفحي پنجاسي ۾ ٻه، چاڙايل آهي. سنڌ جا سوين برهمڻ قتل ٿي ويا، ته سنسڪرت جو جيڪو ٿورو گهڻو ڦهلاءُ انهن پئي ڪيو، تنهن کي ڄڻ ته بڇو اچي ويو ۽ ٻالي ٻوليءَ جو واڌارو وڌندو رهيو ڇاڪاڻ جو سنڌ ۾ برهمڻ تمام ٿورڙا آهن.

٤٤- سڪندراعظم، پنهنجي پاران پنجاب ۽ سنڌ ۾ ڪي گورنر مقرر ڪري، پاڻ بابلان ڏي سوٽيو ۽ عيسوي سنه کان ٣٢٣ ورهيه اڳي گذاري ويو. سندس مرڻ جي خبر پئي، ماڻهن يوناني لشڪر کي تڙي ڪڍيو ۽ پنهنجي پرڳڻي جا پاڻ والي ٿيا.

٤٥- انهن ڏينهن ۾ مگڌ، يعني بهار جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾، نند گهراڻي جي حاڪمن راج ٿي ڪيو. سندن لشڪر جو سپهه سالار چندر گپت نالي هڪ جوڌو جوان هو، جنهن ڪيترا

شمراهه ساڻ ڪري پنجاب مان يونانين کي لوڏي ڪڍيو.
انهيءَ ڪارڻ ۾ سوڀارو ٿيو، ته سنڌ به پنهنجي قبضي
ڪيائين؛ بلڪ نند-گهراڻي وارن جو به زور ڀڄي، پاڻ
سڄي اتر-هندستان جو والي ٿيو ۽ موريه-گهراڻي جو
بنياد وڌائين.

٤٦- سڪندر اعظم کان پوءِ سندس بادشاهت جو
ڪجهه ڀاڱو سيليوڪس نڪيٽر کي مليو. پنجاب ۽ سنڌ
هٿ ڪرڻ لاءِ هو عيسوي سنه کان ٣٠٥ ورهيه اڳي،
پنجاب تي ڪاهي آيو. ان وقت تائين مهاراجا چندرگپت
اهڙو زور ورتو هو، جو سيليوڪس جي ساڻس پڄڻ جي
جاءِ نه هئي. مهاراجا چندرگپت اهڙو ته سوڙهو ڪيس،
جو سيليوڪس پنجاب ۽ سنڌ تان ته هٿ کنيو، پر
پنهنجي ڌيءَ جو سڱ مهاراجا کي ڏيئي، ساڻس صلح
ڪيائين ۽ افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪي ڀاڱا ڪيس ڏاجي
۾ ڏنائين.

سنڌ ۾ موريه گهراڻي جي حڪومت

٤٧- مهاراجا چندرگپت جي وقت ۾ ٻڌ ڌرم زور
هو. پاڻ به اهو ڌرم اختيار ڪيائين، ته رعيت مان
ڪيترن سندس پيروي ڪئي. ان وقت پالي ٻولي چالو
هئي سا به رفتي رفتي هيڪاري اهڙو عام ٿي، جهڙي
هينئر هندستاني ٻولي سڄي هندستان ۾ عام آهي. هن لاءِ
هيءَ ثابتي آهي، ته مهاراجا چندرگپت جو پوٽو مهاراجا
اشوڪ (٢٧٢-٢٣٢ ق.م)، جو سنڌ سميت سڄي اتر-
هندستان جو والي هو، تنهن ٻڌ ڌرم کي زور وٺائڻ ۽

اهنسا جي مت ڦهلائڻ لاءِ ڪي شاهي فرمان، اناهن جبلن ۽ ٽڪرين تي اُڪرائي ڇڏيا هئا، جن مان چاليهه فرمان اڄ تائين هندستان جي ڪيترن ڀاڱن ۾ صحيح سلامت بيٺا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ (۱۹۳۲ع ۾) اهڙا ٻارهن وڌيڪ فرمان مدراس طرف ٽڪرين تان لڌا اٿن- هن مان ظاهر آهي ته ٻڌ ڌرم اثر توڙي ڏکڻ- هندستان ڏي ڦهليو، ته پالي ٻولي به، انهن سڀني هنڌ چالو ٿي، جنهنڪري فرمان سڄي هندستان جا ماڻهو سمجهي سگهيا ٿي. اڪ لڌل چاليهن ڪتبن (اڪريل نوشتن) جي ذڪر ڪندي جنرل اي. ڪننگهام ۽ ٻين عالمن ڄاڻايو آهي، ته مهاراجا اشوڪ جي ڏينهن ۾ پالي ٻوليءَ جا ڳهٽ ۾ ڳهٽ ته ٽي قسم هئا، جن جو واهپو اتر-الهندي هندستان، ٿر، سنڌ، راجپوتانا، گجرات، ڪاٺياواڙ، مهاراشٽر ۽ وچ هندستان ۾ هو.

سنڌ جي نيٺ ٻولي

۴۸- مهاراجا اشوڪ پاڻ مگڌ يعني بهار جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾ رهندو هو، پر انهيءَ جي پالي ٻوليءَ کان سنڌ جي پالي ٻولي وڌيڪ نيٺ هئي. سنڌ مان ڪي اڪريل نوشتا ڪونه لڌا آهن، ته به هن ڳالهه لاءِ ثابتيون آهن. گنڌار (قندار) پرڳڻي ۾ شهباز ڳڙهيءَ طرفان مهاراجا اشوڪ جي وقت جا جيڪي به ڪتبا (اڪريل نوشتا) لڌا آهن، تن ۾ ڪم آيل ٻولي، قديم سنسڪرت کي گهڻو ويجهي آهي؛ پر انهيءَ اڳئين مهاراجا جا جيڪي ڪتبا بهار طرفان لڌ آهن،

تن جي ٻولي سنسڪرت کان گھڻو قريب آهي. هيءَ حقيقت ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي جي تاهيل 'بينگالي ٻوليءَ جي تاريخ' (جلد ۱، صفحي ۴۴ ۾) ۽ ٻين ڪن ڪتابن ۾ ڇاپايل آهي. سر گريئرسن پنهنجي جوڙيل 'لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا' (جلد ۸، ڀاڱو ۱، صفحي ۲ ۽ ۷) ۾ لکيو آهي، ته ڪنڌار (قنڌار) ۾ ڳالهائي وارن نوشتن ۾ جيڪا ڀالي ٻولي ڪم آيل آهي، تنهن ۾ اچارن سان لاڳاپو رکندڙ ڪي ڪي اهڙيون خاص ڳالهيون اهن، جي اڄ تائين دارد ڪ ٻولين (ڪشميري وغيره)، سرائڪي ۽ سنڌيءَ ۾ نظر اچن ٿيون. مثال ڏنو اٿس، ته سنسڪرت لفظ 'ڀڪت' جو اچار ڀاليءَ ۾ بگڙجي ٿيو 'ڀت' Bhatta ('ت' اکرڀتو)؛ پنجابي، لهندا (پنجاب جي الهندي طرف جي ٻولي، ديري غازي خان واري ۽ سرائڪي)، ۽ سنڌيءَ ۾ به چون 'ڀت'؛ باقي هندستاني، گجراتي، مراهٽي وغيره ۾ چون 'ڀات' — يعني ٻٽي 'ت' جو اچار ڪيڏي ڇڏيو اٿن، ۽ انهيءَ کوٽ جي مجرائيءَ لاءِ لفظ جي منڍ واري 'آ' جي اچار کي وڌائي 'آ' ڪيو اٿن — سر گريئرسن هيئن به چيو آهي ته آءٌ پنهنجي دل ڪري ائين سمجهان ٿو ته ڪنڌار طرف تڪشسلا ۾ جيڪا ڀالي ٻولي ڳالهائي ۾ ايندي هئي، سا ٻڌ ڌرم وارن پنهنجن ڌرمي پستڪن ۾ ڪم آندي. اسان به مٿي اڳي ئي چيو آهي (ڏسو صفحو ۳۱)، ته اتي (شوي) آرين جي جڏهن سنڌ ۾ صاحبي هئي ۽ ڪنڌار طرف درهيو آرين راڄ ٿي ڪيو، تڏهن انهن ٻنهي هنڌن جي سنسڪرت مڏي، ديش

وارن آرين جي سنسڪرت کان وڌيڪ ٺيٺ هئي. سنسڪرت ٻوءِ بگڙجي، پالي ٿي، ته سنڌءَ ڪنڌار طرف جي پالي ٻولي به ضرور ٻهار ۾ پين هندن جي ٻوليءَ کان وڌيڪ ٺيٺ ٺيندي. ٻي مکيه ڳالهه هيءَ به آهي، ته پالي ٻوليءَ جا نه رڳو اچار، پر ڪي لفظ به، جهڙا اسان جي سنڌي ٻوليءَ سانڍيا آهن، تهڙا ٻيءَ ڪنهن به ڏيهي آريه ٻولي نه سانڍيا آهن- جيئن هيٺ ڄاڻائجي ٿو:

پاليءَ جا سنڌيءَ ۾ نشان

٧ء- پالي ٻوليءَ جي اچارن ۾ هڪ مکيه ڳالهه، جا ڳهٽو ڌيان ڇڪي ٿي، سا هيءَ آهي، ته جن سنسڪرت لفظن ۾ ديه يعني ٻٽا اکر يا ڳنڍيل حرف صحيح آهن، تن جا اچار پاليءَ ۾ پچي يا ملي هڪ روپ (Assimilate) ٿي ويا آهن- مثلاً، سنسڪرت 'سپت'، پالي 'سَتَ'، سنڌيءَ ۾ به چئون 'ست' (٧)؛ پر هندستانيءَ وغيره ۾ چون 'سات'- ڏسو ته اسان جا اچار بجنسي پاليءَ وارا بيٺا آهن! ٻيا مثال:

سنسڪرت	پالي	سنڌي	سنسڪرت	پالي	سنڌي
ڌرم	ڌم	ڌرم-ڌم	پرِيم	پيم	پرِيم-پيم

سنسڪرت لفظ 'ڌرم' ۽ 'پريم' اسين هاڻ جيئن جو تيئن چئون ٿا، پر ڌمن مل ۽ ڌمي ٻائي (ڌرمي ٻائي) نالن ۾ نج پالي لفظ 'ڌم' ڪم آڻيون ٿا، جو ٻئي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڪم نٿو اچي. پيوي ٻائي نالي ۾ 'پيوي' نج پالي لفظ 'پيمي' (پريمي) آهي، جنهن ۾ 'م' ڪي متي

"وُ" ڪيو اٿئون. سنڌ جي ڪن هندو ڇوڪرين ۾ زالن جو نالو 'ميمي' آهي اهو به اصل ۾ ساڳيو پالي لفظ 'ٻمي' آهي، جنهن ۾ 'پ' کي مٽي 'م' ڪيو اٿئون. ڪٿي آهن 'ڏم' ۽ 'ٻيم' لفظ هندستاني ۽ ٻين آريه ٻولين ۾؟ نڌهين ڇتبو ته شاباس اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي آهي، جا قديم زماني جي پاليءَ وارا نشان اڄ تائين سانديندي پئي اچي.

٥٠- سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ آهن، جن جي اصلوڪي سنسڪرت صورت ايترقدر مٽجي ويئي آهي، جو اهي سڃاڻڻ ڏي مشڪل؛ پر پاليءَ ۽ پراڪرت جي اُچارن سان انهن جي ڀيٽ ڪجي، ته پوءِ سڃاڻڻ سولا ٿين ٿا- مثلاً، سنسڪرت لفظ 'للاٽ' جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي 'نرڙ'! هن ۾ هڪڙو به ساڳيو اکر ڪونهي، ته پوءِ سڃاڻجي ڪيئن؟ سنسڪرت جو اُچار پاليءَ ۾ ٿيو 'نلاٽ'، پراڪرت ۾ 'نڏال' (ڻڏال) سنڌيءَ ۾ نراڙ- نرڙ معنيٰ پيشاني. اٿين پالي ۽ پراڪرت ٻوليون سنڌي لفظن جي بنيادن کولي لهڻ ۾ وڏي واهر ڪن ٿيون.

٥١- سنسڪرت ۽ پاليءَ جي باريڪ ڀيٽ ڪرڻ سان، عالمن کي معلوم ٿيو آهي ته ٻنهي ٻولين جي وچ ۾ جيتوڻيڪ تفاوت آهي، ته به پالي ٻولي سنسڪرت کي بلڪل ويجهي آهي. ڊاڪٽر ڀنڊارڪر پنهنجن تقريرن (صفحو ۱۴٦) ۾ ڄاڻايو آهي، ته اٽڪل روءِ پاليءَ ۾ پنجن سان ڏي ٽيون لفظ نج سنسڪرت آهن؛ باقي ٻن ٽين ۾ به رڳو ٿوري تبديل

معلوم ٿئي ٿي. سنسڪرت وياڪرڻ جي، پالي وياڪرڻ سان ڀيٽ ڪرڻ سان عالمن کي معلوم ٿيو آهي تہ پاليءَ مان 'دووچن' (Dual) نڪري ويو آهي۽ اسمن جي حالتن ۽ فعلن جي گردانن ۾ بہ ٿورو ڦير آهي. اهڙيءَ طرح ڪن جزوي ڦير ڦارن کان سواء، ٻنهي ٻولين جو وياڪرڻ بہ گهڻو ڪري ساڳيو آهي-مطلب تہ سنسڪرت کي جهڙو پالي ٻولي ويجهي آهي، تهڙو ٻي ڪابہ پراڪرت ٻولي ويجهي ڪانهي. حقيقتوّن 'پراڪرت'، ٿالوڳي اڻهن ٻولين تي پيل آهي، جي پاليءَ کان وڌيڪ بگڙيل هيون. جنهن صورت ۾ گوتم ٻڌ پنهنجو پرچار پالي ٻوليءَ ۾ ڪيو هو، ۽ ٻڌ ڌرم وارن جا ڌرمي پستڪ ان ۾ لکيل آهن، تنهن صورت ۾ پالي ٻولي ٻڌ ڌرم وارن جي پوتر ڀاشا يا پاڪ ٻولي ٿي ۽ ان جو مرتبو ٻين پراڪرت ٻولين کان مٿي ليکجڻ ۾ آيو.

سنڌ تي بختر جي يونانين جي ڪاهہ

۵۲- مهاراجا اشوڪ جي وقت ۾ سنڌ ۾، ڪن هنڌ 'ستوپ' (Stupa) ٺهيا ۽ اهي تيرٿن جا هنڌ ليکجڻ ۾ آيا. ان وقت ٻڌ ڌرم هيڪاري زور ورتو ۽ پالي ٻوليءَ بہ ترقي ڪئي. مهاراجا اشوڪ، عيسوي سنہ کان ٢٢٧ ورهيہ اڳي گذاري ويو. ڪانئس پوءِ عيسوي سنہ کان ١٨٠ع ڪن ورهيہ اڳي، بختر (بئڪٽريا) طرف جا ڪي يوناني لوڪ پنجاب تي ڪاهي آيا ۽ پوءِ سنڌ جي بہ فتح ڪياؤون-سندن وقت جي نشاني، بختي، بغدي، ۽ بلغاري لفظ آهن.

بغدي بلوچن جا آٺ ويهون آئن،
ڏاڙهي خاطر ڏاريا، مهري ملوڪن،
ٽنگن ڏگها، وچن سگها، جن جا ڇمريا ڇپ ڇڙن،
ڪنڌن ڪارا، پيچ ڀهارا، جن جا ڪر نہ ڪڙڪو ڪن،
نڪ ۾ نوڙي، وچن ڊوڙي، بختي بلوچن،
منزل مارڻ، ٻوءِ نهارڻ، اهو عيب آئن،
وڃي واءِ چڙهن، تہ بہ ڪنبن ڪين ’ڪبير‘ چوي.
(ڪبير شاهہ)

بغدي معنيٰ بلخ (بلخ-بخارا) جو اُٺ؛ بختي معنيٰ بختر (بئڪٽريا) جو اُٺ-اهي ٻيئي يوناني لفظ آهن. بئڪٽريا (بڪتر-بختر) جو قديم فارسيءَ ۾ اُچار ’باختري‘ ۽ ’باخدي‘ هو، ۽ اهو هاڻ ’بلخ‘ (بلغ) سڏجي ٿو*. انهن نالن مان ’بغدي‘ ۽ ’بختي‘ لفظ نڪتا آهن. اهي اُٺ ٻن ٿوهن وارا هئا ۽ پنڌ جا تکا هئا، تنهنڪري ٻنهي جي هاڻ معنيٰ آهي ’پلو مهري اُٺ‘.

(الف) بولغار جو شهر وولگا نديءَ جي ڪناري تي آهي. اتي جي نانگ جي ورن وانگر ٺهيل حقن جا نڙ سنڌ ۾ عام ٿيا. تہ اهي ’بلغاري‘ يعني بولغار جا سڏجڻ ۾ آيا؛ انهن نڙن سان قوڪ سٺي پري سگهجي ٿي، تنهنڪري ٻوءِ ’بلغاري‘ معنيٰ ٿي سٺي متل چلم يا چگو متل حقو.

*Raulinson: India and the Western world, p. 69.

سنڌ تي مصيبت پٺيان مصيبت

۵۳- ٻئڪٽريا جي يونانين ستان سنه ۷۰ع ڌاري سٿين (ساڪ) لوڪ ڪاهي آيا. ڪانئن اڳ ۾ ئي پيا جيڪي ڌاريا ماڻهون آيا، سي ساڪ قُري هليا ويا؛ پر هي سٿين لوڪ هندستان ۾ ڪوپو ڪوڙي ويهي رهيا. پوءِ به سٿين لوڪن جون ٽوليون پٺيان ٽوليون هندستان ڏي ڏوڪينديون پئي آيون. راجپوتن مان راجا ساليواهن انهن سٿين يا ساڪ لوڪن کي ملتان کان ٿيهه ڪوهه پري ڪاهرور جي نزديڪ اهڙي سخت شڪست ڏني، جو سندس ماڻهن ڪيس لقب ڏنو "ساڪاري" - يعني ساڪ لوڪن جي آري (دشمن). هن وڏي سوڀ جي يادگيري قائم ڪرڻ لاءِ انهيءَ مهاڀاري لڙائيءَ واري سال (۷۸ع) کان ساليواهن جو ساڪ يعني سنبت شروع ڪيائون، جو اڄ تائين هلندو اچي. راجا ساليواهن جي پوٽي جو نالو 'ڀٽي' هو، جنهن جو اولاد جيسلمير جا ڀٽي راجپوت آهن.

۵۴- سنڌ ۾ ڪا اهڙي ڀهر ڪانه هئي، جا ساڪن کي سامهون ٿئي، تنهنڪري هنن ڌارين جي ڌم اڪثر سنڌ ڏي هئي. انهيءَ وقت ڌاري سٿين لوڪن جون ٻيون ٻه ذاتيون پنجاب ۾ سنڌ ڏي آيون؛ انهن مان هڪڙا "جت" ۽ ٻيا 'ميد' (مير) هئا. سنڌ ۾ جت اڄ تائين آهن - راجپوتانا ڏي اهي پاڻ کي 'جاٽ (راجپوت)' سڏائين ٿا. سنڌ جي مهاڻن مان اڄ تائين ڪي 'مير' سڏبا آهن - اهي سٿين لوڪ اصل تاتاري لوڪن مان هئا ۽ سنڌ ۾ اهڙو زور ٿي ويا، جو ان

وقت سنڌ تي نالوئي پيو ”اِنڊو-سٿيا“ (ڏسو سنڌ گزيٽيئر صفحو ٨٧). انهن نڪو ڪو نئون ڏرم آندو، نڪا ڪا اوچي ٻولي آندائون. سندن وقت ۾ هڏ ڏرم زور هو، نه پاڻ ٻه اهو اختيار ڪيائون ۽ ٻولي ٻه اسان واري اختيار ڪيائون؛ پر پاڻ آچار بگيڙيائون. سندين صاحبيءَ ۾ سنڌ جو واپار روم سان هلندو هو. سنڌي ماڻهو روم مان چڱو ڏڪو ماري ايندا هئا، جنهن ڳالهه جي يادگيري اڄ به هڪ پهاڪو ڏياري ٿو- ”توڙي وڃي روم، ته به ڏيڏو ۽ ٿوم، لکيو لوح قلم ۾“. مطلب ته روم ۾ وڃي ماڻهو شاهوڪار ٿئي ٿو، پر جيڪڏهن ڪنهن جو نصيب ڪيٺل هوندو، ته اتي به ڏيڏو ۽ ٿوم (غريباڻو روزگار) حاصل ٿيندس.

٥٥- سٿين جي وقت ۾ پرٿوُ (پهلو) Parthians آيا. ”پيريپلس“ ۾ ڄاڻايل آهي، ته عيسوي پهرئين صديءَ ۾ اهي سٿين ۽ برٿوُ سنڌ ۾ پاڻ ۾ پئي لڙندا ۽ هڪٻئي کان زور ٿيڻ جي ڪوشش پئي ڪيائون. پر ”چورن مٿان مور پيا“- وچائين ڪشن لوڪ آيا، جي زور ٿيا.

٥٦- ڪشن گهرالي جي راجا ڪنشڪ هڏ ڏرم کي گهڻو زور وٺايو، جنهنڪري سنڌ سميت سڄي اتر-هندستان ۾ اهو ڏرم هيڪاري وڌيو ۽ ڦهليو. ڪانئس پوءِ وسديو پهريون، ۽ وسديو ٻيو، سنڌ جا حاڪم ٿيا- موهن جو دڙو، ڪاهوءَ جو دڙو ۽ ٻيا هنڌ جتي هڏ ڏرم وارن جا ٿل ڏهيل آهن، سي ٿل انهيءَ وقت ۾ ڏهيا هئا.

سنڌ پرڳڻو گپت گهراڻي وارن جي تابع

٥٧- عيسوي سنه کان ١٨٤ ورهيه اڳي، جڏهين موريه گهراڻي جو زور ٽٽو، تنهن کان وٺي اٽڪل ٣٢٠ع تائين، يعني پريا پنج سؤ ورهيه ساندهه، سنڌ ۾ ڪڏهن گهڻا لاها-چاڙها ڏٺا. انهيءَ کان پوءِ ٣٢٠ع ڌاري مڌيه ديش جي پنچالن جي ڪل وارن پنهنجو نالو ڪڍيو. يجر ويد واري زماني کان وٺي اهي پنچال، ڪانيه ڪبج (ڪنوج) ۾ راڄ ڪندا هئا. هينئر سنڌن ڪل وارن گپت گهراڻي جو بنياد وڌو ۽ سنڌ جي سٺين حاڪمن کي پنهنجو ڏن-ڀرو ڪيائون؛ ۽ سنڌ جي حڪومت جون واڳون وري به سٺين لوڪن جي هٿ ۾ ڇڏيائون.

٥٨- گپت گهراڻي جي راڄ شروع ٿيڻ سان برهمڻ لاءِ چڱو ته سونو سڄ اڀريو؛ ڇاڪاڻ ته گپت گهراڻي وارا سڀ ڪريا ڪرم برهمڻ کان ڪرائيندا هئا. ٻڌ ڌرم جاري ٿيڻ ڪري برهمڻ نوڪر ڪاڍي هئي، سي هينئر ڇيڙتي هلڻ لڳا. ڪن لنگ جي پوڄا تي ڪٿي ٺاڪردوارا ٺاهيا، ته انهن ڳالهين تي اعتراض ڪونه اٿاريائون. ائين ماڻهن جي پيٽ تي هلڻ لڳا ته ٻڌ ڌرم هوندي به، برهمڻي ڌرم وري پاڙ ڪڍڻ لڳو. راجا سمدرگپت جو پٽ راجا چندرگپت ٻيو، جو عام طرح وڪرماجيت (وڪرمادتيه) سڏجي ٿو*، تنهن جي ڪوشش

---

* هن راجا کان چار سؤ کن ورهيه اڳي ٻيو راجا وڪرماجيت ٿي گذريو هو، جنهن جو سنبت عيسوي سنه کان ٥٨ ورهيه اڳ لڳي ٿو.

سان وديا جو ڦهلاءُ چڱو ٿيو. سندس دربار ۾ جيڪي عالم ۽ فاضل هئا، تن مان نوَ چڱا ’نوَ رتن‘ (Nine gems) سڏجن ۾ آيا، جن مان هڪڙو ناميارو ڪوي ڪاليداس هو، جنهن جا سنسڪرت ناٽڪ مشهور آهن. ٻيو وررچي هو، جنهن جي جوڙيل پراڪرت وياڪرڻ مان هن ڪتاب جوڙڻ ۾ ڪجهه مدد ورتي ويئي آهي.

٥٩. گپت گهراڻي وارن جي صاحبيءَ ۾ ماڻهو سک سانت ۾ گذارڻ لڳا. گهڻن ۾ ڪتائون ٿيڻ لڳيون ۽ ماڻهو پراڪرت لفظن بدران ڪيترا ئي سنسڪرت لفظ ڪم آڻڻ لڳا.

سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جو راڄ

٦٠. گپت گهراڻي وارن جي راڄ شروع ٿيڻ کان پوءِ، ڏيڍ سؤ کن ورهيه ساندهه، هندستان جي ماڻهن نهايت امن امان ۾ گذاريو، پر پوءِ ”هون“ لوڪ هندستان تي ڪاهي آيا، جي ’هوُن‘ به سڏبا هئا. انهن مان ڪي گورجر، ڪي اهير (ابير) ۽ ٻين ذاتين وارا هئا، پر سڀني کي گڏي ’هوڻ‘ Hnus سڏيو اٿن. سندن مهندار ’مهرگل‘ نالي هو، جو نهايت ظالم هو: پيا ڪن سڀ مان وسندي، ۽ هيءُ وسنديءَ مان سڀ ڪرڻ وارو هو. گندار (قندار) طرف تڪشلا يونيورسٽي هئي، تني هن مهرگل جي ماڻهن ڦرلٽ ڪري ماڻهن جي گهرن کي باهيون ڏنيون. هندن ۾ اهڙو هراس پيدا ٿيو، جو اهو سمورو پاسو خالي ڪري ويا ۽ هن وقت

انهيءَ پاسي رکيو پئي رهن ٿا. پنجاب جي الهندي طرف کيڪيه جو پرڳڻو، جو ودبا جو وڏو مرڪز هو، سو به هنن هون لوڪن باهيون ڏيئي جلايو ۽ هتي جي هندن کي به لڏڻو پيو. اج اهو ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان وارو پاسو پروچڪو ملڪ آهي. اهي ئي هون لوڪ هئا، جن کپت گهرائي جو خاتمو ڪيو ۽ سنڌ ۾ اچي راءِ گهرائي جو راڄ برپا ڪيو. اهي ئي لوڪ پهريائين شودر ليکيا هئا*؛ پر برهمڻي ڌرم کي مجھ لڳا، ته برهمڻ گهڻي خوشيءَ سان سندين شڌي ڪري، کين کتري بڻايو. پاڻنجي ٿو ته اگني (باهه) ٻاري، هون هوم ڪري، سندين شڌي ڪيائون؛ جنهنڪري سندن اولاد "اگني ڪل" يعني باهه جي خاندان مان پيدا ٿيل راجپوت (راجا جا پٽ) سڏجڻ ۾ آيو (ڏسو ڪرنل ٽاڊ جو 'راجستان جو احوال')- هندستان جي تازين جڙيل تاريخن ۾ راجپوتن جو زمانو سنه ٦٥٠ع کان وٺي ليکيو وڃي ٿو- انهن ڌارين لوڪن به اچي هندستان جون پراڪرت ٻوليون اختيار ڪيون.

---

* هوان شيانگ نالي هڪ چيني مسافر، عيسوي ستين صديءَ ۾ راءِ ساهسيءَ جي وقت ۾ آيو هو. هن صاحب پنهنجي سفرنامي ۾ ڄاڻايو آهي، ته سنڌ جو راجا هڪ شودر هو- پاڻنجي ٿو ته انهيءَ وقت کان سگهو ئي پوءِ هيءَ راءِ گهرائي وارا حاڪم کتري راجپوت سڏجڻ ۾ آيا.

پراڪرت ٻولين جا قسم

٦١- پالي ٻولي سڄي هندستان ۾ ڦهليل هئي ۽ ٻوءِ بگڙجي پراڪرت ٿي، ته هندستان جي جدا جدا ڀاڱن ۾ پراڪرت ٻولي پنهنجي پنهنجي نموني واڌارو ڪيو، جنهنڪري ان جا گهڻا نمونا ٿيا. جين ڌرم وارن جا ڌرمي پستڪ انهن مان ڪن ۾ لکيل آهن. اڻانجن آڳاٽن ساڌن انهن جا گرامر به ٺاهيا، جي اڄ ڏائين موجود آهن. چنڊ نالي هڪ شخص عيسوي سنه کان ٽي سؤ کن ورهيه اڳي، يعني موريہ گهراڻي جي صاحبيءَ ۾، پراڪرت ٻولين جو وياڪرڻ 'پراڪرت لڪشڻ' نالي جوڙيو هو، جنهن جو ترجمو ڊاڪٽر هورنل Dr. Hoernle ڪيو آهي. چنڊ کان پوءِ وررچي، جو مهاراجا وڪرماجيت جي دربار جي نون رتنن مان هڪ ليکيو وڃي ٿو، تنهن 'پراڪرت پرڪاش' ٺاهيو، جنهن جو ترجمو ڊاڪٽر ڪوويل Dr: Cowell ڪيو آهي. جين ڌرم جو نامور اپاسڪ هيمچندر آچاريہ، جو سنه ١٠٨٨-٨٩ع ڌاري احمدآباد ۾ ڄائو هو، تنهن 'هيم وياڪرڻ' جوڙيو، جنهن جي اٺين باب ۾ پراڪرت ٻولين جو وياڪرڻ ڏنو اٿس. هيم وياڪرڻ جو ترجمو ڊاڪٽر پشل Dr: Pischel ڪيو آهي. هيمچندر آچاريہ کان پوءِ ترووڪرم، لڪشميڌر، مارڪنڊيہ (عيسوي سترهين صديءَ ۾) ۽ ٻين، پراڪرت وياڪرڻ ٺاهيا. انهن ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو، ته پاليءَ واري زماني کان پوءِ، هندستان جي جدا جدا ڀاڱن ۾ جيڪي پراڪرت ٻوليون چالو هيون، تن مان ڇهه مکيہ هيون:

(١) مهاراشٽر (٢) ساگڌي (٣) ارڌ ساگڌي (٤) شؤرسيني (٥) پشاچي (٦) اپڀرنش. انهن ڇهن نالن مان ظاهر آهي ته پهريون چار پراڪرت ٻوليون جن هنڌن ۾ ڳالهائڻ ۾ ايندڙيون هيون، تن هنڌن جا نالا مٿن رکيل هئا، ۽ پشاچي پراڪرت، پشاچ لوڪن جي ٻولي هئي، جن بابت مٿي اڳهئي چيو ويو آهي ته ڪلجگ شروع ٿيڻ وقت هنن پنجاب ۽ سنڌ ۾ اچي ٻيلڪون وڌيون هيون (ڏسو صفحو ٣٨). 'اپڀرنش' معنيٰ بگڙيل ٻولي، تنهنڪري اها ڪنهن خاص هنڌ جي ٻولي نه هئي؛ پر جيڪا ٻه ٻين پراڪرتن کان وڌيڪ بگڙيل هئي سا انهيءَ نالي سان سڏبي هئي. انهن ڇهن پراڪرتن مان مهاراشٽريءَ جو درجو سيني کان مٿي ڪري ليکيو اٿن. جيني ڌرم وارن جا ڌرمي پستڪ ان ۾ لکيل آهن. اها وڏي ايراضيءَ ۾ چالو هئي ۽ اهڙي ته مکيه هئي، جو هيمچندر آچاريه جڏهن رڳو 'پراڪرت' لفظ ڪم آڻي ٿو، تڏهن مطلب ڏي اٿس 'مهاشٽري پراڪرت'. پنهنجي گرامر ۾ کهڙو ذڪر ڪيو ڏي ان جو اٿس. ٻين پراڪرت نحوين به قاعدا رڳو مهاشٽري پراڪرت جا ڏنا آهن؛ ٻين پراڪرت ٻولين بابت رڳو ايترو ڄاڻايو اٿن ته اهي فلاڻين فلاڻين ڳالهين ۾ مهاشٽريءَ کان علحدو ٻون آهن.

اپڀرنش

٦٢- وچولي زماني جون پراڪرت ٻوليون، جي پاليءَ جو درجو لنگهي وڌيڪ ابتر ٿيون، سي ٻوءِ وڌيڪ بگڙيون.

اهو سپاويڪ آهي ته جِت، ڏنار ۽ ٻيا اڻپڙهيل ماڻهو لفظن جا اچار بگيڙيون ٿا. وقتي سا ڳيا وا ڳيا ته ٻوليءَ ۾ چڙڪون ڪن ٿا. انهين ٻولين ۾ بگاڙو ٻوي ڏو- ۾ پاليءَ واري زماني کان وٺي هندستان ۾ حالتون ڏي اهڙيون اچي بڻيون، جو هڪبئي پنيان ڌاريا لوڪ ڪاهي پئي آيا ۽ انهن به اهي ئي پراڪرت ٻوليون اختيار ڪيون، ته پاڻ اچار وڌيڪ بگيڙيائون، جنهنڪري آڳاٽن نحوين، انهن بگڙيل ٻولين کي 'اپڀرنش' سڏيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مقرر درجي کان ڪِريل Falien from the normal يعني بگڙيل يا ڪريل ٻولي*. اپڀرنش جو درجو سيني پراڪرت ٻولين کان گهٽ ڪري ليکيو اٿن-هندستان جي جدا جدا پاڙن جون اهي اپڀرنش ٻوليون بگڙجي هاڻوڪيون هندي، سنڌي، گجراتي وغيره ٿيون آهن-جنهنڪري چئبو ته آڳاٽين پراڪرتن ۽ هاڻوڪين ڏيهي ٻولين جو وچ وارو ڏاڪو اهي اپڀرنش پراڪرت ٻوليون آهن.

٦٣- اپڀرنش جو ذڪر پراڪرت گرامر جوڙيندڙن هيمچندر آچاريه، تروڪرم، ڪرمديشور ۽ مارڪنڊيه ڪيو آهي. ڊنڊن پنهنجي 'ڪاويه درش' ۾ چاڻايو آهي ته

---

*سنسڪرت ۾ 'ڀرنش' معنيٰ ڪِرڻ. 'اَپ' هڪ اڳياڙي prefix آهي، جا بگڙجڻ يا خراب ٿيڻ جي معنيٰ ڏيکاري ٿي-مثلاً 'مان' معنيٰ عزت، ۽ 'اپمان' معنيٰ بيعزتي.

اپڀرنش ٻولي، اهيرن (اڀيرن يعني ڳئوارن يا مالدارن) جي ٻولي هئي ۽ سنڌ جا اهير اپڀرنش ۾ شعر چوندا هئا. ان وقت جو سنڌ جو شعر ملي نٿو سگهي، باقي گجرات طرف جي ناگر اپڀرنش جو شعر موجود آهي، جنهن مان ٻورا ڏکرا ڊاڪٽر ڀنڊارڪر پنهنجي ڪتاب "Wilson Philological Lectures" ۾ ڏنا آهن- سنڌ ۾ اهي ڪوبه سمجهي ڪونه سگهندو، تنهنڪري هتي رڳو ايترو ٻڌائجي ٿو ته ان ۾ 'دوهرا'، يعني ٻن سٽن وارا بيت آهن؛ سنڌ جو به قديم شعر 'دوهرو' آهي.

پراڪت جا مزيدار مثال

٦٤- پراڪرت ۽ اپڀرنش ۾ ٻه مکيه ڳالهيون گهٽو ڏيان ڇڪين ٿيون. ڪيترن لفظن جي وچ ۽ پڇاڙيءَ مان حرف صحيح ايتريقدر نڪري ويا آهن، جو هن وقت پراڪرتن ۾ سيڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ نه ٻيو حرف علت يا 'هه' جو اچار آهي ۽ ٻيو ڪوبه حرف صحيح ڪونهي! لفظن مان ڇڙ ته هڏا ويا آهي نڪري، باقي رڳو ماس پيو لڙڪي! مثلاً، سنسڪرت لفظ 'هرديه' معنيٰ هردو يعني دل، ۽ 'متر' معنيٰ مِٽ (مائٽ). پراڪرت ۾ انهن جا اچار ٿيا 'هئه' ۽ 'مئه'! ڪنهن کي جيڪر اعتبار ۾ ئي ڪونه اچي، ته ڪو پراڪرت ڳالهائيندڙ، هن ريت لفظن مان حرف ڪڍي، رڳو ٻاتن وانگر (ئه-ئه-يه، يه، ئه) پيا ڪندا هئا- پر ڏسون ٿا، ته اهي ساڳيا لفظ سنڌي

۾ آهن: پراڪرت لفظ 'هنڌ' بدران ڇئون 'هنئون-هنئانءَ' معنيٰ دل ۽ 'منڌ' بدران ڇئون 'مينئون' (ميان)- مثلاً، ميان قادربخش. پراڪرت ٻوليءَ ۾ خود "پراڪرت" لفظ جو اچار آهي "پائيم"، جنهنڪري ڏنپال آچاريہ پنهنجي جوڙيل پراڪرت ڪوش (ڊڪشنريءَ) جو نالو ئي رکيو آهي 'پائيلڇي'. جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ 'پراڪرت لڪشمي'. 'لڪشمي' جو اچار بگڙجي 'لڇمي' ۽ پوءِ 'لڇي' ٿيو آهي. اهو اچارن جو نمونو اڄ تائين ڪجهه قدر لاڙ جي هندن ۾ آهي، جي 'ذاريل' بدران چون 'نايڙ'!

٦٥- ٻراڪرت ڳالهائيندڙن جا اچار نہ رڳو ٻاتن جهڙا هئا، پر ڪجهه گهڻن جهڙا بہ هئا- مثلاً،

سنسڪرت	پراڪرت	سنڌي
نر	ٹرو	نر (مونث: 'مادي')
نشڪر-ڻ	ٹمڪڻ	نڪرڻ (ٻاهر وڃڻ)
نيان	ٹياڻ	نياڻ (حوض-چشمو)
نڪر	ٹئر	نير- معنيٰ شهر

مثلاً، 'بيڪانير' جو شهر بيڪي نالي هڪ راجپوت جي نالي پٺيان سڏجي ٿو. پراڪرت ڳالهائيندڙ گهڻن وانگر 'ن' بدران 'ڻ' ايترو قدر ڪم آڻيندا هئا، جو پراڪرت ۾ اهڙا سڀ لفظ 'ن' بدران 'ڻ' سان شروع ٿين ٿا. اسان بہ شايد انهن جي آڏ چڪي آهي، جو لفظن ۾ نڪ جو آچار گهڻو گڏيون ٿا- مثلا 'تهجو' ۽ 'مهجو' بدران چئون 'تنهنجو' ۽ منهنجو'، ۽ 'پري' بدران عام طرح چئون 'پرين'، معنيٰ

پيارو. انهيءَ هوندي به ايترو چئبو، ته پراڪرت ڳالهائيندڙن کان اسان جا اچار وڏيڪ مٺا آهن. هن وقت سنڌيءَ ۾ ڪوبه لفظ 'ڻ' سان شروع ڪونه ٿو ٿئي؛ رڳو هڪ لفظ 'ٿوڻ' (جمع ڏوٽيون) آهي، پر ان جو صحيح اُچار آهي 'رُوڻ' (جمع روٽيون). درياهه جو پاڻي اٿلي، ڪنهن بند کي ويڙهي ويندو، ته بند کي اول سيڪ ايندو، يعني پڇي آلو ٿيندو. پوءِ روڻ پونديس، جنهن مان پاڻي 'رُوُن رُوُن' ڪري وهندو ۽ پوءِ بند کي کهارو پوندو. اهو لفظ 'رون رون' (آواز) مان نڪتل آهي.

اپڀرنش پراڪرت جا مثال

٢٦- سنسڪرت لفظن جا اُچار پراڪرت واري زماني ۾ ماڻهن هڪڙيءَ ريت بگيڙيا، ۽ گپت گهراڻي وارن جي صاحبيءَ ۾ جيڪي سنسڪرت لفظ وري نئين سر چالو ٿيا، تن جا اچار اپڀرنش واري زماني ۾ ماڻهن ٻيءَ ريت بگيڙيا. مثلاً، سنسڪرت 'هردي'، پراڪرت 'هنئه'؛ سنڌي 'هنئون'، پر اپڀرنش ۾ اچار ٿيس 'هج' Hijja، جنهن مان سنڌي لفظ 'هيج' نڪتو آهي، ۽ معنيٰ اٿس دل جو چاهه يا خوشي- 'هيج' نه هوندو جن، سي ڪيئن وندر ويندئون.[٦] (شاهه). اهڙيءَ طرح ساڳين سنسڪرت لفظن جون سنڌيءَ ۾ ڪيتريون عليحدئون صورتون آهن.

(الف) جيڪي لفظ پراڪرت ۾ ورهين کان چالو هئا، تن مان ڪيترن جا اچار پوءِ اپڀرنش ٿيا، يعني

بگڙيا- مثلاً، سنسڪرت لفظ 'راجا' جو اچار پراڪرت ۾ ٿيو 'راڻا'، ته اهو اپڀرنش ۾ وڌيڪ بگڙجي ٿيو 'راءِ' سنڌ جي شاهي گهراڻي وارا حاڪم پاڻ کي 'راءِ' (راجا) سڏيندا هئا. اهو لفظ خود اپڀرنش پراڪرت جو آهي. هن وقت اسين اهو لفظ ماڻهن جي نالن پٺيان گڏيندا آهيون- مثلاً حشمتراءِ، بسنتراءِ. هن طرح چالو لفظن جا اچار وڌيڪ بگڙيا، تنهن لاءِ تاريخي سبب به هئا- جيئن هيٺ ڄاڻائجي ٿو:

برهمڻ گهراڻو ۽ عربن جي ڪاهه

٦٧- راءِ گهراڻي وارن اٽڪل ٤٩٥ کان وٺي ٦٣٢ع تائين حڪومت ڪئي. سنڌين صاحبيءَ جي اوائل ۾ ايرانين سنڌ ۾ اچي قرلت ڪئي. هن گهراڻي جي پوئين حاڪم جي وقت ۾ چچ نالي، هڪ برهمڻ حرفت ڪري سنڌ جي حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ ڪيون، ۽ برهمڻ گهراڻي جو بنياد وڌائين. ڪانئس پوءِ پاڻس چندرا ٻڌ ڌرم کي مڃڻ لڳو، پر ست سال ٽڪيو. هن کان پوءِ راجا چچ جو پٽ راجا ڏاهر گاديءَ تي ويٺو، جنهن جي صاحبيءَ ۾ عربن سنڌ تي ڪاهه ڪئي.

٦٨- سنه ٧١١ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي ۽ ١٣-١٢،٧ع ڌاري ملتان به ورتائون. انهيءَ وقت ڪيترا هندو، مسلمان ٿيا ۽ ڪي مسلمان پڻ هندن اچي سنڌ ۾ رهيا. انهيءَ ريت سنڌ ۽ ملتان ڏي عربي ٻوليءَ جو واهپو ٿيو. عربي تاريخ نويس اصطخري، پنهنجي ڪتاب 'مسالڪ الممالڪ' ۾ ڄاڻايو

آهي، تہ منصوره، ملتان ۽ انهن جي آسپاس وارن شهرن ۾ عربي ۽ سنڌي ٻوليون چالو هيون. اهو ڪتاب هجري سنہ ٣٤٠ ھہ يعني ٩٥٠ع جو لکيل آهي—منصوره جو شهر هاڻوڪي شهدادپور تعلقي ۾ برهمڻ آباد جي نزديڪ هو، ۽ ان وقت ملتان جو شهر بہ سنڌ جي حڪومت هيٺ هو. انهي سموري اراضيءَ ۾ عيسوي ڏهين صديءَ ۾ وراچڊ اپڀرنش چالو هئي. اهائي سنڌ جي ٻولي هئي: تنهنڪري اصطخري ۽ ٻين عربي تاريخ نوڙي جاگرافي نويسن انهيءَ کي 'سنڌي' يعني سنڌ جي ٻولي سڏيو آهي—عربن کان پوءِ غزنوي گهراڻي جي حڪومت ١٠٢٥ع کان وٺي هليا پوءِ سکهوڻي سومرن جي صاحبي ٿي.

٦٩— هون لوڪ، جن سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جو بنياد وڌو، تن جي اچڻ جي وقت کان وٺي عربن جي ڪاهہ تائين جيڪي ٿيو، تنهن جو مختصر ذڪر بيمس صاحب پنهنجي ڏاهيل ڏيهي آريہ ٻولين جي گرامر ۾ هن ريت ڪيو آهي:

The first province of India which was conquered by foreigners was Sind, the next the Punjab. These provinces, especially the fromer, adopted the Muhammadan religion at an early date. Brahmans are. and have long been, comparatively scarce in both places. The Prakrits in use in both, especially in Sind, were alwayas noted for their extreme corruptness. A soil, for the most part sterile, and more

suited to a pastoral than to an agricultural people, was left by the main stream of the Aryan immigrants to the cattle tending Abhirs. or Ahirs, and to the Gujars and other rude tribes, to whom supervened the Jats, a branch of the great Kshatriya or Rajput caste who had been excluded from fellow-ship for some reason which has not yet been fathomed. With so rude a population as this it is not wonderful that the language became debased, and that the censtant state of warfare and turmoil in which the people lived for ages, the perpetual seiges of their towns, pillagings of their humble dwellings, wholesale slaughter of their cattle, and other annually recurring horrors with which they wery visited, should haye left them neither opportunity nor inclination for literary pursuits, by which alone their language could have been polished and continually renewed by resuscitation of pure Sanskrit words.

Fohn Beames: Comparative Grammer of the Modern Aryan Languages of India Vol: 1, pp. 92-30.

هاڻوڪيون ڏيهي آريہ ٻوليون

٧٠ـ هندستان ۾ ان وقت جيڪي سنسڪرت مان پيدا ٿيل ڏيهي آريہ ٻوليون (سنڌي، هندي، گجراني وغيره) چالو آهن، سي مٿي ذڪر ڪيل (ڏسو صفحو ٥٧) پراڪرت

ٻولين جي اپڀرنش يا بگڙيل صورتن مان هيٺين ريت پيدا ٿيون آهن:

(۱) **مهاراشٽري**- ”رهٽن جي ملڪ کي ’مهاراشٽر‘ يعني وڏو پرڳڻو يا وڏي حڪومت چئبو آهي، ۽ انجي ٻولي مهاراشٽري پراڪرت سڏبي هئي، جا پوءِ ’اپڀرنش‘ ٿي، يعني بگڙي. اها مهاراشٽري اپڀرنش پراڪرت وڏيڪ بگڙي، جنهن مان مراهٽي ۽ ڪوڪني ٻوليون پيدا ٿيون.

(۲) **ماگڌي**- بهار جو ڏاکڻو پاسو آڳاٽي زماني ۾ ’مگڌ‘ سڏبو هو ۽ انجي ٻولي ’ماگڌي پراڪرت‘، يعني مگڌ ديش جي پراڪرت، سڏبي هئي. اها ٻولي وڏي ايراضيءَ ۾ چالو هئي، تنهنڪري ان جي اپڀرنش يا بگڙيل صورت جا گهڻا نمونا هئا. انهن علحدن نمونن مان هاڻوڪي بنگ ڀاشا يعني بينگالي ٻولي، آسامي، اڙيا، يعني اوڙيسا جي ٻولي، مٿلي، ڀوجپوري ۽ ناڳپوري ٻوليون پيدا ٿيون آهن. بينگالي ۽ اڙيا هڪٻئي کي گهڻو ويجهيون آهن.

(۳) **ارڌ ماگڌي**- مگڌ يعني بهار جي ڏاکڻي پاسي (بينگال وغيره) کان وٺي هاڻوڪي الله آباد جي ڏنگ تائين جيڪا پراڪرت چالو هئي، سا ’ارڌ ماگڌي‘ يعني ’اڌ- ماگڌي‘ سڏبي هئي؛ ڇاڪاڻ ته ان ۾ اڌ جيتري ماگڌي ۽ اڌ جيتري پنجاب طرف جي شوُرسيني پراڪرت گڏيل هئي. انهيءَ ارڌ ماگڌي جي اپڀرنش يا بگڙيل صورت مان ’پوربي هندي‘ پيدا ٿي، جا آگري ۽ اَوڌ جي گڏيل پرڳڻن (United provinces) جا پوربي پاسا ڳالهائيندا آهن.

'پڇمي هندي'، جنهن کي عام طرح 'هندستاني' (اڙدو) چئجي ٿو، سا هن 'پوربي هندي' کان نرالي آهي-مثلاً:

پوربي هندي- پيين، کا کروت هو؟
پڇمي هندي- پاني کيا کرتي هو؟
پوربي هندي- موري اکيان، يعني منهنجون اکيون.
پڇمي هندي- ميري آنکين. يعني منهنجون اکيون.
اهڙيءَ طرح ٻيا منجهن گهڻا تفاوت آهن.

پوربي هنديءَ جون مکيه شاخون ائوڌي يعني اَئوڌ (اودڌيا) جي ٻولي، بنديلي يعني بندبل کنڊ جي ٻولي ۽ ڪنوجي آهن. تلسي ڪرت رامائڻ، ڪبير ڀڳت جا سلوڪ ۽ ٻيا ڪيترا پستڪ پوربي هنديءَ ۾ لکيل آهن.

(۴) شؤرسيني- مهاڀارت جي زماني ۾ راجا ڪنس کان گهٽو اڳي مٿرا جو راجا شوُرسين هو، تنهنڪري مٿرا ۽ ان جو آسپاس وارو ملڪ سندس پٺيان شؤرسين سڏبو هو ۽ اتي جي ٻولي شؤرسيني پراڪرت ڪوٺجڻ ۾ آئي. اها پراڪرت تمام وڏي ايراضيءَ ۾ ڦهليل هئي، ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي پنهنجي ڇاپيل بينگالي ٻولي جي تاريخ صفحي ۱۱۳) ۾ ڄاڻايو آهي ته شؤرسيني اپڀرنش پنجاب جي الهندي طرف کان وٺي گجرات ۾ بينگال تائين چالو هئي، ۽ جيئن هينئر هندستاني ٻولي عام آهي، تيئن عام هئي. ان جي اپڀرنش يا بگڙيل صورت جا گهڻا نمونا هئا.

(الف) مٿرا ۽ ان جي آسپاس واري ملڪ ۾ ٻاڪ دهليءَ تائين، شؤرسيني اپڀرنش چالو هئي، جا ڦري هاڙوڪي

ٻچمي هندي ٿي، جنهن جي مکيه شاخ "برج ڀاشا"، يعني برج جي ٻولي آهي*. ڀڳت سورداس جي واڻي برج ڀاشا ۾ لکيل آهي.

(ب) مغلن جي صاحبيءَ ۾ اڪبر بادشاهه جي عدل ۽ انصاف جون ساکون پڌيون، ڪئان ڪتان جا مسلمان دهليءَ ۾ آيا ۽ اتي جي هنديءَ ۾ سندن ڪيترا عربي ۽ فارسي وغيره لفظ گڏجي ويا. اها گاڏڙ ٻولي ٻوءِ مغلن جي آرڙدَ يعني لشڪر جي ڇانوڻيءَ ۾ عام طرح ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، تنهنڪري "اڙدو" يعني لشڪر جي ڇانوڻيءَ جي ٻولي نالو پيس—اڙدوءَ ۾ لکيل شعر جي ٻوليءَ کي عام طرح "ريخته" سڏين ٿا، جنهن جي معني آهي ذرا ڀا ڪيرايل ڏڪر. ان ۾ ڪي جزا هنديءَ جا تہ ڪي عربي ۽ فارسي وغيره جا آهن، تنهنڪري اهو نالو پيس. مغلن جي لشڪر اها ٻولي پوءِ هندستان جي ڪچ پاڳي ۾ ڦهلائي، تنهنڪري "هندستاني" سڏجڻ ۾ آئي. هاڻ تفاوت هي آهي تہ "هندي" اها چئجي، جنهن ۾ سنسڪرت بنياد جا لفظ گهڻا هجن ۽ اڙدو يا هندستاني اها آهي، جنهن ۾ عربي، فارسي لفظ گهڻا مليل هجن-پر اڙدو بہ شوُرسيني پراڪرت مان پيدا ٿي آهي.

(پ) سڄي پنجاب ۾ اصل شوُرسيني پراڪرت چالو هئي، جنهن مان هندي ڏار تہ اڙدو ڏار پيدا ٿـيءَ پر الهندي

* متراجي پسگردائي ۾ چاليهن ميلن جي مفاصلي تائين گوڪل، بندرابن ۽ ٻين هنڌن کي گڏي "برج" يعني وڻاڻ سڏين ٿا، جو اڳي اتي "گوال" (ڳئوار) رهندا هئا.

طرفان پنجاب ڏي ڪشميري، سرائڪي ۽ ٻين داردڪ ٻولين جي لهر آئي، ۽ اتي جي 'ناڪ' لوڪن جي نالي پٺيان اها 'ناڪ اپڀرنش' سڏجڻ ۾ آئي، جا پوءِ ڦري پنجابي ٻولي ٿي-مطلب ته هنديءَ ۾ ڪشميري ۽ سرائڪي گڏجي ويئي، ۽ انهن جي ميلاپ مان پنجابي ٻولي ٺهي.

(ب) گجرات ۽ راجپوتانا ڏي به پنجاب واري شؤرسيني پراڪرت چالو هئي، جو مهاڀارت واري زماني کان وٺي، سري ڪرشن ۽ ڪيترا ٻيا جادونسي، دوارڪا طرف اچي رهيا هئا ۽ پوءِ به لڙهه وچڙ جام هئي، پر گجرات ۾ ڏکڻ طرفان مهاشتري، پراڪرت جي به لهر آئي. هيءَ تاريخي حقيقت آهي ته جيئن مهاراجا اشوڪ پالي ٻولي ڦهلائي، تيئن ٦٨ع ۾ راجا هالا مهاراشتري پراڪرت جو ڦهلاءُ ڪيو. مرهٽن به، وارو ڏيئي گجرات تي پٺي ڪاهيو. انهيءَ ريت پنجاب واري شؤرسيني پراڪرت جي ميلاپ ڪري گجرات ۾ هڪ گاڏڙ ٻولي ٺهي، جنهن تي علحدو نالو 'سؤرشٽري پراڪرت' پيو. 'سؤراشٽري' جو اچار بگڙجي 'سورٺ' ٿيو آهي. سؤراشٽري يا سورٺي پراڪرت جو هڪ بگڙيل نمونو 'ناگر اپڀرنش' آهي (گجرات جا 'ناگر' برهمڻ اڄ تائين مشهور آهن). ناگر اپڀرنش وڏي ايراضيءَ ۾ چالو هئي، تنهنڪري ان جا به مکيه نمونا هئا: هڪڙو ناگر ۽ ٻيو اپناگر. گجرات تي نالو 'گورجر' قوم تان پيو آهي ۽ انهن گورجرن جي ٻولي 'گورجر اپڀرنش' سڏبي هئي، جا ڦري هاڻوڪي گجراتي ٻولي ٿي آهي. ناگر اپڀرنش جو ٻيو بگڙيل

نمونو، جو اُجين ۽ ان جي آسپاس وارن هنڌن ۾ چالو هو، تنهن کي 'آونتي اپڀرنش' چوندا هئا ۽ انهيءَ مان راجستاني يعني راجپوتانا طرف جون ٻوليون (مارواڙي ۽ جيسلميري وغيره) پيدا ٿيون آهن.

(ت) سنڌ ۾ جيڪا اپڀرنش چالو هئي، سا گهڻو بگڙيل هئي، تنهنڪري اها 'وراچڊ اپڀرنش' يعني گهڻو بگڙيل يا ردي ٻولي سڏبي هئي. اها وراچڊ اپڀرنش وڏيڪ بگڙجي هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي آهي. سنڌ جي ٻولي وڏيڪ بگڙجڻ جا سبب اڳيئي ڄاڻايا ويا آهن.

وراچڊ اپڀرنش

٧١- هندي، پنجابي ۽ گجراتيءَ وانگر سنڌي ٻوليءَ جو سمورو ڳهاٽ پنجاب واري شؤرسيني پراڪرت تي ٻڌل آهي؛ پر جيئن گجرات طرف جي ٻوليءَ تي ڏار نالو سؤراشٽري پراڪرت رکيل هو، تيئن سنڌ جي پراڪرت تي ڪو ڏار نالو رکيل هو يا نه، سا ڳالهه ڪنهن به ڪتاب ۾ ڄاڻايل ڪانهي. ڊاڪٽر ڀنڊارڪر پنهنجين علم لغات بابت تقريرن (صفحي ٢٣٢) ۾ هيئن چيو آهي ته جنهن صورت ۾ پراڪرت وياڪرڻ رچيندڙن "اپڀرنش" نالو ڪتب ئي شؤرسيني پراڪرت جي باري ۾ آندو آهي؛ تنهن صورت ۾ گجراتي، سنڌي، پنجابي ۽ هندي اهي چارئي قديم شؤرسيني پراڪرت جون عيوضياڻيون

ڪري سمجهڻ گهرجن. هيءَ بہ تاريخي حقيقت آهي تہ پنجاب، گجرات، راجپوتانا ۽ سنڌ جي حڪومت اڳ ۾ کان گڏيل هئي ۽ انهيءَ ڪري انهن سڀني هنڌ شؤرسيني پراڪرت چالو ٿي هئي. اهي ڳالهيون ڪئي، سنڌي ٻوليءَ جي هن وقت جڏهن ڪڍهن پيڙهي جڳڪبي، تہ ڇٻو تہ وراچڊ اپڀرنش ان جي سڳي ماءُ ٿئي؛ پنجاب واري شؤرسيني پراڪرت (يا ان جو ڪو نمونو جو سنڌ ۾ چالو هو) ان جي ناني ٿئي، ۽ سنسڪرت ٻولي، جا رگ ويد واري زماني کان وٺي سڄي هندستان ۾ ڳالهائي ايندي هئي، سا ان جي پڙ ناني ٿئي.— ۽ سنسڪرت خود انڊو-يورپين ٻولين جي هڪ شاخ آهي، جنهنڪري سنڌيءَ جو جڳري ناتو ايران ۽ يورپ جي ڪيترين ٻولين سان آهي (ڏسو صفحو ٨-٩)

وراچڊ اپڀرنش جون مکيہ خاصيتون

٧٢- وراچڊ اپڀرنش ڦري هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي آهي، سا پڪ اسان کي هن طرح ٿي آهي، جو مارڪنڊيہ نالي هڪ پراڪرت وياڪرڻ جوڙيندڙ پنهنجي ناميل وياڪرڻ (ص١٨–١) ۾ چٽيءَ ريت چاڻايو آهي، تہ سنڌ ۾ جيڪا اپڀرنش چالو هئي، سا 'وراچڊ اپڀرنش' يعني گهڻو بگڙيل يا ردي ٻولي سڏبي هئي. مارڪنڊيہ ان جي ڪن مکيہ خاصيتن جو بہ ٿورو ذڪر ڪيو آهي: پنهنجي وياڪرڻ (ص ١٨–٥) ۾ چوي ٿو تہ 'سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظن جي اڳياڙيءَ وارو 'ت' ۽ 'د' جو اچار، وراچڊ ۾ ڦيرائي 'ٽ' ۽ 'ڏ' ڪندا هئا— هيءَ هڪ

چگو ڏس ڏنو اٿس. اڄ به ڏسون ٿا، ته هنديءَ ۾ ڇون 'تانبا' ته اسين چئون 'ٽامون'، سنسڪرت 'دان' بدران چئون 'ڏان'- هتي 'د' کي ڦيرائي 'ڏ' ۽ 'ن' کي ڦرائي 'ڻ' ڪيو اٿئون. سنسڪرت 'ديرگهه' بدران چئون 'ڊگهو': سنسڪرت لفظ "ستان" جو اچار سنڌيءَ ۾ 'آستان' ۽ 'ٿان' آهي؛ پر 'ٿاڻ' به چئون:
'جت پڇهن گهوڙا گهڻا، انهيءَ کي چون ٿاڻ' (ديوان گل).

٧٣- مارڪنڊيه پنهنجي وياڪرڻ (ص ٣-١٨) ۾ ٻي مکيه ڳالهه هيءَ ڄاڻائي آهي، ته وراچڊ اپڀرنش ۾ 'س' جو اچار ڦيرائي 'ش' ڪندا هئا. اها عادت به اسان ۾ برابر آهي- مثلاً، سنسڪرت لفظ سنهه، سيوا ۽ سيوڪ بدران چئون شينهن، شيوا ۽ شيوڪ. فارسي لفظ 'سيخ' بدران ڪيترا چون 'شيخ'. اها عادت اڳڙهيلن ۾ هيڪاري گهڻي آهي، جي 'خاصو' بدران چون 'ڪاشو' ۽ 'سائين' بدران چون 'شائين'.

٧٤- وراچڊ بابت مارڪنڊيه پيو به ڪجهه چيو آهي، پر هن وقت وراچڊ کان سنڌي ٻولي گهڻو ڦريل آهي، تنهنڪري اهي ڳالههون پوريءَ ريت سمجهڻ ۾ نٿيون اچن. پاڻنجي ٿو ته ب، ج، ڏ ۽ ڳ، اکر، جي سنڌيءَ ۾ آهن ۽ هنديءَ وغيره ۾ ڪينهن تن جو ذڪر ڪيو اٿس.

سنڌيءَ ٻوليءَ جي جنم جي تاريخ

٧٥- سڀني ڏيهي آريه ٻولين ۾ جهوني ۾ جهونو ڪتاب 'پرٿيراج رسو' نالي برج ڀاشا (هندي) ۾ لکيل آهي،

جو نامور چارڻ چندبرداٺي جو جوڙيل آهي. هو لاهور جو ويٺل هو ۽ دهليءَ جي پوئين راجا پرٿيراج چوهاڻ جي دربار جو ڀٽ هو. پنهنجي هن ڪتاب ۾ راجا پرٿيراج چوهاڻ جي اصل نسل، جنم ۽ ڪارنامن جو نهايت عمديءَ ريت شعر ۾ ذڪر ڪيو اٿس. اهو چارڻ اٽڪل ١٢٠٠ع ڌاري ٿي گذريو آهي. مراهٽي ٻوليءَ ۾ جهوني ۾ جهونو ڪتاب ١٢٩٠ع جو لکيل آهي. پر 'پاڻن' جي شعر ۾ مراهٽيءَ ۾ ڪي اڪريل ستون سنه ١٢٠٨ع جون لڌيون آهن. جنهن صورت ۾ اها پڪ آهي ته اپڀرنش پراڪرت ٻوليون عيسوي ڏهين صديءَ تائين عام طرح ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي لکپڙهه ۾ ڪم ايندڙيون هيون* ۽ هندي ۽ مراهٽي سنه ١٢٠٠ع عيسوي ڌاري ڌار ٻوليون ٿي ڪم ايندڙيون هيون، تنهن صورت ۾ وولنر صاحب ۽ ٻين عالمن اهو بلڪل واجبي انومان ڪيو آهي، ته سنڌي، هندي ۽ ٻيون ڏيهي آريه ٻوليون سنه ١١٠٠ع ڌاري، سومرن جي صاحبيءَ ۾، پراڪرت مان ڦٽي ڌار ٿيون هونديون.

سنڌيءَ جي سنسڪرت ۽ پراڪرت سان ڀيٽ

٧٦- سنڌي ۽ ٻيون ڏيهي آريه ٻوليون، جي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتيون آهن، سي بگڙيل پراڪرت ٻوليون آهن؛

*Roughly Speaking it (Apabhransha) extends (in round figurs) from 600 A. D. to 1000 A.D. *P.V. Jahagirdar: An Introduction to the Comparative Philoloqy of Indo-Aryan Languages*, p. 27.

پر انهن کي جيڪڏهن بگڙيل سنسڪرت سڏجي ته به روا آهي، ڇاڪاڻ ته بنياد وري به سنسڪرت اٿن. وراچڊ اپڀرنش ۾ هڪڙو به ڪتاب ڪونهي؛ باقي گجرات جي ناگر اپڀرنش ۾ ڪجهه ساهت آهي، جنهن جي وسيلي ڪجهه روشني پئجي سگهي ٿي. نموني لاءِ هتي اول هڪ ننڍڙو جملو سنسڪرت ۾ ڏجي ٿو ۽ اهو ساڳيو پراڪرت ۽ ناگر اپڀرنش ۽ سنڌيءَ ۾ به ڏجي ٿو، ته ڀيٽ ڪرڻ ۾ ڪجهه سولائي ٿئي.

سنسڪرت— هي راجن، ايشهه برهمڻ ڪٿم سکشي ڀوشيتي؟
پراڪرت— هي رائن، ائسو وميٽو ڪڏن سهرو ڀوسدي؟
اپڀرنش هي راءِ، يهه ٻمڻ ڪم سکڙيئو هوسئي؟
سنڌي— اي راءِ، اهو ٻانڀڻ ڪيئن سکي هوئيندو (ٿيندو).

هن هڪڙي ئي مثال مان ڏسڻ ۾ ايندو، ته سنڌي جملن جي بناوت سنسڪرت جملن جهڙي آهي ۽ منجهن لفظ به ساڳيا سنسڪرت وارا ڪم اچن ٿا، رڳو اچار ٿورو ڦريل اٿن.

سنڌي ۽ ٻين ڏيهي آريہ ٻولين جا لفظ

	سنسڪرت	سنڌي	هندي	گجراتي	مرهٽي	بينگالي
٧٧.	رشمي	رسي	رسي	رسي	رسي	رسي

اشارو— هن قسم جي وڏيڪ جملن لاءِ ڏسو گجراتيءَ ۾ ڇپيل 'گجراتي ڀاشا نون اتهاس' لکيل ورجه لال شاستري جو. پڻ ڏسو مسٽر لڪشميڌر وارو گجراتي ۾ ڇاپيل ڪتاب 'شبد ڀاشا چندريڪا'.

سڪنڌ	ڪنڌ	ڪانڌا	ڪانڌو	ڪاندا	ڪاندا
ڪاڻ	ڪاڻو	ڪاڻا	ڪاڻو	ڪاڻا	ڪاڻا
مستڪ	مٿو	ماٿا	ماٿو	ماٿا	ماٿا
هست	هٿ	هاٿ	هاٿ	هاٿ	هاٿ

هتي ڏسو ته لفظ ساڳيا آهن، رڳو اچار ڦريل اٿن. هيٺين ۾ آهي ته ڪيترا سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظ هڪڙي ڏيهي ٻوليءَ ۾ عام آهن، پر ٻيءَ ۾ عام نه آهن.

سنڌيءَ بابت عالمن جا رايا

٧٨. سنڌي ٻولي جنهن وقت کان وٽي ڌار ٻولي ٿي ڪم اچڻ لڳي آهي، تنهن وقت کان وٺي منجهس گهٽيئي ڌاريا لفظ اچي ويا آهن؛ پر ٻيءَ طرح گهڻو واڌارو ڪونه ڪيو اٿس. انهيءَ سبب ڪيتريون اهڙيون آڳاٽيون نشانيون اڄ تائين قائم ڪيو بيٺي آهي، جي ٻين ڏيهي آريه ٻولين ۾ ڪينهن؛ تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جو درجو انهن کان مٿي ليکجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت جي برٽن صاحب، ڪئپٽن جارج سٽئڪ ۽ ٻين عالمن گهڻي ساک ڪئي آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ ته جنسي ڏڪ پريا آهن. اجهي هيءَ آهن سندس لفظ:

The Sindhi is a pure Sanskritical language more free from foreing elements than any other of the North-Indian Vernaculars. The old Prakit grammarians may have had their good reasons to designate the Apabhrnsha dialect, from which

the modern Sindhi is immediately derived, as the lowest of all the Prakrit dialects; but if we compare now the Sindhi with its sister-tongues, we must assign to it, in a grammatical point of view, the first place among them. It is much more closely related to the old Prakirt than the Marhti, Hindi, Punjabi and Bengali of our days, and it has preserved an exuberance of grammatical froms, for which all its sisters may well envy it. For, while all the modern Vernaculars of India are already in a state of complet decomposition. The old venerable mother-tongue being hardly recognisable in her degenerate daughters the Sindhi has, on the contrary preserved most important fragments of it and erected for itself a grammatical struture, which surpasses in beauty of execution and internal harmony byfar the loose and levelling construtíon of its sisters. *Dr: E. Trumpp:*

ڊيمس صاحب هيئن چيو آهي:

Looking upon the change from a synthetical to an analytical state as progress ann development, not as corruption or decay, it may be interesting not as corruption between the several languages in this respect...The most advanced langauge is the Hindi, which is closely followed by the Punjabi and Gujrati......Sindhi ranks

next in the matter of development. It is a rough language. Loving thorny paths of its own, but there hangs about it, to my mind, somewhat of the charm of wild flowers in the hadge whose untamed luxubriance pleases more than the regular splendour of the parterre. Even as early as prakrit times the dialect of the Indus velley shook it self free from trammels, and earned for itself from the pendantic followers of rule and line, the contemptuous epithet of *Apabhramsa* or vitiated. There is a flavour of wheaten flour and a reek of cottege smoke about Punjabi and Sindhi, which is infinitely more natural and captivating than anythign which the hidebound Pandit-ridden languages of the eastern parts of India can show us. *John Beames Comparative Grammar of the Modern Aryan Languages of India i, 48 to 51.*

ڪئپٽن جارج سٽڪ پنهنجي ڏاهيل سنڌي گرامر جي منڍ ۾ چوي ٿو ته سندس وقت (١٨٤٧-٤٥) ۾ سنڌي ماڻهن جو، چاهه عربي ۽ فارسيءَ سان هو ۽ سنڌيءَ لاءِ چوندا هئا ته اها مسخرن جي ٻولي آهي. پاڻ پنهنجي سر سنڌيءَ جي گهڻي ساک ڪئي اٿس.

"Learned Musalmans read Arabic and Persian Hindus the latter, or Punjabi and Hindhi. The speech they learn at their mother's breasts,

was thought only fit for clowns. Yet I am confident the Sindhi will to the philologist prove a more interesting study than that of many of the other Indion dialecats. The habit of affixing signs to words in lieu of the Pronouns and the Prepositions governtng them, the regular form of the Passive Voice, the use of Impersonals, the reduplicated Causal Verbs, and other points which the learner will mark as he proceeds, give to it beauties distinct from most Indian tongues."

دارڊڪ ٻولين جو بنياد

٧٩- هندستان ۾ دارڊڪ ٻولين جو بنياد پشاچ لوڪن وڌو، جن ڪشمير، پنجاب ۽ سنڌ ۾ اچي ويهڪون وڌيون.(ڏسو ٣٤). پراڪرت گرامر جوڙيندڙ مارڪنڊيه، جنهن ڄاڻايو آهي ته سنڌ ۾ 'وراچڊ اپڀرنش' چالو هئي (جا ڦري هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي آهي)، تنهن هيئن به لکيو آهي، ته سنڌ ۾ ٻي ٻولي 'وراچڊ پشاچي' به چالو هئي، ۽ گهڻو زور هن حقيقت تي ڏنو اٿس، ته وراچڊ پشاچي جو مکيه نمونو 'ڪيڪيه پشاچي' هو. هيمچندر آچاريه پنهنجي ٺاهيل 'هيم ويا ڪرڻ' ۾ 'چوُلڪا پشاچي' جو به ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ ريت معلوم ٿئي ٿو، ته پشاچي جا جملي ٽي نمونا هئا. اهي ٽيئي ڦري هاڻوڪيون 'دارڊڪ ٻوليون' ٿيون آهن.

چُولڪا پئشاچي- سر گريئرسن جي چوڻ موجب اها ٻولي ڪشمير ۽ اُن جي الهندي طرف چالو هئي، جنهن مان ڪافرستان، چترال، ڪشمير ۽ دارستان (گلگت، شنا وغيره) جون ٻوليون پيدا ٿيون، جن سڀني کي گڏجي 'داردڪ ٻوليون' سڏيو اٿس. (ڏسو صفحو ۳۵).

ڪيڪيم پئشاچي- ڪيڪيم جو پرڳڻو، جنهن جو ذڪر اڳيئي (صفحي ۲۷ ۾) ڪيو ويو آهي، سو هاڻوڪي ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان کان وٺي ملتان جي حدن تائين هو. ملتان وارو پاسو 'سؤوير' سڏبو هو (ڏسو صفحو ۳۰). ڪيڪيم ۽ سؤوير ٻيئي پاڙ هئا (ڏسو صفحو ۲۹)، تنهنڪري سمنڊن انهن ٻنهي پرڳڻن جي ٻولي ساڳي هئي. انهن پرڳڻن ۾ پشاچن بيٺڪون وڌيون، تہ انهي جي پراڪرت 'ڪيڪيم پشاچي' سڏجڻ ۾ آئي، جنهن مان هاڻوڪي 'لهندا' ٻولي يعني پنجاب جي الهندي طرف جي ٻولي پيدا ٿي آهي، جا پنجاب جي اتر-الهندي ڏي ديري غازي خان، ديري اسماعيل خان ۽ ميانوالي تائين، ۽ پنجاب جي اتر-اڀرندي ڏي بهاولپور رياست جي حدن کان وٺي مانٽگومري(ساهيوال)، پنجاب واري گجرات ۽ ڪشمير طرف پيرپنجل واري گهاٽ تائين ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي. اها ملتان ڏي 'ملتاني' ۽ بهاولپور ڏي 'بهاولپوري' سڏجي ٿي. اهو سڄو ٻروچڪو ملڪ آهي؛ پر انڌهين ڪيترا پنجابي هندو بہ اها ٻولي ڳالهائيندا آهن، تنهنڪري پنهنجي ۽ پيا 'لهندا' کي 'هندڪي' يعني هندن جي ٻولي بہ سڏيندا آهن.

وراچڊ پئشاچي- پشاچ لوڪن مان جن سنڌ ۾ ويهڪون وڌيون، تن جي پراڪرت ٻولي وڌيڪ بگڙيل هئي، تنهنڪري اها 'وراچڊ پئشاچي' پراڪرت سڏجڻ ۾ آئي، جا قيري هاڻوڪي سرائڪي ٻولي ٿي آهي. هن مان ڏسجي ٿو ته سنڌي ۽ سرائڪي ٻئي اسان جي سنڌ ۾ ڪئي ۾ سنه ١١٠٠ع ڌاري گڏ ڇاڙيون هيون، جنهنڪري ڇنبو ته هڪسڙنيون آهن. اڄ به ٻنهي ٻولين جي وچ ۾ ڪو گهڻو تفاوت ڪونهي. انهن جو وڌيڪ ذڪر اڳتي هلي ڪبو.

ڀاڱو ٻيو

باب پهريون — ٻين ٻولين سان ناتو

ٻوليءَ جو بنياد ۽ خاندان

٨٠- سنڌي ٻوليءَ بابت هن کان اڳ جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان معلوم ٿيندو، ته اسان جي ٻرڳٺي جي ٻوليءَ جو بنياد سنسڪرت مان آهي. سنسڪرت مان اول پالي ۽ ڪي پراڪرت ٻوليون پيدا ٿيون، جي هندستان جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳالهائڻ ۾ ايندڙيون هيون. سمي ڀاڱي اهي سڀيئي 'اپڀرنش' ٿيون يعني بگڙيون. اهي بگڙيل پراڪرت ٻوليون ڦري، هاڻوڪيون هندي، گجراتي وغيره ٻوليون ٿيون آهن. سنڌ ۾ جيڪا شورسيني پراڪرت جي نموني ٻولي چالو هئي (ڏسو صفو ٦٩) سا وڌيڪ بگڙيل هئي، تنهنڪري اها 'وراچڊ اپڀرنش' ٿيا گهڻو بگڙيل پراڪرت سڏجڻ ۾ آئي (صفحو ٦٩) ۽ اها ڦري هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي، جا اٽڪل سنه ١١٠٠ع کان وٺي ڏار ٻولي ٿي ڪم اچڻ لڳي (صفحو ٧٢). سنڌي، هندي، گجراتي وغيره به اٽڪل روءِ ساڳيئي سال ۾ پيدا ٿيون. تنهنڪري اهي سڀ پاڻ ۾ جاڙيون ڀينرون ڄمبيون. انهن سڀني جي بنياد جي تاريخ اهڙيءَ طرح ڳنڍي ڳتي ٻيٺي آهي، جو منجهائڻ ڪهڙيءَ

ٻـ هڪڙيءَ جي ذڪر ڪرڻ لاءِ سيني جو ذڪر ڳڌي ڪرڻو پوي ٿـو (ڏسو صفحو ٦٣ کان ٧٠). اهي سڀ سنسڪرت مان پيدا ٿيون آهن، ۽ سنسڪرت جو ناتو ايراني ۽ ڪيترين يورپي ٻولين سان آهي (ڏسو صفحو ٨ ۽ ٩). اهي سيئي ڳالهيون ڳڻي ڇنبو، تـہ سنڌي ڪا ڇوري ڇڙني ٻولي ڪانهيءَ پر نهايت ٻڻائتي آهي. ان جو نسل انهيءَ عالي خاندان مان وڃي لڳي ٿو، جنهن جون لامون هندستان، ايران، وچ ايشيا ۽ يورپ جي ڪچ پاڳي ۾ ڪتل آهن ۽ اهـو 'انڊو-يورپين' خاندان سڏجي ٿـو (ڏسو ٨).

مڪيه دفعو– سرائڪي ۽ آپي جي ٻولي

٨١– سنڌي ۽ ٻيون ڏيهي آريہ ٻوليون، جي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتيون آهن، تن ڪي عالمن جدا جدا دفعن ۾ ورهايو آهي ۽ جنهن جنهن هنڌ اهي ڳالهائڻ ۾ اچن ٿيون، تنهن تنهن هنڌ جو نالو هرهڪ دفعي تي رکيو اٿن. مثلاً ڏاکڻي دفعي ۾ مراهٽي ۽ وچولي دفعي ۾ هندي، پنجابي، راجستاني ۽ گجراتي ٻوليون ليکيون اٿن. هندستان جي ٻنهي اتر-اولهہ طرف جيڪي ٻوليون مروج آهن، تن ڪي 'اتر-اولهہ دفعو' (The North-Western Group) سڏيو اٿن. انهيءَ دفعي ۾ (١) سنڌي (٢) لهندا، ٻوليون شمار ڪيون اٿن.

٨٢– 'لهندو' لفظ اصل ۾ آهي 'الهندو' ۽ خاص طرح معنيٰ اٿس 'پنجاب جو الهندو طرف'، ۽ اتي جي ٻولي

'لهندا' يعني پنجاب جي الهندي طرف جي ٻولي سڏجي ٿي (صفحو ۸۸). اها ملتان ڏي ملتاني، بهاولپور ڏي بهاوليوري، ۽ سنڌ ۾ سرائڪي سڏجي ٿي.

۸۳- 'سرائڪي ٻولي' معنيٰ سنڌ توڙي سنڌ وندي جي سري يعني مٿئين ڀاڱي جي ٻولي. سند جو سرو يا اتر وارو پاسو (جيڪب آباد طرف) ٻروچڪو ملڪ آهي، تنهنڪري اها 'ٻروچڪي' به سڏجي ٿي. سنڌ ۾ جَت اڪثر اها ٻولي ڳالهائيندا آهن، تنهنڪري اها 'جتڪي' به ڪوٺجي ٿي.

۸۴- سرائڪيءَ جو ٻيو نمونو آهي 'آڀي جي ٻولي'. پنجاب جو ڏاکڻون ڀاڱو، بهاولپور جي حد کان وٺي سنڌ جي اتر واري ڀاڱي (آٻاوڙي ۽ گهوٽڪيءَ طرف) تائين 'آڀو' سڏجي ٿو. 'آڀو' معنيٰ مٿيون پاسو (درياءَ جي وهڪ جو). ان جو ضد آهي 'لمو' معنيٰ ڏاکڻو يا هيٺاهين ڀاڱو. آڀي جي ٻولي آٻاوڙي، گهوٽڪي ۽ ميرپور ماٿيلي طرف چالو آهي، جتي اٽڪل ڏهه هزار ٻروچ ڪن ڪساڻن کان بهاولپور کان لڏي اچي رهيا آهن. (لنگئسٽڪ سروي، جلد ۸، ڀاڱو ۱: صفحو ۳٦۰). اها آڀي جي ٻولي سرائڪيءَ کان ڪجهه قدر ڦريل آهي. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڀاڳناري ۽ جيڪب آباد ۽ شڪارپور طرف جا ڀاڳي، ناريوال، چانڊيي، روهاهي ۽ ٻيا ڪيترا هندو، جي اصل قلات طرفان آيا آهن، سي اڄ تائين زالين مڙسين، ٻارين ٻچين 'سرائڪي ۽ سنڌي ٻنهي ٻوليون ڳالهائيندا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ جملي هڪ لک، ڪن ماڻهو سرائڪي

۽ آڳي جي ٻولي ڳالهائين ٿا. (لنگئسٽڪ سروي جلد ٨، ڀاڱو ١، صفحو ٥).

٨٥- سرالڪيءَ ۽ آڳي جي ٻوليءَ جو جڳري ناتو پنجاب جي 'لهندا' ٻوليءَ سان آهي (صفحو ٨٨). اهي سڀ دارڊڪ بنياد جون آهن ۽ پشاچ لوڪن جي پشاچي پراڪرت مان پيدا ٿيل آهن، تنهڪري اسان جي سنڌي ٻوليءَ سان جڳري ناتو ڪوڙ اٿن. پر 'لهندا' ۽ 'سنڌي' ٻئي هندستان جي ٻنهي، اتر-اولهه طرف چالو آهن ۽ رڳو انهيءَ سبب انهن جو هڪ ٻئي تي اثر پيو آهي.

سنڌي ٻولي ڪٿي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي

٨٦- سنڌي ٻولي قديم وڏيءَ سنڌ جي ٻولي آهي، جنهن جون حدون ڪشمير کان وٺي گجرات جي سورت شهر تائين هيون، جنهڪري پنجاب جو ڪجھ ڀاڱو: راجپوتانا، سڄو ڪڇ علائقو ۽ ڪاٺياواڙ جو اتر وارو ڀاڱو سنڌ ۾ اچي ٿي ويا. هوڏانهن افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪي پاسا، لسٻيلي ۽ مڪران سميت، سنڌ جي حڪومت هيٺ هئا. انهن سڀني هنڌ اسانجن سنڌي ماڻهن راڄ ٿي ڪيو، جنهڪري سنڌي ٻولي انهن پاسن ڏي چالو ٿي، بهاولپور ۽ ملتان جي حدن تائين هن وقت بهاولپوري ۽ ملتاني ٻوليون چالو آهن، ته به انهيءَ اتر طرف ڪيترا سنڌي ڳالهائين ٿا. هوڏانهن بلوچستان طرف لسٻيلي ۾، ته هيڏانهن ڪڇ ڀڄ ۽ ڪاٺياواڙ جي اتر واري ڀاڱي تائين، سنڌي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي. مطلب ته سنڌي

ٻولي ھالوڪيءَ سنڌ جي چئني حدن کان گھٽو پري بلوچستان، پنجاب ۽ گجرات جي حدن ۾ دخل ڪري بيٺي آھي. سنڌي ٻوليءَ جون اھي حدون اڄ تائين قديم وڏي سنڌ جي حدن جا اھڃاڻ ڏين ٿيون. مطلب ته ’سنڌي ٻولي‘ جنھن کي چئجي ٿو، سا قديم وڏيءَ سنڌ جي ٻولي آھي، ۽ نه ھالوڪي محدود ھر ڪٿي جي.

۸۷- سر گريئرسن چائيو آھي، ته سنڌ مان ڪي سنڌي ھجرت ڪري (لڏي پلائي) گنگا نديءَ جي اتر واري دوآبي ڏي وڃي رھيا آھن، ته اتي جي رھاڪن سان لڙھ وچڙ ۾ اچڻ ڪري سنڌين ٻولي بگڙجي ھڪ نئين قسم جي ٻولي ٿي پيئي آھي، پر بنياد سنڌي اٿس. وڏيڪ ھيئن چيو اٿس، ته لڏ پلاڻ سبب ٻوليءَ ۾ ڪيئن ڦير ڦار ٿئي ٿو ۽ ڪنھن فرقي يا قوم جي آپپاشا (Tribal dialect) ڪيئن ٺھي ٿي، تنھن جو ھيءَ عمدو مثال آھي*. مصنف کي پڇاڻن مان معلوم ٿيو آھي، ته اھي سنڌي اصل شڪارپور جي انصاري آکھ وارن جا ماڻھو آھن، جن ورھين کان سھارنپور ضلعي ۾ وڃي ويٺا آھن، ته به اڄ تائين شادي غميءَ ۾ نوڙي ڀين وقتن تي ھڪٻئي وٽ ايندا ويندا آھن. اھي جيڪا سنڌي ڳالھائين ٿا، سا لھندا (سرائڪي) ۽ پنجابي نموني جي آھي، ته به ڪي سنڌي لفظ ڪم آڻين ٿا.

*لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا، جلد ھڪون، ڀاڱو ھڪون، صفحو ۳۰.

مثلاً هندي يا پنجابي حرف 'ڪا' بدران 'جو' اضافت ڪتب آڻين ٿا.

سنڌيءَ جو سرائڪي ۽ دارڊڪ ٻولين سان ناتو

٨٨- صدين کان سنڌ، پنجاب ۽ ڪشمير جا رهاڪو هڪٻئي سان گهڻو لڙهه وچڙ ۾ آيا آهن، ۽ خود ڪشمير وارو پاسو، پنجاب سميت، ڪيترو وقت سنڌ جي حڪومت هيٺ هو، تنهنڪري سنڌيءَ جو انهن ٻولين سان جهجهو ناتو ٿيو آهي. اڄ به ڏسو ته سنڌي ٻولي سنڌ جي اتر ڏي آباوڙي طرف سرائڪي يا اُپي جي ٻوليءَ جو نمونو اختيار ڪندي، بهاولپور ڏي به اهوئي بيک ڌاربندي، ملتاني ٻوليءَ سان وڃي ڳنڍي آهي؛ ۽ ملتاني، لاهور ۽ امرتسر طرف، آڏلڪي طرح ڦرندي وڃي پنجابيءَ سان ڳنڍي آهي، جنهنڪري ائين چئي سگهجي ٿو، ته سرائڪي ٻولي ڄڻ ته وچون ڏاڪو يا وچ واري ڪڙي آهي، جا سنڌيءَ کي پنجابيءَ سان ڳنڍي ٿي، ۽ پنجابي ٻولي اتر ڏي ڪشميريءَ سان وڃي ڳنڍي آهي. انهيءَ ريت سنڌ کان وٺي ڪشمير تائين ٻولين جو پاڻ ۾ ڪڙو ڪڙي سان ڳنڍيو پيو آهي. ٻولين جي انهيءَ ناتي سان اهو به سمجهي سگهجي ٿو، ته آڳاٽا پشاچ لوڪ اهائي واٽ وٺي آيا هئا يعني ڪشمير کان پنجاب ۽ بهاولپور ۾ بيٺڪون وجهندا، ۽ پوءِ سنڌ ۾ پنهنجا ماڳ جوڙي اچي ويٺا هئا. هن وقت جيتوڻيڪ انهن سيني هنڌن جون ٻوليون پنهنجي پنهنجي نموني آهن، ته به آچارن

۽ نحوي بناوت (Grammatical fromation) ۾ هڪٻئي سان گهڻيون مشابهت رکن ٿيون. اهي ڳالهيون مناسب هنڌن تي کولي ٻڌائيون. انهن جي يڪي يادداشت ضميمي ٻئي ۾ ڏني ويئي آهي. هتي رڳو چئن مکيه ڳالهين جو ذڪر ڪجي ٿو.

۸۹- سنڌيءَ ۾ ٻ، ڄ، ڏ ۽ ڳ اهي چار نج سنڌي اکر ليکيا وڃن ٿا. انهن سان ڪوبه اکر جنهن لفظ ۾ ايندو آهي سو نج سنڌي ليکيو ويندو آهي. مثلاً ڄڄ، ٻڌڻ، ڏيڻ ڳڱ. اهي چارئي اکر نڪي منسڪرت ۾ نڪي ڪنهن پراڪرت ٻوليءَ ۾ آهن، ته پوءِ اسان َڪٿان آندا؟ پڌرو پيو آهي، ته سرائڪي ڳالهائيندڙن سان نهايت قديم زماني کان وٺي، ويندي ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين تائين، گهڻو لڙهه وچڙ ۾ اچڻ ڪري ڪانئن سکيا آهيون. سرائڪي ۾ چارئي اکر آهن. مثلاً:

دم دم سان ڏي دل تي سڄڻان ديان ڳالهيان،
ڏاڍيا فراق لڳڙا، برهه باهيان ٻاليان. (بيڪس)

هتي ڏسو ته 'ٻاليان' ۾ 'ٻ'، 'سڄڻان' ۾ 'ڄ' 'اسان ڏي' ۽ 'ڏاڍيا' لفظن ۾ 'ڏ' ۽ 'ڳاهيان' ۾ 'ڳ' آهي. ٻيا مثال:

هندي	سرائڪي	سنڌي
دينا	ڏيوڻ	ڏيڻ
دانت	ڏند	ڏند
ديکنا	ڏيکڻ	ڏسڻ

اهڙا ٻه ڪيترا مثال آهن جن ۾ 'ڙ' بدران سنڌي نوڙي سرائڪيءَ ۾ 'ڏ' جو اچار آهي. مثلاً هندي لفظن 'گاڙي' ۽ ڪوڙي بدران سرائڪيءَ نوڙي سنڌيءَ ۾ چون 'گاڏي' ۽ 'ڪوڏي'. سرائڪي ڳالهائيندڙ انهيءَ ريت 'ر' کي به متي 'ڏ' ڪندا آهن. مثلاً هندستاني 'ميرا' ۽ 'نيرا' بدران چون 'ميڏا' ۽ 'نيڏا'. هن مان ظاهر آهي، ته اها عادت سرائڪيءَ ۾ زور آهي. ديري اسماعيل خان پاسي به 'د' بدران 'ڏ' چوندا آهن. مثلاً دادا، دال ۽ دو بدران چون ڏاڏا ڏال ۽ ڏون معنيٰ ٻه. اهو ساڳيو نمونو ملتاني، سرائڪي ۽ سنڌيءَ ۾ به آهي.

'ڏينهن مڙيئي ڏون، آئي لوچ لطيف چوي.' (شاهه).

هاڻ ته هيڪاري ظاهر آهي، ته هن ڳالهه ۾ سنڌي ٻوليءَ تي داردڪ ٻولين جو اهو اثر ٿيو آهي. انهيءَ اثر جي وڌيڪ آپٽار 'سنڌي صرف جي اصولن' جي ذڪر ڪندي ڪبي.

١٠- هندي ۽ ٻين ڪيترين ڏيهي ٻولين ۾ هيءَ عام قاعدو آهي ته 'ت' اڪر جڏهن ٻن علت حرفن جي وچ ۾ ايندو آهي، تڏهن حذف يا گم ٿيندو آهي يعني لفظن مان نڪري ويندو آهي. مثلاً سنسڪرت لفظ 'ڪر' Kri معنيٰ ڪرڻ، 'ڪرت' معنيٰ ڪيو. سرائڪيءَ ۾ چون 'ڪيتا' پر هندستاني ۾ چون 'ڪيا'. ساڳيءَ طرح سرائڪيءَ ۽ پنجابيءَ ۾ چون 'سيتا'، پر هندستانيءَ ۾ 'سيا'- سنڌيءَ ۾ انهن 'ڇهڻ' مان 'ڇتو' (هندستاني ڇوئا)، پيهڻ مان 'پيتو' (هندستاني 'پيا')، چاڙهڻ مان

چانو (سنسڪرت 'ڇڄانڪ') ڇجاڻو مان 'سچانو' (سنسڪرت 'سمڄڃاڻڪ') ڇٽون ٿا. سرائڪي ۽ پنجابي ڳالهائيندڙن مان گهڻو لڙهه وچڙ ۾ آيا آهيون، ته هنن وانگر 'ت' جو اچار ڪيترين حالتن ۾ قائم رکون ٿا، جنهنڪري سنڌيءَ ۾ بيقاعدي اسم مفعول تمام گهڻا آهن. هندستانيءَ ۾ بيقاعدي جڙيل اسم مفعول ڏهه ٻه مشڪل ليندا، جن مان هيءَ عام آهن:- ڪرنا- ڪيا، مرنا- مئا، لينا- ليا، دينا- ديا ۽ جانا- گيا. لاڙ ۾ ڪن ظرفن جي وچ مان 'ت' اکر ڪڍيو ڇڏين. مثلاً 'اتان- اٿان، تتان- تٿان، جتان- جٿان باڪ 'ڪتان' بدران چون 'ڪٿان'. مثلاً:

'ڪٿان ڪين سپرين ڪاسائڪي ڪار' (شاهه)

۹۱- ضميري پڇاڙيون رڳو ڪشميريءَ، لهندا، سرائڪيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ آهن. مثلاً ڪشميري 'مورم'، سرائڪي 'ماريم' (ماري-م) ۽ سنڌي 'مارتم' معنيٰ مون ماريو. اهي پڇاڙيون انهن ٻولين کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ (هندي وغيره) ۾ ڪينهن؛ پر ايراني ٻولين ۾ آهن. انهيءَ سبب ڇٽبو، ته سڄي هندستان ۾ رڳو اسان جي سنڌي ٻولي هڪ ڳنڍيندڙ ڪڙو يا وچ وارو ڏاڪو آهي، جا هندستان جي ٻولين کي ايراني ٻولين سان ڳنڍي بيٺي آهي.

سنڌ جو بلوچي ۽ پشتو تي اثر

۹۲- ويدن واري زماني کان وٺي سنڌ ۽ گنڌار (قنڌار) جي ماڻهن جي پاڻ ۾ گهڻي لڙهه وچڙ هئي. انهيءَ کان ٻوءِ

۾ هندن جي صاحبيءَ ۾ افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪجهه ڀاڱا سنڌ جي حڪومت هيٺ هئا. انهن سببن ڪري سنڌيءَ جو بلوچي ۽ پشتو تي گهڻو اثر ٿيو، جو ضميمي ٿئين ۽ چوٿين ۾ ڄاڻايو ويو آهي. سنڌي ٻولي اڄ تائين لسٻيلي (بلوچستان) ۾ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي ۽ اها سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اپڀاشا يا ننڍو دفعو Dialect ليکجي ٿي.

سنڌ جو گجرات ۽ راجستان سان ناتو

٩٣- قديم زماني ۾ گجرات ۽ راجستان وارا سنڌ حڪومت هيٺ هئا. ڪڇ جو راءُ ڄاڙيجن جي نسل مان آهي. انهيءَ خاندان جو بنياد وجهندڙ ڄاڙو ولد لاکو ننگر ٺٽي جو ويٺل هو ۽ ذات جو سمو هو. اڄ تائين ٿر ڍوين جي ساڻهن جون ٿيون مانٽيون ڪڇ ۽ گجرات وارن مان اهن. انهن سببن ڪري سنڌي ٻولي ڪڇ ۾ چالو ٿي، جا اڄ تائين اتي جا ڪيترا ماڻهو ڳالهائين ٿا. 'ڪڇڪي' ٻولي سنڌيءَ جي هڪ اپڀاشا (Dialect) ليکجي ٿي.

٩٤- سنڌ ۾ راءُ ڏياچ (راءُ ڏياس) ۽ سورٺ جو قصو مشهور آهي. اهو راءُ ڏياچ، جو سنه ١٠١٠ع ۾ پنهنجو سونهارو سر ڏيئي، ڪاٺياواڙ جي تاريخ جا ورق پنهنجي رت سان رڱي ويو، سو سنڌ جي چوڙا سما راجپوتن مان هو. اهڙن لاڳاپن ڪري سنڌي ٻولي ابتدا کان چالو ٿي، جا اڄ تائين ڪاٺياواڙ جي اتر واري ڀاڱي ۾ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي ۽ 'ڪڇڪي' سنڌيءَ جي هڪ ننڍي شاخ ليکجي ٿي. انهيءَ

پاسي ڪڇ ڪي سنڌي آٿلڪي طرح ڦرندي ڦرندي گجراتي ٻوليءَ جي اُپڀاشائن سان وڃي گڏي آهي. انهيءَ مان سمجهجي ٿو، ته گجرات ۽ سنڌ جي ٻوليءَ جي وچ ۾ ڪا ٻي ٻولي به چالو هئي، جنهن انهن ٻنهي کي پاڻ ۾ ڳنڍيو ٿي.

٩٥- ٽر ڊ ويرن ڏي سنڌي ٻولي راجستاني (مارواڙي وغيره) سان وڃي گڏي آهي. خود مارواڙ ۾ ڪيترا سنڌي به ڪالهائين، ته مارواڙي ڊ ڳالهائين. انهن سنڌيءَ جا ڪيترا لفظ مارواڙيءَ ۾ ۽ مارواڙيءَ جا سنڌي ۾ اچي ويا آهن. انهيءَ هوندي به هن پاسي سنڌي ٻولي پنهنجو پاڻ جهلي بيٺي آهي ۽ ڦري مارواڙي ڪين ٿي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو اسٿان Position

٩٦- مٿي جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان معلوم ٿيندو ته سنڌي ٻولي اتر ڏي اٿلڪي طرح ڦرندي ڦرندي وڃي ملتانيءَ سان گڏي آهي. ساڳيءَ طرح ڪڇ ڪاٺياواڙ ڏي گجرانيءَ سان ملي ويئي آهي، پر مارواڙ ۽ لسبيلي طرف پنهنجو پاڻ جهلي بيٺي آهي.

آڳياشائن جا نالا

۹۷- سنڌ جي الهندي ڏي ڪوهستان يعني جابلو ملڪ آهي، جو سنڌ کي بلوچستان کان ڌار ڪري بيٺو آهي، ۽ اڀرندي ڏي ريگستان يعني وارياسو ملڪ، يا ٿر آهي، انهن ٻن علحدين طبعي صورتن وارين حدن جي وچ وارو پاسو ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جي سرو، وچولو ۽ لاڙ سڏجن ٿا. انهن هنڌن جون ٻوليون انهن نالن پٺيان سريلي، وچولي ۽ لاڙي ڪوٺجن ٿيون. ٿر جي ٻوليءَ کي 'ٿريلي' سڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌيءَ جون چار آڳياشائون آهن، ٻر لسبيلي واري 'لاسي' ۽ ڪڇ واري 'ڪڇڪي' به سنڌي ٻوليءَ ۾ شمار ڪرڻ گهرجن، جنهنڪري ڇٽبو ته سنڌيءَ جون جملي ڇهه آڳياشائون آهن.

ڀاشا ۽ آڳياشا بابت سمجهاڻي

۹۸- 'ڀاشا' معنيٰ ٻولي Language ۽ 'آڳياشا' معنيٰ ٻوليءَ جو ننڍو دفعو (Dilaect). اهو تفاوت اهڙو آهي جهڙو جبل ۽ ٽڪريءَ جي وچ ۾ تفاوت.

چوڻي آهي تہ 'ٻارهين ٻارهين ڪوهين تي ٻولي ڦري'*. اهو ڀاڪو دنيا جي سڀني ٻولين سان هڪجهڙو لاڳو آهي. مثلاً رڳو سکر ضلعي ۾ ئي ڏسجي ٿو، تہ شڪارپور جي ٻولي هڪڙي، سکر ۽ روهڙيءَ جي ٻي ۽ آٻاوڙي طرف جي وچاڻين ٽين. انهيءَ ڪري هيءَ بہ چوڻي آهي تہ 'سنڌ ۾ چپي چپي تي ٻولي ڦري'. اڻين ٿوري ٿوري پنڌ تي وڏو فرق اول اچارن ۾ آهي ۽ ٻيو آهي لفظن جو. چوڻي آهي تہ

'جهڙو چراغ تهڙو جرڪ، ٻوليءَ ٻوليءَ فرق'.

هن ڀاڪي واري مثال ڏيئي سمجهايو آهي تہ 'چراغ' ۽ 'جرڪ' ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ آهن؛ پر هڪ هنڌ هڪڙو ۽ ٻئي هنڌ ٻيو لفظ ڪم اچي ٿو، جنهنڪري ٻوليءَ ۾ فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ٽڪسالي ٻولي Standard dialecat

٩٩- سڀني ملڪن ۾ جڏهن آبياشائون ڪم اچن ٿيون، تہ مان ڪنهن هڪڙيءَ کي گهڻو شرف ملي ٿو ۽ اهائي

---

* بـار ڪاوين بـولي بدلي، ترؤور بدلي شاکا،
بڌاپا مين ڪيس بدلي، لڪشڻ نہ بدلي لاکا.

يعني ٻارهين ڪوهين تي ٻولي اڻين بدلجي ٿي، جيئن وڻ جون ٽاريون. ٻڍاپڻ ۾ وار ڦريو وڃن، پر لاکن جو لڇڻ نٿو مٽجي. (گجراتي ڀاڪو). گجرات ۾ لاکا ذات جا واڻيا پنهنجي نيات جي وهانءَ وڏاڻ جي مجلس ۾ اڻ ڪوٺيا بہ وڃن. اها عادت اهڙي اڻن جا مٽجڻ جي نہ آهي.

ڪتابن ۾ ڪم اچي ٿي. ڪڇ ۽ لسٻيلو هاڻوڪيءَ سنڌ
کان ٻاهر آهن، تنهنڪري ڪڇڪي ۽ لاسيءَ جي ڳالهه
ڇڏي، باقي اتر سنڌ جي اپڀاشائن تي ويچار ڪبو، ته
معلوم ٿيندو، ته هرڪا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ٺيٺ
(آچي) سنڌي آهي ۽ ڪري ٻولي Standard dialect
تي ڪم اچڻ جي لائق آهي، مثلاً سري ۾ شڪارپور
طرف جي ٻولي مٺي ۽ رسيلي آهي. ساميءَ جي سلوڪن
جي سنڌي، سچل، بيدل ۽ بيڪس جي رسالن جي
سنڌي درسي ڪتابن ۾ ڪم آڻبي، ته بيشڪ سونهندي.

لاڙ جي هندن جي ٻولي جيڪي سو ڪچي آهي،
باقي لاڙ جي مسلمانن جي ٻولي گهٽ ڪانهي. شاهه
جو رسالو گهڻو ڪري سمورو لاڙي ٻوليءَ ۾ لکيل
آهي ۽ اها ٻولي درسي ڪتابن ۾ ڪم اچڻ جي بيشڪ
لائق آهي. ساڳيءَ طرح ساهتي پرڳڻي (نوابشاهه ضلعي)
ٺوڙي ميوهه طرف جي ٻولي ٺيٺ آهي، پر هن وقت
درسي ڪتابن ۾ رکبو وڃولي، خاص ڪري حيدرآباد ۽
ن جي ٻسگردائيءَ جي ٻولي ڪم اچي ٿي ۽ اهائي
ميني ڪان وڌيڪ ٺيٺ ۽ ڪري ٻولي ليکجي ٿي. هن
جو سبب هيءُ آهي، ته سنه ١٨٥٣ع ۾ جڏهن سنڌ جي
عليم ڪاتي وارن پهريون ڪهمرو اسڪولن جي ڪم اچڻ
لاءِ درسي ڪتاب جوڙايا، تڏهن هنن اهو ڪم حيدرآباد
جي ڪن معزز هندن ۽ مسلمانن تي رکيو ۽ سياويڪ
طرح ڪتابن لکڻ ۾ هنن اها ٻولي ڪم آندي، جا

ڀاڱن ڳالهائيندا هئا. انئين حيدرآباد ۽ ان جي ڀسگردائيءَ وارن هندن جي ٻوليءَ کي شرف مليو ۽ هن وقت اهائي ڪتابي ٻولي ٿي ڪم اچي؛ پر انهيءَ تي ڪو ڏار نالو رکيل ڪونهي، تنهنڪري وچولي جي دفعي ۾ ليکجي ٿي. وچولي ۾ ساهتي پرڳڻو (نوشهرو، ڪنڊيارو وغيره) اچي وڃي ٿو؛ پر انهيءَ پاسي 'ڇيو انس' بدران ڇون 'ڇيو اٿائين'. اهو نمونو درسي ڪتابن ۾ ڪونهي، تنهنڪري ٿي چئجي ٿو ته رڳو حيدرآباد ۽ ان جي پسگردائيءَ جي ٻولي ڪري ٻولي Standard dialect ٿي ۽ اهائي ڪتابي سنڌي سڏجي ٿي.

آڀياشائن جي ڀيٽ

١٠٠- سنڌيءَ جي هرهڪ آڀياشا يا ننڍي دفعي جو ڏار ذڪر ڪيو. هتي رڳو نموني لاءِ آڀياشائن جي ٿورن لفظن ۽ جملن جا مثال ڏجن ٿا، ته ڀيٽ ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي.

لفظن جي ڀيٽ

وچولي	لاڙي	لاسي	ڪڇڪي
باهم	ٻا، ڇيرو	ڇيرو	جيرو، لڳالو
ٻلي	پسني	ڦوسٽي	ميني
ڀير	ڀير، ڀڳ	ڀيرو	ڀڳ
ٻري	پري، ڏوُر	ڏوُر	ڇيتو
جوءِ	جوءِ، وني، وهوُ	زال	وهوُ، ٻاينڙي
ڇا	ڪڇا، ڪڇاڙو	ڇو	ڪرُو
ساٿهو	ماڙو	ماڙهو	مارو، مادو

ھُوَ	اوُ	ھوُ	ھو، سو
ھن جو	آن جو	وَ جو، ھن جو،	تي جو (تنھنجو)
ھن کان چڱو	آن کنا چڱو	وِ کِران کاسو	آن تي کاسو

جملن جي ڀيٽ

وچولي- تنھنجو نالو ڇا آھي؟
لاڙي- توجو نالو ڪڇا آئي؟
ڪڇڪي- آنْ جو نانءُ ڪرو آئي؟
وچولي- مون ھن جي پٽ کي گھڻا چھبڪ ھنيان آھن.
لاڙي- مون ان جي پٽ کي گھڻا چاپڪ ھيا آئن.
لاسي- مون وُجي پٽ کي گھالو چابڪان سين ڪٽيو آھي.
ڪڇڪي- مون ان جي ڇوڪري کي (ڪي)
جھجئين جھپاٽين سين ماريو آئي.
وچولي- تو ھوُ گھوڙو ڪنھن کان ڪِڌو؟
ڳوٺ جي ھڪڙي ھٽائيءَ کان.
لاڙي- اوُ گورو ڪين ڪنان ورتيءِ (ورتش)؟
ڳوٺ جي ھيڪڙي ھٽائيءَ ڪنان.
لاسي- تو اوُ گھورو ڪين (ڪنھن) ڪِران ڪِريو؟
ھيڪڙي ڳوٺ جي ھٽ واري ڪِران.
ڪڇڪي- اوُ گھرو آنُ ڪين (ڪنھن) وٽان وڪانڊو
(وڪامندو) ڪِڌو؟
گام دي (يا گام جي) ھڪڙي ھٽ واري وٽان.
ھيءُ مثال 'لنگئسٽڪ سروي' جلد انين، ياڳي پھرئين مان
ورتل آھن. ھرھڪ آڀياشا جو وڏيڪ ذڪر جدا جدا بابن ۾ ڪبو.

سِريليءَ جون حدون

١٠١- ’سير‘ معنيٰ ’مٿو‘ ۽ ’سرو‘ معنيٰ مٿ يا مٿيون ڀاڱو. سنڌ جو اتر وارو ڀاڱو، سنڌ جو تروڙي سنڌونديءَ جي وهڪ جو، مٿيون ڀاڱو آهي. انهن ٻنهي سببن ڪري اهو ’سرو‘ سڏجي ٿو. ٻوليءَ جي مطلب لاءِ ٿلهي ليکي چئبو، ته خيرپور رياست کان وٺي ويندي اٻاوڙي تعلقي جي ڇيڙي تائين، ۽ سيوهڻ دادوءَ کان وٺي سڄو لاڙڪاڻو ضلعو توڙي شهداد ڪوٽ ۽ جيڪب‌آباد وارو ڀاڱو، ڪشمور تعلقي جي ڇيڙي تائين، ’سرو‘ آهي ۽ انجي ٻولي ’سيريلي‘ سڏجي ٿي.

سريلي جا چِٽا اُچار

١٠٢- سنڌ جي سڄي اتر واري ڀاڱي جي ٻوليءَ جا اُچار سنڌ جي ڏاکڻي ڀاڱي جي ٻوليءَ کان وڌيڪ چِٽا آهن* ۔ ٻنهي هنڌن جي ٻوليءَ ۾ هيءَ هڪ ٻيءَ ڳالهه گهڻو ڏيان

---

*"The northern or Siraiki (Sireli) dialect has remained far more original and has preserved the purity of pronuniciation with more tenaciousness than the southern one." *Dr. Tumpp Sindhi Grammar, Introduction, p. ii.*

ڇڪي ٿي، تہ اتر ڏي جن لفظن ۾ ’آ‘ يا ’آ‘ جو اچار ڪن ٿا، تن ۾ ڏکڻ ڏي ’اِ‘ يا ’اي‘ جو اچار ڪن ٿا. جهڙوڪ:

ڏکڻ	اتر
جن-ج هيٺان زير (اِ)	جنهن جو جمع جن-ج مٿان زبر (آ)
نن-ت " "	تنهن " " نن-ت " "
ڪن-ڪ " "	ڪنهن " " ڪن-ڪ " "
جتي-ج " "	جاتي
نتي-ت " "	تاتي
ڪتي-ڪ " "	ڪاتي
جيڏي	جاڏي
تيڏي	تاڏي
ڪيڏي	ڪاڏي

جنهن، تنهن ۽ ڪنهن لفظن جي منڍ ۾ جڏهن زبر (َ) يعني ’آ‘ جو اچار آهي، تڏهن جمع جن، تن ۽ ڪن ۾ بہ ساڳيو ئي اچار ’آ‘ جو هئڻ گهرجي، تنهنڪري ڇئبو، تہ اتر وارا صحيح آهن.

سنسڪرت پتر ۽ تتر (جاتي-تاتي، جتي-تتي) جي منڍ ۾ ’آ‘ آهي ۽ ان جي اچار ڪرڻ لاءِ وات کولڻو پوي ٿو. ’آ‘ جي اچار ڪرڻ لاءِ وات هيڪاري وڌيڪ کولڻو پوي ٿو، تہ آواز وڌيڪ چٽو ٿئي، پر ڏاکڻي طرف وارا وات پوريءَ طرح نٿا کولين، جنهنڪري ’آ‘ ۽ ’آ‘ بدران ’اِ‘ ۽ ’اي‘ چون ٿا، جن جي اچارن لاءِ وات گهڻو کولڻو نٿو پوي.

شاه جي رسالي ۾ لاڙي اچار آهن، تہ بہ هن حالت ۾ ڪليل اچار اتر وارا آهن. جهڙوڪ:

”تو جني جي تات، تن ٻن آهي تنهنجي.“ (شاه.)

هتي 'جني' ۽ 'تن' لفظن جي منڍ ۾ زبر (َ) يعني 'آ' جو اچار آهي. لاڙ ۾ جيڪي بلڙي شريف ۽ ٽکڙ شريف وارا سيد ۽ ٻيا مسلمان آهن، سي گهڻو ڪري سڀ اصل وچولي يعني هالا تعلقي ۽ ٻين هنڌن کان آيل آهن، تنهنڪري وچولي ۽ سري جي ماڻهن وانگر هن طرح اچار ڪن ٿا؛ باقي لاڙ جي هندن ۾ اهڙا 'اِ' ۽ 'اي' جي عادت گهٽي آهي. ڀانئجي ٿو ته لاڙ جي ماڪيل يا گهميل هوا سبب لاڙ جي هندن ۾ اهو دم نه آهي، جو اُتر جي خشڪ آبهوا وارن ۾ آهي.

۱۰۳- اچارن جي باري ۾ ٻيو مکيہ تفاوت ٽ، ڊ ۽ ڍ اکرن جي اچارن ۾ آهي. انهن اکرن ۾ 'ر' جو ٿورڙو اچار سمايل آهي؛ پر لاڙ جا ماڻهو اهو ڪونه ڪن، جيئن: پٽ (پٽر) بدران پٽ، چنڊ (چنڊر) بدران چنڊ ۽ ڏ ڍ (ڏڍر) بدران 'ڏڍ' چون. وچولي وارا انهن اکرن جا اچار بلڪل صحيح طرح ڪندا آهن. سري وارا ته انهن اکرن ۾ 'ر' جو اچار هيڪاري وڌيڪ چٽو ڪندا آهن. ڪي ته اهو اچار لکندا به آهن. جيئن: ٽيڪمداس بدران لکن 'ٽريڪمداس'. اهڙيءَ طرح باريڪ نموني جاچبو ته معلوم ٿيندو، ته سري جي ماڻهن جا اچار ٻنهي چٽا ۽ صحيح آهن*.

*"Siraiki (Sireli) Sindhi differs from the Standard Sindhi, having a more clearly articulated pronunciation and slightly different vocabulary". *Linguistic Survey of India* vol· viii, *part 1, p. 140.*

شڪارپور جي مٺي ٻولي

١٠٤- ٻولي ته شڪارپور جي! جهڙي آهي سهڪ ۽ سوادي، تهڙي آهي مٺي ۽ رسيلي. واه جو منجهس ميناج آهي! انهيءَ ٻوليءَ سان سنڌ جي ٻئي ڪهڙي به هنڌ جي ٻولي ميناج ۾ مٽ ٻڌجي ڪين سگهندي. ٻين هنڌن جي ٻوليءَ کان شڪارپور جي ٻولي جنهن سبب ڪري رس جس ۾ سرس آهي، سو سبب مثال ڏيئي سمجهائجي ٿو: شڪارپوري چون 'پاڙا، هتڙي ويهه' - هتي 'ويهه' جي پڇاڙيءَ ۾ پيش (ُ) يعني 'اُ' جو اچار آهي- شڪارپوري انهيءَ تي زور ڏيئي ان جو اچار اهڙيءَ طرح ڊگهو ڪن ٿا، جو ڄڻڪ فقط اُچار آهي 'ويهه+اُ'. اُئين اچار ڪي برابر ڊگهو ڪن ٿا، تنهن لاءِ ٻيو هڪ مثال ڏجي ٿو: ٻين هنڌ چون 'اٿ نه، هل نه' پر شڪارپوري چون 'اٿ نيي، هل نيي'. هتي ته بنهه پڌرو آهي، ته 'نه' جي ننڍڙي اچار کي وڌائي 'نيي' ڪن ٿا، جنهنڪري اهو اچار بلڪل چٽو ٿيو پوي؛ پر ساڳئي وقت اهو سُر سان اچارين ٿا، تنهنڪري سندن ڳالهائڻ مٺو پيو لڳي.

١٠٥- حرفن جي پدن تي زور ڏيڻ جي ترتيب Accent system جو ذڪر ڏار ڪبو. هتي رکو ايترو چائجي ٿو، ته حرفن جي پدن تي زور ڏيڻ (accent) ۽ آواز کي کڻڻ يا ـ سان اُچارڻ Pitch or musical accent اهي ٻئي ڳالهيون سيڪنهن ٻوليءَ ۾ آهن؛ پر ڪن جو لاڙو

ٻدن تي زور ڏيڻ تي، نه ڪن جو لاڙو آواز ڪڍڻ ۾
سُر سان آچارڻ تي. شڪارپورين جو لاڙو آواز ڪڍڻ ۾
سُر سان اچارڻ تي آهي- اهو نمونو ويدن واري زماني
جو آهي*. سڄيءَ سنڌ مان شڪارپور وارن اهو قديم
۾ سٺو نمونو ڪنڌار (قنڌار) طرفان آندو آهي، جيئن مٿي
(صفحي ۲۸ ۾) اڳيئي چاڻايو ويو آهي. سڄي هندستان
جا هندو آڳاٽن آرين جو اولاد آهن. پاڻئجي تو، نه
شڪارپور وارا درهيؤ آرين سان آهن، جن مان هڪڙو
راجا ڳانڌار هو، جنهن جي پٽيان پشاور ۾ ان جي آسپاس
وارو ملڪ 'ڳنڌار' سڏجڻ ۾ آيو. جنهن جو اچار ٻوءَ
'قنڌار' ٿيو (صفحو ۲۷). هندن جي پراڻن ۾ چاڻايل آهي،
ته راجا ڳانڌار کان پنج پيڙهيون پوءِ جيڪو سندس
اولاد ٿيو، سو هندستان ٺي چڙي اتر طرف هليو ويو. اهي
اوڏهين وچي وڏيا ويجهيا ۾ ٻنهنجي ڌرم ۾ ٻوليءَ جو
ڦهلاءَ اوڏهين وچي ڪيائون(۱). مسٽر پارگيٽر، جنهن جي
ڪتاب ۾ درهيؤ آرين بابت هيءَ حقيقت لکيل آهي، تنهن
جي خيال موجب آڳاٽا آريا لوڪ هتان ايران ۾ وچ ايشيا

*"In the oldest from of Indo-Aryan as preserved in the Rigand other vedas and in the Brahmans, pitch or musical accent was the predominant one". *Dr. S. K. Chatterji: The Origin and Development of the Bengali: pp. 275-76.*

(1) *F. E Portiger: Ancient Indian Historical Tradition, p. 264.*

ڏي ويا، جتان پوءِ يورپ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ٽڙي پکڙي ويا. پيا عالم اها ڳالهه نٿا قبول ڪن؛ پر ايترو ته ضرور چئبو، ته اهي ئي آريا لوڪ افغانستان ۽ بلوچستان ۾ هئا، جي پوءِ ڦيرو ڪري سنڌ ڏي آيا. هن وقت جيڪي پٺاڻ آهن، سي به اصل آريا هئا ۽ انهن تي نالو ئي ’پڪٿ‘ آرين تان پيل آهي*. وقتي هيئن به هجي، ته سري جي رهاڪن مان ڪي هندو، سري رامچندر جي پاٽ، ڀرت جي نسل مان هجن. ڀرت جو پٽ تڪش هو، جنهن جي ڳاديءَ جو هنڌ گنڌار طرف سنڌس نالي پنيان ’تڪش سلا‘ سڏبو هو. اتي يونيورسٽي به هئي ۽ ماڻهن جا اچار نهايت صفا ۽ چٽا هئا (صفحو ٢٨). اڄ به سڄي سري جي ماڻهن جا اچار صفا ۽ چٽا آهن، ۽ وڏي ڳالهه ته سنڌن ڪيترين آکهين تي نالائي قلات جي شهرن جا رکيل آهن. جيڪب آباد کان الڪل پنجويهه ڪوهه، پري قلات ۾ ڀاڳ ۽ ناري خطا آهن ۽ انهن کان ٿورڻي پرڀرو چٽ ۽ روپاهه آهن. انهن هنڌن کان آيل ڀاڳيي، ناريوال، چاڻي ۽ روپاهي سڏجن ٿا. ڀاڳ ۽ ناريءَ کان آيل ڀاڱناري ڪوٺجن ٿا. اهي انڊ ايتري ته تعداد ۾ هئا، جو سنڌين سنڌيءَ ٻوليءَ جو بلوچي ۽ پشتو ٻولين ٿي گهٽو اثر ڪيو (ڏسو ضميمو ڪيون ۽ چوٿون).

---

* "the Sibis or Sivas have given their name to Sibistan, and the Pakthas to the Afghan Pakthun."

R. D, Banerji: A Junior History of India, p. 15,

اهو ٻاسو ٻروچن جو ٿيو، ته انتي اهي هندو ٻروچڪيءَ تي اهڙو هري ويا، جو اڄ به پاڪناري، روپاهي وغيره ڪهڙن ۾ به سنڌيءَ سان گڏ ٻروچڪي ايتريقدر ڳالهائين ٿا، جو هن وقت تائين سنڌين مادري زبانون ٻه آهن: هڪ سنڌي، ٻي ٻروچڪي (صفحو ٨٢). اهي پوءِ جدا جدا وقتن تي ڏوليون ٽوليون ٿي سنڌ ۾ آيا. ڪي احمد شاهه دورانيءَ جي وقت ۾ آيا، ۽ ڪي ته بنهه ويجهڙائيءَ ۾، يعني ١٨٥٠ع ڌاري آيا. پانڇجي تو ته شڪارپوري سنڌ ۾ تڏهن آيا. جڏهن سنسڪرت زماني وارن مٺن اچارن جو نمونو سنڌن ابن-ڏاڏن سان اچا صفا ميٺجي نه ويو هو. ڪي پوءِ آيا ۽ انهي ٻروچڪيءَ جي اثر ڪري اچارن مان ميٺاج گهٽ ٿين. پاڪناري ۽ ٻيا، اهو ميٺاج پريڊو نمونو قلات ۾ ٿي وڃائي پوءِ سنڌ ۾ آيا، جنهنڪري شڪارپور جي ٻوليءَ وارو ميٺاج سنڌن ٻوليءَ ۾ آهي ڪي ڪونه. هيئن به آهي ته خود شڪارپور جا وڪيل، ڪامورا وغيره شڪارپور ڇڏي ڪراچيءَ ۾ گهڻو وقت رهيا آهن ۽ حيدرآبادين سان ڳهٽي رلمل ڪئي اٿن، تن سُرائتن اچارن جو نمونو ايتريقدر بدلائي ڇڏيو آهي، جو سنڌن اچارن مان پريان ٿي سهي ڪرڻ ڏکيو آهي ته هو اصل شڪارپور جا وينل آهن. سنڌين ٻوليءَ ۾ وري ڪي پيون ڳالهيون آهن، جن مان ايترو سهي ڪري سگهبو آهي ته سري جا وينل آهن.

سري جي گرامر جون علحديون ڳالهيون

١٠٦- **عدد:** سنڌ ۾ ٻين هنڌ "ڪارڪ" جو جمع چون 'ڪارڪون' ۽ 'زال' جو 'زالون'؛ پر سري ۾، خاص ڪري شڪارپور طرف، چون "ڪارڪان"[١] ۽ 'زالان'. اهي ٻئي نمونا صحيح آهن؛ ٻر ٻنهي جي پيٽ ۾ سري وارو نمونو وڌيڪ اصلوڪو آهي. پراڪرت ۾ جمع جوڙڻ لاءِ 'آ'[٢] پڇاڙي آهي، تنهن ۾ نڪ جو اچار (ن) گڏجي 'آن'[٣] چون ٿا. سنڌ ۾ ٻين هنڌ 'اون' پڇاڙي گڏين ٿا، سو بگڙيل اچار آهي. شڪارپور وارو نمونو نهايت آڳاٽو آهي ۽ اهوئي ٻين ٻولين ۾ آهي. جيئن:

"موري اکيان ڦرڪن لاڳي."[٤] اک جو جمع اکيان- هندي. سهس سياڻپان لک هوءِ.[٥] سياڻپا جو جمع سياڻپان- پنجابي. برهه باهيان ٻاليان.[٦] باهه جو جمع باهيان- سرائڪي. پير جو جمع پيران ۽ ڏينهن جو ڏينهان- لاسي. زن جو جمع زنان، پسر جو جمع پسران- فارسي. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ٻين ٻولين ۾ 'اون' پڇاڙي آهي ئي ڪانه.

جنس: 'مان ڪي گهڻي رت نڪتي آهي'[٧]: 'هن ڪي لاد ڪانه ٿي'. سري ۾ رت ۽ اولاد جنس مونث ۽ ن هنڌ جنس مذڪر ليکين ٿا. هن جو سبب هيءُ آهي، سنڌيءَ مان جنس پيجاڻ ڪم ٿي وئي آهي، تنهنڪري ي ۽ ٻيا اهڙا ڪيترا لفظ آهن، جن جي جنس، ڪو ڪر ته ڪو مونث پيو ليکي.

ضميرو: 'مان ڌهن منهنجا سپرين شل آکيرون ايندا' (دلپت). سري ۾ مون، اسين ۽ توهين بدران مان، اسان ۽ توهان چون ٿا. مثلاً چون 'ماتو' (مان آنو)، معنيٰ مون ڇيو. 'اسان ڪراچي گهمي آياسين'. 'توهان پلي وڃو'.

(الف) سرحد سنڌ ڏي لاڙ جي ماڻهن وانگر 'هؤ' بدران 'آو' ڪونه چوندا آهن. ڪوهه (معنيٰ ڇا)، ڪٿا ڪچاڙو ۽ پنڌ (پاڻ) ضمير به رکو لاڙ ۾ ڪم اچن ٿا.

ضميري پڇاڙيون: سري ۾ چون 'آيم' ۽ 'چوندومانس'. ٻين هنڌ چون 'آيس' ۽ 'چوندوسانس'. ٻئي نمونا رواج ڪري صحيح آهن؛ پر گرامر جي قاعدن موجب ڇنبو، ته وڏيڪ صحيح سرحد سنڌ وارا آهن؛ جڏهن ڳالهه، ڪندڙ پنهنجي اچڻ جي ڳالهه، ڪري، تڏهن 'م' پڇاڙي ڪم آڻڻ صحيح آهي؛ ڇاڪاڻ ته اها ضمير متڪلم جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ، ڪٿي 'م' تہ ڪٿي 'س' پڇاڙي ڪم آئين ٿا، جا ضمير غائب جي معنيٰ ڏيکاري ٿي- مثلاً چون 'آيس' ۽ 'ويس'؛ پر 'لکيس' بدران چون 'لکيم'. 'پڙهيم' معنيٰ 'مون پڙهيو'، ۽ پڙهيس' معنيٰ 'مان پڙهيس'. درسي ڪتابن ۾ به ائين لکندا آهن.

فعلن جون پڇاڙيون: سنڌ ۾ ٻين هنڌ چون 'ايندا سون' يا 'ايندا سين' (سي)؛ پر سري ڏي چون 'ايندا سهون' يعني 'اين' جو ڏکهو اچار ڪن ٿا.

مضارع: 'مان ڇا ڪيان'؟ سري ۾ هن ريت 'ڪرهان' بدران ڪيان' چون ٿا يعني وچ واري 'ر' ڪڍي ڇڏين ٿا. هيءَ دارڊڪ ٻولين جو نمونو آهي.

زمان ماضي متعلق: ’هو ويو‘. ’و‘ مٿان زبر (َ) پر ٻين هنڌ زير (ِ) ڏين ٿا. حقيقتؤن سري وارا صحيح آهن: ’وڃڻ‘ لفظ جي منڍ ۾ ’و‘ جي مٿان زبر (َ) يعني ’اَ‘ جو اچار آهي، ته ’ويو‘ لفظ جي منڍ ۾ ب ساڳيو ’اَ‘ جو اچار هئڻ گهرجي! پر مٿي اڳيئي چيو ويو آهي، ته سنڌ جي ڏاکڻي ڀاڱي جي ماڻهن ۾ ’اِ‘ جي عادت گهڻي آهي (صفحو ٩٧).

(الف) سنڌيءَ ۾ ’ڏهڻ‘ مان ’ڏهيو‘ ۽ ’چوڻ‘ مان ’چيو‘ لفظ، ’يو‘ پڇاڙيءَ گڏڻ سان ٺهيا آهن. ساڳيءَ طرح سري ۾ ”هئڻ“ مان ’هيو‘ (’يو‘ پڇاڙي). ٻين هنڌ ’هئو‘ ۽ ’هو‘ چون ٿا، يعني ’ي‘ کي ڦيري ’ءَ‘ ڪيائون ۽ پوءِ اهو اچار صفا نڪري ويو؛ مگر سري وارن اهو اصلوڪو اچار اڄ تائين قائم رکيو آهي.

زمان حال استمراري: ’سيڪاريان پيو ٿو‘. هن ريت ’پيو‘ ۽ ’ٿو‘ ٻئي گڏي زمان حال استمراري Present Continuous Tense جوڙڻ جو رواج سڄيءَ سنڌ ۾ سري کان سواءِ ٻيو ڪنهن به هنڌ ڪونهي.

اسم مفعول: ’هن راڳ ڳاتو‘ـ ٻين هنڌ ’ڳاتو‘ بدران چون ’ڳايو‘.

’التم سا نہ هنئان، جا نہ سلتم ساهہ کي‘. (شاهہ)

الڻ مان التو ۽ سلڻ مان سلتو؛ پر ٻين هنڌ عام طرح چون ’اليو‘ ۽ ’سليو‘. هن طرح وچواري ’ت‘ اکر کي قائم رکڻ جي عادت سري ۾ زور آهي (ڏسو صفحو ٨٧).

ڪن ٿورڙن حالتن ۾ 'ت' کي نرم ڪري 'د' ڪيو اٿن۔ مثلاً، وڃڻ مان وڃتو، پر 'ورتو' بہ چون۔ وري 'ورتو' مان 'ر' ڪڍي چون 'وتو'، ۽ پوءِ ان جو اچار ڦيري 'ودو' بہ چون، جنهن جو مونث 'ودي'۔

'ساڃ سنگت جي اوت، ودي جنهن ويساهہ سان'۔ (سامي)

ماضي معطوفي:

"دريءَ منجهاران دوست ڏٺو ـ ئين،
لاڙ ليڙڙو پاڻون هليو ويو." (سچل).

ٻين هنڌ چون "پائي هليو ويو"، يا 'پاڻو هليو ويو'؛ پر سري ۾ 'پاڻون' چون ٿا. ساڳيءَ طرح چون: نہ 'هو تنگان ليڙيون پيو آهي'۔ اهڙيءَ طرح 'ٻو' ٻدران 'ٻؤن' پچاڙي ڪم آڻين ٿا.

"هٿي هٿ چڏي ڪري، آوديا پرم نوار". (سامي)

هتي 'چڏي' ماضي معطوفي جي پڇاڻان 'ڪري' لفظ بہ ڪم آيو آهي. اهو 'ڪري' ڪڏڻ جو رواج اڪثر سرحد سنڌ جو آهي.

ظرف: پاڻڙا، هتڙي وغيرہ اسم تصغير واري 'ڙو' پچاڙي ڪم آڻڻ جو رواج سڄيءَ سنڌ ۾ آهي؛ ٻر هن طرح ظرف مڪان ۾ بہ اها پچاڙي گڏي، هت ـ هتڙي، جت ـ جتڙي، تت ـ تتڙي ۽ ڪٿ ـ ڪٿڙي چوڻ جو رواج رکيو سرحد سنڌ ۾، خاص ڪري شڪارپور طرف آهي.

سريليءَ تي سرائڪيءَ جو اثر

١٧ ـ سنڌ جو سرو، خاص ڪري جيڪب آباد وارو پاسو، ٻروچڪو ملڪ آهي ۽ اتي ٻروچڪي يا سرائڪي ٻولي چالو

آهي. جيڪب آباد ۽ شڪارپور جا ڪيترا هندو به گهرن ۾ ٻروچڪي ڳالهائين ٿا، جنهنڪري ٻروچن وانگر 'وهنجڻ' بدران 'ڏاوڻ' (ڏانوڻ)، ۽ 'ڳالهه' بدران 'ڳل' چون ٿا. جيئن 'منهنجي ڳل ٻڌ'، يعني منهنجي ڳالهه ٻڌ. سريلي جي گرامر ۾ جيڪي علحديون ڳالهيون آهن، تن لاءِ به هڪڙو سبب اهوئي آهي ته انهي جي ٻوليءَ تي ٻروچڪيءَ جو اثر ٿيو آهي- مثلاً سرائڪيءَ ۾ 'ٻار' جو جمع 'ٻاران' ۽ 'سڄڻ' جو 'سڄڻان'. شڪارپوري به انهيءَ نموني 'ڪارڪ' جو جمع 'ڪارڪان' چون ٿا.

(الف) سري ۾ 'اسين' بدران 'اسان' ۽ 'توهين' بدران 'توهان' چون ٿا، سو به سرائڪي نمونو آهي- مثلاً

'اسان نه ڪنهن دي جائي هون،
جائي ڪنهن نه نپائي هون.' (سچل)

(ب) سري جا رهاڪو 'آيس' بدران چون 'آيم'، سو به سرائڪي نمونو آهي- سرائڪيءَ ۾ 'م' ضمير متڪلم ۽ 'س' ضمير غائب جي معنيٰ ڏيکاري ٿي.

'وسر نه ويسم'، معنيٰ وسري نه ويندم. 'ويندم' معنيٰ مون کي ويندو. 'بخار هيس' معنيٰ تپ اٿس. 'اٿس' معنيٰ هن کي آهي.

(ب) مٿي چيو ويو آهي ته 'تو' ۽ 'پيو' ٻئي گڏجي زمان ماضي استمراري جوڙڻ جو رواج سڄيءَ سنڌ ۾ سري کان سواءِ ٻيو ڪنهن به هنڌ ڪونهي؛ اهو دستور ٻ، سرائڪيءَ

مان ورتو ائن. ’مان کاوان ٿو پيو‘. هي جملوئي سرائڪي نموني آهي، جنهن ۾ چون ٿا ”مين کاوندا پيا هان“

(پ) ’هن راڪب ڪِاتو‘، يعني ’کاڌو‘ بدران ’ڪِاتو‘ چون ٿا. هن طرح وچ واري ’ت‘ اکر قائم رکڻ جو دستور سرائڪيءَ ۾ آهي (ڏسو صفحو ٨٧).

(ت) سرائڪيءَ ۾ اسم تصغير واري ’ڙو‘ پڇاڙي ڪم آڻڻ جو رواج بلڪل گهٽو آهي- جهڙوڪ فريد نالي هڪ شاعر چيو آهي ته

”سڄڻ رنڙا ته سک منڙا، خوشي دا سانگ سڀ لنڙا، نه جيءَ چنڙا، نه ڏک ڪنڙا، ايهه ڪنڙي سونجهه ول ول ڏي.“

سري ۾، خاص ڪري شڪارپور ڏي، انهيءَ نموني ظرف مڪان ۾ به اهائي پڇاڙي گڏي هت- هتڙي ۽ تت- تتڙي چون ٿا. هيءُ به سرائڪي جو اثر چئبو.

آٻاوڙي طرف جي ٻولي

١٠٨- ٻنوعاقل، گهوٽڪي، ميرپورماٿيلو ۽ اٻاوڙو جيتوڻيڪ سکر ضلعي ۾ آهن، ته به انهن هنڌن جي ٻولي سکر ۽ روهڙيءَ کان ڪجهه قدر علحدي آهي ۽ شڪارپور جي ٻوليءَ وارو ميلاج منجهس ڪونهي؛ باقي اچار چٽا اٿس.

ٻوليءَ جي نموني لاءِ هڪ مثال ڏجي ٿو: ’هڪڙي جا سمهي ستي، ٻي جا ٻوي اَيڙ، ته نه چڙهندو به چڙهي‘- يعني هڪڙي ڳالهه ته متي (ڪڏ ني يا پيهي ني) سمهي ني، ۽ ٻي ڳالهه ته اَيڙ يعني ماڪ ٻوي ني، تنهنڪري

(تپ) جيڪڏهن نہ چڙهئو هوندس، تہ بہ چڙهندس. هيءَ ڪڇي ٻولي ڇٻي جو جملوئي اُبتو آهي. ’تپ‘ لفظ ڪم آيل ڪونهي؛ تنهنڪري جيڪڏهن جملي جو مطلب نہ ڏجي ها، تہ ڪهڙي ڪي جيڪر سمجهڻ ۾ ئي ڪين اچي ها. ٻي ڳالهہ تہ مٿين جملي ۾ ’چڙهندو‘ لفظ ڪم آيل آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ اُپي جي ٻوليءَ جو اُهاوڙي طرف جي سنڌيءَ تي اثر ٿيو آهي. اهو اثر اتي جي مسلمانن جي ٻوليءَ تي هيڪاري وڌيڪ ٿيو آهي؛ جي، ’هلنداسين‘ بدران چون ’چلنداسين‘ ۽ ’هوري هوري‘ بدران چون ’هولي هولي‘ يعني آهستي آهستي، اچار بہ بگڙيل اٿن- جهڙوڪ چون ٿا ’هو ماڻهو ڳڙ پٽندو بہ وڃي، تہ ڪَٽندو بہ وڃي‘، يعني ڳڙ پٽيندو بہ وڃي تہ ڪاٽيندو بہ وڃي. ’پٽيندو‘ بدران چون ’پٽندو‘. پ ۽ ٽ ٻنهي جي مٿان زبر؛ ۽ ’ڪاٽيندو‘ بدران چون ’ڪٽندو‘ (ڪ جي مٿان زبر ۽ همزي مٿان پيش). ڪيترا مسلمان ساڳي ئي جملي ۾ اڌ سنڌي تہ اڌ اُپي جي ٻولي ڪم آڻين ٿا- جهڙوڪ چون تہ ’آءٌ پيو توکي ڳوليان، تون اِتي ڪڙوئي‘؛ يعني مان پيو توکي ڳوليان، تون اِتي ويٺو آهين. جيئن ٻهاولپور طرف وڃبو تيئن اُپي جي ٻوليءَ جو اثر هيڪاري وڌيڪ معلوم ٿيندو.

سريليءَ جا علحدا لفظ

١٠٩- سرحد سنڌ ڏي ’ٻوتار‘ لفظ گهڻو ڪم اچي ٿو؛ جهڙوڪ چون ’سچل فقير ٻوتار‘. ٻروچ بہ ڪيترائي مهل

چون 'ڀؤتار، خوش آهين'، اهو اصل سنسڪرت لفظ ڀٽار آهي، جو اڳلي واسطي عزت ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم آڻبو آهي. شڪارپور جا هندو توڙي مسلمان 'مانو' لفظ گهڻو ڪم آڻيندا آهن، جو اصل ۾ آهي 'مان آتو' يعني سون جيو (سنسڪرت-آڪت). اهو اٿين ڪم آڻيندا آهن، جيئن انگريزي ۾ چون I say. سڄي سري ۾ 'ڳاڻيءَ' بدران چون 'بگي'. اهو لفظ شڪارپور جي قديم هندو واپارين اهڙو ته ڦهلايو، جو آئرلنڊ ۽ آمريڪا ۾ به عام ٿي ويو آهي*.

سرحد سنڌ ۾ 'ڪيسو' بدران ڪي چون 'ڪوڪهو'. آن ماڻهو لاءِ 'پالي'، تنهن جي بدران ڪيترا چون 'ڀڪي'. 'ٽوپو' بدران ڪيترا چون 'ٽوڪو'. 'ڪاڪو' جو مونث 'ڪاڪي' چون ٿا، جو اڪثر 'ادي' يا 'دادي' جي معنيٰ سان ڪم آڻين ٿا-

'ڪاڪيون رات قيام، جيڏيون جت ڪري ويا'.

سکر ضلعي ۽ سرحد سنڌ ڪان وٺي لاڙڪاڻي تائين جاءِ جي ڪنڊ کي چون 'ڪونو'. ٻماڙ جي ڪنڊ کي چون 'ٽپڙ'. ماڙيءَ جي ٽٽ کي چون 'وڏاورو' يعني وڏيل ڀاڱو Projection. 'هن کي انعام ڏيو'؛ ڏيو معنيٰ مليو. ڪي ظرف علحدا اٿن؛ جهڙوڪ چون 'هن هاسڪار جهڙو ڪمو'. هاسڪار معنيٰ خواه مخواه يا خالي ٻيلي. دادو ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ ڪي اهو لفظ هيئن به ڪم آڻين. "هاسڪار

* *Rule-Burnell: Glossany of Anglo-Indian Colloquial words and Phrases.*

منهنجو ٻه ڪم ڪندو اڇ''۰ هتي هاسڪار معنيٰ انڌ-ڀنڌ يا اکو-ٻوءِ. ”هو رهندو ڪم بگاڙي آيو.“ رهندو معنيٰ اللندو. اپاوڙي ۽ مير پور ماٿيلي طرف ڪانگ يا ڪانءَ بدران چون ڪانگڙو، ۽ انگوڇو بدران چون پوتڙو. ٽيڙ معنيٰ ماڪ. خيرپور رياست جي آفيسن ۾ گهڙبو ته معلوم ٿيندو، ته ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين وارا لفظ عهديدارن لاءِ اڄ تائين ڪم آڻين ٿا- جهڙوڪ:

ناظم	ڊيپوٽي سپرنٽينڊنٽ
خزانه عملدار	ٽريزري آفيسر
متصدي صاحب	اڪائونٽنٽ

۱۱۰- سچل، سامي، بيدل، بيڪس ۽ ٻين سري جي شاعرن، سري جي لفظن جو خوب استعمال ڪيو آهي، جهڙوڪ:

لفظ	معنيٰ	لفظ	معنيٰ
آنر	پردو	اپوهيو	اڻ ونڊيل
آلسائو	آلسي	اميٽ	ڀلٽ
چاڻان	چونون	موڙان	رمزون
پوٽ	بوجو	پاڻي	پٽي، فرهي.
الڪون	(چپر، اکين جا) چيٽڙو		اڳڙي

ساميءَ جي سلوڪن ۾ 'ڪچجو' معنيٰ گندو يا ڪينو. اهو لفظ سرائڪيءَ ۾ به آهي.

شاهه جي رسالي ۾ به سريليءَ جا لفظ ڪجهه قدر آهن:

(۱) 'شڪستي، سيد چوي، ڇيهان ڪيو چوءِ'. ڇيهان

(۲) سنڌيءَ چانگن چس، پير ڏرلڌءِ ٻپ ۾. چس

(۳) اصل آريءَ ڄام جو پاند نه ڀڄتوسون. ڀڄتو

سريليءَ جا ڳاڙها اصطلاح

۱۱۱- ٻصر ڪَٽاپائينداسين يعني ٻصر سنڌينداسين.

تپ جوڙ اٿم " تپ کهٽ اٿم.
مٺيون پيرڻ " مڪڙيون هئڻ، زور ڏيڻ.
ول ولڻ " وجهه کولڻ.
منهن وڏو " الاسو، نرلجو، نرچو، بيشرم.

"موري منهن وڏا ٿيا وڍيا تا نہ وڃن،
اڏيون الاسن، تن ڪوجهن کي ڪوهہ ڪريان" (شاهہ)

چانڊيا ۽ مگسي ذاتين وارا مسلمان لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آهن، جو اڳي انهن چانڊين جي نالي پٺيان چانڊڪو پرڳڻو سڏبو هو. چانڊين ۽ مگسين جي پاڻ ۾ اڻبڻت گهڻي هئي. انهيءَ سبب سڄي سنڌ ۾ جڏهن ڪو چوي ته 'هو پاڻ ۾ چانڊيا مگسي آهن'، تہ ان جي معنيٰ تہ هڪبئي جا دشمن آهن يا پاڻ ۾ ٺاهہ نہ اٿن.

وچولي جون حدون

۱۲ ۱ - سري ۽ لاڙ جو وچ وارو ڀاڱو 'وچولو' سڏجي ٿو، جنهن جون حدون ڪنڌياري ۽ دادو تعلقن جي اتر واري ڀاڱي کان وٺي، هيٺ ڪوٽڙي ڏوِهڙن تائين آهن. اهو سنڌ جو 'وچولو' يعني وچ وارو ڀاڱو آهي، ۽ اُتي جي ٻولي 'وچولي' ڪوٺجي ٿي.

وچولي جي ٺيٺ سنڌي

۱۳ ۱ - سچيءَ سنڌ ۾ سيوهڻ جهڙو قديم شهر ٻيو آهي ڪونه. اهو نالو به ويدن واري زماني جو آهي. مٿي اڳي ڏسي چڪا آهيون (صفحو ۲٦ کان ۲۸) ته رگ ويد واري زماني ۾ اَنوَ آريه لوڪن جو اولاد، شوي آريه لوڪ، هالوڪي 'شارڪوٽ' ۾ رهندا هئا، جو اصل سندن نالي پٺيان 'شيو پور' (شوي، سبي) سڏبو هو، ۽ پوءِ سڄو پنجاب، ايران جو ڪڇهه ڀاڱو ۽ سڄي سنڌ هٿ ڪيائون، جيئن پراڻن ۾ چاڙايل آهي* (صفحو ۲٦ ۽ ۲۷).

ايران وارو جيڪو ڀاڱو شوي آرين هٿ ڪيو، سو سندن نالي پٺيان 'شيوآستان' سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جو

---

* J. E. Partiqer: *Ancient Indian Historical Tradition*, Pages 264 and 293.

اچار بگڙجي 'سبستان' ۽ 'سمستان' ٿيو*. سنڌ ۾ اهي آريه لوڪ جنهن هنڌ پنهنجا ماڳ جوڙي ويٺا، سو هنڌ به سندن نالي پٺيان 'شِوستان' ڪوٺجڻ ۾ آيو؛ جنهن جو اچار ٿيءَ بگڙجي 'سيوستان'- 'سهوان' ٿيو ۽ هاڻ عام طرح 'سيوهڻ' سڏجي ٿو. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته 'سيوهڻ' نالو نهايت قديم آهي ۽ الور، برهمڻ آباد ۽ ٻين شهرن کان گهڻو اڳاٽو آهي، جيئن ميجر جنرل ڪننگهام پنهنجي جوڙيل قديم هندستان جي جاگرافيءَ ۾ ڄاڻايو آهي.

١٤:١- شوي آرين جي ٻولي، جهڙي ٺيٺ ڇمڇجي تهڙي هئي. سنڌ ۾ هنن سيوهڻ وارو ڀاڱو وسايو، ته سندن ٺيٺ ٻوليءَ جا اهڃاڻ اتي اڄ تائين پڌرا آهن. سيوهڻ ۽ دادو سنڌو نديءَ جي هڪ ڪپ تي آهن ۽ ٻئي ڪپ تي ساهتي پرڳڻو آهي. سنڌ جي انهيءَ سڄي وچولي ڀاڱي جي ٻولي اڄ به سڄيءَ سنڌ ۾ ٺيٺ ليکجي ٿي. فارسي تاريخ نويسن ڄاڻايو آهي، ته قديم زماني ۾ 'سيوستان سڄي پرڳڻي کي چوندا هئا ۽ فقط قلعي کي سيوهڻ چوندا هئا'(١). مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي، ته اسڪولن جي درسي ڪتابن ۾ اها وچولي ٻولي ڪم اچي ٿي (صفحو ٩٣). هن وقت جيڪا عربي-سنڌي آئيويتا ڪم

*"The Sibis or Sivas have given their name to Sibistan" R. D. Banerji: *A. Junior History of India, p. 15.*

(١) شمس العلماء مرزا قليچ بيگ: "قديم سنڌ"، صفحو ٢٣٩.

ڪم اچي ٿي، سا ١٨٥٣ع ۾ ٿي. جن صاحبن اها جوڙي، تن مان هڪڙو هو ڳوالي ديوان ننديرام ميرائي سيوهڻ جو وينل هو، جنهن 'تاريخ طاهريءَ' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. جنهن صورت ۾ درسي ڪتابن ۾ رکيو حيدرآباد ۽ ان جي پسگردائيءَ جي ٻولي ڪم اچي ٿي (صفحو ٩٣)، ۽ هيءَ سڄوڻي ڪتاب انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، تنهن صورت ۾ هتي رکو اٿرو چاڻائجي ٿو، ته وچولي جي هن ڀاڱي جي ٻولي ڪهڙين ڳالهين ۾ درسي ڪتابن کان علحدي آهي.

وچوليءَ جون علحديون ڳالهيون

١٥ – وچوليءَ ۾ جنهن جو جمع جن (ج مٿان زبر) ۽ تنهن جو جمع تن (ت مٿان زبر يعني 'آ' جو اچار). درسي ڪتابن ۾ جن ۽ تن لکيل آهي، يعني ج ۽ ت جي هيٺان زير ('اِ' جو اچار آهي). اهڙيءَ طرح ٻيا به گهڻيئي لفظ آهن، جن ۾ وچولي ۾ 'آ' ته هيٺ ڏاکڻي ڀاڱي ڏي 'اِ' چون ٿا. (ڏسو صفحو ٩٧).

(الف) سري وانگر ساهتي ٻر ڳئي ۾ ڪاڻي، ڪاڏي، جاڏي، تاڏي، جاڻي ۽ تاڻي چون ٿا. سيوهڻ پاسي ڪٿي، ڪيڏي، جيڏي، تيڏي، جتي ۽ تتي به چون. درسي ڪتابن ۾ رکيو ٻيون نمونو عام آهي.

(ب) "ڀرو هي پاڌو سولو ڪرين سات ڪي" (شاهه). ساهتيءَ ۾ چون 'ڀرو' ٻر ڪتابي سنڌيءَ ۾ 'ڀريون' لکن. ڀرو پاڌو معنيٰ ڀرين منزل 'پاڌو' لفظ لاڙ جو آهي.

(پ) لفظ ۾ نڪ جي اچار ڪڍڻ جي عادت (ڏسو صفحو ٦٠ ۽ ٦٦) ساهتي ٻر ڳئي ۾ گهٽ آهي، جنهنڪري 'ڀريون'

بدران ٻهرو چون ٿا. ساڳيءَ طرح منهنجو، تنهنجو ۽ ٻنهنجو بدران مهنجو، تهنجو ۽ پهنجو چون ٿا. حقيقتون اتر وارا صحيح آهن، جو اصل ۾ اهو نڪ جو اچار آهي نه ڪونه. اتر ڏي پڻهس بدران عام طرح چون پڻس معني هن جو پيءُ، ڪتابي سنڌيءَ ۾ هيٺي نمونا آهن.

(پ) ڪتابي سنڌيءَ موجب 'ڇيو اٿس' معني هن ڇيو آهي. ساهتيءَ ڏي ان جي بدران چون 'ڇيو اٿائين' يا 'ڇيو ٿائين'. مطلب تہ ڪتابي سنڌيءَ ۾ پراڪرت لفظ آٿ جي پڇيان س (ضمير واحد غائب واري پڇاڙي) گڏبي آهي؛ پر ساهتيءَ ۾ فعل جي پڇاڙي 'آئين' گڏبن ٿا، جا پڻ ساڳيو مطلب ڏئي ٿي. 'اٿائين' لفظ جي منڍ وارو 'آ' جو اچار ڪيي باقي 'ٿائين' چون ٿا (ڏسو صفحو ٩٣).

ساهتيءَ جا علحدا لفظ

١١٦- ساهتي پرڳڻي ۾ ڪي علحدا لفظ، اصطلاح ۽ پهاڪا عام آهن، جي ٻين هنڌ عام نہ آهن، اهڙن علحدن لفظن جا ٿورا مثال هيٺ آهن:

(١) اڄ اڪرس ڪيو اٿس يعني گهٽ يا گرمي آهي. 'اڪرس' معني گرمي يا گهٽ (هوا بند ٿيڻ ڪري).

(٢) اسان جاء ڪي راڳو ڏيارو. راڳو معني ليپو، لنب (گاري سان).

(٣) لڳلگو، جنهن ۾ ڪيهہ ساڙجي ٿو، تنهن کي ٻئي طرح چون 'وڏڻ' يا وڏلو.

(٤) 'ڀتسن' بدران عام طرح چون 'ڏوڪڙ'.
(٥) ڏوڪڙ ڪوڙ اٿس يعني پيسا ججها اٿس. اهڙيءَ طرح 'ججهو' يا گهڻو بدران 'ڪوڙ' لفظ عام طرح ڪم آڻين ٿا.
(٦) وڏي ڀاءُ يا ڀاڻ ڪان وڏي ڪي عام طرح 'ڀاڏؤ' چون ٿا، جو نهايت سٺو ۽ مٺو لفظ آهي ۽ اهو لفظ سري ڏي به چالو آهي.
(٧) سوري تعلقي ۾ ڪوال نالي هڪ واٽيو وڏو ڏاڙهيلو ٿي گذريو آهي، تنهنڪري هاڻ 'ڪوال' لفظ جي اصطلاحي معنيٰ آهي ڏاڙهيلو. ساڳيءَ طرح مٽڪيءَ جي ڍنڍ وارن حُرن ڏاڙا هٽي سڄيءَ سنڌ ۾ ترٿلو وڌو، تہ هاڻ ''حر'' معنيٰ ڏاڙهيلو، شاهينگ.

خاص ساهتيءَ جا اصطلاح

١١٧- 'ڍيري جو ڪمي' معنيٰ بيڪر ۽ وهندڙ يا مفت ۾ ڪم ڪندڙ. 'ڍيرو' جنهن ڪي 'دربيلو' بہ چون، سو ڪنڌياري تعلقي ۾ آهي.

(الف) 'ڀنجوءَ جي ڀَن ساڻ هٿن' معنيٰ ''واجبيءَ کان وڌيڪ طلبڻ، يا ڏکي ڳالهه ڪرڻ''. ساهتي پرڳڻي ۾ ڀنجوءَ نالي هڪ واڻي وٽ هڪ وڏو ڀَن (آن جو ماپو) هو، تنهن تان اهو اصطلاح ٿيو.
(ب) 'ڀنج ڀنجوءَ جا ڪُٽائي ڀيا آهن'، يعني 'ٻارهوئي ڪوٽ اٿس (ڀسو ڪپيس)'.

ساهتيءَ جا اصطلاح

۱۱۸- ساهتي پرڳڻي مان اسان کي پهاڪا ٻه مليا آهن: جهڙوڪ:

(۱) اول پيٽ پنجوءَ جو ٻار ٻچا سڀ پوءِ.

(۲) 'چتي چنيجن جيي، ٻرڻ تي پيٺي'. چنيجا ۽ ٻرڻ ذاتي ٻه ڳوٺ موري تعلقي ۾ هڪٻئي جي آمهون سامهون، ٻن وڏن شاهي دڙن تي ٻڌل آهن. اصل ٻنهي ڳوٺن وارا هڪٻئي کي گهٽو ويجهو رهندا هئا. هڪ ڀيرا ڪي ڌاڙيلا ڪن چنيجاڻن کي ڌاڙو هڻڻ تي ويا پر رات جي وڪڙي ۾ ڀلجي وڃي ٻرڻ کي ڌاڙو هنيائون. هاڻ جڏهن هڪ جي بدران ٻيو آهيءَ ۾ اچي وڃي، يا هڪ جو ڏوهه ٻئي تي پوي، تڏهن ائين چون.

(۳) "ڦلوءَ واڻيي رات وهاڻي، ڳالهڻ ڪندي ڳوٺي ڪاٺي'. ڦلوءَ ذاتي هڪ واڻيو ڳوٺ پريا تعلقي نوشهري ۾ ٿي گذريو آهي، جنهن بابت هڪ گيت ٻه تهيل آهي ته 'ڦلو هڪ ڳوٺاڻو هو، مزي جهڙو واڻيو هو'.

(۴) 'اهڙي جٽ ڪيائينس، جهڙي ٻرڙي ڪئي ٻارن سان'. ٻرڙن جي ذات وارا نوشهري ۽ ڪنڊياري تعلقي ۾ گهڻا آهن. هڪ ڳوٺ سندن نالي پٺيان 'ٻرڙا' سڏجي ٿو. هن پهاڪي جو بنياد هن طرح آهي: هڪ ڀيرا ڪي ٻرڙا پنهنجا ٻار پنهنجي ڪنهن ذاتيائيءَ جي سنڀال هيٺ ڇڏي، پاڻ لاباري تي ويا. پٺيان ٻارن گهڻو هلاڪ ڪيس، ته ٻرڙي اهڙو ڪم ڪيو، جو ٻارن

کي آن" جي ڪنديءَ ۾ بند ڪري، سنڌن ماڻٽن کي وچي چتاپائين ته پنهنجا ٻار وچي پاڻ سنڀاليو. مون کان سنڀاليا نٿا ٿين. انهيءَ نان اهو ٻهاڪو پيو.

(٥) 'ٻرڙي ٻوي نه ٻاجهه، پر ۾ تـو ٻاءَ مري'.

جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڪنهن غريب ٻاءُ ٻرائي جو قياس نه ڪندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

(٦) 'ٻيو هرڪو اڇٿو وچٿو، ٻمو ٿاٿائي'.

ٻمون (ٻمن) نالي ساهتيءَ جو هڪ واٿيو لـڳڻي ٻيڙي هو، تنهنڪري جڏهن ڪو ماڻهو هڪ هنڌ گهڻو وقت ڪپ ڪوڙي ويهندو آهي، تڏهن هن لاءِ ائين چئبو آهي.

حيدرآباد طرف جا اصطلاح ۽ ٻهاڪا

١١٩- ڀاڳوءَ نالي هڪ شخص حيدرآباد ۾ ٿـي گذريو جنهن کي 'جهڳلو' ڪري چيڙائيندا هئا. هڪ وڏو ڪٺورو ساڻ کڻندو هو، جنهن ۾ جيڪر ٻـه سير چانورن جا پنجي سگهن. ڪنهن وهانءَ وڏائي تي ويندو هو، ته پڇندا هئس، ته 'ڀاڳو، ٻلاهه ڪيئين'؟ ٻهرباڻين ته ناڪار ڪندو هو؛ پر انيثي پنهنجو ڪٺورو ڪيڊي چوندو هو، ته چگو هن وتيءَ ۾ ڪٿي داڻا ڏينم'. انهيءَ ڪري "ڀاڳوءَ جهڳلي واري وتيي" معنيٰ تمام وڏو ٿانءَ.

(الف) حيدرآباد ۾ ڪنگوءَ نالي هڪ پڪوڙائي نهايت عمدا پڪوڙا ترندو هو، تنهنڪري گراهڪن جي وٽس گهڻي پيهه هوندي هئي ۽ ڏاڍو گوڙ لڳو پيو هوندو. انهيءَ سبب 'ڪنگوءَ وارو گوڙ' معنيٰ تمام گهڻو گوڙ.

(ب) "واڇان" نالي هڪ ڪرعقل زال ٿي گذري آهي. جا ڀاڳي پرندي هئي ٻرڻ ۾، ۽ آلا ڇيٽا نوڙيءَ ۾ ٻڌندي هئي! انهيءَ سبب "واڇان" معنيٰ چري. پهاڪو آهي ته 'چريا ڏيهي چار، واڇان ونجي هڪڙي'. يعني هڪڙي واڇان چئن چرين جي برابر آهي. اهڙيءَ طرح سڄيءَ سنڌ ۾ ڪيترا اصطلاح ۽ پهاڪا ڪن استاني ڳالهين تان ٺهيل آهن. وڌيڪ مثالن لاءِ ڏسو مصنف جو جوڙيل ڪتاب 'پهاڪن جي پيڙهه' ۽ "گلقند" ڀاڱو پهريون ۽ ٻيو.

لاڙيءَ جون حدون

۱۲۰- سنڌ جو ڏاکڻو ڀاڱو جو وچولي جي هيٺان آهي ۽ وڃي سمنڊ سان لڳو آهي، سو لاڙ سڏجي ٿو. لاڙ جا ٻه ڀاڱا آهن: هڪڙو حيدرآباد ضلعي وارو لاڙ، جو بدين ۽ ٽنڊي باگي کان وٺندي بلڙي شريف، تعلقي گونيءَ تائين آهي. اتان ڪوهه ڏيڍ پري ميرپور بٺوري تعلقي جي جهوڪ شريف (ميران پور) ۾، شاهه عنايت صوفيءَ جي درگاهه آهي. انهن ٻن نامور درگاهن جي وچ کان وٺي، ڪراچي ضلعي جو سمورو ڏاکڻو ڀاڱو، جو ڪيٽي بندر ۽ ڪراچيءَ طرف لڙي اچي سمنڊ سان لڳو آهي، سو ڪراچي ضلعي وارو لاڙ آهي. انهن ٻنهي ضلعن جي لاڙ جي ٻولي 'لاڙي' ڪوٺجي ٿي.

لاڙ معنيٰ لڙيل يا هيٺاهون ڀاڱو. ان جو ضد آهي سرو، معنيٰ مٿيون يا اتر وارو پاسو. اڳي ڪڇ جي رڻ ڏي سمنڊ هو، جنهن جو پاڻي بدين تعلقي جي پرڳڻي گهاري شيخياڻيءَ واري رڻ ۾ ايندو هو، جنهنڪري بدين تعلقو به سمنڊ سان لڳو بيٺو هوندو هو (ڏسو صفحو ۱۴) هاڻي اوڏهين سمنڊ ڪونهي، ته به اهو پاسو اڃا تائين لاڙ سڏجي ٿو.

لاڙي ٻوليءَ جو درجو

۱۲۱- لاڙ جي ٻوليءَ تان اسان جا ڪيترا ماڻهو کِلندو ڪندا آهن: ۽ سنڌ جي ٻين هنڌن جي ٻوليءَ کان

ان جو درجو گهٽ ليکيندا آهن. حقيقتؤن لاڙ ۾ رکو هندن جي ٻولي ڪَچي آهي، جو انهن مان ڪيترا لاڙ جا اصلوڪا رهاڪو آهن ۽ سنڌين ٻوليءَ تي دراوڙي ۽ داردڪ (ڪشميري وغيره) جو اثر ٿيو آهي. لاڙ ۾ جيڪي مسلمان آهن، تن مان بلڙي شريف ۽ ٽکڙ شريف وارا سيد توڙي سيد ساجن سوائي ڪوچي (ٽنڊي باگي طرف) واري جو اولاد علوي سيدن سان آهن، جن جو شهر 'متعلوي' (متياري) هالا تعلقي ۾ آهي. انان لڏي پوءِ هتي اچي رهيا هئا. اهڙيءَ طرح ٺٽي طرف جا ڪيترا سيد ۽ ٻيا مسلمان ارغونن جي صاحبين ۾ ٻين هنڌان لڏي اتي اچي رهيا هئا. اهي لاڙ ۾ پوءِ آيا، تنهنڪري سندين ٻولي، لاڙ جي اصلوڪن رهاڪن جهڙي ڪَچي ڪانهي، پر انهن کي به اتي آئي گهڻيئي ورهيه ٿي ويا آهن، تنهنڪري هن وقت لاڙ جي هندن توڙي مسلمانن جي اچارن سان لاڳاپو رکندڙ ڪي اهڙيون علحديون ڳالهيون آهن، جي سنڌ جي ٻئي ڪنهن به ڀاڱي جي ٻوليءَ ۾ ڪينهن، جنهنڪري لاڙيءَ جو ڌار دفعو ليکجي ٿو. ان ۾ ڪيترا لفظ ۽ اصطلاح به علحدا آهن. شاهه جي رسالي ۾ جيتوڻيڪ عربي، فارسي، نج سنسڪرت ۽ پراڪرت ۽ نج سنڌي لفظ گهڻا آهن، ته به لاڙي لفظ به ڪيترائي آهن ۽ اچار ته سمورا لاڙي اٿس، جنهنڪري ائين چئي سگهجي ٿو، ته سڄو رسالو لاڙي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. انهيءَ سبب گهڻا مثال رسالي مان ڏبا، پر انهن ڳالهين جي ذڪر ڪرڻ کان

اکيءَ کي تاريخي حقيقتون چاڙهڻ تيون، نہ سمجهڻ سولو ٿئي، نہ ڇو ٻين هندن جي ٻوليءَ کان لاڙ جي ٻوليءَ جو نمونو نرالو ٿيو آهي.

لاڙ ۾ دراوڙ

۱۲۲ - قديم زماني ۾ سنڌ ۾ دراوڙ رهندڙ هئا ۽ هن وقت بہ اوڏ ۽ ماڳر (ماڇر) ذات جا مهاڻا رهندا آهن (صفحو ۲۰). اهي سنڌ جي آڳاٽن دراوڙن جو اولاد آهن، يا پوءِ ڏکڻ هندستان کان آيا، سا پڪ ڪانهي. ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيترين صدين کان سنڌ، ڪڇ ۽ گجرات جا وڻجارا ملبار طرف وڻج واپار لاءِ ويندا هئا. اڄ بہ مغلين تعلقي جاتي، ڪڇ پيچ ۽ گجرات طرف جا ميربحر دنگيون هاڪاري ملبار طرف وڃن پيا. هن وقت لاڙ ۾ ڪي مهاڻا آهن جي ماڳر (ماڇر) ذات جا آهن. انهيءَ ذات وارا مهاڻا ملبار ۾ بہ گهڻا آهن.

تون سمو، آءٌ ڪندري مون ۾ عيبن جوءِ.

ٻسي راڻين روءُ، ستان ساڳر مڻيين. (شاهہ)

سنڌ جو حاڪم ڄام تماچي سمي گهراڻي مان هو، سو نوريءَ نالي هڪ مهاڻي، ذات جي ڪندري ۾ ريجهيو هو. مٿين بيت ۾ شاهہ صاحب نوري مهاڻيءَ کي 'ساڳر' سڏيو آهي. اهي ماڳر ذات جا مهاڻا ڪنجهر ڍنڍ ڏي هئا، جا هيلايا، تعلقي ٺٽي ۾ آهي. ان وقت سمن جي گاديءَ جو هنڌ 'ساموئي' هو، جو اڄ هڪ ننڍڙو ڳوٺ ٺٽي کان ڏيڍ ڪوهہ پري مڪلي ٽڪريءَ جي اتر طرف، ٻنهي ڇيڙي تي آهي، ڄام تماچيءَ ۽ نوريءَ جون تربتون

اڄ تائين انهي آهن. اڳي درياءَ اتان وهندو هو. ان وقت ٺٽي جو شهر اڃا ڪونه وسيو هو ۽ سجاول وارو پاسو سنڌونديءَ جي پاڻيءَ هيٺ ٻڏو پيو هوندو هو. انهيءَ سموري اراضيءَ ۾ ماڱر ذات جا مهاڻا رهندا هئا، جي ماڻهن کي اتان پتڻ لنگهائي پار ڪندا هئا. سجاول پاسي ’ماڱر‘ بدران عام طرح چون ’ماڇر‘ يعني ”گ“ کي مٿي ’ڇ‘ ڪيو اٿن، نه ته لفظ ساڳيوئي آهي ۽ دراوڙي بنياد جو آهي. بنيادي معنيٰ اٿس چار رڪندڙ يعني مهاڻو. اهي ماڇر يا ماڱر ذات وارا هن پاسي اڳترا گهڻا هئا، جو اڄ به سڄو سجاول وارو پاسو سندن نالي پٽيان ’ماڇر‘ سڏجي ٿو. سجاول ۾ ’ماڇر‘ نالي هڪ ڏيڍ به آهي. انهن آڳاٽن مهاڻن جو اولاد اڄ تائين سجاول طرف جنهن ڳوٺ ۾ رهي ٿو، سو ڳوٺ به سندن نالي پٺيان ’ماڇر‘ سڏجي ٿو.

لاڙ ۾ جهپير يا جبير

۱۲۳- قديم زماني کان وٺي لاڙ جو پاسو وڻج واپار ڪري مشهور هو، تنهنڪري جيڪي قومون ٻاهران ٿي آيون تن جي گهڻي ڌم اوڏهين هئي. ڪلجڳ شروع ٿيڻ وقت ڪي پشاچ لوڪ داردستان ۽ ڪشمير طرف آيا، جن مان پوءِ ڪن پنجاب ۽ سنڌ ۾ به اچي ٻنڪون وڌيون، ۽ سندين ٻوليون هينئر دارڊڪ ٻوليون سڏجن ٿيون (صفحو ۳۵). انهن لوڪن مان ڪي اڄ تائين ڪراچي ضلعي واري لاڙ ۾ آهن.

سميون ڪري سينگار، راڻا ريجهائڻ آئيون،
چام هٿ ۾ چار، چالي ڇپيرن وچ ۾. (شاهه)

ڇٻير ذات جا ماڻهو آهن، جن کي ڇهٻير، ڇهٻيل، ڇٻير ۽ ڇٻيل به چون ٿا. اهي هينئر به ڪشمير ۽ پنجاب طرف ججهي تعداد ۾ آهن. سمن جي صاحبيءَ ۾ توڙي شاهه صاحب جي وقت ۾ اهي شايد ڪنڌڪوٽ ڏي ساڳر (ماڇر) ذات وارن ماڻهن سان گڏ رهندا هئا؛ جنهنڪري مٿئين بيت ۾ شاهه صاحب سندن نالو به آندو آهي. اهڙيءَ طرح داردڪ ٻولين ڳالهائيندڙن سان ڪي پيا به لاڙ ۾ هوندا ته عجب ڪونهي. لاڙي ٻوليءَ مان ايترو ظاهر آهي، ته ان تي ڪجهه اثر دراوڙي ٻولين جو ۽ ڪجهه اثر ڪشمير طرف جي داردڪ ٻولين جو گهڻو ٿيو آهي، تنهنڪري انهيءَ جي اثر جو ڏار ذڪر ڪجي ٿو.

لاڙيءَ تي دراوڙي اثر

١٢٤- دراوڙي ٻولين ۾ وسرگ (Aspirates) يعني 'ھ' جي اچار وارا اکر ڪينهن؛ پر آرين جي سنسڪرت توڙي پارسين جي زند اويستا ۾ آهن. آرين جي سنگ ۾ دراوڙ لوڪ سنسڪرت سکيا، پر پورا اچار ڪرڻ نه ايندا هئن، جنهنڪري وسرگ اکر مان بنيادي اکر ڪيڏي باقي 'ھ' جو اچار بچائيندا هئا. اهو رواج پوءِ پراڪرت ۾ اهڙو زور ٿيو، جو پراڪرت ڳالهائيندڙن اهڙن اکرن کي جڻ ته مرڪب اکر ڪري ٿي ليکيو. خود سنسڪرت ۾ ڪن لفظن جي حالت ۾ ائين ٿيو. قديم سنسڪرت ۾ 'گهن' معنيٰ هڻڻ يا مارڻ. انهيءَ

'ڳهن' لفظ مان 'ڪ' نڪري ويو، جنهنڪري هاڻوڪيءَ سنسڪرت ۾ 'هن' معنيٰ مارڻ، جنهن مان سنڌي لفظ 'هڻڻ' ٺهيو آهي. ساڳيءَ طرح قديم سنسڪرت ۾ 'ڪرپ' معنيٰ جهلڻ، جنهن جو اچار هاڻوڪي سنسڪرت ۾ آهي 'ڪرهه' جنهن مان ڪرهڻ لفظ ٺهيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي جهلڻ يا جهلجڻ. انهيءَ 'ڪرهڻ' لفظ جو اچار لاڙ ۾ آهي 'ڳرهڻ'، جنهن مان 'ڳرهيو' ۽ 'ڳيڙو' لفظ ٺهيا آهن.

"سيخن ماهه پچاءَ جي نالو ڳيڙءَ نيهه جو". (شاهه)

هتي 'ڳيڙءَ' معنيٰ تو ڳرهيو يا ورتو. هيءَ لاڙ جو لفظ آهي. ساڳيءَ ريت 'سکيو' جو اچار ڦري ٿيو 'سهيو' يعني 'ک' مان 'ڪ' نڪري ويو، جنهنڪري باقي 'هه' جو اچار رهيو.

'سهيو سکيو جنڊڙو وڏءَ ڇيري ۾ چاڻي'.

اهڙيءَ طرح دراوڙي ٻولين جو اهو اثر سڄيءَ سنڌي ٻوليءَ تي ظاهر بيٺو آهي، پر لاڙ جي ماڻهن جي ملبار طرف جي دراوڙن سان لڏهه وچڙ پوءِ به هلي آئي ۽ اڄ تائين هلي اچي. ماڇر ذات جا ماڻهو جي اصل ملبار طرف جا آهن سي ججهي تعداد ۾ هتا ۽ اڄ ڏائين لاڙ ۾ آهن، تہ سياوڪ طرح دراوڙي ٻولين جو لاڙي تي ڪجهه سرس اثر ٿيو آهي- مثلاً

'مونهائي اکي، گهڙو سب گهڙا ڪٽي'.

'مونهائي اکي' معنيٰ سون ڪان ٿي اکڻ ۾. هتي ڏسو تہ 'ڪان' حرف جر مان بنيادي اکر 'ڪ' ڪيڏي،

باقي رکيو "ھ" جو اچار ٻچايو اٿن. (ک=ڪ+ھ).
ساڳيءَ طرح شاھ جي رسالي ۾ ڪيترن هنڌ 'تو ڪان'
بدران 'توھان' ۽ اوھان ڪان' بدران 'آنھان' لکيل
آھي- مثلاً

"ساريان ڪاڻ سرير ۾ طاقت توھان ڏار"
توھان معنيٰ تو ڪان. 'آن اھيان آنھان ڏار'. 'آنھان'
معنيٰ 'اوھان ڪان'. هن رِيت 'ڪان' بدران 'ھان' چوڻ
جو رواج سڄيءَ سنڌ ۾ لاڙ ڪان سواءِ ٻئي ڪنھن به
هنڌ ڪونھي. ھي دراوڙي ٻولين جو اثر آھي.

لاڙيءَ تي داردڪ ٻولين جو اثر

١٢٥- داردڪ ٻولين ڳالھائيندڙن ۾ اھڙن وسرڪ
اکرن بابت قاعدو ئي الٽو آھي.

سر گريئرسن ڄاڻايو آھي تہ ڪشمير طرف داردڪ
ٻولين ۾ نرم وسرڪ اکرن (Sonant aspriates) گھ،
جھ، ڍ، ڌ ۽ ڀ ڪي اوسرڪ Disaspirate ڪندا
آھن، يعني منجھانئن 'ھ' جو اچار ڪيدي ڇڏيندا آھن.
اٿين بہ ڪولي چيو اٿس تہ لاڙي ٻولي انھيءَ ڳالھہ ۾
داردڪ ٻولين سان مشابهت رکي ٿي. ان لاءِ ھيءَ مثال
بہ ڏنا اٿس:

گھ- ڍگھو بدران ڇون ڍگو، گھٽو بدران چون گٽو،
گھر بدران گر ۽ گھوڙو بدران گورو.

جھ- جھجھو ۽ وجھوس بدران چون ججو ۽ وجوس put on him
ڍ- ڪڍ بدران ڪڊ، ننڍو بدران ننڊو ۽ رڍيار بدران رڊار.
ڙھ- چڙھيو بدران چڙيو ۽ ماڙھو بدران ماڙو (ماٺھو).

ڊ- ڏيءَ بدران ڌيءَ، لڏو بدران لدو ۽ ڀنڌ بدران ٻنڌ.
ڀ- ڀاڻ بدران ٻا، ڀريو بدران ٻريو، ڀيڻ بدران ٻيڻ ۽
ڀوت بدران ٻوت.
ٿ- ماٿو بدران مائو، پٿي بدران پٽي hte father.
ره- ورهين (کان) بدران ورن (کان) from years.
وه- اوهين بدران اوين (آئين) ۽ توهين بدران توين (تـئين).
ڏسو لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا، جلد اٺون، ڀاڱو ١١
صفحو ١٧٠ ۽ ١٧١.

مٿين مثالن تي ويچار ڪرڻ سان سمجهي سگهجي
ٿو، ته اها عادت ڪجهه قدر اسان ۾ به آهي. مثلاً سنسڪرت
لفظ ڪٽنب بدران ڇٽون ڪٽنب، ولپداس بدران ولبداس
۽ مڌ بدران مد يعني شراب.

مهيسر جي مد، جي هت هڏهين هوءِ. (شاهه)

هيءَ عادت لاڙ جي ماڻهن ۾ گهڻي آهي ۽ اهو
هڪ مکيه سبب آهي، جنهنڪري لاڙي ٻولي ڪچي ۽
ڪل جهڙي تي بيٺي آهي. هنن مثالن مان به - ٿي ڳالهيون
پيون به ظاهر آهن، جن جو ڏار ذڪر ڪجي ٿو.

١٢٦- 'هه' جو اچار- سرگريئرسن جي ڏنل
مٿين مثالن مان معلوم ٿيندو ته لاڙ جا ماڻهو ته رڳو
وسرگ اکرن مان 'هه' جو اچار ڪيڏي ڇڏيندا آهن
پر 'هه' اکر ڌار هوندو آهي، ته اهو به ڪونه اچاريندا آهن.
مثال ڏنا اٿس ته 'چڙهڻ' بدران چون 'چرڻ' ۽ 'ورهين کان'
بدران چون 'ورن کان'. اها عادت لاڙ جي ماڻهن ۾ سچ پچ

اِتريقدر زور آهي، جو "آهيان" بدران چون "آهان"، "ٻاهر" بدران "ٻار"، "ٿهلرام" بدران ٿيلرام، رحمت الله بدران "رحمتالا" ۽ "لوهه" بدران "لو". لاڙ جا مسلمان جيتوڻيڪ ايتريقدر "هه" سان هاجو نٿا ڪن ته به انهيءَ عادت کان صفا آجا ڪينهن.

"آئين جي ورن واريون سرتيون، سڏڙيون". (شاهه).

هتي "اوهين" بدران "آئين" ڪم آيل آهي.

"سيځن ماهه ٻچاءِ جي نالو ڪيڙءِ نيهه جو".

هتي مصدر "ڪرهڻ" معنيٰ "وڃڻ" تنهن مان "ڪرهيءِ" بدران ڪيڙءِ لکيل آهي.

"آڏا چڪڻ چاڙ، مهجي مُوڄ نه سهي مڪڙي". (شاهه)

هتي "چاڙهه" بدران "چاڙ" لکيل آهي.

ساڳيءَ طرح "چاڙهيڪو" بدران "چاڙڪو" لکيل آهي. اصل صحيح اچار آهن به اِهي. ديشي لفظ "چڊڻي" معنيٰ چڙهي ٿو. هتي "ڊ" شڄي "ڙ" ٿيو آهي ۽ "هه" جو اچار آهڻي ڪونه. ساڳيءَ طرح اسين ڇئون "ڪالهه" پر رسالي ۾ لکيل آهي "ڪال". اهو اصل سنسڪرت لفظ "ڪليه" آهي، جنهن ۾ به "هه" جو اچار ڪونهي. هيءَ وري نئين عادت آهي، جا هن وقت زور وٺندي وڃي ٿي، جنهنڪري ڪيترا مسلمان "آدرياهه" بدران چون "آدرياه". لاڙ جا هندو "دال" بدران عام طرح "ڏار" چون، پر "دال" جو اچار "ڏال" ۽ "ڊ" جو اچار "ڊ" ڪن ٿا. انهيءَ عادت لاڙ ۾ اجا گهڻو زور نه ورتو

آهي، جنهنڪري جتي ”هه“ جو اچار ڪِني اُتي به ڪونہ ڪن.

١٢٧- ڙ ۽ ر- سر گريئرسن جي ڏنل مثين مثالن مان هيءَ ڳالهه بہ ڏسڻ ۾ ايندي، تہ لاڙ جا ماڻهو (خاص ڪري هندو) ”ڙ“ بدران ”ر“ چون ٿا. مثلاً ”گهوڙو“ بدران چون ”گورو“. گهوڙي تي چڙهڻ بدران چون ”گوري تي چَرڻ“، ۽ گاهه چَرڻ بدران چون ”گا چَرڻ“. مطلب تہ ”چڙهڻ“ ۽ ”چَرڻ“ ۾ تفاوت ڪونہ رکن. حيدرآباد ۽ لاڙ هڪٻئي سان گڏيا پيا آهن، تہ لاڙ جو اهو اثر حيدرآباد جي هندن تي بہ ٿيو آهي، جن کي بہ ”ڙ“ ۽ ”ر“ جي تفاوت جي اڪثر سڌ ڪانہ پوندي آهي، جنهنڪري اثر وارا مثالن ڪلندا آهن. درسي ڪتابن ۾ جيتوڻيڪ حيدرآباد طرف جي سنڌي ڪم اچي ٿي، تہ بہ ان ۾ ڙ ۽ ر جو فرق رکندا آهن.

(الف) ٽ، ٻ ۽ ڍ اکرن ۾ ٽورو ”ر“ جو اچار آهي، پر لاڙ جا ماڻهو اهو ڪونہ ڪن. (ڏسو صفحو ٩٨).

لاڙ جي ماڻهن جون ٻيون عادتون

١٢٨- سنڌيءَ ۾ سيڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪانہ ڪا اعراب آهي، جنهن جو اچار سرحد ڏي چٽيءَ ريت ڪن ٿا، ۽ شڪارپوري آءٌو سُر سان اُچارين ٿا. وچولي طرف ان جو اچار اهڙو اٽلڪيءَ طرح ڪندا آهن، جو ڌاريو ماڻهو سندن ڳالهائڻ مان جيڪر سمجهي ڪين سگهي، تہ هرهڪ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا اعراب

آهي. لاڙ جا ماڻهو، خاص ڪري هندو، آهو آچار اڪثر ڪونہ ڪن- 'هہ' جو اچار تہ ڪونہ ڪن، پر وسرگ اڪرن مان بہ 'هہ' ڪيڏو ڇڏين. انهيءَ سبب 'پاهہ' بدران چون 'پا'، ۽ 'باهہ' بدران بہ چون 'با'؛ 'آهہ' ۽ 'ماهہ' بدران چون 'آ' ۽ 'ما'.

۱۲۹- لاڙ جي هندن توڙي مسلمانن کي لفظن جي آچارن سمائڻ جي عادت بہ آهي- جهڙوڪ 'پيءُ' بدران چون 'ٻاپي' Pe؛ 'چوينس' بدران چون 'چينس'، معنيٰ 'هن کي چئو'؛ 'ڪاڻ' بدران چون 'ڪيئن'، 'ڪيهان ڪجاڙو؟' معنيٰ 'ڇا ڪان؟' (ڪهڙي شئي ڪان؟).

(الف) لاڙ جي ماڻهن کي 'اِ' ۽ 'اي' جي عادت بہ گهٽي آهي. 'اڄ' ۽ 'وڄ' لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش يعني 'اُ' آهي؛ پر لاڙ ۾ انهن لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ زير يعني 'اِ' جو اچار ڪندا آهن، سو بہ اڏلڪيءَ طرح. 'ڏنائينس' بدران چون 'ڏنينس' ۽ چوينس بدران چون 'چينس' معنيٰ ''هن کي چئو''. هن ريت بہ، اچار سميو ننڍڙا ٿيو پون.

(ب) لاڙ جي ٻولين ۾ داردڪ ٻولين وانگر 'اِدغام' (Epenthesis) بہ آهي- مثال:

''گهڙي گهڙو هٿ ڪري چيلهہ ٻڌي چونو،
مهجو من ميهار کي پار وڃي ٻوتو،
''گهوني ۾ گهوتو، مون کي محب ميهار جو''. (شاهہ)

'پهچڻ' مان 'پهتو'، پر مٿي ڏنل سٽ ۾ لکيل آهي 'پوتو'. هتي ڏسو تہ لاڙ جي ماڻهن پنهنجي عادت پٽاندر

”ڇهتو“ لفظ مان ’ه‘ جو اچار ڪڍي ڇڏيو آهي، تہ لفظ بچي ها ’ڇَٿو‘- هتي ’ڇ‘ جي مٿان زبر يعني ’آ‘ ۽ ’ٿ‘ جي مٿان پيش يعني ’اُ‘ جو اچار آهي. انهن ٻنهي جي ميلاپ سان ’او‘ جو اچار پيدا ٿيو آهي، جنهنڪري چون ’ڇوٿو‘. ساڳيءَ طرح ’ڇهٽو‘ مان ’ڇهٽيو‘، پر لاڙ ۾ چون ’ڇوڏو‘. اهڙيءَ طرح ساڳئي لفظ ۾ هڪ اعراب جو ٻيءَ تي اثر ٿئي ٿو. هن کي ”اِدغام“ چئبو آهي. هيءَ هڪ سنڌيءَ جو Euphony جو قسم آهي. ان جو وڌيڪ ذڪر سنڌي ’صرف‘ جي اصولن ڇاڻائيندي ڪبو. هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو، تہ اهو بہ هڪ وڏو سبب آهي، جنهنڪري لاڙ جي اچارن ۾ سوس Contraction ٿي آهي.

لاڙي وياڪرڻ جون علحديون ڳالهيون

۱۳۰- **اسمن جو ڦيرو**- لاڙ جا اچار ڦريل آهن، تنهنڪري اسمن جو ڦيرو بہ نرالو اٿن- جهڙوڪ ’پيءُ‘ بدران چون ’پي‘ Pe؛ تنهنڪري عام صورت ۾ جمع ’پيئن‘ (Pen) معنيٰ ’هنن جو پيءُ‘. ’زال‘ جو جمع چون ’زاليون‘، تنهنڪري عام صورت ۾ جمع ’زالين‘- شاهہ جي رسالي ۾ ائين آهي:

”ڪنين ڪنين ماڙهيين ٻيٺي ڪل ڪائي“. -سورٺ

لاڙ ۾ ’ماڙهو‘ بدران چون ’ماڙهو‘ (ماڙو)، تہ عام صورت ۾ جمع ’ماڙهين‘.

(الف) ”لهر، ساهڙ! سنياروڻ، لهرن لوڏي نہ مران“.(شاهہ)

ڪتابي سنڌيءَ ۾ ”لهر“ جو جمع لهرون يا لهريون،

۾ عام صورت ۾ جمع 'لهرين' (لهر+آن)؛ پر لاڙ ۾ چون 'لهرن' (لهر+اِن) يعني 'آ' بدران 'اِ' چون ٿا.

عدد- ”ڪارهين ڏينهن ڪرم ورڻو ورا ڳين جو“. (شاهه)
ڪراچي ضلعي واري لاڙ ۾ ٻارهن' بدران اڪثر چون 'اڪيارهن' يا 'ڪيارهن'. حيدرآباد ضلعي واري لاڙ ۾ اڪثر چون 'ڪارهن'، جنهن جو اچار عام صورت ۾ 'ڪارهين' (ٻارهين) آهي.

”پنجن منجهان پنرهن ٿيا، اٺين ٿا ورق ورن“. (شاهه)
”پندرهن' بدران لاڙ ۾ اڪثر چون 'پنرهه يا 'پنڙهن'، جو نج پراڪرت لفظ آهي. 'ذوانوي' بدران عام طرح 'ودانوي' چوندا آهن.

ضمير خالص- ”آن آهيان آنهان ڏار“ آن=مان.
”آن ڪي سات ڏنوءِ“ آن=اوهان.
مطلب تہ 'آن' جو اچار جهڙو ضمير متڪلم ۾ تهڙو ضمير حاضر ۾!

-”آئين پڻ سمهو نا ڪٿا“ آئين=اوهين.
”آوءِ فائق ۾ فرمان“- 'هو' بدران 'آو'- جمع 'آوءِ'.
”ڦاني ٿيا في الله ۾ هوءِ سين ڪڏيا هوءِ“. (شاهه)
مسلمان 'هو' بہ چون، پر 'هو' جو جمع 'هوءِ'.
”هنِ تان لڄ لٿي“- هن جو جمع 'هنِ' ('ن' هيٺان زير)
”ٻاڏي آڇيو آنِ ڪي“- آن جو جمع 'آنِ' ('ن' هيٺان زير)
ضميرن جي جمع جوڙڻ جا اهي نمونا لاڙ جا آهن.

ضمير مشترڪ- 'پنهنجو' بدران هندو چون 'پانجو' يا 'پينجو'؛ 'پاڻ' بدران 'پنڊ' بہ چون.

ضمير موصول ۽ جواب موصول- 'جنهن' ۽ 'تنهن' بدران لاڙ جا هندو چون 'جين' ۽ 'تين' (ڏسو صفحو ٩٧).

ضمير استفهام- ڪُهہ يا ڪوهہ معنيٰ ڇا، ۽ ڪچا يا ڪچاڙو معنيٰ ڇا؟ (سنسڪرت : ڪمسات+ڙو). اهي ضمير رڳو لاڙ ۾ ڪم اچن ٿا.

صفتي ضمير- اهڙو، جهڙو، تهڙو ۽ ڪهڙو بدران هندو چون ايرو، جيرو، تيرو ۽ ڪيرو؛ ايهو-اِهو، جيهو-جهو، تيهو-تهو، ۽ ڪيهو-ڪهو بہ چون.

"جيهي سا تيهي، ڀانهي ڀاروچن جي،
حجت هوت پنهونءَ سين، مون ڪميڻيءَ ڪيهي" (شاهہ)

فعل- ڏنائينس بدران چون ڏنيئس، کائي- کيئين.
ڇڏيئيو " " ڇوڙيو، ڀڳو- ڀڳو.
آهيان " " آهيان، چڙهي- چڙهي.

'اڄ' ۽ 'وڄ' جي پڇاڙيءَ ۾ پيش يعني 'اُ' جو اچار آهي، تنهن جي بدران زير يعني 'اِ' جو اچار ڪندا آهن. 'مارينديس' ۽ 'د' مٿان پيش 'اُ' آهي، تنهن جي بدران زير يعني (اِ) جو اچار ڪڍندا آهن. 'ڇو، ڪچا ڪيئي؟' يعني 'ڇئو ڇا ڪيئي؟' (ڇو=ڇئو).

"طالب ڪئر، سونهن سرس، روميءَ ڇو آهي". (شاهہ)

'روميءَ ڇو' آهي معنيٰ 'روميءَ ڇير آهي'. (ڇو=ڇيو)

پر هن ڪان وڌيڪ گهوڻالو زمان مضارع ۾ اٿن، جنهن جو ذڪر ڏار ڪجي ٿو.

مضارع- "چـڻـان نڻـن چڻيج"، چڻان=چوان.
"چان ڪ چڙهندس ڪٽتي" چان=چوان.
"ڪلهنئون ڪورين عاشق 'عبداللطيف' چي".

هتي 'چوي' بدران 'چي' ڪم آيل آهي.
"ڪريو مهاڙ ملير ڏي روءِ آئي ۽ چوءِ." (شاهه)
'روءِ' معنيٰ 'روئي ٿي'، ۽ 'چوءِ' معنيٰ 'چوي ٿي'.
هتي 'اي' جو اچار کهڻجي 'اِ' ٿيو آهي.
"وچين ۽ ويڻا هون، سنجهي رهن سمهين،
مهيسي منهن ٻانهنجو، ڏاران ڏوڙ نه ڏون"
'هئن' (هجن) بدران چون 'هؤن' ۽ 'ڏئن' بدران 'ڏون'
"هيڏا هاچا ٿيئن، ٻري هن پنيور ۾".
هتي 'ٿيـَن' بدران 'ٿين' (ٿيي+ن=ن هيٺان زير يا 'اِ').
"هوت پنهون ٿا نين- (نيي+ن=ن " " ").
"جانب منهنجي جـيءَ ۾ تـوجي طمع ٻوءِ،
ڪـڻ ڪاني وڃ اگـرا، ادب ڪرم ڪـوءِ،
ٻانيان ٻال سندوءِ، جي ساڄن سنئون نهاريين".
هتي 'ٻوي' بدران 'ٻوءِ' ۽ 'نهارين' بدران 'نهاريين' لفظ ڪم آيل آهن. ساڳيءَ طرح:
"تون ڏيهين، تون لاهيين، تونهين هادي رب".
اسمن ڪي عام صورت جمع ۾ آڻڻ لاءِ ٻه اهو 'اين' جو اچار ڪڍيندا آهن، جيئن مٿي چيو ويو آهي.
ظرف ۽ حرف- لاڙ ۾ ڪي ظرف ۽ حرف نرالا آهن:
(١) "جاڙ جيان ٿي جيڏيون!" جاڙ معنيٰ اجاڙ،

(٢) ”آءٌ نماڻي نڪڻي“ نڪڻي- ٻنهي، بلڪل.
(٣) ”مچن پاڻين گهٽ“ مچن- متان.
(٤) ”تو ٻٽان“ معنيٰ تنهنجي پٺيان يا پرپٺ.
(٥) ’مهند‘ معنيٰ ’اڳي‘ ۽ ’مهندان‘ معنيٰ ’اڳيان‘. لاڙ ۾ ’مهند‘ بدران عام طرح چون ’مانڊ‘ معنيٰ اڳي، ’مانڊان‘ معنيٰ اڳيان.
(٦) ’ڪما‘ معنيٰ ڪان. ’ڪِر‘ معنيٰ وٽ.
(٧) Z نماڻي نڪڻي- نڪڻي معنيٰ ٻنهي، بلڪل.
(٨) ’جيلانهن‘ معنيٰ جنهن لاءِ، ۽ ’تيلانهن‘ معنيٰ ’تنهن لاءِ، تنهن سبب‘.
(٩) ’مَل‘ معنيٰ ’وٽ‘ ۽ ’ملاءُ‘ يا ’ملان‘ ’وٽان‘ ”سينڌري ملاءُ لڳس ڪان ڪهار ۾“.
اِنان، تمان، جتان ۽ ڪتان بدران اِٿان، تٿان، جٿان ۽ ڪٿان چون (ڏسو صفحو ٨٨). لاڙ ۾ ٻروچن جو پير گهٽو ڪونه پيو، نه ته هنديءَ واڱر لفظن جي وچ وارو ’ت‘ اکر، آني ڪيڏيو ڇڏين.

ضميري پڇاڙيون- تنهن ”ڪنهن ڪريان ڪيٽان، ساهه ويو سيٽان“.

لاڙ ۾ ’سان‘ (حرف جر) بدران چون ’سين‘؛ ۽ ان جي پٺيان ضميري پڇاڙين گڏڻ مهل ’سين‘ بدران ’سيڻ‘ چون- جهڙوڪ ’سيٽان‘ معنيٰ ’ساڻن‘ يا ’هنن سان‘- ساڳيءَ طرح، ڪن = ڪي؛ ڪئم = مون کي، ڪٽءِ = تو کي؛ ڪٽس = هن کي؛ ڪٽن = کين؛ ڪيٽاس = کيس يا هن کي

"ڪير ٻانهن ڪن جي، ڪير چالي ڪيٽاس."

رسالي جون اهڙيون نحوي بناوتون ڏسي، لڳون ٿا ته سالهو ڪواريءَ جيڪر منجهي پوي.

(الف) "جيڏيون ڏليان جي، صورت ساهڙ چام جي".

ڏليان معني ڏلي آنءُ، يعني اوهان ڏلي (صورت).

"ڏٿان جي ٻروچ، سون جئن هوت اکين سين،
سون کي چيان لوچ، پاٿا پيڙيون چيرين."

ڏٿان معني ڏٿو آنءُ، يعني اوهان ڏٿو (ٻروچ)؛
چيان معني چيو آنءُ، يعني اوهان چيو.

ڏليان (صورت) جنس مونث. ڏٿان (ٻروچ) جنس مذڪر.
هن طرح فعل جي پٺيان "آن" ضمير کي ڳنڍڻ واري ڳالهه جو رواج رکيو لاڙ ۾ آهي.

لاڙيءَ جا علحدا لفظ ۽ اصطلاح

١٣١- لاڙ ۾ ڪيترائي علحدا لفظ ۽ اصطلاح ڪم اچن ٿا. ڪن جا رکيو اچار ڦريل آهن- جهڙوڪ:

آپ=آپ. آناٺو=آچار، ڪٿنان. آهڻ=چالڻ.
آڙيڪو=ڪنڊيو. ٻهڳٹو=داهلو. ٻٹون=وچون.
ٽولڙا=جڙون، کهتا. جانڪڻ=سنبالڻ. ڌرڪڻ=چڙهڻ، چنبڙ.
ڏار=دال. ڪڙبو=آنگر کو. ڪرمٽ=ٽولڙا. کولائي=ڦيرالي.
لسڻ=ٽوم. ليس=حاضر، تيار. مپيٽ=ٻيٹ، ڌر. نمرو=خوش، چڱو ڀلو. وڏيڊر=سنيون، صاحب.

"پنهونءَ پيڪانَ پچنديا" پچنديا=آچليا. (شاهه)

"پاڻهو کين ڏسڻ" پاڻهون = پنهنجو. (شاهه)

اهڙيءَ طرح رسالي ۾ ته ڪئين لفظ لاڙ جا آهن.

"ليک سينءَ يا پوري سينءَ" معنيٰ ٺوري وقت تائين.
ڪهڙي اکر؟—ڪهڙي حساب؟ يا ڇاجي ڪري؟
لَڪ لانچن معنيٰ ڪمر ڪشڻ. وڃڻ ۽ وهائڻ—ولچ ڪرڻ.

١٣٢—"کهرتني جي کير، سات جني جي سُچيون." (شاهه)
کير معنيٰ وڌائي يا مبارڪ—پٽ ڄمڻ يا ٻئي ڪنهن شُڀ ڪارج ٿيڻ تي وڌائي يا مبارڪ ڏيڻ مهل کير ورهائيندا هئا—کيرون ڏيڻ معنيٰ واڌايون ڏيڻ. حيدرآباد ضلعي واري لاڙ ۾ مسلمان جڏهن ڪنهن ڪي ڪنهن ڳالهه تان واڌايون يا مبارڪون ڏين، تڏهن چون: "ادا کيرون"! اڪيلو ورائيءَ ۾ چوي "شڀ کيرون" يعني "چڱيون واڌايون" "شُڀ" نج سنسڪرت لفظ آهي، پر لاڙ جا مسلمان اهو عام طرح ڪم آڻيندا آهن.

١٣٣—لاڙ جي مسلمان ڪاسبن ۾ ڪيترا اهڙا لفظ ۽ اصطلاح عام آهن، جي نه اُتي جا هندو ۽ نه سنڌ جي ٻئي ڪنهن ڀاڱي جا هندو يا مسلمان ڪم آڻين ٿا—
چون "ٻنڊي موڙي اٿيئي؟" يعني ماني ڪاڏي اٿيئي؟ اِکري معنيٰ موجب "ٻنڊي موڙڻ" معنيٰ (مانيءَ جي) ٽڪر کي مروڙو ڏيڻ يا ڀڃڻ، ۽ پوءِ معنيٰ ٿي ڪرهه ڀڃڻ يا مانيءَ کائڻ. "نر هٽڻ" معنيٰ کهاٽو وجهڻ يا نقصان پهچائڻ: جهڙوڪ ڪو ڪاسبي، اڌ روز جيتري ڪم تي سڄو روز لڳائي نقصان وجهي ته چون ته "نر هنيائينس"—اهڙيءَ طرح منڇر ڊنڊ وارن مهاڻن ۾

ٻه ڪتراڻي لفظ ۽ اصطلاح عام آهن، جي رڳو هو ٻاڻ ۾ سمجهندا آهن، باقي ٻيو ڪو مشڪل سمجهي سگهندو. ٻوروٻي لوڪن ۾ ٻه اٿين خلاصين جي ٻولي نرالي آهي، جا هو ٻاڻ ۾ سمجهن، باقي ٻين کي سمجهڻ مشڪل ٿيو پوي.

لاڙي ٻوليءَ جو نمونو

۱۳۴- لاڙ ۾ زالون هڪٻئي کي سڏ ڪرڻ مهل ”لٿيي“ لفظ ڪم آڻينديون آهن. جهڙوڪ: ”لٿي، ڪاڪڙيءَ ما (ماءُ) ”لوجريون ڪهون ٿيٿي؟“- مڇيءَ جون ڪرڙيون تن کي ’لوجريون‘ (لوجهڙيون) چون- ’لٿي، ڪر جي ميٽ‘ ڪجائين يعني ’ادي، گهر جي سنڀال ڪجائين.‘ ڪنهن شخص چيو ته ’گوري تان پيس چڙٻيا ڏڪ اچي ويم‘ يعني گهوڙي تان ڪري پيس، ته ڏڪ اچي ويم. سنڌن اهڙن اچارن سبب ڪيترا ماڻهو لاڙي ٻوليءَ تان کلندا آهن.

ٿريليءَ جون حدون

١٣٥- ٿرپارڪر ضلعي جا طبعي ڀاڱا ٻه آهن: هڪڙو ’ڏِٽ‘ يعني ٿر يا واريءَ وارو ڀاڱو؛ ۽ ٻيو ’پَٽ‘ يعني ڏاڍيءَ زمين وارو ڀاڱو، جنهن ۾ سڄو نارو ڊويزن اچي وڃي ٿو. اهو ميرپورخاص وارو ڀاڱو اصل حيدرآباد ضلعي سان لاڳو هو ۽ اتي ٻولي به حيدرآباد طرف جهڙي ڳالهائين ٿا، تنهنڪري ٻوليءَ جي مطلب لاءِ سڄي ناري ڊويزن جي ٻولي وچولي جي دفعي ۾ لکڻ گهرجي. هاڻوڪو ٿر ڊويزن يعني ڏيپلو، مٺي، ڇاڇرو ۽ ننگرپارڪر تعلقا ۽ ٿر جو آڳاٽي ڳاديءَ جو هنڌ آمرڪوٽ ٿر ۾ سمجهڻ گهرجن. انهن پنجن تعلقن ۾ جيڪا سنڌي ڳالهائي ۾ اچي ٿي، تنهن کي ’ٿريلي‘ يعني ٿر* جي ٻولي سڏجي ٿو.

ٿر جو تاريخي احوال

١٣٦- سڄي ٿر ڊويزن ۾ رڳو ننگرپارڪر وارو ڀاڱو قديم زماني ۾ وسيل هو، جو مهراڻ يا هاڪڙي جي شاخ

*سنسڪرت ’ستل‘ معنيٰ ’بيٺل‘ يا ’نه وهندڙ‘، يعني خشڪ ملڪ (جتي دريا ڪونهي). انهيءَ ’ستل‘ لفظ جو اچار اول ڦري ٿيو ’ٿل‘ معنيٰ ڏاڍي زمين (ضد– ’جل‘ معنيٰ پاڻي)، ۽ ’ٿل‘ جو اچار ڦري ٿيو ’ٿر‘– ”جر ٿر تک تنوار، وڻ ٽڻ واڻي هيڪڙي“. (شاهه)

بهاولپور رياست وٽان ڦيرو ڪري، ٿر ڏانهن لوني نديءَ
سان اچي گڏبي هئي، جنهنڪري ننگر پارڪر تعلقي ۾
ڪوٽ ويرا واهه جي ويجهو پاري ننگر نالي هڪ وڏو بندر
هو، جنهن بابت ڪئپٽن ويڪس پنهنجي ڪتاب ”ٿر جو
احوال“ ۾ چاڙهيو آهي، ته اهو عيسوي ٻارهين صدي ۾
ٻڏو هو. اتي اڄ تائين جين ڌرم وارن جي ديول مندرن
جا نشان ظاهر آهن. عيسوي ڇهين صديءَ ۾ جڏهن سنڌ
۾ راءِ گهراڻي جو راڄ هو، تڏهن سوڍن راجپوتن اهو
ننگر پارڪر وارو پاسو اچي وسايو. رفتي رفتي اهڙو زور
ٿيا، جو سومرن جي صاحبيءَ هوندي به امر ڪوٽ جو
قلعو پنهنجي قبضي ڪيائون. عمر سومري جي ڏينهن ۾
آمر ڪوٽ وري سومرن جي هٿ ۾ آيو؛ پر تنهن ڪان
پوءِ وري راجپوت زور ٿيا ۽ سڄو ٿر وسايائون. ٿر جو
اتر وارو پاسو ”ڪاڻر جو ٿر“ سڏبو هو، ۽ ڏاکڻو پاڱو
ڪڇ جي رڻ ڏانهن ”پاڙر جو ٿر“ سڏبو هو؛ ۽ انهن
ٻنهي ٿرن جي وچ وارو پاڱو ”ڍٽ“ ڪوٺبو هو. سڄي
ٿر جي گاديءَ جو هنڌ امر ڪوٽ جو شهر هو. همايون
بادشاهه سنڌ ۾ آيو ته آمرڪوٽ جي راڻي قلعو خالي
ڪري ڏنس، ۽ انهيءَ قلعي ۾ اڪبر بادشاهه ڄائو هو. انهن
سوڍن راجپوتن ڍٽ، ٿلو، مٺي ۽ ڇاڇرو به وسايا. مطلب ته
اهي ٽيئي تعلقا ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ڪان اڳي وسيل
هئا. هن وقت به ٿر ۾ راجپوت، ڪيراڙ، لهاڻا ۽ ٻيا هندو
گهڻا آهن ۽ مسلمان ٿورا آهن.

ڏــر جــا آچار

١٣٧– ڏيپلي تعلقي جا ميمڻ اصل نگر ٺٽي ۾ رهندا هئا، ۽ سوڍن جي صاحبيءَ ۾ هن پاسي اچي رهيا. لاڙ جي ماڻهن وانگر ”هه“ جو اچار اڪثر ڪونه ڪن. ”ر“ ۽ ”ڙ“ جي تفاوت جي به کين سڌ ڪانه پوندي اٿن. تنهنڪري، جهڙو تهڙو ۽ ڪهڙو بدران اڪثر چون جيرو، تيرو ۽ ڪيرو. ٿر جا هندو، ميگهواڙ ۽ ڀيا ”هائو“ بدران اڪثر چون ”هوئي“ (YES). ڏيپلي جي ميمڻ کي ”هه“ جو اچار اڪثر ڪونه اچي، تنهنڪري ”هائو“ لفظ ڪونه چون، پر نڙيءَ سان ٿورو ڪنجهڪار جهڙو آواز (آآن) ڪندا آهن.

(الف) ٿر جا کتري، لهاڻا، ميگهواڙ وغيره مندي بدران مندري، پٽ بدران پتر ۽ کيٽ بدران کيتر چوندا آهن؛ جنهنڪري چئبو ته سندن اچار سنسڪرت کي گهڻو ويجها آهن. ٻيءَ بدران ”ٻهو“ معنيٰ ابو يا بابو.

(ب) ٿر جا هندو تورڙي مسلمان لفظن ۾ ”ڪ“ جو اچار گهڻو نه ڪندا آهن؛ جنهن، تنهن ۽ ڪنهن بدران چون جهن، تهن ۽ کهن. باقي ٿر جا هندو ”ڪانڻ“ بدران چون ”ڪانوڻ“ جهڙوڪ چون ته ”ڪاوڻ ڪان وڏندي ماني نه ڏي“ يعني جهتري ماني ڪاڻي سڳهبي تنهن ڪان وڌيڪ نه ڏي.

ٿريلي جي ويا ڪرڻ جون ٻيون علحديون ڳالهيون

١٣٨– ٿر ملڪ هڪ پاسي ڪڇ ۽ ٻئي پاسي راجپوتانا جي حدن سان لڳو بيٺو آهي ۽ اتي جي ماڻهن

جي ٻلڻ ۾ لوڙهه وجهڻ کهڻي آهي، تنهنڪري تن جي ٻوليءَ تي انهن ٻاهرين ٻولين جو ڪجهه اثر ٿيو آهي.

زور ڀرائيندڙ حرف Particle of Emphasis

گجراتيءَ ۾ 'ايڪ' معنيٰ هڪ ۽ ايڪج معنيٰ هڪڙو ئي يا رکو هڪ. تڙ جا هندو به ائين لفظن جي معنيٰ کي زور ڀرائڻ لاءِ اهنا ساڳي "ج" پڇاڙي ڪم آڻيندا آهن. مثلا ٿريلي ۾ "ارکو" معنيٰ "اڪيرو" ۽ ارکوج" معنيٰ اڃا اڪيرو.

اسم خاص- ڪڇي ۽ مارواڙي "گڻيش" بدران چون "گڻيشو" ۽ "جيسو" بدران چون "جيسيو"- مطلب ته ماڻهن جي نالن پٺيان "يو" پڇاڙي ڪندا آهن. تڙ ۾ به ڪيترين حالتن ۾ ائين ڪندا آهن. مثلا هڪ ميگهواڙ جو نالو "پورو" تنهن جي بدران چون "پورٻو" ۽ "ڏيپو" بدران چون 'ڏيپيو' * ڪن مسلمانڪن، نالن پٺيان به اها "ٻو" پڇاڙي ڏين ٿا. مثلا "سومار" بدران چون "سومارٻو".

تڙ جا ڪراڙ پنهنجن نالن پٺيان اڪثر "شاهه" لفظ ڏيندا آهن- مثلاً ڪيول شاهه، پٽ جڳو شاهه- اهو نمونو گجرات جي ڪراڙن کان ورتو اٿن.

---

* ڏيپلي جي شهر توڙي تعلقي تي "ڏيپو" نالي هڪ ميگهواڙ جو نالو پيل آهي، جو اول هن اني هڪ کوهه کٽائي پنهنجو توڙي ٻين جو سهنج ڪيو هو. هن حالت ۾ "يو" بدران "لو" پڇاڙي ڪم آيل آهي، جنهنڪري "ڏيپلو" چئجي ٿو.

ضمير (۱) ٿر جا هندو "مون" بدران 'مين' چون. مثلاً مين وٽ معنيٰ مون وٽ، "مين سان ڳڌ" معنيٰ مون سان ڳڌ. تنهنجو بدران "تين جو" ۽ پنهنجو بدران "پانجو" چون ٿا. هي ٻوليان مثال ڏيکارين ٿا ته ٿر جي ٻوليءَ تي ڪڇ ۽ لاڙ جي ٻولي جي ڪجهه ڇاپا پيل آهي؛ پر سيڪنهن حالت ۾ ٿري ماڻهو 'هر' جو اچار ڪيڏي نتا ڇڏين- مثلاً "اها ڏم ڪيهائي؟" يعني اها ڏام ڏوم (ناچ ڳائي جي) ڇاجي ڪري آهي؟ ڪيهائي معنيٰ ڪهڙي.

(۲) "آپاڻ ڪي ڪسري ڪرٺي" "آڏون راجي تيوڻ لائق آهي"، يعني ٻاڻ ڪي (امان ڪي) خوشي ڪرڻ راضي ٿيڻ جڳائي. اهڙيءَ طرح 'ٻاڻ' بدران 'آپاڻ' لفظ ڪم آئين ٿا، جو نج پراڪت لفظ آهي. ٻين هنڌ اڳياڙيءَ وارو "آ" جو اچار ڪيڏي ڇڏيو اٿن؛ پر ٿريلي اهو اڄ تائين قائم رکيو بيٺي آهي.

صفت- 'چڱو' بدران عام طرح چون 'ڀلو'. مثلاً 'مور ڀلو ليڙو'، يعني بنهه چڱو يا اڇو وڳو. 'ليڙو' معنيٰ وڳو يا پوشاڪ- 'گهٽو' بدران عام طرح چون 'گهڻ'- مثلاً، "گهڻ ڏينهن نه ٿيا"، يعني 'اڃا ٿورائي ڏينهن ٿيا' (گهڻا نه).

ڪردنت- 'ڪائڻ' مان اسم حاليه 'ڪائيندو'؛ پر ٿر جا هندو چون 'ڪائندو'. ساڳيءَ طرح 'چاهڻ' مان 'چاهيندو' ۾ ٿري چون 'چاوندو'.

فعل-

”ڪين ڌر ڌتي ماءُ، ڪين ڇر سنڌي سڄڻين،
وَهي ۽ واڇهاءُ، ٻنهي ڄڀرن وچ ۾“. (شاهه)

”وَهي ۽ واڇهاءُ، يعني هلي ٻه پيشي يا ٻنڌ ٻه پيشي ڪري، ۽ واڇهائي ٻه پيشي- تڙ ۾ ’وَهڻ‘ لفظ عام طرح ’هلڻ‘ جي معنيٰ ۾ ڪم آڻيندا آهن: تڙ ۾ هڪ مسلمان کان پڇيو ويو ته فلاڻو ڪٿي؟ چي، ’وراڻ تائين هتي ئيو هو، پوءِ وَهيو ڏيهاڻي“. يعني ٽپهري تائين هتي هو، پوءِ ڏيهاڻي هليو ويو وراڻ معنيٰ ٽپهري ۽ ’وهيو‘ معنيٰ هليو- مٿين مثال ۾ هيءُ ٻه ڌيان ڇڪائيندڙ ته ”هو“ بدران ”ٿيو هو“. تڙ جا هندو ”ٿيڻ“ بدران چون ”ٿهوڻ- شلا، ائين نه ٿيڻ گهرجي“، يا چون ته ’جيڪي ٿيوڏو آهي، سو ٿيندو‘. ’ٿيوڏو‘ معنيٰ ’ٿيڻو‘ هي ڪڇڪي ۽ مارواڙي نمونو آهي.

(الف) ’آگهڻ‘ معنيٰ ”قبول ٿيڻ“ ته ان مان ’آگهيو‘، پر ’اگهائو‘ ٻه چئبو آهي. ساڳي ريت وڪڻڻ مان وڪيو ۽ وڪاڻو. تڙ ۾ اها ’آڻو‘ پڇاڙي عام طرح هن ريت ڪم آڻين ٿا:

(١) هيءُ نڻون گهر آڌاڻو آهي يعني اڌيو آهي.

(٢) هي ڪوٽ نڻون ٻڌاڻو آهي يعني ٻڌو آهي.

(٣) اسلام ڪوٽ ڦراڻو آهي يعني ڦريو آهي، (ڏاڙيلن).

اهو نمونو ڪڇڪيءَ مان ورتو اٿن، جنهن ۾ به چون ته

’آءُ ماراٿو آهيان‘ يعني ماريو آهيان. ”وڃو“ بدران عام طرح چون ”گيو“ (هندي لفظ).

ظرف- ٿر جا هندو ”ڇو“ بدران چون ’ڪهڙون‘

حرف جر- ’هن مجماني ڪيءَ هن ڪان، جو هو ڪرارو ٿيو هو‘ يعني هن مهماني ڪئي، هن ڪان (هن لاءِ يا هن سبب) جو هو ڪرارو (چڱو ڀلو) ٿيو هو. ”ڪان“ حرف جر ڪي ”لاءِ“، جي معنيٰ سان ڪم آڻين ٿا. ٻيو مثال: ’هن جو پيٺو گهر منجهه هو، تنهن ڪان ٻاهر ٻيهي رهيو‘ معنيٰ هن جو پيءُ گهر منجهه هو، تنهن ڪان (تنهن لاءِ يا تنهن سببان) ٻاهر ٻيهي رهيو (پي ڪان ڊنو ٿي). ”پر“ بدران عام طرح پڻ چوندا آهن.

حرف جملو- ”پڻ“ AlSO لفظ ۽ ”پ“ جي هيٺان زير (اِ) بدران زبر يعني ”اَ“ جو اُچار ڪن ٿا.

ٿريليءَ جا علحدا لفظ

١٣٩- ٿري ماڻهو هڪٻئي کي ڪينڪارڻ مهل چون ”چاق، جوڙ، سڪرارو، خير ڪينُ هوڪاري ۽، روڙا ڀلا“ وغيره. ”خير ڪين‘ معنيٰ سک سلامتي، ۽ روڙو‘ معنيٰ چڱو.

(١) ڪمندڙن خير ڪينُ، چوندڙ چڱا نا ٿيا. (شاهه)

(٢) ”مرڪي مر ماٺا، روڙي راءِ ڏياچ جي“.

ٿر ۾ ”ڪنگهه“ بدران چون ”دڏنس“ ۽ اَڄ“ کي چون ”تونس“

”نن ۾ تونس ٻرينءَ جي پيان نه ڍاپان“. (شاهه)

شاهه جي رسالي ۾ سر ماروئيءَ ۾ ٿر جا لفظ تمام گهڻا آهن: سانيڪو، ڀاروڙي، وراڪو وغيره.

(الف) ٿر ۾ سڄ اڀرڻ سان ڀٽ جي جنهن ڀاسي تي اُس جو ترڪو پوي، تنهن کي چون ’ترڪول‘. منهن وارو ڀاسو ’ڦُڪُڙ‘، مٿيون ڀاسو، ’مٿاري‘، ڇيڙي وارو ’گوچار‘ منڍ جي ٿو ۽ ڀٽ جي ڀيڙيءَ کي ’پوچاندو‘ چوندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪيئين علحدا لفظ اٿن.

ٿر جو شعر

١٤٠- چوڻي آهي ته ’راڳ پنجاب ۾ چانور، ٿر ۾ مٺو‘. ٿر جي هندن ۾ ڪو جهمي توڙي پرڏجي، ته به سُر اهڙو ڪڍن، جو چئي ته ڪو مٺو اٿن. شعر جوڙڻ جو ڍنگ به اهڙوئي اٿن. پر، ڪي ڪي بيت چڱا چيا اٿن-جهڙوڪ:

”واهوندا وريا، تڏهن ڳاڙهي ٿي ڳنوار،
چيٽ اداڻي ڏينهڙا پڌي تني پهنوار،
چاڻ ۾ چڪ ٿي، تڏهن موڙون ڏيئي ميهار،
جڏهن ڀاڙي جي ڀيڙ ٿي، تڏهن کهکهلي ٿي ڳڏهار،
ويچاريءَ اوٺار، ڪڏهن منهن نه سڪيو“.

بهار جون فرحتي هوائون الهندن طرف کان لڳڻ شروع ٿين، ته چون واهوندا وريا آهن، يعني بهار جون هوائون موٽي لڳيون آهن. وڻ ٽڻ مورجن ته گاهه پڻو جام. ڏڌ مکڻ ڪاڻي، ڳنوارن جون زالون ڳاڙهيون ڳٽڪيون ٿين ٿيون. (’چلڻ‘ معني کهاڙو گاهه، کهکهلو ٿين معني ٻود ۾ پرڄڻ).

اوتي ڪير مان ،ڪڻ ڪونه نڪرندو آهي، تنهنڪري رڳو اوتار جي زال منهن سندو تثي ڪري سگهي.

۱۴۱- تاري ڏوبزن ۾ فقط ٻه ناميارا شاعر ٿي گذريا آهن: هڪ صديق (صادق) فقير صوفي، جنهن جي نالي پٺيان "صوفي فقير جو ڳوٺ" سڏجي ٿو ۽ ٻيو ڪپري تعلقي جو منثار فقير، جو گذريل اوڻويهين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي.

"حيدرآباد ۾ هل ٿيو، رت وهي ٿي ريل،
پورا اچي پيل، ساري سنڌ 'صديق' چوي".

انگريزن جي اچڻ ۽ ميرن جي صاحبيءَ جي خاتمي ٿيڻ بابت هيءَ پيشنگوئي صديق فقير ڪئي هئي.

منثار فقير جون ڪافيون مشهور آهن. سندس جوڙيل ٽن ڪافين جون پهريون تڪون هي آهن:

(۱) لوٺيءَ جي لڄ رکجانءِ، پوتيءَ جي پت رکجاءِ،
پرور پاڪ خداءِ قسمت قيد ڪيو. (مارئي)

(۲) لڙ لهرن ۾ لڙهيو وڃانءِ ٿي. (سهڻي)

(۳) رک نه ميارون، مٺ نه مومل کي،
منا ڏون ڀنڊرا، سوڍي آءٌ مير. (مومل)

منثار جي ٻاڻي نهايت نماڻي آهي ۽ منجهس سڪ ۽ درد جا داستان آهن.

ڍاٽڪي

۱۴۲- ٿر ۾ ڍاٽڪي ٻولي به چالو آهي. هن وقت اتي جيڪي ٺڪر (راجپوت)، ڪيراڙ (واڻيا)، ميگهواڙ، ڀيل وغيره

آهن، سي اصل راڄپوتانا ۽ گجرات طرف کان آيا آهن. ٿر کي ڪڇ، راڄپوتانا جو پاڙو (مارواڙ ۽ جيسلمير)، ۽ ننگرپارڪر کي پالنپور رياست (گجرات جو طرف) ويجها آهن. ٿر جي ڪيترن ماڻهن جي انهن سڀني هنڌن جي رهاڪن سان لڳ لاڳاپا وڌيڪ آهن. انهن سببن ڪري سنڌي، راجستاني ۽ گجراتي ٻولين جي ميلاپ منجهان ٿر منجهه هڪ ٽئين قسم جي ٻولي ٺهي پيئي آهي، جا "ڍاٽڪي" يعني ڍٽ يا ٿر جي ٻولي سڏجي ٿي. اها ڪاڏڙ ٻولي راجستاني ٻولين جي دفعي ۾ ليکجي ٿي ۽ خود "ڍٽ" لفظ راجستاني ٻولين جو آهي. ڍاٽڪي ٻولي گجراتيءَ کي گهڻو ويجهي آهي- مثلاً گجراتيءَ ۾ چون "هُون جائُون ڇُون" يعني آءٌ وڃان ٿو، ۽ ڍاٽڪيءَ ۾ چون "هؤن جائون ٿو". اهو "ٿو" نج سنڌي لفظ "ٿو" آهي، جنهن مان "هه" جو اچار ڪڍي ڇڏيو اٿن؛ جنهنڪري "ٿو" بدران "تو" چون ٿا. شاهه جي رسالي جو سر ڍول مارئي، جو راڄپوتانا جي ڍول ۽ مارل جي قصي تي ٻڌل آهي، سو ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. انهيءَ سر جو پهريون بيت هيءُ آهي:

"اُتر واءُ ڪوندي ٻهلي موسم مينهن،
پالاپڻ رونيهن، والا جم وساريين".

"جم وساريين" معنيٰ متان وسارين. اهي پيئي لاڙ جا لفظ آهن. اهڙيءَ طرح ڍاٽڪيءَ ۾ پيا به ڪيترائي سنڌي لفظ آهن.

سنڌيءَ ۾ ڍاٽڪي لفظ

١٤٣- سنڌي ٻوليءَ ۾ ڍاٽڪي لفظ گهڻا ڪين، جو ڍاٽڪي ڳالهائيندڙ، سنڌ ۾ گهڻو ڏوري ٻڪرجي نه ويا آهن.

عمر-مارئيءَ جي قصي مشهور هئڻ سبب سنڌيءَ ۾ رکو "مارُو" لفظ عام ٿيو آهي-جو ڏاڏڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس 'ٿري مالدار'، جي مال جي چاري سانگي ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي گذارين ٿا. خود "مارئي" ڏاڏڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي، ۽ معنيٰ اٿس 'مارُو لوڪن جي نياڻي'.

"ٽون لنگھائيس 'لطيف' چئي ٿرن جا ٿوري". (شاهه)

"ٿوري" ڏاڏڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ اصل معنيٰ اٿس "شڪاري"؛ پر عام طرح ٿر ۾ پيهان کي "ٿوري" سڏيندا آهن ۽ اهي اڇوتن جي دفعي ۾ ليکبا آهن. "ٿوريءَ" جو مونث سنڌيءَ ۾ آهي "ٿورياڻي".

"ماڙهُو چوندم ٿي، آءٌ هيرياڻي آهيان،
مُون ورسرتيون سي، جي ٿورياڻيون ٿرن جون". (شاهه)

هيءُ بيت مسڪينيءَ جي باب ۾ آهي. جام تماچيءَ جي راڻي نُوري، ذات جي ڪندري (مهاڻي)، چوي ٿي ته ماڻهو مون کي مهاڻي چون ٿا، پر مان شڪارڻ آهيان ۽ ٿر جون پيلڙون مون کان وڏيڪ آهن- ٿر ۾ "ٿوڻو" معنيٰ ننڍڙو تلاءُ. اهو ڏاڏڪو لفظ رکو ٿر ۾ عام آهي.

ڪڇ

۱۴۴- ”ڪڇ“ لفظ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ ”ڪڇ“ معنيٰ ڪنڌي يا ڪنارو*. ڪڇ ملڪ اُپيٽ آهي: ٽن پاسن کان سمنڊ جـون ڇولهون ڇلڪا ڏيئي ان جو پٽ پيڀون پسائين. تنهنڪري اهو ”ڪڇ“ يعني سمنڊ جو ڪناري وارو ملڪ سڏجي ٿو، اتي جيڪا سنڌي ڳالهائي ۾ اچي ٿي، سا ”ڪڇڪي“ سڏجي ٿي.

۱۴۵- عيسوي ستين صديءَ ۾ ڪڇ ملڪ سنڌ جي حڪومت هيٺ هو ۽ پوءِ به ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ سنڌ جي سمن راجپوتن پنهنجو ڏکو ڄمايو هو (صفحو ۸۹) سنڌي ساٺهن جي حڪومت اوڏهين ٿي، ته سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ به انهن پاسن ڏي ٿيو. جنهنڪري اڄ سنڌي نہ فقط ڪڇ جا ڄاڙيچا، نهالا ۽ پاليا ڳالهائين ٿا، پر ڪاٺياواڙ جي اتر واري پاڱي ۾ به سنڌي ڳالهائي ۾ اچي ٿي.

ڪڇڪيءَ جون علحديون ڳالهيون

۱۴۶- ڪڇڪيءَ جي اچارن ۾ ڦير آهي، ۽ ڪيترا لفظ ۽ اصطلاح ڌيا ڌيا اٿس. هيٺين ڳالهين ۾ ڪڇڪي ٻولي لاڙ جي ٻوليءَ سان مشابهت رکي ٿي:

---

*”ڪاڇو“ معنيٰ اهو ملڪ جو جبل جي وٽ يا ڪناري سان هجي- سنڌ جو جوهي تعلقو، ڪاڇي ۾ آهي.

١- لفظن جي پڇاڙيءَ واري اعراب ڪيرو ڇڏين.

٢- ”اِ“ جي اُچار جي عادت ڪڍي اٿن ”مڃهان“ لفظ جي منڍ ۾ ”اِ“ جو اُچار ڪن ٿا.

٣- اُچارن کي سسائين ٿا. ”ڏنائينس“ بدران چون ”ڏنيمس“ ۽ ”پڇائينس“ بدران چون ”پڇنس“.

٤- ”ھ“ جو اچار ڪيترن لفظن مان ڪيرو ڇڏين. ”تنهن“ ۽ ”ڪنهن“ بدران چون ”تين“ ۽ ”ڪين“ ”تين ڪي رحم آيو“ يعني تنهن کي رحم آيو. ’ڪينجو نينگرو اچي تو‘ يعني ڪنهن جو نينگر (ڇوڪر) اچي ٿو.

٥- ”اِٿان“ ۽ ”جتان“ بدران ’اِٿان‘ ’جٿان‘ چون ٿا، يعني وچ وارو ’ت‘ اکر ڪيري ڇڏين ٿا (صفحو ٨٨).

٦- ڪيترن لفظن جي وچ مان ’ر‘ ۽ ’ڙ‘ جو اچار ڪيرو ڇڏين، جهڙوڪ: ”ڳاڙهون چارڻ بدران چون ڳئو چاڻ. ’او ڪُسي ڪيڻ لڳا‘ يعني هو خوشي ڪرڻ لڳا (ڏسو ضميمو پهرون).

٧- عام صورت ۾ ”اين“ جو ڏکو اچار ڳڏين ٿا. جهڙوڪ: جانور- جناورڻ؛ ڏينهن- ڏيئين؛ ’جهجهي جهپاتين سڀن‘ يعني گهڻن ڏکن سان.

٨- آءٌ ’ڪُرو‘ ڪريان؟- ٠ان ڇا ڪريان؟- انئين ”ءِ“ جو اُچار بدلائي ڳڏين ٿا.

٩- ’اُو‘ ’آنَ‘ ۽ ”پنڌ ضمير ڪم آڻين ٿا، ۽ ’اوهان‘ بدران ’آنْ‘ چون ٿا.‘ آنْ ”ڪُرو“ ڪريان؟ اهو ڪرو لفظ لاڙي ۾ ڪونهي.

۱۴۷- ڍاٽڪي ٻوليءَ وانگر ڪڇڪيءَ ۾ ”ٿو“ بدران ”تو“ چون، پر ”ھو“ بدران ”ٿو“ چون ٿا. جھڙوڪ: ’تو جو پاءُ مري ويو ٿو‘، يعني تنھنجو پاءُ مري ويو هو.

۱۴۸- ”آءٌ سارو آھيان“ بدران چون ’آءٌ ساراٿو آھيان‘. تر ۾ به ائين چون.

گجراتيءَ ۽ راجسٿاني ٻولين جو اثر

۱۴۹- ’مون جو روپيو وڃائجي ٿيو هوڏو، سولهجي آوڙيو (لڀي آيو يعني لڌو). ”ھو“ بدران ھوڏو ۽ ”آيو“ بدران ”آويو“ چون. ساڳيءَ طرح ”ھواھين“ يا ”ھواسون“ بدران ڪڇڪيءَ ۾ چون ”ھوٿون“-هي راجسٿاني ٻولين جو نمونو آھي.

۱۵۰- گجراتي ۽ راجسٿاني ٻولين وانگر ڪڇڪيءَ ۾ ’نون‘، ’ني‘، ’آني‘ ۽ ’ني‘ حرف ڪر، آئين ٿا. جھڙوڪ:

۱- ”ملڪيت منجھان نون جو ڪو مون جي ٿي ٿئي، سي موڪي ڏي“ يعني ملڪيت منجھان جيڪا ٿي منھنجي ٿئي، سا مون کي ڏي.

۲- ”رامجي پين ني آونچو آئي“ يعني رامجي، پيءُ کان اوچو يا ڊگھو آھي. آن ني ڪاسو=ھن کان خاصو.

(۳) آئون ڪليائجي وٽ ويندوس، اني تين ڪي (تنھن کي) چوندوس، تہ تو جو مال نتو وڪائجي (وڪامي). لاڙ ۾ بہ ”ني“ چون-مثلاً، ھنج ني ۾ ست يعني ھنج ۽ ۾ ٿيا ست.

(۴) ’ڪائي ني‘ معنيٰ ڪائي ڪري.

(٥) 'ٿوريچ ڏيئين ٻنيان' يعني ٿورن ڏي ڏينهن کان ٻوءِ. 'مال مڙئي توجو آهي' يعني هيءُ مال سڀ تنهنجو ئي آهي. اهو زور پراڻينڊ ۽ حرف "ج" گجراتي ۽ راجستاني ٻولين جو آهي.

ڪڇيءَ جا علحدا لفظ ۽ اصطلاح

١٥١- ڪڇڪيءَ ۾ ڪيترا لفظ علحدا آهن ۽ ڪن جا رکو اچار قربل آهن. جهڙوڪ:

اور ڪن= سڄالڻ؛ ٻاپو= بابو؛ ٻاڙي= ٻائي؛ اڌي= اڌائي؛ پڳ= پير؛ ٻڪتي= دڪي؛ ڦڳائڻ= آچلڻ؛ جهمڻ= ڪائڻ؛ ڪائو= ڪانو؛ ڪائو؛ گانو؛ ڏونگري= بصر؛ روسڻ= ڪُهڻ؛ ڏيس ولو معني شهر نيڪالي؛ ترارين جي تر ٻيئي يعني ترارين جو ڦهڪو لڳي وٻو.

ڪڇ جي شعر جو نمونو

١٥٢- سَيا پري مال، اوڌي آچارا ڪيا،
نہ چاڻا ٻي ڳال، ڪيهر هليو ڪڇ ڏي.

يعني چار تماچي جي ٻاءُ چار اوڌي اٿن تي مال پري لاڏائو ڪيو (لڏي ويو). چيائين تہ مان ٻي ڪا ڳالهہ چاڻائي ڪانہ يعني مان پنهنجي مرضيءَ موجب هلندس- ائين چئي هي شير مڙس ڪڇ ڏي هلي ويو.

سورٺي شعر جو نمونو

١٥٣- ڪاٺياواڙ جي سورٺ (سوراشٽر) پرانت (ضلعي) ۾ اهير، چارڻ، مير ۽ ٻيا ڪيترا سنڌ جي آڳاٽن رهاڪن مان

آهن. سورٺي ٻوليءَ ۾ سنڌن ٿورو شعر ڇپيل آهي. جهڙوڪ:

آئر سبڙهيون ڪيڏيون ڏونگر ڏسريام،
هنئڙو ترقي مڃي جڻن، ساجن سفيريام.

اٿر ڪان ٿڌي هوا (سيءَ) جون سيرو (وهڪون) پيئون اچن. جبل مون تي ڪاوڙيا آهن يعني سيءَ سبب جبل ٿري ويا آهن ۽ مون کي پير رکڻ ٿتا ڏين ۽ ڄڻ ته مون تي ڪاوڙيل آهن-سڄڻ ٻاڏ پيو، ته منهنجو هنيون (دل) مڇيءَ وانگر ترڪڻ لڳو.

هيءَ بهت پروفيسر مالڪيه جي جوڙيل سورٺي ٻوليءَ بابت ڪتاب مان ورتو ويو آهي ۽ سسئيءَ پنهونءَ جي قصي تي ٻڌل بيو پانئجي.

١٠٤ — لسٻيلي جو شهر ڪراچيءَ کان اٽڪل سٺ ڪوهه پري بلوچستان جي حد ۾ آهي. سڄي لسٻيلي رياست ۾ لس ٿي لس جبل لڳا پيا آهن. اتي گهڻي وڏڪار نه هئڻ سبب اهو سمورو ملڪ لسو ۽ پسو پيو لڳي، تنهنڪري اهو نالو رکيو اٿن-اڳي ارم ٻيلو سڏبو هو. اهو سڄو پاسو مڪران سميت اڳي سنڌ جي حڪومت هيٺ هو، تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ اوڏاهن ٿيو. اڄ بہ سنڌي ٻولي لسٻيلي ۾ گندا واهه طرف ڳالهائي ۾ اچي ٿي. لسٻيلي رياست ۾ اٽڪل پنجهٺ هزار آدم آهي؛ جنهن مان چوڏهن هزار ماڻهو بلوچي ٻولي ۽ نوَ هزار ڪن بروهي ٻولي ڪم آڻين ٿا؛ باقي ٻائيتاليهه هزار ماڻهو جيڪا سنڌي ڳالهائين ٿا، سا "لاسي" معنيٰ لسٻيلي جي سنڌي سڏجي ٿي (ڏسو "لنگئسٽڪ سروي"، جلد اٺون، ڀاڱو پهريون).

لاسيءَ جون علحديون ڳالهيون

اُچار — گهر، ٻاهر ۽ ننڍو بدران لاڙائين وانگر گر، ٻار ۽ ننڍو چون؛ پر کهاڻو، هميشه ۽ ڳالهه لفظن ۾ "هه" جو اچار قائم رکن ٿا. "سنڌيءَ" بدران پاڻ چون "سنڌي".

(الف) "گر چي ويو" معنيٰ گهر ڏي ويو. "جيترو چوآهي" معنيٰ جيترو ٿيو آهي. "جيترا سال چن" معنيٰ جيترا سال ٿين.

اهڙيءَ طرح "ٽ" بدران "ڄ" چون ٿا، ۽ "ٽو" بدران چون "ڏو".

اسمن جو ڦيرو- لاسي ٻوليءَ ۾ "پير" جو جمع "پيران" ۽ "پورهيت" جو "پورهتيان"، جيئن شڪارپور طرف آهي. "هڪڙي ماڻهو جا ٻه پٽ هئا"، ان جي بدران لاسي چون، "هڪڙي ماڻهي جا ٻه پٽ هئا"؛ مطلب ته جيئن "ڇوڪرو" لفظ ڪسي عام صورت ۾ چئجي، "ڇوڪري"، تيئن هي "ماڻهو کي علم صورت ۾ آڻي چون "ماڻهي".

ضمير- ضميرن ۾ وڏو ڦير اٿن:

(١) ضمير غائب "هو" کي عام صورت ۾ آڻي چئبو "هن"، ۽ لاسي ۾ چون "هَوَ" ("هَ" مٿان پيش ۽ "وَ" مٿان زبر يعني "اَ" جو اچار)، تنهن مان ۽ "هَ" جو اچار ڪيدي باقي چون "وَ" جو پٽ" يعني هن جو پٽ، ۽ "وَ جو گذران" يعني هن جو گذران.

(٢) "اهو" بدران چون "ايهو"، ۽ اڳيون الف ڪيدي چون "يهو". مثلاً "يهو مانجو پٽ ٿيي" يعني اهو منهنجو پٽ ٿئي. "يهو" جو اچار گهٽائي "يهه" به چون مثلاً يهه جو مطلب ڇو؟" يعني انهيءَ جو مطلب ڇا؟ ان ٻوڏين مثال مان ڏسڻ ۾ ايندو ته "اهو" "ايهو، يهو، يهه" چون ٿا.

(٣) "ڇا" بدران چون "ڇو" يا "ڇي". "ڇي لاءِ" يعني ڇا لاءِ. "يهه جو مطلب ڇو؟" يعني انهيءَ جو مطلب ڇا.

فعلن جا گردان- اچار ڦريل اٿن ته فعلن جي گردانن جو نمونو به ڦريل اٿن؛ خاص زمان مضاروع ۾ وڏو ڪھوٽالو اٿن. جھڙوڪ:

"آن آچي گر تو وڃهن" يعني آءٌ اٿي گھر تو وڃان.
"آن ڪم ھيو ڪرين" يعني آءٌ ڪم ھيو ڪريان.
"آن لائق ناھين" يعني آءٌ لائق نه آھيان.
"وڃي چو چوينس" يعني وڃي تو چوانس.
"پلي ته سرھا ٿيان" يعني پلي ته سرھا ٿيان (ٿيون).

ظرف- لاسي ۾ 'جر' معنيٰ 'جڏھن' ۽ 'تر' معنيٰ تڏھن. 'جر جو اچا گھاٽو ڏور ھو تر وُ جي پٽ ڪي پسي منجھه وڃي پترھو يعني جڏھن اچا گھڻو پري ھو تڏھن ھن جي پٽ ڪي ڏسي (جاء) منجھه وڃي گھڙيو.

حرف جر- لاسيءَ ۾ 'ھاڏ' معنيٰ ڏي يا ڏانھن. اھو ظرف ھن ريت حرف جر ڪري ڪم آڻين ٿا؛ اَو ھڪڙي ڏورين ملڪ ھاڏ وبو' يعني ھو ھڪ ڏورانھين ملڪ ڏي ويو. لاسيءَ ۾ "کر" معنيٰ وٽ ۽ 'کران' معنيٰ وٽان؛ 'سان' بدران 'سين' چون. اھي ٽيئي حرف لاڙيءَ ۾ آھن ۽ شاھه جي رسالي ۾ به ڪم آيل آھن. لاسيءَ ۾ 'ڪان' بدران 'نون' به ڪم آڻين ٿا جو سرائڪي توڙي گجراتيءَ جو حرف جر آھي. جيئن ڪ چون "تور ڪان ڏينھان نون ھوء" يعني تورن ڏينھن ڪان پوءِ.

لاسيءَ جا علحدا لفظ ۽ اصطلاح

١٥٦- ”آڪارڻ“ معنيٰ خرچڻ يا کپائڻ- مثلاً ”جر سڀ اڪارڻائين“ يعني جڏهن سڀ (ڏن) خرچيائين ۽ کپايائين. جر معنيٰ جڏهن، تر معنيٰ تڏهن؛ کهاڙو معنيٰ ڳهڻو. مثلاً ”اسان وٽ کهاڙي ماني کائڻ لاءِ آهي ۽ اوباري به سگهون ٿا“، يعني اسان وٽ ڳهڻي ماني کائڻ لاءِ آهي ۽ اسين مانيءَ جي اوبر به بچائي سگهون ٿا. ٻيون مثال: ”ڙُ کي کهاڙو چيڙيو“ يعني هن کي ڳهڻو چنبڙيو. ”کهتائڻ“ معنيٰ کهرائڻ- مثلاً ”ڪڙي پورهيت کي کهتاڙي پيچ“. ”پترڻ“ معنيٰ ”کهڙڻ“. مثلاً ”گرمنجهه نه پتريو“ يعني کهرمنجهه نه کهڙيو. اهڙيءَ طرح ڪي علحدا اصطلاح به اٿن- مثلاً ”آکي تان ورڻ“ معنيٰ آکيا يا حڪم کان ڦرڻ يعني حڪم جي برخلاف هلڻ، توجي آکي تان وريو ناهين“ يعني تنهنجي آکيا يا حڪم کان ڦريو نه آهيان. ”پورهيت ڪري جهلڻ“ يعني پورهيت يا نوڪر طور بيهارڻ- (”لنگشتڪ سروي“ مان ورتل).

هندن ۽ مسلمانن جي ٻوليءَ ۾ فرق

١٥٧- سنڌ ۾ وڻ وڻ جي ڪاٺي آهي، ٻه مکيه قومون به آهن: هڪڙا هندو ٻيا مسلمان. انهن جي مادري زبان هڪڙي آهي، ته به ڪو باريڪ طرح جاچيندو، ته معلوم ٿيندس، ته هندن جي ٻولي هڪڙي ۽ مسلمانن جي ٻي- جهڙوڪ:

هندو	مسلمان	هندو	مسلمان	هندو	مسلمان
آرتوار	آچر	منگل	آڱارو	ٻڌر	اربع
وسپت	خميس	ڪپ	چاڪون	ڪنورو	ونو

هندو چون "نيوڻ سنو ٿيو آهي"، ته مسلمان اڪثر چون ته "ٻوڙ ملوڪ ٿيو آهي"، ڪيترا اصطلاح ۽ ٻهاڪا به ٻيا ٻيا اٿن- مثلاً وضو سارڻ، نماز پڙهڻ، روزو رکڻ. ڪلمو پڙهڻ ۽ تڪبير چوڻ. "جهڙا روح تهڙا ختما" ۽ "اڇو الله ڪارو رسول"- هيءَ مسلمانن جا ٻهاڪا آهن جي وقتي هندو به ٻيا ڪم آڻين: ساڳيءَ طرح "ٻگ ڪون، هوم، آرتي، ٻني پاڻهي، پنڊ پرائڻ" وغيره. هندڪي رواج ۾ آهن. "پاءَ پنتيتي پٽ ڪي جٽيو"؛ راڪي رام تہ ساري ڪون؟"- هيءَ هندڪا ٻهاڪا آهن.

١٥٨- (١) "اسان آ عبادت نظر ناز پرين جو". (شاهه)

(٢) "هڏ نه وڏي هاڻ، مون وبڇن جي وصال".
(٣) "بڻائي ساز صورت جو وري کهڙا
ليڪ لکائين ٿو". (ٻيڪس)

پهرين مصرع ۾ "نظر" لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ اعش يعني "اُ" جو آچار آهي ۽ جنس مذڪر ٿي ڪم آيو آهي؛ نه ته عام طرح جنس مونث ليکبي اٿس. ٻيءَ مصرع ۾ "وصال" لفظ، جنس مذڪر بدران، جنس مونث ۾ ڪم آيو آهي. ٽينءَ مصرع ۾ "ليڪ" جي جنس مذڪر آهي. نه ته عام طرح ليڪ جمع لکُون (جنس مونث). هندو چون ٿا "پاڪي" جنس مونث؛ مسلمان اڪثر ان جي جنس مذڪر ليکين ٿا. اهڙيءَ طرح ٻين ۾ ڪيترن لفظن ۾ جنس جو ڦير آهي.

عاملن ۽ ڀائيبندن جي ٻولين ۾ فرق

١٥٩- هندن ۾ هڪڙا عامل ۽ ٻيا ڀائيبند آهن ۽ انهن جي ٻوليءَ ۾ به وڏو ڦير آهي. وقتي رڳو سندن نالن منجهان ئي سمجهي سگهبو آهي، ته اهو نالو عاماڻو آهي يا ڀائيبندڪو- مثلاً هوتومل، ٽيڪومل، ۽ نارومل ڀائيبندن جا نالا آهن. انهن جي بدران عاملن جا نالا هوتچند، ٽيڪچند ۽ نارائڻداس آهن- رواجي طرح هرڪو ائين ڀانئيندو ته، هو هڪجهڙي سنڌي ڳالهائين ٿا، پر سندن خط پٽ يا ڇاپيل ڇپائيون ڏسو ته ٻوليءَ ۾ زمين آسمان جيترو فرق ڏسڻ ۾ ايندو. ڀائيبند اڪثر هيئن لکن:
"ٻيڪو سهاء (يا) جوڳ سري رام جي سهائتا.

”چرجيوي ياڻي ناروسل ٻوچ ڊاميملاڻي چکڻ ٻاشت (طرف) لکت شڪارپور وچون داس ڪيمن ٻوچ هوتچنداڻي ماڪيجي جي رامست واچڻي. ڪَشي (خوشي) کهڻي ڪرڻي. ڪَش (خوش) پرسن رهڻو. توهان جي اسان جي سري جوني سروپ سهائتا ڪندو.

و- اپرانت (وڌيڪ تہ) ڱرت (گيهہ) دها ٻہ ڪراساني (خراساني) ۴ باسپتي چانور لي ٻاچڪ (ننڍيون ڳوٺيون مڻ - سوا جون) پڻياسون (موڪليوسون). رقم اسان جي جمع ڪرڻي. اپرانت سماچار واچڻي، ڦيري حوال ترت ڏيوڻو. ٻيو حال حوال توهان جي چڻيءَ آوي اني (اچڻ تي) ڏيندا سونوَ. چڻي لکي ڪيمن ٻوچ هوتچند ماڪيجي شڪارپور وچون، وڻي ياڻي تاروسل ٻوچ ڊاميملاڻي چکهہ حيدرآباد وچ- متي......سنبت.“

لفافي تي سرنامي لکڻ مهل ٻهرياڻين سادا ۷۴ انگ لکن. اهو ”سادا چوهتر“ يا ”سادي چوهتر“ پڙهيو ”ستر سادي چار“- هيءَ هڪ قسم آهي تہ جيڪو مالڪ ڪان سواء چڻي ڪولينڊو، تنهن کي سادا چوهتر مڻ ڱاڻ جو ڱاهہ ڊرساڌو ڏيڻو پوندو، يا چئن تہ اهڙو پاپ ڪيائين جهڙو هندن جي سادي چوهتر مڻ جي وزن جيترا جڻيا لاٿائين-اهو سادي چوهترانک لکي ٻوءِ هيٺن لکن.

”چڻي هڪ ياڻي تاروسل ڊاميملاڻي چکهہ وڻي، حيدرآباد شاهي بزار وچ، پڻي شڪارپور وچون.“

١٦٠- هندڙون اڪثر هن نموني لکن:

”ارڪو سهاء“

انگين اکرن رپيا ڇهه، سؤ ـ نيمي رپيا سؤ ٽي، تنهن جا ٻيڻا رپيا ڇهه، سؤ ـ ٻائي ڇٽن مل جي پاسون راکي، متي چيٽ وڏي ٣، (تيرس) سنبت........مڏي ڏن اڪهٽ ڪرا، پيڇي ڪراچي بندر منجهه، شاهه واپاري جو ڪ پري ڏيوڻا؛ ٺام ٺڪاڻو ڏسي ڏيوڻا. ـ متي چيٽ وڏي (تيرس)."

مٿين نموني مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ٻهرياڻين ڇهه سؤ رپيا لکي پوءِ ان جو اڌ ۾ تنهن کان پوءِ انهيءَ انگ جي هيٺ (وري ساڳيو ڪاڄوڙ) چاڙهائين ٿا، ته وچ ۾ ڪو دغابازي ڪري رقم ڦيرائي نه سگهي. جنهن جي ڏانڊي ۾ هنڊي لکن، تنهن جو نالو چاڙهائي، پوءِ انهيءَ نالي جي پٺيان لکن "پاسون راکي". اهو سنڌن اصطلاح آهي. اکري معنيٰ موجب اسان هن کان پئسا وٺي رکيا (توهين هن کي ڏجو). جنهن کي هنڊيءَ واري رقم ملڻي هجي، سو جڏهن اها پيش ڪري، ۽ اڳلو هنڊيءَ ڏسي منوتي (قبوليت) ڪري ته پئسا ڏيندس ته چون "هنڊي خاصي ٿي" (قبول ٿي). اڳلو هنڊيءَ جا پئسا جنسي ڏئي ته "هنڊي سڪاريائين" Honour. جيڪو هنڊي جا پئسا وٺي، سو پوءِ هنڊيءَ جي پٺ ڀري (Endorse) يعني ان جي هيٺيان لکي ته

"رپيا (انداز) هن هنڊيءَ جا، پنهنجا لهڻا، مون کي مليا". هنڊيءَ جي پٺ ڀري، ۽ اڳلي کي پئسا مليا ته پوءِ اها هنڊي ٿي "کوکو". جيڪڏهن اڳلي هنڊيءَ واري رقم نه ڏني ته اهو ٿيو "نڪارو" يا "ناڪارو" (To dis honour) ۽ ناڪاري تي اڳلي کي ڏوالو ڪيڻو پوندو آهي. اڳلي

جي ڏيوالي ڪيڻ تي ان جا لهڻيدار، ہاڻ ۾ صلاح ڪري، ان جي سموري ملڪيت جون پنهنجي لهڻي موجب ونڊيون ڪري ڪڻندا آهن. اهڙيءَ صلاح کي ”ستمي“ چئبو آهي– اهڙيءَ طرح واپارين جا لفظ ۽ اصطلاح گهڻي ئي آهن.

١٦١– پائيبندن ۾ اڪثر راجا وڪرماجيت جو سنبت هلندو آهي. واپاري ڪمن لاءِ ڪٿي چنڊ جون تاريخون ۽ ڪٿي مهيني جا ٻہ پک ليکيندا آهن. اونداهي پک کي ”وَڌي“ ۽ سُهائي پک کي ”سُڌي“ سڏيندا آهن–مثلاً، ”چيٽ سُڌي پنچمي“ ١٥–١ تي چيٽ مهيني جي ٽين تاريخ، چاڪاڻ تہ چنڊ ٻيج ٽيٽ تي اڀرندو آهي، ۽ مهيني جي ٻهرين تاريخ ٽيج ٽيٽ تي ٿيندي آهي؛ تنهنڪري پنچمي ٽيٽ تي ٽين تاريخ–ائين تاريخن چاڙهڻ جو نمونو بہ نرالو اٿن.

مردن ۽ زالن جي ٻوليءَ ۾ فرق

١٦٢– هندو ۽ مسلمان وري بہ ڌار قومون آهن ۽ هندن ۾ عالمڪو پکو ڌار تہ پائيبندڪو پکو ڌار آهي؛ پر خود پنهنجي گهر ۾ هرڪو هندو توڙي مسلمان جاچيندو تہ معلوم ٿيندس، تہ مردن جي ٻولي هڪڙي ۽ زالن جي ٻولي ٻي آهي. زالن جا ڪيترا لفظ، اصطلاح بلڪ پهاڪا بہ پنهنجا–مثلاً ٻڙي، سٽي، نياڻي وغيره زنانا لفظ آهن– زنانا پهاڪا ڪيترائي آهن، جهڙوڪ:

(١) مٺي نياڻي، آنڌ آئي.

(٢) آءٌ بہ ويندي ٻيڪي، سون بہ لهندي سڪ.

(٣) ڀيو سيڪي ٿيو باقي ڇنڻ وسري ويو.
(٤) آڻ سرنديءَ ڀهاج ڀيڪي (لاچار ڪي سپ روا).
(٥) ساهرا آهرا، ٻاٻرا ڪنداٻ جسو پاسو وراء سو چٽپ چٽپ ڪندا.
(٦) رئي آهي کهوٽ سان، تني ڳالهائي ڳوٺ سان!

مردن ۽ زالن جي ٻوليءَ ۾ گهڻو فرق هن ڪري ٿيو آهي جو عام طرح نڪي مردن جي سٿ ۾ زالون ۽ نڪي زالن جي سٿ ۾ مرد ويهن ٿا. چوڻي به آهي ته ”زالون زالن جو ڪاڄ“. مرد مرداني ٻاريءَ ۾ ۽ زالون زناني ٻاريءَ ۾ گذارين ٿيون، ته سندن خيال جي رفتار ۽ ڳالهائڻ جو ڍنگ پنهنجي نموني ۾ ٿيو پوي. جتي ڏيتي- ليتي يا ٻيون اهڙيون رسمون آهن، تتي زالن جو هوش گوش انهن ڳالهين ۾ وڃيو پوي؛ تنهنڪري اهڙين ڳالهين سان لاڳاپو رکندڙ لفظ، اصطلاح ۽ پهاڪا پنهنجا جوڙين ٿيون. وهانءَ- وڏاڻ ۾ يا منهن- معرڪي تي هڪبئي سان گڏجن مسجن ٿيون، ته هڪبئي وٽان اهڙا لفظ، اصطلاح ۽ پهاڪا ٻڌن ٿيون جي پوءِ وٽن عام ٿيو وڃن. هنن تي نڪي انگريزي، نڪي عربي، فارسي يا سنسڪرت جو اثر ٿيو آهي، تنهنڪري سندين سنڌي جهڙي ٺيٺ ڇنڇي ٿهڙي آهي. اڄڪلهه جي ڇوڪرين کي سنڌيءَ جو اهو ماڻو اڪثر ڪونهي- باقي ٻولي ٻڌڻ جهڙي! گهڻو ڪري ڳالهائين ٿي رکبو اصطلاحي سنڌي ۽ لپ لپ تي پهاڪي جو به نڪاءُ ڀيو پوندو- اسان جا هاري به واهه جي سنڌي ٿا ڳالهائين! انهن جي ٻولي

اھڙي ڇپيدي آهي، جو جيڪر چئجي ته ”سادت جو سينگار، ٻھراڙيءَ جي گفتار“.

ھر ڪنھن جي پنھنجي ٻولي

١٢٣- ٻولي کي جيڪڏهن اچا ۽ وڌيڪ باريڪ طرح جاچبو، ته معلوم ٿيندو ته جيئن سڀڪنھن ماڻھوءَ جو مھانڊو ۽ ھلت چلت جو نمونو پنھنجو پنھنجو آهي، تيئن ھرھڪ ماڻھو جي ٻولي ۽ اکرن لکڻ جو نمونو به پنھنجو پنھنجو آهي، مثلاً جيڪڏهن اسين پنھنجي ڪنھن ياءَ پراڻي يا ڪنھن واقف جو ڳالھائڻ ٻڌنداسين، ته ٻريان ئي جھٽ سڃاڻي ڪنداسين، ته فلاڻو ٿو ڳالھائي. ساڳيءَ طرح سندس اکر به سڃاڻي سگھنداسين، ته ھي فلاڻي جا اکر آهن. جيڪڏهن سندس ڪو ليک اخبار ۾ پڙهنداسين ته مضمون منجھان ئي سھي ڪري سگھنداسين، ته اھو ليک فلاڻي جو آهي؛ ڀوءِ ڀل ته انھيءَ ليک تي سنديس صحيح ڀيل به نه ھجي. اھڙيءَ طرح ھر ڪنھن جي ٻولي پنھنجي پنھنجي آهي- جيتوڻيڪ سندس ڀائرن ۽ ڀين ذاتيائن کان ٻولي گھڻو ڦريل نه آهي- ھي ڳالھ ياد رکڻ گھرجي ته سڀڪنھن ماڻھوءَ کي ٻوليءَ تي ھڪجيترو ضابطو ڪونھي. ڪو ٻوليءَ مان گھڻو واقف ھوندو ته ڪو ٿورو؛ جنھن کي جنھن آھر لفظ، اصطلاح ۽ پھاڪا ايندا ھوندا، سو انھي آھر ڪم آڻيندو. اھڙو ماڻھو جدا جدا ڳالھين بابت مضمون لکندو، ته به ٻولي اھائي ڪم آڻيندو، يا ڪيس ايندي ھوندي. جدا

جدا مضمونن ۾ به ساڳيا ساڳيا لفظ ۽ اصطلاح مضمون جي مد نظر تي ڪم آڻيندو. ليڪن جو ڍنگ به هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو آهي، تنهنڪري، اهڙي ماڻهوءَ جي ڪم آندل ٻولي ۽ ڍنگ مان سهي ڪري سگهبو آهي، ته هيءُ مضمون فلاڻي جو لکيل آهي- اهي ڳالهيون ڪٿي چئبو ته 'جيترا آهن ماڻهو، تيترئون آهن ٻوليون'. پر ٻوليءَ جا اهڙا سنها تفاوت خيال ۾ نه رکي، ٻوليءَ جا ننڍا دفعا (آهياشائون) ٺهرائيندا آهن.

(Vocabulary or Word-stock)

لفظن جي ورڇ

١٦٤- سنڌيءَ ۾ جيڪي به لفظ ڪم اچن ٿا، تن کي چئن دفعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (١) تتسم (٢) تد ڀؤ (٣) ديشي (۴) وديشي. پهريان ٽي نالا اصل پراڪرت نحوين ڪم آندا هئا، جي هاڻ يورپي تورڙي ڏيهي عالم ڪم پيا آڻين؛ ۽ چوٿون نالو اسان پنهنجو گڏيو آهي، جو سنڌي ۾ ڪيترا وديشي يعني ڌارين ملڪن جا لفظ به اچي ويا آهن.

Tatsama　　تتسم

١٦٥- "تتسم" يعني لڳ سنسڪرت لفظ، جي سنڌيءَ ۾ پين ڏيهي ٻولين ۾ بجنسهي، يا جيئن جو تيئن، ڪم اچن ٿا. جهڙوڪ: ندي، ڪوي معني شاعر، راجا، ڪرپا معني ٻاجهه، ديا معني ٻاجهه، يا رحم، چنتا معني ڳڻتي، ڪايا معني سرير يا جسم، ۽ سُندر معني سهڻو. اهڙا ڏڃ سنسڪرت لفظ جي قديم زماني کان وٺي سنڌيءَ ۾ اچي ويا آهن؛ يا ويجهڙائيءَ ۾ ماڻهو سنڌيءَ ۾ ڪم آڻن لڳا آهن؛ تن کي "تتسم"* سڏجي ٿو؛ جنهن جي اکري معني آهي "ان جهڙا" يعني سنسڪرت جهڙا يا هُوبهو سنسڪرت.

* "چيٽيءَ ۽ ڪنچر ۾ سم ڏسي پگوان." (سامي)
"سم" معني ساڳيو يا هڪجهڙو. ("تتسم" لفظ ۾ تت = tat
'The Same as it i.e. Sanskrit= تتسم .Same = ۽ سم

١٦٦- سنسڪرت ”ڌيان“ Dhyana بدران چئون ”ڌيان“ Dhiyanu ۽ ”سندر“ Sundara بدران چئون ”سندر“ Sundaru معنيٰ سهڻو. اهڙن سنهن تفاوتن ڪري عالمن اهڙن لفظن کي اڌو ڳاٻرا تتسم Semi-Tatsama سڏيو آهي. لفظن ۾ ڦيرڦارئين ائين ڏورو ڦير پوندو آهي ۽ پوءِ وڌيڪ ڦيرڦار ٿيندي آهي، ته ”تتسم“ ڦري ”تدڀو“ ٿي پوندا آهن.

١٦٧- سنسڪرت لفظ ”ڌرم“ ۽ ”پريم“ جا اچار پاليءَ ۾ ڦري ٿيا ”ڌم“ ۽ ”پيم“ (صفحو ٤٧) پر هاڻ اسين وري ساڳيا نج سنسڪرت لفظ ڌرم ۽ پريم ڪم آڻيون ٿا، جي پاليءَ واري زماني کان پوءِ وري چالو ٿيا. اهڙيءَ طرح ڪيترائي نج سنسڪرت لفظ آهن، جي هڪ واريءَ گويا مري ويا، سي هاڻ وري نئون جنم وٺي ٻوليءَ ۾ آيا آهن. اهڙن نج سنسڪرت لفظن کي عالمن ”هاڻوڪا تتسم“ Modern Tatsama سڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي وچڙائيءَ ۾ سنسڪرت مان اڌارا ورتا ويا آهن- اها ٻه ٻوليءَ کي پرپور يا مالا مال ڪرڻ جي هڪ وات آهي.

تدڀو Tadbhava

١٦٨- ”تدڀو“ لفظ جي اکري معنيٰ آهي ”اُنهيءَ جي ڀاءُ يا سڀاءُ جهڙا“ (Of the nature of it)، يعني بجنسي سنسڪرت نه، پر انهيءَ (سنسڪرت) جهڙا. جهڙوڪ:

تتسم	تدڀو	تتسم	تدڀو
سُوريه	سُورج، سج	چندر	چنڊ
اُشتر	اُٺ	ڪوڪل	ڪوئل (ٻڪي)
اُنتان	آنڊ	درشن	ڏسڻ
متر	ميٽ، مائٽ	پُتر putra	پٽ Son
وياپار	واپار	لوهڪار	لوهار، لوهر

سنڌي ٻوليءَ ۾ مکيه لفظ آهن ئي اهڙا تدڀو لفظ، چاڪاڻ تہ قدرت جي عام شين ۽ ساهوارن جا نالا، روزمره جي ڳالهين سان لاڳاپو رکندڙ لفظ، مٽي مائٽي، واپار ۽ ڪرت ڪار وغيره جا لفظ- مطلب تہ اهو سڀ ذخيرو يا مال، جنهن تي ٻوليءَ جي پيڙهہ ٻَڌجي ٿي، سو گهڻو ڪري سڌورا سنسڪرت سان ورتل آهي؛ ۽ اهي ئي تدڀو لفظ نج لفظ سڏجن ٿا.

”آئون نہ ڳُڏي پريءَ کي، تون ٿو لهين سچ!
آئون جي ڏينهہ سنيها، نيمي پرڏان ڏج“ (شاهہ)

هي سڀ سنڌي لفظ آهن. اهڙا تدڀو لفظ جيڪڏهين ٻوليءَ مان ڪڍي ڇڏبا، تہ ڄڻبو تہ ٻوليءَ جو خاتمو ٿيو. سنڌيءَ ۾ جيڪي عدد، ضمير ۽ حرف جر آهن، سي گهڻو ڪري سڀ تدڀو آهن. ٻوليءَ مان جيڪڏهن رڳو حرف جر (کي، ۾، تي سان، لاءِ وغيره) ڪڍي ڇڏجن، تہ جملا جوڙي ڪين سگهجن- اهي ڳالهيون ڄڻ ٿي ڄڻبو تہ ٻوليءَ

جو اصلوڪو ۽ سچو ٻچو خزانو آهي نج سنڌي لفظ آهن. ڪي سنڌي لفظ ٻين ٻولين ۾ به عام آهن (صفحو ٧٤)؛ پر اسان جا اُچار ئي علحدا؛ انهن اچارن مان ڀريان ئي ٻروڙي سگهبو آهي، ته اِها آهي اسان جي مادري زبان، جنهن جي شعر جي شيرينيءَ هندن نوڙي سلامن ڪي موهت ڪري ڇڏيو آهي.

١٦٩- ڪن سنسڪرت لفظن جي صورت ايترقدر بگڙجي ويئي، جو سڃاڻڻ ئي مشڪل- مثال:

سنسڪرت	سنڌي
پتار سوسري يعني پيءُ جي ڀيڻ	ڦُڦي، ڦڦي
ماتر سوسري " ماءُ جي ڀيڻ	ماسي
پڪني ڀتي " ڀيڻ جو مڙس	ڀيڻيويو
شيالي و ودر " ساليءَ جو مڙس	سنڍو
پراتر جايا " ڀاءُ جي جوءِ	ڀاڄائي
شيت ڪال " ٿڌو وقت	سيارو
آشن ڪال " گرم وقت	اونهارو

سنسڪرت- "شوشره" (Shvashurah)، پراڪرت- "سسر" (Sasura)، ۽ هندي "سسرا": انهيءَ "سسرو" لفظ جو اچار سنڌي ۾ آهي "سهرو" (Father-in-law)، ته ڪي پاڄي اڻڻ ڀيا ڀانئين ته اهو عربي لفظ صهرو آهي. حقيقت ڪري سهرو (سسرو) لفظ نهايت قديم آهي ۽ پالي ٻوليءَ ۾ به آهي، جا عيسوي سنه کان هزار کن ورهيه اڳي چالو

هئي (صفحو ٣٩). اهڙا روز مره ڪم ايندڙ لفظ صديـن کان ڪتب پيا اچن، ته ڪسي پيسي وبا آهن- ۽ ماسي پڦي وغيره، جي اصل ۾ مرڪب لفظ آهن. سي هينئر ڇڙا يا يڪا لفظ پيا ڀانئجن.

١٧٠- ٽڏيو لفظن مان ڪي آکاڻا ته ڪي هاٺوڪا آهن- جهڙوڪ سنسڪرت لفظ ”هردي“ مان هـنئون، هنئانءَ ۽ هيج لفظ ٺهيا آهن (صفحو ٥٩ ۽ ٦١) اهي آکاڻا تدڀو ڇئبا. اهو ساڳيو ”هردي“ لفظ وري چالو ٿيو ته اچار ٿيس هردو- ردو، ۽ معنيٰ ساڳي اٿس. اهي هاڻوڪا تدڀو ڇئبا.

”هردو دنيادار جو ڀاهڻ کان ٻه ٻري.“

١٧١- سنسڪرت لفظ ”ونش“ ڦري ”ٻانس“ ۽ ”ونجهه“ ٿيو آهي- کهڙيءَ ٻه بانس جي ڪاٺيءَ کي ”بانس“ چئبو؛ پر ”ونجهه“ اها بانس جـي لٺ آهي، جنهن سان ٻيڙي هلائين ٿا- اهڙيءَ طرح ڪن سنسڪرت لفظن ٻه-ٻه، ٽي-ٽي، بلڪ وڌيڪ صورتون ورتيون آهن، ته ڪن جي معنيٰ ۾ به ٿورو ٿورو ڦير پيو آهي.

١٧٢- ”ٿورا نه ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.“ (شاهه) مارئي چوي ٿي ته، منهنجن ماروئڙن جا احسان مون تي ٿورا ڪينهن“؛ يعني مـون سان گهڻي ڀـي ڀلايون ڪيون اٿن- اهي ٻه لفظ هن ريت ٺهيا آهن:

(١) هتي پهريون ”ٿورو“ معنيٰ احسان يا ڀلائي، جو اصل ۾ سنسڪرت لفظ ستوڪ Stavaka آهي، جنهن جي اصل معنيٰ اٿس ”ساک يا ساراهه“. ڪنهن تي ٿورو ڪبو ته هو ضرور

احسان مڃيندي، اڳين جي ساک ڪندو. اهو ”ستوڪ“ لفظ اول بگڙجي ٿيو ”ٿوڪ“، ۽ پوءِ ’ڪ‘ حذف ٿيو ته باقي بچيو ”ٿو“، تنهن جي پٺيان ”رو“ پڇاڙيSuffix ڳنڍي ڇڏيون ”ٿورو“.

(٢) بيو ”ٿورو“ معنيٰ گهٽ (ضد - گهڻو) اهو اصل سنسڪرت لفظ ”ستوڪ“ Stoka آهي، جنهن جو به اچار بگڙجي اول ٿيو ”ٿوڪ“، ۽ پوءِ ”ٿو“ ٿيو آهي انهيءَ جي به پٺيان ”رو“ ڳنڍي ڇڏيون ”ٿورو“ - مطلب ته سنسڪرت جي ٻن جدا لفظن بگڙجي سنڌيءَ ۾ هڪجهڙي صورت اچي ورتي آهي، پر معنيٰ ۾ فرق پڌرو بيٺو آهي.

(٣) ٽين پنهي سنسڪرت لفظن جو اچار سنڌيءَ ۾ اول ٿيو ”ٿوڪ“، ته اهو لفظ به اسان وٽ آهي:

”هيئڙون ڏجي حبيب کي، لڱ ڳڍجن لوڪ
ڪڏيون ۽ ڪروتون، اي پڻ سکر ٿوڪ.“ (شاهه ڪريم)

يعني دل ڏجي پنهنجي پياري (سچي سائينءَ) کي، ۽ پنهنجا لڱ يا عضوا ڀلي ته لوڪ سان ڳڍجن: يعني ٻين عام ماڻهن سان ڀلي ته رلمل ڪجي، پر چيت ۾ ڏيان ڌڻيءَ جو ڌارجي: مندر ۽ حجرا (مسجدون) به چڱيون شيون آهن. اهو ”ٿوڪ“ اصل سنسڪرت لفظ ”ستوڪ“ Stoka مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٿورو: تنهنڪري ٿوڪ لفظ جي بنيادي معنيٰ ڇٽي ”ٿوري شئي“ - هتي معنيٰ ”شئي“، ۽ ”سکر ٿوڪ“ معنيٰ چڱيون شيون.

(۴) ”چانگا چندن نہ چرن، مَيا پيهن نہ موڪ،
اگر اوڏو نہ وڃن، ٽڪيو چڏين ٿوڪ.“ (شاهہ)
هتي بہ ”ٿوڪ“ معنيٰ چڱي يا لذيذ شئي ونبي تہ
ٿهندي- پر مصنف جي خيال موجب هيءَ ساڳيو پهريون
لفظ ستوڪ Stavaka آهي، جنهن جي سنسڪرت ۾ هڪڙي
معنيٰ آهي ساڪ؛ ٻي معنيٰ آهي ٻُور جو جهڳٽو يا ڇڳو،
۽ اُت لاءِ اِهائي لذيذ شئي آهي.

(۵) انهيءَ ساڳيءَ سنسڪرت لفظ ستوَڪ Stavaka
جي ٽين معنيٰ آهي ڏن، پدارت.
”ٿڙڪي ٻَسي ٿوڪ، ٽِڙڪي ٽڪبر ۾ ٿئي.“ (شاهہ)
ڪونروءِ وٽ ليلا نَو لَکو هار ڏٺو، تہ اهو ٿوڪ
ڏسي هر ڪنهن جي ويئي هئي- هتي ’ٿوڪ‘ (پدارٿ) نَو لکي
هار جي معنيٰ سان ڪم آيو آهي.

(٦) ”مون ڪي ڏيهان نڪتي، ٻہ-ٽي ٿوڪ ٿيا“.(شاهہ)
هتي ٿوڪ معنيٰ مند يا موسم: مارئي چوي ٿي تہ ’ٿر مان
نڪتي (امر ڪوٽ ۾ عمر سومري وٽ اچي قيد ٿي آهيان،
تنهن کي ڳالهہ ڪي) ٻہ-ٽي مندون (سيارا ۽ اونهارا) ٿي ويون
آهن‘هي ”ٿوڪ“ بہ اصل ۾ سنسڪرت لفظ ستوڪ Stavaka
آهي، جنهن جي سنسڪرت ۾ چوٿين معنيٰ ”ٻيڙ“ بہ
آهي، گهڻن ڏينهن جي ٻيڙي کي مُند يا موسم چئجي ٿو-
اهڙيءَ طرح ڪيترائي لفظ جون سنڌيءَ ۾ گهڻيون معنائون
ٿيون آهن، اهڙا مثال ٻيا بہ ڪيترائي آهن.

١٧٣ سنسڪرت لفظ ”درشن“ جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي ”ڏسڻ“. هندو ماڻهو ڪا ٺاڪر جي مورت يا ڪنهن مهاتما کي ڏسڻ وڃن، تہ چون تہ ”درشن ڪرڻ ويا هئاسين“. ڪنهن عزيز خويش لاءِ چون تہ ”ڪيس ڏسڻ ويا هئاسين“ اهڙيءَ طرح ڪيترن نج سنسڪرت (تتسم) لفظن ۾ جيڪو ڏرمي يا عزت جو خيال سمايل آهي، سو تدڀو لفظن ۾ ڪونهي. مسلمان بہ اُئين ”ڏسڻ“ بدران عربي تتسم ”زيارت“ ڪم آڻين ٿا.

(الف) جڏهن ڪو لفظ ڪم آڻڻ ۾ سنسو پوندو آهي، تڏهن ان جي بدران ٻيو ڪو لفظ ڪم آڻبو آهي-جهڙوڪ ڪنهن ٻار کي تپ ٿيندو، تہ ماڻس چوندي تہ ’سندس دشمنن کي تپ ٿيو آهي‘ يا ’سندس ويري تپيا آهن‘، يا چوندي تہ ’مڪالڙو آهي‘. هن کي علم لغات جي صاحبن سڏيو آهي Pejorative tendency.

١٧٤- سنسڪرت سنڌي

ڪشتهہ=ڪوڙهہ (اسم) ڪوڙهيو ڪشتيو (صفت)

چمنڊ Chhamanda چڙهو چانڊ

هن ريت هڪ سنسڪرت لفظ مان ٻہ سنڌي لفظ ٺهيا آهن، پر ٻنهي گڏ ڪم آڻجن ٿا. ’ڪشتيو‘ ۽ ’چانڊ‘ ڌار ڪم نٿا اچن ۽ زائد يا بي معنيٰ لفظن جي دفعي ۾ ليکجن ٿا ساڳيءَ طرح ”آڀرن ساڀرن“ (سنسڪرت آمڪ سنمڪ) مان ’آڀرن‘ لفظ ڌار ڪم نٿو اچي.

١٧٥ – "آپ ڳهاڻي" ۽ "آب کهڙي" ۾ 'آپ' ۽ 'آب' هندستاني لفظ آهن. "ڪان پان" ۽ "ڪانو پيٺو" معنيٰ ڪاڏو ۽ پيٺو. اهي ٻه هندي (هندستاني) لفظ آهن.

(١) "ٽيو غلغلو گرنار ۾ ته ڪو آنائي آيو." (شاهه)

(٢) "ڳل ڇنو گرنار جو پٽڻ ڏيو پيٺين." (شاهه)

(٣) "ا ڪين سوئي اور ڪيو، ڪنهين جوسئوم." (شاهه)

'آنائي' معنيٰ رمتو فقير؛ 'پٽڻ' معنيٰ شهر، ۽ 'اور ڪن' معنيٰ سڄاڻ يا ڏسڻ - اهي گجراتي لفظ آهن. "ڪربو" (ناچ جو قسم) ۽ "هڙتال" (هٽ تاڙ) ٻه گجرات طرف جا لفظ آهن، جي وچهڙائيءَ ۾ اسان وٽ چالو ٿيا آهن. اهڙيءَ ريت ٻين ڏيهي آريه ٻولين جا تديو لفظ سنڌيءَ ۾ اچي ويا آهن. ٻوليءَ جي واڌاري جي اها ٻه هڪ وات آهي (ڏسو صفحو ١٥٠).

ديشي لفظ

١٧٦ – ديشي يا ديسج* معنيٰ ديس ۾ ڄاول يا پيدا ٿيل. ديشي (ديسي يا ڏيهي) لفظ اهي آهن، جي آرين جي اچڻ کان اڳهين ديس (هندستان) ۾ چالو هئا، يا آرين جي اچڻ کان پوءِ ديس ۾ چالو ٿيا؛ پر بنياد سنسڪرت مان نه ائن. اهي ڪولن، سنٿالن، دراوڙن ۽ ٻين اصلوڪن رهاڪن جي ٻولي مان آڏارا ورتل ليکجن ٿا. جهڙڪي ديشي،

---

*ديس = ڏيهه + ج — جن = ڄمڻ.

ديسج = Country-born.

لفظ سنسڪرت ۾ داخل ٿي ويا (صفحو ٢٠)، سي هاڻ سنسڪرت ڪري ليکجن ٿا. پر ويدن واري زماني کان پوءِ به دراوڙن وغيره مان لڙهه وچڙ هلندي آئي جنهنڪري پالي ۽ پراڪرت ۾ ديشي لفظ پاڻ کڻنا آهن ۽ سنڌيءَ ۾ تهائين وڌيڪ، جو ملبار طرف سان سنڌ جو وڻج واپار گهڻو هلندو هو (صفحو ٢٣).

(الف) ايلاچي، ڪونمير، ڪانجهي، ڪڙهي، چاڏي، ۽ ڪاپار- انهن بابت پڪ آهي ته اهي دراوڙي لفظ آهن. ناريل جي تاندورن مان ڌهيل ڪاپاري جون رسيون هندستان مان يورپ ڏي ويندڙ يون هيون، تنهنڪري دراوڙي لفظ ”ڪاپار“ اوڏهين عام ٿيو. انگريزيءَ ۾ چيون Coir گجرات ۽ سنڌ جا واپاري ۽ ميربحر چوندا هئا ”ڪانبار“، جنهن جو اچار هاڻ ”ڪاپار- ڪاپارو“ آهي. اهو ”ڪانبار“ لفظ، البيرونيءَ سنه ١٠٣٠ع ڌاري ڪم آندو آهي؛ تنهن مان سمجهجي ٿو ته سنڌ جو ملبار سان واپار انهيءَ کان گهڻو اڳي هلندڙ هو.

(ب) اڙد معنيٰ مانهه (دال جو قسم)، چنار معنيٰ ڪرڙل زال، ڪوٽ معنيٰ قلعو ۽ پڳڙي، ديشي لفظن جا مثال آهن؛ پر انهن بابت گهٽي پڪ ڪانهي، ته اهي دراوڙي ٻولين مان ورتل آهن يا نه.

٧٧:- ڪن ديشي لفظن مان سنڌي لفظ ٺهيا اٿون:

سنڌي	ديشي
الميلو	آلم ول

چڊ ڻي = چڙهي ڏو- چڙهڻ، چاڙهي، چاڙهه، چاڙهيڪو.
آونگهڻي = ننڊ ڪري ڏو: آونگهه = گهوڙهي ننڊ، غشي.
١٧٨- ملبار سان لڳ وچڙ هئڻ سبب آنڌي جي اِڏي ڏڪر راند سنڌ ۾ چالو ٿي. اُنهيءَ راند ۾ اسان جا ٻار دراوڙي (تيليگو) انگ ڪم آڻيندا آهن:

سنڌي	تيليگو	معنيٰ	سنڌي	تيليگو	معنيٰ
وڪڻ	اوڪٽ	هڪ	لڻ (لڻڻ)	رينڊو	ٻه
مون (مونڊ)	مُوڊ	ٽي	نار	نال	چار
آر	آر	ڇهه	وٽي	ويهءVei	ڏهه

"ٻڪو" شايد تيليگو لفظ "اوڪَ" (اوڪٽ) مان آهي- مطلب ته اسان جا واپاري اهي انگ تمبروار جهڙي نه آيا آهن. اِڏي ۽ ڏڪر ديشي سنسڪرت بنياد جا لفظ آهن*.

١٧٩- ديشي لفظن جي هڪ لغت "ديشي نام مالا" نالي هيمچندر آچاريه جي جوڙيل آهي. ڊاڪٽر ڀنڊارڪر پنهنجن تقريرن ("ولسن فلالاجيڪل ليڪچرس"، صفحو ١٥٧) ۾ ديشي لفظن جي ذڪر ڪندي چيو آهي ته 'جن لفظن کي ديشي سڏيو ويو آهي، تن مان ڪي سنسڪرت بنياد جا سمجهڻ ۾ اچن ٿا'- اهڙا ڪي مثال ٻه ڏنا اٿس، جهڙوڪ:

ديشي	سنسڪرت
آجڊ = آجڙ (ويران)	آججول (اوجل) صفا (سچ)

*سنسڪرت "ويتا"، مراٺي "وٽي"، سنڌي "اِڏي"؛ دنڊڪ: سنڌي "ڏڪر" ("ر" پڇاڙي).

بلیورڊ	ٻڌل
پاشا= ڦاسي (ڦاسائڻ)	ڦنسيءَ= ڦسلائڻي لو
تڪر (فارسي ناشڪ)	چانسي= چاڄ، لسوي

اهڙيءَ طرح، ڪنهن وقت، ٻين ڪن ديشي لفظن بابت ثابت ٿئي ته اهي سنسڪرت بنياد جا آهن، ته انهيءَ ۾ عجب ڪونهي.

ودیشي لفظ

١٨٠- ودیشي يعني ڌارين ملڪن جا لفظ، جي سنڌيءَ ۾ اچي ويا آهن، تن جا مثال آهن:

يوناني- (١) يونان، يوناني (Greek) IONIAN.

(٢) "پرسرام" نالي ۾ 'پرسو'- سنسڪرت 'پرشو' معنيٰ ڪهاڙو. يوناني pelekus.

(٣) "دام" معنيٰ ملهه يا ناڻو، ۽ "درم" هڪ ننڍو سڪو. سنسڪرت "درميه": يوناني drakhme: 'درم' جا بگڙيل اچار 'دم' ۽ 'ڊاپ' (ڊپ) آهن.

(الف) "پنجين ڊمين ڊم، ڪيجي ڪي سچٿين."-(شاهه ڪريم)

يعني ڏٺيءَ پاڪ جي صدقي هڪ درم بدران پنج ڊ ٻنهنجي ڪنيبان ڪيجن.

(ب) "جي خزانا سؤ لٿي ڪو اهل دنيا جو هزار، ناهي تهڙو جهڙو ڏٺي مسڪين تو هڪڙي ڊاپ."

"ديوان گل"

(٤) ”سرنگهه لفظ اصل ۾ يوناني Surinks (Syrinx)؛ سنسڪرت ۾ ان جو اچار ”سرنگ“ آهي، اسان جا ماڻهو شايد يونانين کان سرنگهون هڻڻ سکيا هئا!

(٥) ميدي مان ٺهيل ”سيون“، اصل يوناني لفظ Semidalis؛ ان جو سنسڪرت ۾ اچار ”سميد سميت“ ۽ معنيٰ ڪڻڪ جو سنهو اٽو.

(٦) بغدي، بختي ۽ بلغاري [صفحو ٥٠].

عربي ۽ فارسي- هنن جو ذڪر ڏار ڪبو.

ترڪي- آغا يا آقا (سنڌي ـــ ”آڳو). ازبڪ = تاتاري ترڪ، جي چنگيز سان آيا ۽ ڏاڍا ظالم ڪياڻون ٿنهنڪري ”ازبڪيون ملڻ“ يعني ظالم جهڙي علت ڪرڻ يا اچائڻ. اردا بيگ مونث اودا بيگمي معنيٰ حرمسرا تي پهرو ڏيندڙ عورت. اوطاق (اطاق، اوتاغ)، ايلچي، بندوق- بندوقچي، بورچي (باورچي)، بيگ معنيٰ حاڪم مونث بيگم چلهچي، چاق معنيٰ چڱو ڀلو (ماڻ لکن چاڪ- ڏسو شرت صاحب واري ڊڪشنري. اصل ترڪي اچار چاغ، جو اصل سنسڪرت لفظ چڱگ، سنڌي چڱو- (چانگو معنيٰ اٺ به انهيءَ سنسڪرت لفظ مان)، چوغو (چرغا- چوخا)؛ چق = پردو (دروازي جي اڳيان ٽنگڻ لاءِ- ماڻ لکن ”چڪ“ چقمق، خان = حاڪم، مونث خانم، خچر (قاچر)، قليچ بيگ- (قليچ = ترار)، قيطون = ريشم يا زريءَ جي ڪناري، جا زالون ڪپڙن کي هڻن؛ قينچي، ڪولي معنيٰ مزدور- اصل اچار ”قلي“ ترڪ لوڪ لڙائين ۾ دشمن جي لشڪر مان

جيڪي ماڻهو گرفتار ڪندا هئا، تن ڪان مزوري ڪرائيندا هئا، تنهنڪري ترڪيءَ ۾ "قُلي" جي هڪڙي معنيٰ قيدي ۽ ٻي معنيٰ مزور.

بلوچي-	ڏسو ضمير ليون
پشتو-	ڏسو ضميو چوتون
مالايا-	سيڪُو (جانور)

چيني- چاهه، چانهه rea (اصل چيني لفظ "شا").

يورپي ٻولين جا لفظ

١٨١- عيسوي پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ پورچوگيز، ڊچ، فرينچ ۽ انگريز آيا (صفحو ١)، ۽ پوءِ انگريزن جو راڄ ٿيو ته ڪئين لفظ سنڌيءَ ۽ ٻين ڏيهي ٻولين ۾ چالو ٿيا.

پورچوگيز- "آپوسي" Alphanso ۽ "پائري" Pires (بمبئي طرف جي انبن جا قسم)، پادري، پستول، پيپ (Pipa)، ڦيٽ (فيتا)، ڪمرو معنيٰ ڪوٺي Camara، نيلام (لئيلام)، وغيره.

ڊچ- هتي راند ۾ جيڪي لفظ ڪم اچن ٿا، تن مان ڪي ڊچن جا آهن- جهڙوڪ ٽرپ(Troef) Trump، ۽ هارپان- لعل پان(Harten) Hearts

فرينچ- ڪارتوس (Cartouch) Cartridge لفظ فرينچن جي اچڻ وقت هندستان ۾ چالو ٿيو.

انگريز- انگريز، انگريزي، اردلي (Orderly)، آرماڙ (Armada)، اسٽامپ، اسپتال، اسٽيشن، اسڪرو،

اسڪول، بٽن (پيڙو)، ٻوتل (باٽل)، ٻوراڪ (ٻيٺڪ) بورڊ، ٻوءِ (Buoy)، ٽجوڙي (ٽريزري)، ٽيڪس (ٽيڪٽ)، ٽيشن (ٽيشن)، ٽيڪس، (ٽڪس)، پتلون، پينشن، پلٽڻ (Platoon)، پين (Pen)، جج، چاڪ، ڇاپ (شاپ)، درجن (ڊزن)، رپورٽ، رنگروٽ (Recruit)، سيٽل (Settle)، اسڪول، سليٽ، ڪاليج، ڪرنل، ڪوچ، ڪپتان (ڪئپٽن)، ڪورٽ، ڪوٽ، گرمٽ (ائگريمينٽ)، گلاس، ماجسٽريٽ، مڊم (مئڊم)، هنڊروٽ (Hundred-Weight) ۽ ٻيا اهڙا ڪيترائي لفظ آهن ۽ روزمره انهن جو تعداد وڌندو پيو وڃي.

لفظن جي موجودات Word-Stock

١٨٢ — سنڌي ڇهين جي چوٿين سبق ۾ لکيو اٿن ته

”انگريزي لفظن کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ اٽڪل ويهه هزار لفظ آهن، جي هيٺين پٽاندر ورهايل آهن:

سنسڪرت سان لاڳاپو رکندڙ پراڪرت ٻولين مان	١٢٠٠٠
ديسي	٢٥٠٠
فارسي	٢٠٠٠
عربي	٢٥٠٠
جوڙ	٢٠٠٠٠“

اهي سڀ انگ سراسر غلط آهن؛ اها غلطي هن منجهان ئي ظاهر آهي، ته سنڌي ڇهين ڪتاب جي انهيءَ ساڳئي سبق ۾ لکيل آهي، ته شاهه جي رسالي ۾ ويهه هزار کن لفظ

آهن“- هاڻ ويچار جي ڳالهه آهي ته شاهه جي رسالي ۾ ويهه هزار لفظ، ۽ سڄيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ به ويهه هزار لفظ! رسالي ۾ ڪچڙي، پاڻ، سيرو ۽ پوري لفظ به ڪم آيل آهن ڇا؟- نڌهن اهي انگ آيا ڪٿان؟

پڇائڻ مان معلوم ٿيو، ته ڪجھ ورهيه ٿيا، ته بمبئي سرڪار پڇا ڪئي، ته سنڌيءَ ۾ اٽڪل ڪيترا لفظ آهن. اهڙو تخمينو اڳي ڏيل ڪونه هو، تنهنڪري شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ جيڪي لفظ لکيل هئا، سي ڳڻي رپورٽ ڪيائون- شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ ڪل ٩٢٨ صفحا آهن، جن مان ڪنهن صفحي ۾ پندرهن-سورهن، ته ڪنهن صفحي ۾ ٽيهه-پنجيهه لفظ آهن. جيڪڏهن هر هڪ صفحي ۾ سراسري ايڪيهه-ٻاويهه لفظ ليکبا، ته سڄي ڊڪشنريءَ ۾ ويهه هزار کن لفظ بيشڪ اچي ٿيندا. ٻي ڳالهه ته شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ ڪيترن هنڌ هر هڪ لفظ جي پٺيان ڄاڻايل آهي، ته اهو سنسڪرت يا عربي بنياد جو آهي يا ديسي وغيره آهي. انهيءَ ڄاڻايل ڳالهه، پٺاندر جيڪڏهن سڄي ڊڪشنريءَ جا لفظ ويهي ڳڻبا، ته منجهون سمورو تفصيل نڪري ايندو- مطلب ته سرڪاري رپورٽ لاءِ جنهن ڪي اهي انگ ڏيئا هئا، تنهن ٻي ڪا واهه نه ڏسي، شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ جا انگ ڄاڻايا. انهيءَ وقت کان وٺي اها ڳالهه ڦهلي ته ”سنڌيءَ ۾ فقط ويهه هزار لفظ آهن!“ حقيقتؤن، ٻولي اٿاهه لئي پيئي آهي ۽ گهر ويٺي لفظ جو تخمينو ٻڌڻ اهڙو آهي، جهڙو:

”سنڌي ماڪوڙي ڪوھ ۾ پيئي ڪتّي آپ.“
(شاھ ڪريم)

سنڌي وسيع ٻولي

١٨٣- سنڌي نهايت وسيع ٻولي آهي: سري جا لفظ هڪڙا، وچولي جا ٻيا، لاڙ جا وچائين ٽيان، ۽ ٿر جا ٽيهين کان اوُرا وري وپارين، ڪاسبين، حڪيمن وٽ لفظ ۽ اصطلاح ٻئي ٻھنجا. پسارين وٽ ڏهه تہ سوين شيون: وڻ ٽڻ، گاهہ ٻوٽا، گل ڦل، ڏوٽين جا ڏٽ ۽ ٻيون انيڪ شيون آهن، جن مان ڪيترين جا نالا ڪنهن بہ ڊڪشنري ۾ ڏنل ڪينهن-ڪراچيءَ جي هڪ پيرمرد مهاڻي ڳالھ ڪئي، تہ مڇيءَ جا سوا سؤ کن قسم ڏنل اٿرا جهڙوڪ: سرمائي، سينٽري، راڏوس، دوٿر، منڪرو، گوج، ڪر، ڏانگري، پلو، ڪبو، ڏيرو، جهينگا، گانگٽ (جن کي سانا ۽ هڪم بہ چون)، وغيره-”سنڌ گزيٽيئر“ ۾ ڄاڻايل آهي تہ ’سنڌ جي اڳوڻي ڪمشنر جيمس صاحب پکين جي ذاتين جا چار سؤ کن نالا ڪٺا ڪيا هئا‘. هيٺن بہ لکيل آهي تہ ’سنڌ ۾ نانگن، بلائن ۽ ٻين سُرٽن ۽ جيتن جون اينريون ذاتيون آهن، جو رواجي طرح جيڪر ڪو اعتبار ڏي ڪون ڪري تہ سنڌ ۾ اڍترا بيشمار جيتن جا قسم آهن انهن کان سواءِ مالدارن جا لفظ جاچيوءاسين ماڻھ عام طرح ’گانءِ‘، ’ڳئون‘ ۽ ’ڍڳي‘ لفظ ڪم آڻيون ٿا پر مالدار ماڻھو انهن ٽن لفظن تي راضي ڪين ٿي

سندس ڳانءِ جي تازي ويائل هوندي، ته ان کي ”سوئا“ سڏيندو؛ جيڪڏهن ڳانءِ کير ڏيڻ ٻهل ڪيتو ڪندي، ته ان کي ”ڪَتَر“ سڏيندو؛ جيڪڏهن ڪا ڳانءِ وهڪي ويندي ۽ کير ڏيڻ ٻنهه ٻند ڪري ڇڏيندي، ته ان کي ”ڦَنڊي“ سڏيندو؛ جيڪڏهن سندس ڳانءِ يا مينهن کي سڱ نه هوندا، ته ان کي ”روڏي“ سڏيندو؛ جيڪڏهن ڪنهن مينهن جا سڱ وريل يا پيچدار هوندا، ته ان کي ”ڪنڍي“ ڪوٺيندو. ساڳيءَ ريت، اسين سيڪنهن قسم جي ڪاني کي ”ڪانو“ ڪوٺيون ٿا؛ پر ڪيتي ڪندڙ اڻين نتا ڪن: سارين يا چانورن جي ڪاني کي ”پلال“، جوئر ۽ ٻاجهريءَ جي ڪاني کي ”ڪڙٻ“، ۽ ڪڻڪ جي ڪاني کي ڪي ”ڪانگڙي“ ته ڪي ”ناڙ“ ڪوٺين ٿا. رڳو ڪنهن ڪمهه وٽ وڃي ويهو ته هاري ناري نار جي هرهڪ ساز لاءِ اوهان کي لفظ ٻڌائيندو- هي سڀ ڳالهيون سنڌيءَ جي شاهوڪاريءَ جي ساک پرين ٿيون. وسيع يا پرتو ٻولي ڇڄبوٺي انهيءَ کي آهي، جنهن ۾ هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون هجن، ۽ جا اصطلاحن ۽ محاورن، تشبيهن، استعارن ۽ پهاڪن سان ڀرپور هجي،- ته فصاحت ۽ بلاغت سان هرڪو مضمون چئي يا لکي سگهجي. وسيع ٻوليءَ ۾ هم قافيه يا تَڪيائي لفظ ٻه جهجها هوندا آهن، ته نظم چوڻ يا لکڻ مهل منجهي نه ٻهجي. رڳو شاهه جو رسالو ئي کڻي ڏسو ته منجهس ڇا پلٽ پلٽي پيٺي آهي! اُٺ ۽ اُٺن جي قسمن لاءِ منجهس ڪئين لفظ آهن:

بوتو يا دوبو، بور، پوُر، توڏو، چانگو، ڪرهو، ليڙو، ميو، وغيره- "اُٺ" لاءِ ايترا لفظ انگريزيءَ ۾ ڪينهن. پهلوان ۽ جنگي جوان لاءِ به ڪيترائي لفظ ڪم آيل آهن: بهادر، پهلوان، پانڌ، وريام، وير، مانجهي، جهونجهار، ڪکارو (ڪڙڪ يا ترار ماريندڙ، شمشير زن)، وغيره.

رسالي ۾ جيتري تجنيس حرفي Alliteration آهي، اوتري انگريزي شعر ۾ به ڪانهي. هيءَ ڳالهه خود چاٽائي ٿي، ته سنڌيءَ ۾ لفظن جي ڪمي ڪانهي. مرحوم ديوان ڏيارام گدومل جا جوڙيل نثر جا ڪتاب "شريمد ڀاڳوت گيتا" ۽ "يوگ درشن" ۽ ڪي ليک، خاص ڪري ساميءَ جي سلوڪن جو تانيرج ۽ رباعيات عمر خيام جوتا ترجمو، پڙهي ڏسو ته سندس نثر مان هاڻوڪن ڪيترن شاعرن جي نظم کان به وڌيڪ مزو پيو اچي. هن صاحب کي ٻوليءَ تي ڪلي ضابطو هو، تنهنڪري پنهنجن خيالن کي عمدو لباس ڏيکاڻي سگهيو ٿي- اهي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ جا اهڃاڻ آهن: ٻولي جيڪڏهن ڪنگال هجي ها ته .صنف جيڪر منجهي پيهن ها.

١٨٤- ڪيترن انگريزي خواندن جي دلين تي اهو وهم ويٺل آهي، ته سنڌي هڪ ڪنگال آهي، جنهن ۾ پورا لفظ ئي ڪينهن، جي گهرج مهل ڪم اچن، پنهنجا خيال پوريءَ ريت ظاهر ڪري سگهجن! اهو سچ آهي، ته انگريزي ٻولي انيڪ قسمن جي لفظن سان ڀرپور آهي، ۽ ڪيترن انگريزي لفظن لاءِ اسان وٽ سنڌيءَ ۾ پورا لفظ ڪينهن؛ پر هيٺن به ڏٺو ويو آهي، ته ڪيترن

انگريزي لفظن لاءِ سنڌيءَ ۾ بلڪل پورا ۽ ٺاهوڪا لفظ موجود آهن، جن جي انهن جوانن کي سڌ ڪانهي. ٻيون ڪيتريون سائنسون ڇڏي ڏيو، باقي علم نباتات (Botany) جي ته اسان جي ماڻهن کي ايامن کان سڌ هئي. ڪنهن سنڌي ماليءَ سان ڳالهائي ڏسو، ته هڪڙي هڪڙي انگريزي لفظ لاءِ اوهان کي بلڪل پورا پورا لفظ ٻڌائيندو. جهڙوڪ: گهيرڻ Ovary، ڳڀ Ovule، گل جو مٿڪ، چوٽو، يا گوڻٽ Corolla، پنکڙي يا پانکڙي Petal-Sepal پراڳ يا رج pollen؛ ساندي دار pistil ۽ نروار Stamen- منطق توڙي بجليءَ سان لاڳاپا رکندڙ لفظ، ”ساڻبو“ Negative، موڙ جيو Postitive، وڄ پرواهڪ Lightning Condutor، ۽ ٻيا آهن. جيڪڏهن انهن جوانن کي هنن ٺاهوڪن لفظن جي سڌ ڪانهي، ته اهو ٻولي جو نه، پر سندن ئي قصور ليکبو.

۱۸۵- هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي، ته هر ڪنهن ٻوليءَ جو ڀاءُ يا ذاتي ڍنگ Genius پنهنجو پنهنجو آهي. انهيءَ سبب انگريزيءَ ۾ جنهن نموني ڳالهه ڪري ٿي هوندي، تنهن ساڳئي نموني سنڌيءَ ۾ ڪرڻ سان شڪل ٿيندي. ساڳيءَ ريت سنڌيءَ وارو رنگ ڍنگ پوريءَ طرح انگريزيءَ ۾ آڻڻ اوکو لڳندو. اسان جا ڪيترا جوان جڏهن ڪو سنڌي مضمون لکڻ ويهن، تڏهن اول دل ۾ سڄو گهاٽ انگريزيءَ ۾ گهڙين، ۽ جنهن مهل اهو سنڌيءَ ۾ آڻڻ چاهين، تنهن مهل ڪين گهٽي ڏ ڪيائي ٿي ٿيءَ ۽ پوءِ ڏوهه ليڻائي سنڌيءَ تي وجهن ۽ چون

تہ سنڌي ڪيتل ٻولي آهي! حقيقتون، خيال ٿي سنڌيءَ ۾ ڪرڻ گهرجي؛ تہ پوءِ پورا پورا لفظ، جي ٻڌڻيل يا ٻڌل هوندا، سي پاڻمرادو دل تي تري ايندا ۽ وقتي نون عمدن لفظن جوڙڻ جو خيال بہ پيدا ٿيندو. انهيءَ نموني اختيار ڪرڻ سان جملا وڏيڪ سهڻا ۽ نزاڪت ڀريا ٿيندا، ۽ دل گهريو اثر بہ پيدا ڪندا. پر، جيڪڏهن سنڌيءَ سان گڏ انگريزي لفظ ڪتب آڻي، ڳالهہ جي پورائي ڪبي، تہ اصليت چٽ ٿيندي، يعني نون عمدن لفظن جوڙڻ جو خيال پيدا نہ ٿيندو. اُئين آثار تي هلبو تہ ٻوليءَ کي ڌڪ پهو لڳندو ۽ ترقيءَ ڪرڻ بدران ٻوٽي بہ ٻوندي ويندي.

١٨٦- انگريزيءَ ۾ جيڪي وڏيون ڊڪشنريون آهن، تن ۾ جملي ڏي لک کن لفظ آهن- جيئن ايمرسن صاحب جي جوڙيل انگريزي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڄاڻايل آهي. هن وقت سنڌ سرڪار جي پاران جيڪا نئين سنڌي لغت ٿهي پيئي، تنهن ۾ رکيو 'الف' سان شروع ٿيندڙ لفظ پنج هزار کن ٿيندا؛ سڄي تيار ٿئي، تہ پوءِ ڪل جوڙ جي ڪل پوي. انهيءَ هوندي بہ ڪنهن بہ ردڪد جي خطري ڌاران ايترو اکوات چئي سگهجي ٿو، تہ سنڌي ٻولي صفاتي لفظن ۾ بلڪل ڀرپور آهي؛ باقي سائنس جي لفظن ۽ ذاتي اسمن جو گهڻو زور ڪونهيس، سائنس جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا، تہ سا ڳيا انگريزي لفظ ڪم آڻڻا پوندا، يا عربي ۽ سنسڪرت مان مدد وٺڻي پوندي؛ ڪن حالتن ۾ پنهنجا لفظ جوڙڻا پوندا.

ڪيترا لفظ ويجهڙائيءَ ۾ جڙيا ۽ آهن، جهڙوڪ: انگريزي لفظ Thermometer لاءِ اڳي عام طرح "مقياس الحرارت" چوندا هئا؛ هاڻ ڦيرائي ڪيو اٿن "حرارت پيما" يا "گرمي ماپ". ساڳيءَ طرح Barometer لاءِ اڳي "مقياس الهوا" لفظ ڪم آڻيندا هئا؛ هاڻ چون "هوا ماپ". انهيءَ نموني "پاڻي ماپ" Hydrometer، "پنڌ ماپ" Pedrometer، ۽ ٻيا ڪي لفظ جوڙيا اٿن. موٽر، ٽرام، بس، ۽ ٻيون اهڙيون شيون جي ويجهڙائيءَ ۾ چالو ٿيون آهن، تن لاءِ اهي ساڳيائي لفظ ڪم اچن ٿا، ته انهن جو ڦيرو ۽ سنڌي نموني ٿئي ٿو- جهڙوڪ جمع ۾ چئون موٽرون، ٽرامون ۽ بسون. جرمنيءَ جي پهرينءَ جنگ وقت ۽ ڪي نوان لفظ ٺهيا، جهڙوڪ: هوائي جهاز ۽ زير آبي Sub-marine سنڌ جي اخبار نويسن ۽ ملڪي ڪالهين سان لاڳاپو رکندڙ ڪي لفظ جوڙيا آهن- جهڙوڪ:

سنڌي	انگريزي	سنڌي	انگريزي
آپيشاهي	Autocracy	لوڪشاهي	Democracy
شاهوڪارشاهي	Plutocracy	قدامت‌پسند	Conservative
اِنتها پسند	Extremist	اعتدال پسند	Moderate

اهڙيءَ طرح، سنڌي ٻولي ڪجهه ڪجهه واڌارو ڪندي پيئي هلي. ته ۽ ايترو چئبو، ته اڃا پنهنجن ڀين ڀينرن (هندستاني، گجراتي وغيره کان) گهڻو پٺتي پيل آهي.

سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد

١٨٧- سنڌ ۾ اٽڪل اٺيتاليهه لک آدم آهي؛ جنهن مان ٻوٽا چوٽيهه لک کن ماڻهو ڄاوا ۽ نپنا سنڌ ۾ آهن ۽ انهن جي مادري زبان سنڌي آهي، جنهن هندن توڙي مسلمانن کي ملائي، گويا هڪ ڪٽنب جو ڀاتي ڪري ڇڏيو آهي. سنه ١٩٣١ع واري آدمشماريءَ جي برخلاف هلچل هلائي هئي، جنهنڪري ڪيترن سندو واسين داخلائون ڪونه ڪرايون هيون- انهيءَ هوندي به ايترو چئبو ته هلڻ آدم گهٽ وڌيل آهي.

۸۸ - سنڌيءَ ٻوليءَ جو ڪجهه جيترو خزانو سندس اصطلاحن ۽ پهاڪن ۾ سمايل آهي. اڪثر انهن ۾ نج سنڌي ڪم آيل آهي. هن وقت تائين فقط ڏيڍ هزار ڪن پهاڪا ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. مصنف هيستائين ايترا ٻيا به ڪٺا ڪيا آهن، پر پهاڪا اجاڳهڻا آهن ۽ منجهن وڏي فيلسوفي سمايل آهي. پهاڪن ڪم آڻڻ ڪري مضمون سلوڻو ۽ سوادي ٿئي ٿو، ۽ ساڳئي وقت انهن مان سڌ پوي ٿي ته جنهن ملڪ ۾ اهي چوڻ ۾ اچن ٿا، تنهن جي ماڻهن جا مذهبي يا ڌرمي خيال، ٻنگتي رسمون ۽ ٻيا دستور ڪهڙا آهن- جهڙوڪ:

(۱) ”لکيو منجهه للاٽ قلم ڪياڙيءَ نه وهي“- هي پهاڪو چالائي ٿو ته اسين سنڌي ماڻهو تقدير يا قسمت ڪي مڃون ٿا، ۽ ائين چائون ٿا ته ڇٺيءَ جي پاران جيڪو ٽيڻو هوندو، سو اوس ٿيندو.

(۲) ”پرائي امانت ڌرتي به نه ٻوهي“- هيءُ پهاڪو ڏيکاري ٿو ته اڳي جڏهن بئنڪون ڪين هيون، تڏهن اسان جا ماڻهو ڌرتيءَ ۾ ڌن پوريندا هئا، ۽ ڌرتي سندين رقم ڪائي ڪانه ويندي هئي. هيءُ پهاڪو سيکاري ٿو ته ”امانت ۾ خيانت نه ڪجي“- اهڙيءَ طرح پهاڪن ۾ وڏي فيلسوفي سمايل آهي؛ ۽ ساڳئي وقت اهي اسان جي تهذيب يا سڀيتا جو آئينو آهن؛ يا اجا به هيئن چئجي

ته "ٻوليءَ ۾ اسان جي جيوت جي آتم ڪهاڻي (Autobiography) سمايل آهي!"

اصطلاحن جو بنياد

۱۹۹- ڪي اصطلاح، ڪن ڳالهين (تاريخي وغيره) تي ٻڌل آهن- جهڙوڪ:

(۱) ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙو واڻيو، واهه اڪرندي کهوڙي سوڏو پاڻيءَ ۾ ڪري پيو. پئسن جي هڙ نوڙي ۾ ٻڌل هيس، سا پاڻيءَ ۾ لڙهي ويس: تنهنڪري، "رقم ٺوبري ۾"، "هڙئي هلاڪ"، "پئسا ڏي پاڻيءَ ۾"- اهي اصطلاح عام ٿيا.

(۲) ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي وقت ۾ مددخان نالي هڪ پٺاڻ وڏي لشڪر سان سنڌ ۾ اچي ڦرلٽ ڪئي، ۽ ڪيترن شهرن کي جلائي ٻورو ڪيائين. انهيءَ سبب هن وقت "مدد" لفظ عام طرح "آفت" يا "مصيبت" جي معنيٰ سان ڪم اچي ٿو- جهڙوڪ چون ته "توتي ڪهڙو مدد پيو؟ يعني توتي ڪهڙي مصيبت پيئي؟ (ڏسو "آزبڪ"، صفحو ۱۸۰).

(۳) اڳي ڌاڙيل اڪثر ٻيلن گهوڙن تي چڙهي ايندا هئا- جيئن هاڻ به ڪن ٿا- ته ڦرلٽ جي مال ڊوڙڻ ۽ جلد پهچي وڃڻ ۾ سولائي ٿئي. ڌاڙيلن، ماڻهن کي اهڙو ڏڪائي ڇڏيو هو، جو اچا رڳو سندن گهوڙا ٻريان ايندا ڏسندا هئا،

ته ”گهوڙا گهوڙا“ ڪندا هئا؛ اُنهن واڪا ڪري پين کي سڌ ڏيندا هئا ته ”ڌاڙيلا اچن پيا“ انهيءَ ڪري ”گهوڙا گهوڙا ڪرڻ“ اصطلاح ٿيو، ۽ معنيٰ ٿيس ”زور سان دانهون ڪرڻ“ (ڦريل ماڻهوءَ وانگر)- ڪي چون ته اهو اصطلاح به مدد خان پٺاڻ جي ڦرلٽ ڪرڻ سبب ٿيو؛ پر ائين نه آهي. مدد خان پٺاڻ ۽ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي وقت کان گهڻو اڳي شاهه عبداللطيف ڀٽائي (جنم ۱۶۸۹ع) ٿي گذريو آهي، تنهن ٻـ اهو ”گهوڙو“ لفظ اصطلاحي معنيٰ سان هن ريت ڪم آندو آهي:

”ڪ تو ڪنين نه سئا، جي ڪهٽ اندر گهوڙا“. (شاهه)

هتي به ”گهوڙا“ معنيٰ هڪلون، دانهون يا زور پريا آواز (ضمير يا ووڪ جا). ڌاڙيلا ماڻهن جو اکر نکر چٽ ڪري ويندا هئا، ته اها ماڻهن لاءِ هڪ وڏي آپدا يا مصيبت ٿيندي؛ تنهنڪري ”گهوڙو“ لفظ جي ٻي اصطلاحي معنيٰ ”آفت يا مصيبت“ به آهي. ٻيٽ ٻاراتي ڏيندي به هاڻ چون: ”شل گهوڙا پونس“!.

”گهوڙن هٿين سيڪا، اُنن هنئين آنڊ،

جانينهن ڪنهندي نانڊ، سا مون جڻن پوندي مامري“. (شاهه)

هتي سسئي چوي ٿي ته ’گهوڙن جون هنيل يا مصيبت جون ماريل گهٽيئي آهن، پـر مون تـي آٺ (گهوڙن کان بـ وڏا جانور) اچي پيا، جي منهنجو پنهون ڪٺي ويا!

ڊيمس صاحب واري بلوچي ٻوليءَ جـي لغت ۾

"گهوڙو" لفظ جي معنيٰ آهي "سوارن جي ٽولي". هن مان ظاهر آهي ته بلوچستان ۾ به ڌاڙيلا گهوڙن تي چڙهي، ڦرلٽ ڪرڻ ويندا هئا، جنهنڪري "گهوڙو" لفظ جي معنيٰ ٿي. سنسڪرت لفظ "گهوٽڪ" اصل دراوڙي لفظ) جو اچار سنڌيءَ ۾ ڦري "گهوڙو" ٿيو آهي.

ڀاڪن جي پيڙهه

١٩٠ - ڪي ڀاڪا ڪن ڳالهين (تاريخي وغيره) تي ٻڌل آهن، جهڙوڪ:

(١) "ڪنن جي ڳالهين ميربجر کي مارايو". مياں عبدالنبي ڪلهوڙي جي وقت ۾ جوڌپور جي راجا ٻه راجپوت پنهنجا ايلچي ڪري موڪليا، جن ميربجر سان ڪَن سَن ۾ ڳالهين ڪندي، کيس قتل ڪيو.

(٢) "آيا مير، ڀڳا پير". فتان صاحب جي هندي ڀاڪن جي ڪتاب موجب، "آئي مير، ڀڳي پير" جو بنياد هن ريت آهي:

"امروهه جي شهر ۾ ميرانجي نالي هڪ شخص هڪ جادوءَ جو ڏيو لڏو، جنهن جي وسيلي هن ڪيترا ڪرامت جهڙا ڪم ڪيا؛ جنهنڪري هڪ وڏو پير ڪري پوڄيندا هئس. هاڻ هو آني جي ڪن ماڻهن ۾ اڃا واسو ڪندو آهي. امروهه ۾ ٻيا به ڪي پير- جهڙوڪ زين خان ۽ ننهي ميان- ماڻهن ۾ واسو ڪندا آهن؛ پر جڏهن ته جڏهن مير (ميرانجي) اچي، تڏهن ٻيا پير ڀڄي وڃن، جو هو ڪانئس وڏيڪ ڪلا وارو هو-

هاڻ پهاڪي جي معني تہ "جڏهن ڏاڏا مڙس اچن، تڏهن هيٺا سندن اڳيان بيهي ڪين سگهن".

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ هيءُ پهاڪو سنڌ جي ميرن ۽ پيرن (ڪلهوڙن) بابت نہ آهي، جيئن ڪي غلط طرح سمجهندا آهن. هيءُ پهاڪو هندستانيءَ مان ورتل آهي- اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترا اڌارا ورتل پهاڪا سنڌيءَ ۾ آهن.

اُڌارا ورتل پهاڪا

١٩١- هندي يا هندستاني- (١) آپ کهاتي سهاپاپي، (٢) ايڪ پنٿ دو ڪاج، (٣) بڙا کهاوڻ بڙا دک پاوڻ؛ چوٽي ڪا دک دور (٤) تم ٻي راني، مين ٻي راني؛ ڪؤن ڀريڪا پاني.

ڪي پهاڪا هنديءَ مان ترجمو ٿيل آهن:

"نادان بات ڪري، دانا قياس ڪري." (هندي)

"اياڻو چوي، سياڻو ويچاري." (سنڌي)

سنسڪرت- ڪي پهاڪا سنسڪرت مان ترجمو ٿيل آهن:

(١) يٿا راجا تٿا پرجا = جهڙو راجا تهڙي پرجا (رعيت).

(٢) يٿا ديوا تٿا پڪتا = جهڙو گرو تهڙا چيلا.

(٣) يٿا لاڀ سنتشٽ = جڙيءَ ڪي جس (جيڪي ملي تنهن تي راضي).

سرائڪي- (١) آپ نہ ٻاڙي، ٻاڙي ڏون، (٢) ڪيتي مرسيقي، (٣) اپني گهوٽ تہ نشا ٿبوڻي (٤) لڳي

هوويئي تو ڪَل پويئي نه ته ٻچ لڳيان واليان نون،
(٥) ڏون آکيسين، مين نه مجيسان؛ مٿن بازي ڪٿي (٦)
شينهن نه ڏٺڪيا، ڏيک ٻلاڙا؛ چور نه ڏٺڪيا، ڏيک سونارا
يعني جيڪڏهن شينهن نه ڏٺو هجيئي ته ٻلو ڏس ۽ جي
چور نه ڏٺو هجيئي، ته سونارو ڏس.

پارسي- (١) آهه غريبان قهر خدائي، (٢) يڪ تندرستي هزار نعمت، (٣) مفت را چه بايد گفت.

ڪي ٻهاڪا پارسيءَ مان ترجمو ٿيل آهن:

(١) دو بردار سويم حساب = ٻه ڀائر ٽيون ليکو.

(٢) خـود ڪرده را علاجي نيست = پنهنجي ڪيئي جو نڪو ويچ نڪو طبيب.

(٣) پسر نيه ه را چون شود بخت يار، دهد داغ روغن به غله جوار = رن ٻت جو وري ڀاڳ، ته ڏيئي جوار ٻت کي داڳ (داغ).

(٤) آمد براء آخگر چون مطبخه نشست = آئي ڏانڊي کي، بورچاڻي ٿي ويئي.

عربي- ڪي عربي ٻهاڪا پارسيءَ جي معرفت آيا آهن، ۽ ڪن جو سڌو عربيءَ مان ترجمو ٿيل آهي- جهڙوڪ:

(١) عربي- التعجيل فعل الشيطان.
پارسي- ڪه تعجيل ڪار شيطين بود.
سنڌي- نڪڙ ڪم شيطان جو.

(٢) عربي- سنون الڪلابا لحم الحمارا.
سنڌي- ڪُتي جا ڏند، گڏهه جو ماس.

انگريزي- ڪي ڀاڪا انگريزيءَ مان ترجمو ٿيل آهن:

(۱) ڳڌڙ ڊاک نہ پهچي آکي ٿو کٽا. Grapes are Sour

(۲) ٽڪريءَ کي ٿيا سوُر ڄائو ڪُئو.
Mountain in labour.

(۳) ڇوڪريءَ (لَتڪِ) جو صرفو ڪيو، تہ ٻار ڪريو.
Spare the rod and Spoil the child.

(۴) پائيءَ تي پڪائي، نوڙن تي نادانى.
Penny wise, pound foolish.

(۵) جت روشني ۽ هوا، تت ڪانهي تانگهہ طبيب جي.
Where light and air enter, the doctor doesn't

عربيءَ جو خاندان

۱۹۲ - عربي ٻولي "سيمٽڪ" خاندان مان آهي، جنهن مان "هيبرو" يعني عبراني يا يهودين جي ٻولي، سريا يا شام جي ٻولي "ڪئلڊي"، ۽ ايشيا جي ڏکڻ-الهندي طرف جون ٻوليون پيدا ٿيون آهن. انهن ٻولين جو خاندان يا ڪل هڪڙو آهي، تنهنڪري سڀاويڪ طرح نحوي بناوت ۾ هڪٻئي سان مشابهت رکن ٿيون، ۽ ڪيترا لفظ ساڳيا اٿن* سنسڪرت ٻولي، جنهن مان سنڌي، هندي، گجراتي، وغيره ٻوليون پيدا ٿيون آهن سي آريه ٻوليون آهن، ۽ انڊو-يوروپين خاندان جون ٻوليون ليکجن

* آخر، آدم، رضا، عمل. علم، عمق (اونهائي)، عميق (اونهو)، فتح، فراق، فعل، قي (الٽي)، ۽ ٻيا اهڙا ڪيترا لفظ، جهڙا عربيءَ ۾ تهڙا عبرانيءَ يا يهودين جي ٻوليءَ ۾ آهن.

حساب، غيب، طعنو، قصر (محلات يا ماڙي)، فم (وات)، ۽ قرناٺي (ٺرناٺي) لفظ، ڪئلڊي ٻوليءَ ۾ به آهن.

هوا ۽ نازل لفظ ارم ملڪ جي ٻوليءَ ۾ به آهن— اهڙا ٻيا ڪئين مثال جان شيڪسپيئر واري هندستاني ڊڪشنريءَ ۽ ٻين ڪتابن مان ملي سگهن ٿا.

ٿيون، تنهنڪري سنڌيءَ جو عربيءَ سان ڪو ٻه جڳري ناتو ڪونهي، پر عربيءَ جو ٿس اثر ٿيو آهي - اهو ڪيئن ٿيو ۽ ڪيتريقدر ٿيو، تنهن لاءِ اول ڪجهه تاريخي احوال ڏجي ٿو، ته سڄي ڳالهه سمجهڻ سولي ٿئي.

آڳاٽن عربن تي آرين جو اثر

١٩٣- قديم زماني ۾ وچ ايشيا کان وٺي ايران ڏانئين آرين جون ٻيڪون هيون (صفحو ٧). آرين وانگر عرب به ٿاڪرن کي پوڄيندا هئا. قرآن شريف ۾ ٽن بتن- منات، عزيٰ ۽ لات- جا نالا ڄاڻايل آهن.

"ڳالهين منجهان تان ڪين ٿئي، پيچ اوت عزا لات ڪي،
سچل ڇو روئين ايترو، بس ڪر برسات ڪي."
(سچل)

هتي 'عزيٰ' ۽ 'لات' نالا ڪم آيل آهن.

عربن ۽ آرين جي پاڻ ۾ گهٽي لڙهه وچڙ هئڻ سبب، ڪي سنسڪرت لفظ عربيءَ ۾ اچي ويا - جهڙو صندل (Sandal) ۽ ڪافور (Camphor)، اصل ۾ سنسڪرت لفظ چندن ۽ ڪپور آهن. "ڪافور" لفظ قرآن شريف ۾ به ڪم آيل آهي. ويدانت ۽ تصوف يا صوفي مت به ساڳياٺي آهن، ۽ اها هڪجهڙائي به انهيءَ لڙهه وچڙ سبب آهي. پر، وارا ڇمارا آهن: هينئر ڏسو ته ڪيئن عربن جو اثر ايران ۽ سنڌ جي آرين تي ٿئي ٿو؟

عربستان ۾ اسلام ۽ آتساهه

١٩٤- سنه ٥٧٠ع ۾ حضرت محمد (صلعم) مڪي شريف ۾ پيدا ٿيو. ڪچيءَ ڪان ڏي پنهنجي پاڪ نفسي،

خلق ۽ فياضيءَ جي ڪري مشهور ٿيو. پر اسلام جي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين، ته عربن پنهنجون اڳوڻيون ريتون رسمون ڇڏڻ واجب نہ سمجهيو، سنديس گهڻي مخالفت ڪئي: ماڻس ايتريقدر اچي پاتائون، جو سنہ ۶۲۲ع ۾ هجرت ڪري مديني شريف ڏي وڃڻو پيس- مسلمانن جو هجري سنہ انهيءَ هجرت واري واقعي کان وٺي شروع ٿئي ٿو- انهيءَ وقت حضرت ﷺ کي پنهنجي جيءَ کي ڄمائون ۽ ذليل کي ڏاڪڙا ڏيڻا پيا، تہ بہ پنهنجي ارادي تي ثابت قدم رهيو. انهيءَ ثابت قدميءَ نيٺ سنديس من جي مراد پوري ڪئي: عربن پوءِ خوشيءَ سان اسلام اختيار ڪيو ۽ حضرت ﷺ کي ڏٺي پاڪ جو رسول ڪري ڄڻ لڳا. پيغمبر صاحب جنهن نثون ساهہ ڦوڪيو، تہ ايترو اَتساهہ جاڳيو، جو ٻين هنڌ بہ اسلام جو جهنڊو کڙو ڪرڻ ويا. اسلام اختيار ڪرڻ کان پوءِ اٽڪل هڪ سؤ ورهين جي اندر ايران، سنڌ، ايشيا ڪوچڪ جو گهڻو ڪري سمورو الهندو طرف، مصر ملڪ ۽ آفريڪا جو اتر وارو پاسو فتح ڪندا، فرانس تائين بہ ڪاهي ويا- ٽوئرس Tours وٽ جيڪڏهن شڪست نہ اچي ها، تہ سڄو يورپ پنهنجو ڪري ڇڏين ها.

ڪاغذن جوڙڻ جو هنر

۹۵- ”انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا“ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪاغذن يا پنن جوڙڻ جو رواج، چين ولايت ۾، عيسوي سنہ شروع ٿيڻ کان اڳي هو. سنہ ۷۵۱ع ۾ عربن سمرقند

(پارس جار هاڪو)لڏي، هندستان ۾ گجرات طرف اچي رهيا، جنهنڪري هينئر سندين مادري زبان گجراتي آهي. عربن جي ڪاهه وقت ايران ۾پهلوي يعني پهلوُ (پرٿو - آرين)لوڪن جي ٻولي چالو هئي. انهيءَ پهلويءَ تي عربيءَ جو ايترو اثر ٿيو، جو اها رفتي رفتي ڦري هانوڪي عربيءَ آميز پارسي ٻولي ٿي پيئي.

(الف) پارسيءَ جا ٽن قسمن جا درجا آهن: قديم، وچولي، ۽ آخرين. قديم پارسي دارا بادشاهه جي وقت جي ٻولي آهي، ۽ وچولي "پهلوي" آهي: آخرين درجي واري پارسي Classical persian اها آهي، جا اڄڪلهه اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچي ٿي. پارسي ۽ سنسڪرت آريہ ٻوليون آهن ۽ هڪٻئي کي گهڻو ويجهيون آهن (صفحو ٥ ۽ ٨).

عربيءَ جو سنڌيءَ تي اثر

١٩٩- سنہ ٧١١ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي اهو سياڻيڪ آهي ته جڏهن ڪا ڌاري قوم ڪنهن ملڪ تي غالب پوندي آهي، تڏهن انهيءَ ملڪ جا رعيتي ماڻهو، فتح ڪندڙ حاڪمن جي عام طرح پيروي ڪندا آهن: اول ڌاريءَ قوم جا لفظ، روزمره جي محاوري ۾ اچي ويندا آهن، انهيءَ کان پوء رعيتي ماڻهو سندين پوشاڪ، کائڻ پيئڻ جا نمونا، آتَ - ويهه جا قاعدا ۽ ٻيون ڳالهيون اختيار ڪندا آهن؛ ڪي ته انهن جو دين بہ اختيار ڪندا آهن- مطلب ته عام قاعدو هيءُ آهي ته ڌاريءَ قوم جو اثر ٻهريائين ٻهريائين ٻوليءَ تي، ۽ سڀ کان

ايران ۽ پارسي

١٩٧- پرشيا کي ”ايران“* چئبو آهي ۽ اُتي جا رهاڪو پاڻ کي ”ايراني“ سڏائين ٿا ۽ سندن ٻوليون به ايراني ٻوليون سڏجن ٿيون (صفحو ٨). ”پرشيا“ مان ”پرشن“ (Persian) لفظ ٺاهيو اٿن، جنهن جي معنيٰ آهي ”پارسي“ يا ”فارسي“؛ پر اصل ۾ اها سڄي ايران جي ٻولي نه آهي. اها اصل ايران جي ڏکڻ پرڳڻن مان فقط پارس يا فارس نالي هڪ پرڳڻي جي ٻولي آهي؛ پر انهيءَ پرڳڻي ۾ عيسوي سنه کان ڇهه صديون اڳي ڪياني بادشاهه (Achaemenian Kings) دارا وغيره (٣٣٠ کان ٥٥٠ ق. م)، ۽ عيسوي ٽين صديءَ ۾ ساساني بادشاهه (Sasanian Kings) پيدا ٿيا، جي سڄي پرشيا (ايران) جا والي ٿيا، تہ سندين ٻولي ”پرشن“ سڏجڻ ۾ آئي، جا درحقيقت فقط پارس پرڳڻي جي ٻولي آهي (صفحو ٨) عربيءَ ۾ ”پ“ اکر ڪونهي، تنهن ڪري عربن پارس ۽ پارسي لفظن جا اچار ڦيرائي فارس ۽ فارسي ڪيا.

عربن جي ايران تي ڪاهه

١٩٨- سنه ٦٣٤-٣٧ ڌاري عربن ايران تي ڪاهه ڪئي. ان وقت ايران جي پارس پرڳڻي مان ڪيترا پارسي

* "Iran, Eran, Airan the Airiyana, of the Avesta. is the land of the Aryans."

Edward G. Browne: "A Literary History of Persia," p. 4.

وقت سڄو ٿهو ڪري ٻوڙي ۽ پن پن ڪان ڌار ٿي وڃي، تنهنڪري پوڄ وٽن جا ڇوڏا انهن پنن جي مٿان پٽو يا جلد ڪري ڪم آڻيندا هئا. انهن ڇوڏن توڙي پنن جي آرپار تنگ ڪري انهيءَ تنگ مان ڌاڳو لنگهائي، ڳنڍ ٻڌي ڇڏيندا هئا، ته سنئون سولو ڪتاب ٿي پوندو هو. ان کي سڏيندا هئا "گرنٿ"، جنهن جي سنسڪرت ۾ هڪڙي معنيٰ آهي "ڳنڍ" ۽ ٻي معنيٰ "ڪتاب" (جنهن کي ڳنڍ ڏنل هجي). سنڌيءَ ۾ "گرنٿ" جو اچار بگڙجي "گرٿ" ٿيو آهي.

"ٻڌي گوڏ گرٿ، ساٿو هٽجي سور جو" (شاهه)

هتي گرٿ (گرنٿ-گرنٿي) معنيٰ ڳنڍ (ناڙي جي).

سنڌيءَ ۾ "گرنٿ-گرنٿي" جو اچار ڦري "ڳنڍ" ب، ٿيو آهي. سکن جي گُرن جي باڻي جنهن ڪتاب ۾ لکيل آهي، تنهن کي ادب ۽ عزت وچان "گرنٿ صاحب" سڏجي ٿو؛ نه ته اصل معنيٰ اٿس "ڪتاب"، ۽ پوءِ خاص طرح معنيٰ ٿيس "گُرن جي باڻيءَ جو ڪتاب". ساڳيءَ طرح مسلمانن جو پاڪ ڪتاب، "قران" يا "القرآن" (قرء معنيٰ پڙهڻ) ۽ "مصحف" يا "المصحف" (صحف معنيٰ لکيل پرت) سڏجي ٿو؛ پر انهن ٻنهي لفظن جي به اصطلاحي معني آهي "ڪتاب" ۽ اهو "الڪتاب" The Book سڏجي ٿو: ائين لفظن کي ڪي خاص معنائون ملن ٿيون. هاڻ اچو ٻوليءَ جي ڳالهه تي.

ني ڪاهيو، ته چين جو لشڪر سامهون ٽين. عربن ڪي چينائي قيد ڪيا، جن پنن جوڙڻ جو هنر سيکارين. عربن پوءِ اهو هنر هندستان ۽ يورپ کي سيکاريو. هندستان جي ماڻهن اهو ٿورو لاهي ڇڏيو، جو حسابي علم ۽ ٻيا ڪي علم عربن کي سيکاريائون– عربيءَ ۾ حسابي علم کي چون ٿي ”علم هندسه“، جو اهو علم هندستان مان پرايو هئائون.

١٥٦– آڳاٽن آرين کي وڏن جا منتر ۽ ٻي ٻالي ڪنٺ هوندي هئي، ۽ انجو ڦهلاءُ پيڙهيءَ ٻه پيڙهيءَ حافظي جي وسيلي ڪندا هئا. شروع ۾ عرب به ائين ڪندا هئا، لکڻ جو هنر به هون. سنڌي لفظ ”لکڻ“ ۽ انگريزي لفظ Write جي اصل معني هئي ”کرڙڻ يا اُکرڻ“– اکي پٿر، ٽامي وغيره تي اکر اُکريندا هئا؛ اهو دستور گهڻو هوندو هو. اکي هيٺن به ڪندا هئا جو کجيءَ جا ويڪرا پن، جن مان وڇيون نهن ٿيون، تن تي لکندا هئا؛ جنهنڪري سنسڪرت لفظ ”پتر“ ۽ انگريزي لفظ leaf جي هڪڙي معني آهي وڻ جو پن ۽ ٻي معني آهي ”پرت“ يا ”ورق“ (ڪتاب جو)؛ خود ”ورق“ لفظ جون به اهي ٻه معناڻون آهن.

سنسڪرت لفظ ”پتر“ جو اچار سنڌيءَ ۾ ڦري ٿيو آهي ”پرت“. هندستان ۾ گهڻا، ڀوج پترن يعني ڀوج وڻ Birch tree جي پنن تي لکندا هئا، ۽ اهي پن هڪٻئي جي پٺيان، رکندا ويندا هئا؛ پر متان ڪنهن

پوءِ دين يا ڌرم تي ٿيندو آهي. پر، سنڌ جي حالت ۾ قصوئي ٻيءَ طرح ٿيو: عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ سان هزارها هندو اسلامي دين ۾ داخل ٿيا، جنهنڪري اول اثر ڌرم تي ٿيو. عربن ڪيترن هنڌ مسجدون جوڙايون ۽ نون مسلمانن کي نمازون سيکارڻ ۽ قرآن شريف پاڙهڻ جو بندوبست ڪيائون. پارسي تاريخ نويسن ڄاڻايو آهي ته ڪيترا نؤمسلم شوق سان عربي ٻولي لکڻ ۽ پڙهڻ سکيا. ابو عطا نالي هڪ سنڌي شاعر، عيسوي ٺائين صديءَ ڌاري بغداد ۾ وڃي رهيو ۽ عربيءَ ۾ جيڪو شعر چيائين، سو خود عربستان جي شاعرن به سارايو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي ٻين ڪن عالمن به عربيءَ ۾ ڪتاب لکيا، جي اڄ ڏائين موجود آهن ۽ مصر جي "جامع ازهر" (ازهر يونيورسٽي، قاهره) ۾ درسي ڪتابن طور پاڙهيا وڃن ٿا*. پر مٿي اڳيئي چيو ويو آهي (ڏسو صفحو ٦٢) ته عربن جي ڪاهه وقت سنڌ ۾ وراچڊ اپڀرنش چالو هئي، سنه ١١٠٠ع ڌاري سومرن جي صاحبيءَ ۾ ڦيري هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي (صفحو ٧٢)- هن حقيقت مان چڱيءَ طرح سمجهڻ ۾ ايندو ته عربيءَ جو جيڪو به اثر سنڌ جي ٻوليءَ تي ٿيو هوندو، سو وراچڊ اپڀرنش تي، يعني هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ جي ماءُ تي. انهيءَ اپڀرنش پراڪرت ۾ لکيل هڪ ڪتاب به موجود ڪونهي. تنهنڪري، چٽي نٿو سگهجي ته

* مسٽر محمد صديق ميمڻ: "سنڌ جي ادبي تاريخ"، صفحو ٤.

انهيءَ تي عربيءَ جو ڪهڙو ۽ ڪيترقدر اثر ٿيو- هن ڳالهه تي وڌيڪ روشني وجهڻ لاءِ ڪي تاريخي حقيقتون چاڻائجن ٿيون.

٢٠٠- سنه ٧١١ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي، ۽ ٧١٣- ٧١٢ع ڌاري ملتان به ورتائون. انهيءَ وقت کان وٺي، اُموي خلافت ٻاران، سنڌ ۾ نائب مقرر ٿيا. محمد بن قاسم جنهن سنڌ فتح ڪئي، سو انهيءَ وقت ڌاري گذاري ويو. سندس وفات کان سگهوئي پوءِ سنڌي ماڻهن، عربن سان جنگيون جوٽي، گهڻو ڪري سنڌ جو سڄوئي پرڳڻو موٽي پنهنجي قبضي ڪيو. خليفن جي نائبن جي هٿ ۾ رڳو ڪراچي ضلعي جي لاڙ وارو ڀاڱو "ديبل ٺٽي کان وٺي سمنڊ تائين" رهيو*. انهن نائبن جي حڪومت ٧١١ع کان وٺي ٧٤٩-٥٠ع تائين يعني اٽڪل چاليهه ورهيه هلي. "تحفة الڪرام" موجب انهيءَ عرصي اندر برهمڻ آباد ۾ دلوراءِ، ۽ ڀنڀور (تعلقي ميرپور ساڪري) ڀنڀوراءِ جو راڄ هو. هن مان ظاهر آهي، ته ڪراچي ضلعي واري لاڙ مان به ميرپور ساڪري وارو پاسو هندن جي هٿ ۾ هو. اُموي خليفن جي ٻاران منصور بن جمهور سنڌ ۾ هو، تنهن برهمڻ آباد کان ٿورا ميل پري هڪ شهر ٻڌايو هو، جو سندس نالي پٺيان "منصوره" سڏبو هو. مطلب ته عربن جي هٿ ۾ سنڌ جو رڳو ٿورڙو ٽڪر شهدادپور طرف هو، باقي ٻي سموري سنڌ، سنڌي ماڻهن موٽي هٿ ڪئي هئي.

*Henry Cousens: "Antiguities of Sind", p. 29.

٢٠١- سنه ٧٥٠ع کان وٺي عباسي خلافت جو زمانو شروع ٿيو، تہ انهيءَ گهراڻي وارن پنهنجا نائب سنڌ ۾ موڪليا. منصور بن جمهور انهن نون نائبن کي سامهون ٿيو. پر پوءِ شڪست کائي ٿر ڏي ڀڄي ويو، جتي پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب، اڃ ۾ عاجز ٿي، ساهہ ڇڏيائين*- هن مان ظاهر آهي تہ منصور بن جمهور رڳو حڪومت جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ رکڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ۽ عربي ڦهلائڻ يا عربي علم ادب کي زور وٺائڻ جي ڪوشش ڪانہ ٿي ڪيائين. حقيقت بہ هن طرح آهي تہ ان وقت جيڪي مسلمان نہ هئا، سي جزيي واري ڏِل ڀري، پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت جو بار خليفن تي وجهندا هئا. اهي هندو "ذمي" سڏبا هئا، يعني اهي رعيتي ماڻهو جن جو بچاءُ حڪومت جي ذمي هوندو هو. ايلفنسٽن صاحب پنهنجي جوڙيل تاريخ ۾ انهيءَ سبب خليفن جي گهڻي ساراهہ ڪئي آهي، جو ڪيترن هندن کان، رڳو جزيو وٺي ڪين هندڪي ڌرم ۾ رهڻ ڏنائون ٿي- مطلب تہ عربي سکڻ لاءِ ڪوبہ ٻڌل ڪونہ هو.

٢٠٢- بني عباس گهراڻي وارن خليفن جي ڏينهن ۾ عراق ۾ ڪي بغاوتون ٿيون هيون، جنهنڪري هو پنهنجي ئي مونجهاري ۾ هئا ۽ سنڌ ڏانهن پورو ڌيان ڏيئي نٿي سگهيا. اهو وجهہ وٺي سنڌ جو پرڳڻو سولائيءَ سان سولي ۽ خودمختيار ٿيو*- حاصل مطلب تہ سنہ ٧١١ع

*"سنڌ گزيٽئر"، جلد پهريون، صفحو ٩١.
*Major General Haig: "Indus Delta Country", p.7:

کان وٺي، سنڌ مان هندن جي صاحبيءَ جو صفا خاتمو ٿي ڪونہ چڪو هو، جيئن ڪي غلط طرح سمجهندا آهن. حقيقت نہ پاڻ هن طرح آهي، نہ گهڻو ڪري سموري سنڌ هندن موليٰ هٿ ڪئي هئي؛ باقي رکو ڪراچي ضلعي جي لاڙ وارو ٿورو ڏڪر ۽ هاڻوڪي نوابشاهہ ضلعي ۾ شهدادپور جي پرپان، برهمڻ آباد جي ويجهو، منصوره جو شهر عربن جي هٿ ۾ هو. تنهن ڪري، عربيءَ جو جيڪو بہ اثر ٿيو هوندو، سو انهيءَ ٿوريءَ ايراضيءَ ۾، ۽ نہ سڄيءَ سنڌ تي: اُتي بہ رکو ڪي ٿورا عربي لفظ چالو ٿيا هوندا ۽ ٻوليءَ تي گهڻو اثر ڪونہ ٿيو هوندو، جو خود هاڻوڪي سنڌي انهيءَ ڳالهہ جي ساک پري ٿي، جيئن اڳتي هلي ڄاڻائبو.

٢٠٣- ٿر جي سوڍن راجپوتن جي دستخط احوالن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ وڪرمي سنبت ١٠٥٤ يعني ٩٩٦ع ڌاري الور، امرڪوٽ ۽ ننگرپارڪر، مارواڙ جي راجا ڏرڻي براهہ جي هٿ ۾ هئا، ۽ پٽس جو ڪراج امرڪوٽ ۾ راڄ ٿي ڪيو- هن مان ظاهر آهي تہ الور جو شهر، جو عربن جي ڪاهہ وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو، سو بہ انهن راجپوتن پنهنجي قبضي ڪري ڇڏيو هو، ۽ خليفن جي نائبن جو زور پيچي ويٺا هئا.

٢٠٤- سنڌ جي باقي رهيل جن ڀاڱن ۾ خليفن جانائب هئا، تن بابت بہ ڪجهہ حقيقت ملي ٿي: ميجرجنرل هيگ پنهنجي ڪتاب ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“ جي صفحي ٽيهتر ۾

چاڙهيو آهي ته 'سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ "پراڻ"* طرف جيڪي هندو (راجپوت) حاڪم هئا، سي جيتوڻيڪ خليفن جي پاران مقرر ٿيل هئا، ته به خودمختيار ٿي پئي گذاريائون'- هن مان هيڪاري چٽيءَ طرح ظاهر آهي ته خليفن جي پاران ڪي هندو نائب به هئا ۽ انهن ته عربيءَ جو ڦهلاءُ هرگز ڪونه ڪيو هوندو. سنڌ جي تاريخ ۾ هيئن به لکيل آهي ته 'سن ١٠٢٤ع ۾ محمود غزنويءَ سنڌ مان خليفن جي نائبن کي ڪڍي ڇڏيو ۽ سنڌ جو پرڳڻو دهليءَ جي بادشاهن جي هٿ هيٺ رهيو، ته به حڪومت جون واڳون انهن راجپوت حاڪمن جي هٿ ۾ هيون. انهن پوءِ اهڙو ته زور ورتو جو سڄيءَ سنڌ ۾ سنڌين (راجپوتن) جي صاحبي ٿي، جا سومرن جي صاحبي سڏجي ٿي'.

سنڌ ۾ سومرن جي صاحبي

٢٠٥- سومرا اصل هندو راجپوت هئا، جيئن يورپي عالمن کوجنائون ڪري ظاهر ڪيو آهي. سنڌين صاحبيءَ ۾ سن ١١٠٠ع ڌاري، وراچڊ اپڀرنش پراڪرت ڦيري هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي (صفحو ٨٠ ۽ ٨١). ان وقت

* "پراڻ" معنيٰ پراڻو درياهه- اڳي 'مهراڻ' يا 'هاڪڙو' ڏيپلي تعلقي جي ڏکڻ ڏي هاڻوڪي ديري پراڻ جي پيٽ مان وهندو، لکپت ڏي ويندو هو.

ميجر جنرل هيگ: "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، صفحو ٧٣.

جو هڪڙو ٻه سنڌي ڪتاب موجود ڪونهي؛ نڪي ڪنهن شعر جون مصراعون ملي سگهن ٿيون.

عيسوي ٻارهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن شهاب الدين غوريءَ ڪي پرٿويراء تي فتح حاصل ٿي، تڏهن انهيءَ وقت چند برداٽي نالي هڪ چارڻ "پرٿيراج رسن" نالي هڪ ڪتاب لکيو هو (صفحو ٧١)- انهيءَ مان ٻه سٽون نموني لاءِ هيٺ ڏجن ٿيون:

"ٻڌ ڏرم ليو بانڌي نہ تيگ،
سُڻ سرون راج من ڀيو آديگ."

يعني (اجمير جي راجا بيسل ديو جي پٽ سارنگ ديو) ٻڌ ڏرم اختيار ڪيو، ۽ تيغ (ترار) نٿي ٻڌائين. راجا اها خبر ٻڌي، من ۾ وياڪل ٿيو- هتي پارسي لفظ "تيگ" (تيغ) ڪم آيل آهي. اهڙيءَ طرح پيا ٻہ منجهس پارسي ۽ عربي لفظ گهٽيل آهن- جهڙوڪ:

پيگام (پيغام)، فرمان، سرطان (سلطان)، باتشاهہ، وغيره.

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ اُردو زبان جو ٻج اڳيئي ڇٽيل هو، اهو غزنوي گهراڻي جي حڪومت جو اثر چئبو.

غزنوي گهراڻي وارن جو ٻوليءَ تي اثر

٢٠٦- محمود غزنوي، جنهن سنڌ مان خليفن جي نائبن کي ڪڍي، حڪومت جون واڳون سومرن جي هٿ ۾ ڏنيون، تنهن کان وٺي عيسوي چوڏهين صديءَ تائين، جن مسلمان حاڪمن سنڌ ۽ سڄو اتر هندستان پنهنجي تابعي ڪيا، سي ايران جي اتر-اڀرندي ۽ هاڙوڪي

افغانستان ۾ رهندا هئا؛ اهي ترڪ هئا، پر پارسي ٻوليءَ سان چاهه هون. محمود غزنويءَ جي حڪم سان فردوسيءَ نالي شاعر ايران جي بادشاهن جي تاريخ پارسي شعر ۾ لکي تيار ڪئي، جنهن جو نالو "شاهه نامو" رکيائين– پارسي ٻوليءَ بابت مٿي اڳيئي چيو ويو آهي (صفحو ٢٠٣) ته عربيءَ جو مٿس نهايت گهڻو ۽ گهاٽو اثر ٿيو آهي. پر هيٺن به ٻيندو آهي ته پر وارين ٻولين جا لفظ به ٻوليءَ ۾ گڏجي مسجي ويندا آهن. انهيءَ سبب پارسيءَ ۾ ترڪي لفظ به اچي ويا. اٿين پارسي ٻولي، جا اصل ۾ آريه ٻولي آهي، سا ترڪيءَ جي ٿوري اثر ۽ عربيءَ جي ججهي اثر سبب هڪ گاڏڙ ٻولي ٿي پيئي. سنڌيءَ ۾ جيڪي لفظ عربي، ترڪي وغيره اچي ويا آهن، سي سڀ پارسيءَ جي معرفت؛ باقي سنڌيءَ طرح عربيءَ جو اثر جيڪڏهن ڪو ٿيو به هوندو، ته هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ جي ساڃاه تي، جا وراچڊ اپڀرنش سڏبي هئي.

سنڌ ۾ سمن جي صاحبي

٢٠٧– سومرن بابت سڀني تاريخ نويسن چاتايو آهي، ته اڪثر عيش عشرت جا ڪوڏيا هئا. "عمر مارئيءَ" جو قصو سنڌ ۾ مشهور آهي– اهڙو قهر جو ڪم عمر سومري ڪان گهڻو اڳي، همير سومري ١٠٣٠ع ۾ ڪيو هو، جو "جاسل" نالي هڪ نئين پرڻيل ڪنوار کي زبردستيءَ ڪئي ويو هو. جنهن سبب راءِ ڏياچ جو ڀٽ

راءِ ذوگهن گجرات مان سنڌ تي ڪاهي آيو هو، ۽ سومرن کي شڪست ڏيئي جاسل جا بند خلاص ڪيا هئائين*. سومرن تي خود سنڌ جا سما سڙيا ويٺا هئا، جن نيٺ حڪومت جون واڳون پنهنجي قبضي ڪيون.

سنڌڙيءَ جو ڦهلاءُ

٢٠٨- عربن سنڌ تي ڪاهه ڪئي، تنهن کان اڳ ڪڇ ۽ گجرات وارا پاسا، بلڪ لسٻيلو به، هندو راجائن جي هٿ هيٺ هئا (صفحو ١٥١ ۽ ١٥٦). سمن جي صاحبيءَ ۾ ڪن سمن سنڌ مان وڃي ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ڏي دِڳهو ڄمايو (صفحو ٨٩)، تہ سنڌيءَ جو ڦهلاءُ اوڏهين هيڪاري گهڻو ٿيو. ڄام انڙ جي خاندان مان "رونجها" هئا، جن لسٻيلي ۾ حڪومت ڪئي. انهن مان "سپڙ" سخاوت ۾ اهڙو نالو ڪڍيو، جو سڏينداڻي "سپڙ سخي" اٿس. شاهه جي رسالي ۾ سنديس ۽ ٻين ڪن سمن جي گهڻي ساک لکيل آهي. لسٻيلي ڏي اهي سما حاڪم زور ٿيا، تہ سنڌيءَ جو ڦهلاءُ ايڏهين بہ ٿيو.

٢٠٩- سمن گهراڻي جو حاڪم ڄام تماچي اڄ تائين مشهور آهي (صفحو ١٢٣). سندس وقت ۾ سمن فقيرن کي اڳڪٿيون شعر ۾ ڪيون هيون. سندن چيل بيت اڄ تائين موجود آهن. اهي عام طرح "ماموئي" فقيرن جا بيت سڏجن ٿا. حقيقتون، صحيح اچار "معمائي" آهي.

---

* سموري حقيقت لاءِ ڏسو، ڪئپٽن ولبر فورس بيل جي جوڙيل "ڪاٺياواڙ جي تاريخ".

معما معنيٰ ڳجهارت. انهن فقيرن ڳجهارتن ۾ ڳايو هو، تنهنڪري اهو نالو پيو. سنڌن چيل بيت هي آهن:

پهريون- هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي ٻنڌ اروڙ،
ٻهه مڇي ۾ لوڙ، سمي ويندا سوڪڙي!
ٻيون- وسي وسي آر جڏهن وڄي ڦٽندو،
تڏهن ٻاروچالو ٻار، پنجين درمين وڪبو!
ٽيون- ڪاري ڪاٻاري جهيڙو لڳندو ڇهه پهر،
مر مڇي ماري، سک وسندي سنڌڙي!
چوٿون- مر مڇي ماري، مر مڇي کهڙا پار،
هيٺين ڪاريون ٻوتيون، مٿن ڪارا وار!
پنجو ن- لڳندي لاڙان سؤنڪو ٽيندو سري ۾،
جڏهن ڪڏهن سنڌڙي اوڳاڻا وٺاهه*-
(يا) جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قندران جو کوا!
ڇهو ن- نيرا گهوڙا ڏهرا، اتر کون ايندا،
کها کهيريون گسن تي، وراهي ويندا،
تهان پوء ٽيندا، طبل تاجائين جا!
ستون - اچي ويجها ٻماڙهئا! ننگر جي آڏار،
پراڻا پرار، نوان ۾ اڏجا نجهرا!

هيءَ آهي سنڌ ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽو موجود سنڌي شعر، جنهن ۾ عربي توڙي پارسيءَ جو اثر لڪائي ئي ڪونه ٿو.

* سنڌڙي اوڳاڻا وٺاهه = اي سنڌ، توکي ايرندي طرف کان نقصان رسندو. (آڳهيو = آيرندو)

ارغونن ۽ ترخانن جو راڄ

٢١٠- سمن کان پوءِ سنڌ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جو راڄ ٿيو. ارغونن جي خاندان جو وڏو ارغون خان هو، تنهن جي نالي پٺيان اهي پاڻ کي ارغون سڏائيندا هئا. سنه ١٥٢١ع ۾ شاهه بيگ ارغون سنڌ جو حاڪم ٿيو، ته هن پاڻ سان ايراني ۽ ترڪي شاعر ۽ ٻيا ڪي عالم آندا. سندس پٽ ميرزا شاهه حسن به ناميارو شاعر ٿي گذريو آهي. ان وقت عام طرح پارسي ٻولي چالو هئي، جنهنڪري چئبو ته غزنوي گهراڻي وارن پارسيءَ جو ٻج چٽيو، ۽ ارغونن انهيءَ کي آسرايو. انهيءَ وقت سنڌ ۾ مسلمانن جو تعداد ججهو ٿي ويو هو، جنهنڪري چئبو ته عربيءَ سان گڏ پارسي تعليم جو سلسلو سنڌ ۾ انهيءَ وقت کان وٺي باقاعدي شروع ٿيو.

سنڌي شعر جي شروعات

٢١١- سيڪنهن ٻوليءَ جو علم ادب يا ساهت (لٽريچر) شعر سان شروع ٿئي ٿو. سنڌ جو قديم شعر آهي "دوهرو" يعني ٻن سٽن وارو بيت (صفحو ٥٨ ۽ ٥٩). معمائي فقيرن جا بيت جي مٿي ڏنا ويا آهن، سي به دوهرا آهن (صفحو ٢٦٣)؛ ر‍ڳو ڇهين بيت ۾ ٽي سٽون آهن، جنهنڪري چئبو ته دوهري جي ترتيب ۾ ٿورو ڦير اڳيئي پيل هو. اهي بيت ٿورڙا آهن، تنهنڪري نڪي ليکي نڪي چوکي. عيسوي پندرهين صديءَ ۾ شيخ حماد ٿي وارو جو "ڪڄي وارو پير" سڏجي ٿو، تنهن ڪجهه شعر سنڌيءَ ۾ چيو هو، پر اهو

موجود ڪونهي. هن وقت جيڪو سنڌي شعر موجود آهي، تنهن ڏي نظر ڪري ڇڏجي ٿو، ته سنڌي شعر عيسوي سورهين صديءَ کان وٺي شروع ٿئي ٿو. اهو به مسلم شاعرن جو چيل آهي. هندن جو جوڙيل شعر عدم موجود آهي؛ باقي ان جو نمونو سکن جي گرنٿ صاحب مان ملي ٿو.

لوڻ لوڻي ڏٺ، پياس نه ٻجهي مون گهڻي.
نانڪ سي آکڙيان ٻين، جن ڏسندؤ مان پري.
(راڳ مارؤ محلا پنج)

[مطلب- اکين سان مون جوتي سروپ ياجلال واري ڏٺيءَ کي ڏٺو، مون کي درسن جي پياس يا ديدار جي تمنا (اڇا) گهڻي آهي ۽ اها ٻجهي يا متجي نٿي؛ پر اهي اکيون ٻي ٻيون آهن، جن سان منهنجي پياري کي ڏسي سگهندؤ.]

٢١٢- عيسوي سورهين صديءَ ۾ جيڪي مسلم شاعر ٿيا، تن مان نامور شاعر قاضي قاضن سيوهڻ وارو هو، جو سمن جي صاحبيءَ جي پڇاڙيءَ ۾، ۽ ارغون گهراڻي جي راڄ جي اڳياڙيءَ ۾، ٿي گذريو آهي. هن جي وفات جي تاريخ ١٥٥١ع آهي. سندس فقط ڇهه بيت رسالي ڪريمي مان ملن ٿا. انهيءَ وقت کان وٺي جيڪي شاعر ٿي گذريا آهن، تن جو شعر موجود آهي، تنهنڪري ٿي سنڌي شعر جي شروعات عيسوي سورهين صديءَ کان وٺي ليکجي ٿي- قاضي قاضن جي شعر جا مثال آهن:

(١) سي ئي سيل ٿيام، پڙهيام جي پاڻا،
اکر اڳيان اپري، واڳو ٿي وريام.
(٢) ڪنز، قدوري، ڪافيہ ڪي ڪين پڙهيوم،
سو پارئي پيو، جتان پريں لڌوم.

سندس ٻهس يا همعصر Contemporaries پيا بہ، هئا، جن مان هت رڳو ٻن جو ذڪر ڪجي ٿو.

٢١٣- قاضي قاضن جي وقت ۾ شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو پيدا ٿيو، جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نڙ ڏاڏو ۽ مشهور اولياءُ هو. جو سنہ ١٥٣٦ع ۾ ڄاڄو ۽ سنہ ١٦٢٣ع ۾ وصال ڪيائين- مطلب تہ سيد صاحب انهيءَ زماني ۾ ٿي گذريو آهي، جنهن ۾ ارغون ۽ ترخان سنڌ جا حاڪم هئا. هو ڇهاسي ورهيہ جيئرو رهيو، تنهن ڪري مرزا شاهہ حسن ارغون، مرزا عيسيٰ ترخان، مرزا محمد باقي، مرزا جاني بيگ ۽ مرزا غازي بيگ- انهن سڀني جا راڄ ستيريو ٿي. تاريخن موجب اهي راڄ سنہ ١٥٢١ع کان وٺي ١٦١٢ع تائين هليا.

يوروپي لوڪن جي ٻوليءَ جو اثر

٢١٤- انهيءَ وقت ڌاري پورچو گيزن، فرينچن ۽ ڊچن هندستان ۾ اچي ڪوٺيون وڌيون، تہ سندن ڪي لفظ چالو ٿيا- جن جا مثال اڳيئي ڏنا ويا آهن (صفحو ١٨٧) عجب تہ ڏسو تہ ”روٽي“ ۽ ”ماني“ لفظ بہ اسان ڪي پورچو گيزن سيکاريا! سنسڪرت لفظ ”پرشٺ“، معنيٰ پڪل: انهيءَ لفظ جو اچار پورچو گيزن بگيڙي ڪيو ”پارولي“ معني پڪل ماني. اسين ”پا“ جو اچار ڪيدي باقي ڇڏيون

۽ اسين چئون "ڍوڍو". هاڻ "روٽي" لفظ پورچوگيز ٻوليءَ مان ۽ "ڍوڍو" لفظ پشتو مان آيل ليکجن ٿا، نه ته حقيقت ڪري اسان جا ٻئي لفظ آهن ۽ بنياد سنسڪرت مان اٿن. "ماني" Manna لفظ اصل بني اسرائيلن (يهودين) جو آهي، جو پورچوگيزن اسان وٽ چالو ڪيو، "پئسو" لفظ به اسان وٽ پورچوگيزن چالو ڪيو، جو اصل سپين (Spain) جو pess آهي. اهو اصل سونو سڪو هو؛ پر هاڻ پئسي ۾ اسين ٽي پايون ليکيون ٿا. ساڳئي وقت "پئسي وارو" معنيٰ ڏن دولت وارو يا شاهوڪار انهيءَ اصطلاح ۾ اهو لفظ پنهنجي اصلوڪيءَ معنيٰ جو اهڃاڻ ڏئي ٿو. ساڳيءَ طرح "ٽَڪو"، جنهن ۾ ڇهه پايون (اڌ آنو) ليکيون ٿا، سو اڳي سون جو سڪو هو؛ تنهنڪري "رتن ٽَڪن جو ٿالهه" معنيٰ اشرفين جو ٿالهه. "ٽَڪو - ٽڪڪ" اصل سنسڪرت لفظ "ٽنڪڪ" آهي.

"علم ماڳ نه اڳين، ڦلنگي منجهه ڦريا،
ملاح! تنهنجي ڪڙي، اچي چور چڙهيا." (شاهه)

ڦلنگي، فلنگي يا فرنگي اصل يوروپي لفظ "فرئنڪ" Frank آهي. عيسوي پنجين صديءَ ۾ جرمنيءَ جي هڪ قوم فرئنڪونيا (Franconia) مان وڃي گال (Gaul) فتح ڪيو. اهو سمورو پاسو "فرانس" سڏجڻ ۾ آيو. فرانس جي ماڻهن تي "فرئنڪ" نالو پيو. رفتي رفتي سڀيئي يوروپي انهيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ آيا. هندستان ۾ اول

پورچوگيزن واپار جي سانگي ڪوٺيون وڌيون؛ پر منجهانئن ڪي درياهي چور (Pirates) هوندا هئا. سنڌ ۽ گجرات جا وڻجارا ملبار ڪناري ڏي ويندا هئا (صفحو ۱۲۳)، ته اهي چور سنڌين ڏنگين ۾ ڪاهي پوندا هئا ۽ سنڌن مال ڦري ويندا هئا. سنڌ ۾ ٺٽي جي شهر کي انهن پورچوگيزن باهه ڏيئي جلايو هو. ”باد فرنگ“ لفظ جي اکري معنيٰ آهي ”يورپ جي هوا.“ اهو لفظ خود ڄاڻائي ٿو، ته انهيءَ بيچڙيءَ ۽ بدچالن جي بيماريءَ جي اسانجن ماڻهن کي اڳي ٻوجهه ئي ڪانه هئي. پورچوگيزن ڏکڻ هندستان طرف گهڻيئي ڪم ڪيا ۽ انهيءَ طرف جون ڏيهي ڇوڪريون پرڻيا. انهن مان جيڪي پٽ ڄاوا سي پورچوگيزن وانگر ٽوپلا پائڻ لڳا، تنهنڪري ”ٽوپس“ سڏجڻ ۾ آيا. اهو لفظ پوءِ سڄي هندستان ۾ ٽوپلن پائيندڙن لاءِ عام ٿيو. هي حقيقت يول ۽ برنيل صاحبن جي جوڙيل لغت ”هابسن جابسن“ ۾ ڄاڻايل آهي- پر اچو پنهنجي ٻوليءَ جي ڳالهه تي.

دهليءَ جي بادشاهن جي حڪومت

۲۱۵- دهليءَ جي بادشاهن مان ناميارو اڪبر بادشاهه اسان وٽ امرڪوٽ ۾ ڄائو هو، ۽ ٿورا مهنا ”جوڻ“ نالي شهر ۾ نپنو هو. همايون بادشاهه جنهن وقت سنڌ آيو، تنهن وقت سنڌ ۾ شاهه حسن ارغون جي حڪومت هئي، ته به ٿر ۾ سوڍن راجپوتن جو راڄ هو (صفحو ۱۸۱). امرڪوٽ جي گاديءَ تي رالو پرساد ويٺل هو، تنهن همايون

بادشاھ کي پنھنجو قلعو خالي ڪري ڏنو، جنھن ۾ اڪبر بادشاھ ١٤-آڪٽوبر ١٥٤٢ع جي ڄائو. انھيءَ کان اڳي سنڌ ۾ ڪتان ڪتان جا سيد ۽ ٻروچ اچي رھيا ھئا (صفحو ١٢٢)؛ پر ھنن ارغونن جي صاحبيءَ ۾ مغل ۽ شيرازي گھڻا ھئا، ۽ اڄ تائين ”مغل واڙو“ ۽ ”شيرازي پاڙو“ ٺٽي ۾ آھن. شاھ حسن ان وقت اھڙو زور ھو، جو ھمايون بادشاھ جي آڻ نٿي مڃيائين، تنھنڪري ھو ٺٽي تي ڪاھ ڪرڻ لاءِ ”جوڻ“ واري واٽ وٺي تي ويو. انھيءَ پيري ٺاھ ٿيو؛ پر پوءِ اڪبر بادشاھ سنڌ جو پرڳڻو پنھنجي تابعي ڪري ڇڏيو.

٢١٦- ھاٿوڪي ٿليلي واھ کان اڳي ”ريڻ“ واھ ھو، جو ھاڻ ڦٽو پيو آھي، تنھنڪري ”ڦٽو“ (Phito) سڏجي ٿو. ان جي ڪپ تي جوڻ ۽ فتح باغ (ھڪ ھٽي کان ٿي ڪوھ پري) اھڙا آباد ھئا، جو چوٽي ھئي ته:

”نرت نورائي، نار نصرپور، ڦر فتح باغ،
ھلي ڏسو جوڻ، جتي ڪپھ جو واپار.“

[مطلب- نرت يعني نڪي نظر يا (سھڻيون) اکيون ته نورائي جي ماڻھن جون، زالون (سھڻيون) ته نصرپور جون، ڦل ڦول يا ميوو ته فتح باغ جوا جوڻ جو ته ھلي ديدار ڪريو، جتي ڪپھ جو واپار (جام) ٿئي ٿو.]

اڪبر بادشاھ جو نامارو وزير بيربل برھمڻ فتح باغ جو ويٺل چوڻ ۾ اچي ٿو. اھي ٻئي وسيل شھر ميان عبدالنبي ڪلھوڙي جي صاحبيءَ ۾ مدد خان پٺاڻ ٻاھيون ڏياري جلائي پورا ڪيا (صفحو ١٩٢).

سنڌ جي ڦرلٽ ۽ ٻاهيون

٢١٧- ٺٽي جو شهر ڄام نندي ٻڌايو هو. سنه ١٥٢١ع ۾، سندس پٽ ڄام فيروز کان حڪومت کسڻ وقت شاهه بيگ ارغون ٺٽي کي باهه ڏياري. ان وقت ٺٽي جا ڪي سيد اُچي وچ ۾ پيا، جنهنڪري گهڻو نقصان ڪونه ٿيو. بکر وارن سيدن کي به شاهه بيگ ارغون لڏايو هو، جنهن ڪري هو روهڙيءَ ۾ وڃي رهيا هئا؛ ڪيترن بلوچن جو خون ڪرايو هئائين ۽ سندن ٻائيتاليهه ڳوٺ نابود ڪرائي ڇڏيا هئائين. (”سنڌ گزيٽيئر“، صفحو ١٠٠). ارغونن کان پوءِ سنڌ ۾ ترخانن جي صاحبي سنه ١٥٥٤ع ۾ شروع ٿي، ته مرزا عيسيٰ ترخان سان مرزا شاهه حسن ارغون جي لشڪر جو هڪ مهندار سلطان محمد لڙڻ لڳو ۽ بکر وارو پاسو پنهنجي قبضي ڪري ويٺو. انهيءَ تي مرزا عيسيٰ پورچوگيزن کان مدد گهري، جن پنهنجو بحري لشڪر پيڊرو بريٽو رولم Pedro Baretto Rolim جي مهنداريءَ هيٺ موڪليو. انهن پورچوگيزن ٺٽي جي هندن توڙي مسلمانن جي ملڪيت ايتريقدر ڦري، جو سڄي ايشيا ۾ اهڙي ڦرلٽ ڪا ورلي ٿي هوندي (”سنڌ گزيٽيئر“ صفحو ١٠٥)؛ ڪيترن لکن جي ملڪيت ڦريائون، تنهن کان پوءِ به ٺٽي جي شهر کي باهه ڏنائون:- هيءَ سنه ١٥٥٥ع جي ڳالهه آهي (صفحو ٢١٨). وري ٺٽون شهر ٻڏائون ته ٻيو اتفاق ٿيو: سنه ١٥٩١ع ۾ اڪبر بادشاهه

جو لشڪر سنڌ تي ڪاهي آيو، جو مرزا جاني بيگ سنڌيس آڻ مڃي. مرزا کي پرون پيا، ته هاڻ ٺٽو هٿان ويندو، تنهن پنهنجي شهر کي پاڻيهي ڦورڪي ڏياري باهه. ائين ٺٽي کهرا ٺٽو جليو!

ساهت جو واڌارو سدائين صلح سانت ۾ ٿيندو آهي، پر هتي اجهو هھڙا ويل پئي وهيا!

٢١٨- سنه ١٥٩١ع ۾ اڪبر بادشاهه ترخانن سان جنگ جوٽي کين پنهنجي تابع ڪيو؛ پر کين صوبو (گورنر) ٿي ڪم ڪرڻ ڏنائين- سنه ١٦١٢ع ۾ مرزا غازي بيگ جي مرڻ تي ترخانن جي خاندان جو صفا خاتمو ٿيو. انهيءَ وقت کان وٺي دهليءَ جي بادشاهن جي پاران صوبا يا نواب مقرر ٿي ايندا هئا. انهيءَ نئين انتظام جو اثر هيءَ ٿيو، ته سنڌ ۾ شاهاڻي ٻولي (پارسي) ۽ ديني ٻولي (عربي) هيڪاري زور ٿيون ۽ مسلمانن جو تعداد به ڏينهون ڏينهن پوءِ وڌندو رهيو (صفحو ٢١٤).

هندو - مسلم ميلاپ

٢١٩- اڪبر بادشاهه جي وقت جون ڪي مکيه ڳالهيون کهڙيون ڏيان ڇڪين ٿيون: هڪڙي ڳالهه ته هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ شير شڪر ٿيڻ لڳا. هندڪي مسلمانڪي جو ڀيد ايريقدر نڪري ويو، جو مسلمانڪي پوشاڪ ڍڪڻ کان هندو عار ڪونه ڪندا هئا ۽ مسلمان ڏاڙهين کي صفائي ڏيندا هئا. مسلمان، راجائيءَ جي لقب کي فخر سمجهندا هئا ۽ هندو، مرزا ۽ نواب جي خطاب کي مان سمجهندا

هئا. ان وقت هندو مسلمانڪا لفظ ۽ مسلمان ڇاءِ ساٺ هندڪا لفظ ڪم آڻڻ لڳا*. اهو دستور سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين تائين به زور هو. جهڙوڪ ڪنبڙيءَ (تعلقي روهڙيءَ) وارن جي ٻاڻي صفا هنديءَ ۾ آهي.

۲۲۰. اڪبر بادشاهه جي وقت جي ٻي هيءَ مکيه ڳالهه گهڻو ڌيان ڇڪي ٿي، ته سنڌس صاحبيءَ ۾ دهليءَ طرف ڪيترن هندن کي سرڪاري نوڪريون مليون، ته به پارسي سکڻ لاءِ ڪين ٻڌل ڪونه رکيو هئائون. ڪيترا هندو، سرڪاري حساب-ڪتاب پنهنجي هندي ٻوليءَ ۾ رکندا هئا. ان وقت اڪبر بادشاهه جو روينيو وزير راجا ٽوڊر مل هو، تنهن حڪم جاري ڪيو ته آئينديءَ سڀ ڪامورا پارسي سکن ۽ سڀ سرڪاري حساب-ڪتاب پارسيءَ ۾ رکڻ ۾ اچي. سنڌ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي حڪومت هئڻ سبب سڀ سرڪاري حساب-ڪتاب اڳيئي پارسيءَ ۾ رکندا هئا.

سنڌ ۾ مسلمان عالمن جو سنڌيءَ ڏي ڌيان اڪثر هوئي ڪونه. اهي رڳو عربيءَ ۽ پارسيءَ ۾ ڪتاب لکندا هئا، پر پوءِ سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکڻ جي ضرورت محسوس ڪيائون جو ڪيترا هندو دين اسلام ۾ داخل ٿيا هئا. اهو احوال اڪبر بادشاهه جي زماني کان گهڻو اڳ جو آهي، تنهنڪري هتي منڊ کان وٺي ان جو مختصر طرح ذڪر ڪجي ٿو.

* ميرزا قليچ بيگ: سنڌي شعر، صفحو ۱۲.

دريا م پنٿي ۽ آڏيرو لعل

٢٢ - لهاڻا (لوانا) اصل ۾ سري رامچندر پٽ ''لو'' Lava جو اولاد آهن، جو عام طرح ''واڻيا'' يعني وڻج ڪندڙ يا واپاري ۽ (ياڻيهند) سڏجن ٿا. هن وقت منجهانئن ڪيترا عاملن ۾ ڳڌجي ويا آهن. منجهانئن گهڻا اصل لوهگڙهه ۾ رهندا هئا، جو هاڻ ''لاهور'' سڏجي ٿو*. رامائڻ واري زماني ۾ سري رامچندر جو پاڻ پرت، سنڌ جو راجا هو (صفحو ٢٩) ۽ تنهنڪري سمجهجي ٿو، ته انهيءَ وقت ئي لهاڻا سنڌ ۾ ججهي تعداد ۾ هئا. آڳاٽن آرين وانگر اهي اڄ تائين درياهه جي پوڄا ڪن ٿا، سورج (سج) ديوتا کي هٿ جوڙين ٿا ۽ جوت جي پوڄا به ڪن ٿا، جنهن جي مراد آهي، ته اڳيان جي اونده ٽري ۽ اندر ۾ انيوءَ جي جوت جاڳي. اهي ''درياهه پنٿي'' سڏجن ٿا ۽ ٺڪرن جا شيوڪ آهن. اهي درياهه ۾ اکو وجهندا آهن ۽ بحرانا (بحر - نذرانا) ڪيندا آهن.

ٺڪرن جي دستخط ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته ٺٽي ۾ مرک شاهه نالي هڪ حاڪم انهي جي هندن کي زوريءَ مسلمان ٿي ڪيو، ته هنن درياهه شاهه کي پڪاريو، جنهن سندين دانهن اونائي؛ اوچتو هڪ جوان، گهوڙي تي سوار ٿيل، پاڻيءَ مان پرگهٽ ٿيو ۽ مرک شاهه کي وڃي سمجهايائين ته ڪنهن به حاڪم کي زور زبردستي ڪرڻ نه جڳائي، ۽ هندن توڙي مسلمانن

*R. E. "Enthoun: The tribes and Castes of Bombay" Vol; ii"

ڪي پاڻ ۾ ڀائرن جيان مٺ محبت ۾ گذگذارڻ گهرجي. مرڪ شاهه سندس ڪي معجزا ڏسي حيران ٿيو ۽ هندن توڙي مسلمانن سان هڪجهڙي هلت هلڻ جو اقرار ڪيائين. انهيءَ آوتاري پرش سڳهوڙي ٻوءِ نصرپور جي شهر ۾ رتني نالي هڪ ڀائيبند جي گهر ۾ جنم لڌو، ۽ اهو ”اڏيرو لال“ سڏجي ٿو. سنسڪرت ۾ ”آڏو“ معنيٰ پاڻي، جنهن ۾ ورڻ ديوتا رهي ٿو، تنهنڪري ورڻ ديوتا کي آڏوراج. آڏوپتي ۽ آڏوور چئبو آهي. انهيءَ ”آڏوور“ لفظ جو اُچار ڦري ٿيو آهي ”اڏيرو“، ۽ هُو ورڻ ديوتا جو اوتار ليکجي ٿو. سندس جنم وڪرمي سنبت ١٠٠٧ ۾ چيٽي چنڊ (ٻيج تٿ) تي شڪروار [جمعي] جي ڏينهن ٿيو هو. اهو ڏينهن هاڻ ”ٿاروَن“ سڏجي ٿو، جنهن جو اچارڪي ”ٿارو“ به ڪن (جيئن ”ٿارومل“). درياهه جا شيوڪ انهيءَ ڏينهن گوشت ۽ شراب ڪونه ورتائين. اهو ”ٿارو“ يا ”ٿارو“ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ ”ستارو“، معنيٰ بيهڪ وارو يعني محڪم يا سدائين قائم. اهو ڏلهيءَ جو هڪ صفاتي نالو آهي، جو اڏيري لال تي به رکيو اٿن. هو سدائين قائم آهي، تنهنڪري ”امر لال“ به سڏجي ٿو. ”امر“ معنيٰ نه مرندڙ يعني سدائين جيئرو. انهيءَ ڪري ”زنده پير“ به ڪوٺجي ٿو. اڄ تائين هندن توڙي ڪيترن مسلمانن جو منجهس اعتقاد آهي، اڏيري لال جي درگاهه جا مجاور مسلمان آهن ۽ کيس ”شيخ طاهر“ ڪري ڪوٺين ٿا*

*ساڳيءَ طرح قلندر لال شهباز کي هندو ”راجاڀرتري“ ۽ پير پٺي کي ”راجا گوپيچند“ سمجهي پوڄين ٿا.

سنڌي سال چيٽ مهيني کان وٺي شروع ٿئي ٿو، ۽ اڏيري لال ٻه چيٽي چنڊ جي ڏينهن جنم ڌاريو هو، تنهنڪري چيٽ جو مهينو دهلن دمامن، ڇيڄن ڇيڪارن ۽ ملا کڻن ميلن سان شروع ٿيندو آهي.

سومرن ۽ سمن جو دين اسلام اختيار ڪرڻ

۲۲۲- پارسي تاريخ نويسن ڄاڻايو آهي ته سومرا اصل عربستان طرفان "سامره" مان آيل هئا. يوروپي عالمن کوجنائون ڪري ظاهر ڪيو آهي ته سومرا اصل هندو هئا، ۽ پرمار راجپوتن مان هئا- جيئن "سنڌ گزيٽيئر" ۾ به ڄاڻايل آهي (۱۷۹)- انهن اڏيري لال جي جنم ڌارڻ کان اڳي دين اسلام اختيار ڪيو يا پوءِ، سو پتو ڪونهي؛ باقي سمن بابت پڪ آهي ته اهي گهڻو پوءِ مسلمان ٿيا هئا. اهي سما اصل جادوونسي ڪُل مان آهن، جن مان سري ڪرشن پيدا ٿيو هو. اهي راجا يدوءَ* جو اولاد آهن، تنهنڪري يادوَ يا جادوَ ڪوٺجن ٿا. انهيءَ لفظ جو سنڌيءَ ۾ اچار "جادم" آهي.

"پسي پاٽ پُر ٿيو سندو جادم جُود." (شاهه)

هتي راءِ ڏياچ کي شاهه صاحب "جادم" سڏيو آهي. (صفحو ۸۹) جام ڏماچيءَ جو ڀاءُ جام اوڍو هو. جنهن جو پٽ جکرو هڪ نهايت نيڪ انسان ٿي گذريو آهي.

---

* يدوَ آريا لوڪ اصل بئبلونيا طرفان آيل چوڻ ۾ اچن ٿا (ڏسو صفحو ۲۱)

شاهه صاحب هن کي ٻه ”جادم جکرو“ سڏيو آهي- هن
مان ظاهر آهي ته شاهه صاحب کي خبر هئي ته اهي
سما جادؤ ونسين جي ڪل مان آهن.

لهاڻن جو قري ميمڻ ٿيڻ

٢٢٣- اينٿون صاحب هڪ ڪتاب بمبئي ڪاتي جي
قومن ۽ ذاتين بابت لکيو آهي. انهيءَ ۾ هو صاحب
لکي ٿو ته ’پيران پير دستگير‘ سنه ١١٦٥ع ۾ بغداد ۾
رحلت ڪئي (گذاري ويو). دنيا مان موڪلائڻ کان اڳ،
پنهنجي پٽ تاج الدين کي هدايت ڪيائين ته تون هندستان ۾
وڃي رهه، اتي جي ماڻهن کي اسلام جي روشني ڏيکار
(سومرا ۽ سما شايد انهيءَ وقت مسلمان ٿيا). سيد تاج الدين
کان پنج پيڙهيون پوءِ، سيد يوسف الدين قادري پيدا ٿيو.
تنهن کي سنه ١٤٢١ع ۾ خواب ۾ آيو، ته تون سنڌ ۾ وڃي
اتي جي ماڻهن کي اسلام جي واهه ڏيکار. هو صاحب جنهن
وقت سنڌ ۾ آيو، تنهن وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ٺٽو
هو، ۽ اتي جو حاڪم سما گهراڻي جو مرڪب خان هو.
اينٿوون صاحب لکي ٿو ته ’سمن جي صاحبي ١٣٥١ع کان
وٺي ١٥٢١ع تائين هلي ۽ اهو مرڪب خان، جو شايد
جام رائڊان (سنه ١٤٥٤ع) هو، تنهن سيد صاحب کي ججهي
عزت ڏيئي پنهنجو مهمان ڪري رهايو. انهيءَ حاڪم وٽ
ماڻڪجي ڏالي هڪ سيٺ برک هو، جو لهاڻن جي چوراسي
اکن يا برادرين جو مکي هو. ٺٽي جو حاڪم ۽ سيد صاحب

جو مريد ٿيو، تہ سيٺ ماڻڪجيءَ بہ پنھنجي حاڪم جي پيروي ڪئي، ۽ پنھنجن ٽن پٽن مان ٻن پٽن ۽ لهاڻن جي، ست سؤ آڪهين سميت شاهہ صاحب جو مريد ٿيو ۽ دين اسلام اختيار ڪيائين. سيٺ ماڻڪجيءَ جو پٽ سيٺ رائجي هو، تنهن تي احمد نالو پيو. رائجي جا ٻہ پٽ سندرجي ۽ هنسراج هئا، سي آدم ۽ تاج محمد سڏجڻ ۾ آيا*. لهاڻن ۾ ڪي ”موٽ“ ڪوٺيا هئا، پر پوءِ لهاڻن توڙي موٽن تي نالو پيو ”ميمڻ“ يعني ”مومن“ يا ايمان آڻيندڙ (ڌڻيءَ جي وحدانيت ۾). انهيءَ وقت ٻين لهاڻن درياهہ شاهہ کي پڪاريو هو ۽ درياهہ شاهہ سندين پڪار اونائي هئي¹- هن مان سمجهجي ٿو تہ اڏيري لال جي جنم ڏارڻ ڪان پنج صديون کن پوءِ جي هي ڳالهہ آهي: هي موقعو ٿي ٿيو پيو ڀانئجي.

٢٤٤- اينٿوون صاحب هيٺئن بہ لکيو آهي تہ ’ڀڄ ۾ ڄاڙيجو راءِ ڪنگهار ١٥٤٨ع تائين حاڪم هو. هن ٺٽي جي ميمڻن کي دعوت ڏيئي ڀڄ ۾ گهرايو، جتي هو پنھنجو پاڙو ٻڌي وڃي رهيا. اتان پوءِ ڪنهن وقت ڪڇي ميمڻ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ڏي ويا. سورت جو شهر ١٥٨٠ع کان وٺي ١٦٨٠ع تائين وڻج واپار ڪري برک هو، ۽ هيءُ ميمڻ اهو وقت انڌي رهي ساجا ٿي پيا هئا.

---

* سنڌي ماڻهن جا نالا اصل ڪچين جهڙا هئا ۽ هاڻوڪن نالن وارا هندو، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت کان وٺي آيا.

سورت جي واپار جو ٻوءِ چلتو گھٽيو، ته ڪيترا ميمڻ بمبئيءَ ڏي ويا.“ مطلب ته ڪڇ ۽ بمبئيءَ وارا ميمڻ به سنڌ جي لهاڻن مان آهن*.

ابوالحسن جي سنڌي

۲۲۵- سمن جي صاحبيءَ کان وٺي، سنڌ جا ڪيترا لهاڻا ڦري ميمڻ ٿيا ۽ اهي وڌيا ويجهيا، ته انهن مسلمانن جو تعداد سترهين صديءَ ڌاري وڏي گھڻو ٿيو. ان وقت ڪن مسلمان عالمن ضرور سمجهيو، ته سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا ڪتاب ڪيجن، جن جي وسيلي ميمڻن ۽ سنڌن اولاد کي اسلام جي عقيدن ۽ فرضن کان چڱيءَ ريت واقف ڪجي. ان وقت ٺٽي ۾ هڪ مولوي ”ابوالحسن“ نالي هو، جو مسلمان ٻارن کي مذهبي تعليم ڏيندو هو. سنه ۱۷۰۰ع ڌاري هن صاحب هڪ ڪتاب ”مقدمة الصلوات“ نالي لکيو، جنهن ۾ نماز پڙهڻ، وضو سارڻ، ۽ ٻين اهڙين ديني ڳالهين جو ذڪر آهي. ڪانئس اڳي قاضي قاضن، شاهه ڪريم ۽ ٻين شاعرن ڪي بيت جدا جدا وقتن تي چيا هئا (صفحو ۲۱۵)؛ پر هينئر هيءُ سنئون سولو ڪتاب مولوي ابوالحسن سنڌيءَ ۾ جوڙيو، تنهنڪري هو صاحب سنڌي علم، ادب يا ساهت (لٽريچر) جو بنياد وجهندڙ ليکجي ٿو، ان وقت مسلمان عالم عام طرح عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪتاب لکندا هئا. اهي بزرگ اڪثر

* *R.E. Enthoven: "The Ttribes and Castes of Bombay". Vol. ii'. pp. 52-53.*

ٿي، سيوهڻ ۽ ٻين هنڌن جا هئا. انهن مان سنڌيءَ ۾ جن ڪو ڪتاب لکيو، تن جي سنڌيءَ کي، بلڪ سنڌن ڪتابن کي، انهن جي سنڌي سڏيندا هئا. مولوي ابوالحسن جا عربيءَ ۾ لکيل ڪي ڪتاب اڳي ئي هئا؛ پر هينئر جو هيءُ ڪتاب ٻهراڙيون گهمرو سنڌي شعر ۾ لکيائين، ته اها ”ابوالحسن جي سنڌي“ سڏجڻ ۾ آئي. ان وقت کان وٺي پيا ٻه ڪي مسلمان عالم اهڙا ديني ڪتاب لکڻ لڳا ۽ سندين سنڌي سندن نالن پٺيان سڏجڻ ۾ آئي. اهڙيءَ طرح جملي پنجاهه کن ڪتاب ابوالحسن جي سنڌيءَ جي نموني، اڳاٽي صورتخطيءَ ۾ لکيل موجود آهن، جي هينئر سيڪو آسانيءَ سان پڙهي ڪين سگهندو. ان وقت جي هندن جو هڪڙو به ڪتاب موجود ڪونهي؛ پر سندن شعر جو نمونو مٿي اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي (صفحو ٢١٥).

٢٢٦– مولوي ابوالحسن جو شعر دوهري جي ترتيب تي ٻڌل آهي (ڏسو صفحو ٥٩ ۽ ٢١٤)– مثال:

”ساراهجي سو ڌڻي، سندو جنهن (جنهن) فرمان،
مڃيو مڙنئي مومنين، آندائون ايمان،
ته (تنهن) ساراهائي سيڪو منجهه پٽاندر پاڻ،
ماڙو، مرون، پکي، پري، ملڪ مت سڃاڻ؛
جيڪي آهي جت ڪي ڳجهو ۽ پڌرو،
سو سڀ ساراهائي رب کي پاڻ پٽاندر تو“. وغيره وغيره.

رواجي طرح هرهڪ دوهري ۾ ٻه سٽون ٽينديون آهن، جي پنهنجي جاءِ ٻوريون بيٺيون هونديون آهن؛

پر هتي ڳالهه لاڳيتي هلي اچي. هن قسم جي بيتن کي عام طرح ”ڪبت“ (ڪوِتا) چوندا آهن. ڪٿي وري سيڪنهن سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ الف گڏي قافيو جوڙيو اٿس. مولوي عبدالرحمان جو ٺاهيل ”سنڌي نورنامو“ سڄوئي اهڙين جڙيل آهي، جنهن مان مثال ڏجي ٿو:

”ساراهيان سچو ڌڻي، جو آگو عليما،
جڳاءِ جه (جنهن) صاحب کي سڀ ڪاساراها،
عالم عليم موڙ ڌڻي، مولو ملڪ خدا“— وغيره وغيره.

اهڙيءَ طرح سڄي ڪتاب جي سيڪنهن سٽ پنيان ”آ—آ—آ“ هلي اچي. شاهه جو رسالو به دوهري جي ترتيب تي ٻڌل آهي، پر ان جو نمونوئي نرالو. رکو سرسرا کي جي هڪ واٽي انهيءَ آڳاٽي نموني جڙيل آهي، جنهن جون ٽوريون سٽون هي آهن:

”حمد چئج حڪيم کي جور هٿي جانا،
تو ڏيکاري تو ڌڻي باطن جا بانا،
دوست رکي دل ۾ پڙهه لالن لسانا“ وغيره وغيره.

جنهن وقت مولوين ۽ مخدومن جو زور رکو ديني ڳالهين تي هو، تنهن وقت تصوف جي لهر به نئين سر سنڌ ۾ جاري ٿي هئي— اها ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جي ڳالهه آهي.

ڪلهوڙن جي صاحبي

۲۲۷— ڪلهوڙا ”عباسي“ سڏجن ٿا، ڇاڪاڻ ته حضرت محمد (صلعم) جي چاچي حضرت عباس جي نسل

وارن خليفن جو اولاد آهن. اڪبر بادشاهه جي صاحبيءَ ۾، سندس ٻاران، نواب خان خانان سنڌ جو پهريون صوبو يا نواب مقرر ٿي آيو هو. ان جي وقت ۾ عباسين مان ميان آدم شاهه ڪلهوڙو لاڙڪاڻي جي ڀرسان اچي رهيو هو. انهيءَ سچي ٻر ڳڻي ۾ چانڊيا گهڻا هئا، تنهنڪري اهو چانڊوڪو پرڳڻو سڏبو هو (صفحو ١١٢). انهي جي ماڻهن جو ميان آدم شاهه ڪلهوڙي ۾ گهڻو اعتقاد هو ۽ پير ڪري پوڄيندا هئس. ملتان طرف جا به ڪيترا مسلمان مريد هئس. سکر جي شهر ۾ هُو جنهن ٽڪريءَ تي دفن ٿيل آهي، سا سندس نالي پٺيان آدم شاهه جي ٽڪري سڏجي ٿي.

٢٢٨- ميان آدم شاهه کان پوءِ ميان شاهل محمد لاڙڪاڻي جي ڀرسان مريدن جي گهڻائيءَ سبب زور ورتو. لاڙڪاڻي جو شهر انهي جي لاڙڪ ذات جي مسلمانن جي نالي پٺيان سڏجي ٿو. انهي اصل وانڊ هئي. "وانڊ" معنيٰ ڏنگرن يا وڏن جي سڪل ڏارن ٽارن مان ٺهيل ٻونگي. اهڙيون گهڻيون ٻونگيون ناهي جتي ڳوٺ ٻڌي ماڻهو ويهن، تنهن ڳوٺ کي به "وانڊ" چون. ميان شاهل محمد لاڙڪاڻي ۾ گهاڙ واهه کڻايو، ته اهو پاڻو جنسي غنچو ٿي پيو؛ جنهنڪري هيءَ چوڻي عام ٿي ته "جي هجيئي نالو، ته گهر لاڙڪاڻو: نه ته وٽ ويڳاڻو."

٢٢٩- دهليءَ جي مغل بادشاهه اورنگزيب جي صاحبيءَ ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي زور ورتو. بادشاهه جي ٻاران سنڌ ۾ اچي ڪي فتحون ڪيائين. پنهنجي

ڪان لاڙڪاڻي وارو طرف ڦري، دادوءَ جي نزديڪ، خدا آباد جو شهر پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيائين. سندس وقت ۾ هڪ وڏو ڦهر ٿيو، جنهن جو مختصر طرح ذڪر ڪجي ٿو.

شاهه عنايت الله صوفي

۲۳۰- ميان يارمحمد جي صاحبيءَ ۾ ميرپور بٺوري تعلقي جي جهوڪ ميران پور ۾، شاهه عنايت الله صوفي نالي هڪ نامور صوفي درويش رهندو هو (صفحو ۱۲۱). هو الله جي عاشق ۾ اهڙو ته ڪو چقمق هو، جو جنهن جون تنهن جون دليون پاڻ ڏي ڪينچي ورتيون هئائين. هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو سندس مريد ٿيا*، ۽ سندس در ڇڏڻ تي دل نه پئي ٿين: رهگذر پنهنجا آٽ جهڪائي سندس درسن ڪرڻ ويندا هئا! اهڙيءَ طرح آئي وئي جي اَنن جي جهوڪ اَتي هئي، تنهنڪري ڳوٺ تي نالو ئي پيو "جهوڪ".

"جت وڃن آٽ، جاءِ تنهن کي چون 'جهوڪ'.
(ديوان گل).

سنڌ ۾ ڪلهوڙن کي ماڻهو پير ڪري پوڄيندا هئا، پر هيءُ وڏو پير پيدا ٿيو، تہ ميان يارمحمد کي اچي ڏپ ورتو، سو دهليءَ جي بادشاهه کي رپورٽ ڪيائين ته شاهه عنايت جا ايترا مريد آهن، جو ڪنهن وقت سڄي سنڌ فتح ڪري وجهي تہ عجب ڪونهي! انهيءَ تي حڪم آيو ته اهڙي ماڻهوءَ جي سسي لهرائي دهليءَ موڪليو! هن درويش جو دنيا سان ڪوبہ مطلب

* انهن مريدن مان هڪ صديق (صادق) فقير به هو.

ڪونه هو، پر شڪ جو شڪار ٿيو- جنهن جلاد سسي ٿي لاٿيس تنهن کي چيائين ته:

”رهانيدي مرا از قيد هستي؛ جزاڪ الله في الدارين خيرا!“

يعني ڇٽايو اٿئي مون کي هستيءَ جي قيد مان؛ ڌڻي اجورو ڏينده، ٻنهي جهانن ۾ خير ٿينده! اها دعا ٻڌي ڪري ڪيائينس جو ڏنائين ته آءٌ پنهنجي سچي سائين سان اجهوئي وڃي ٿو ميلان! انهيءَ خوشيءَ وچان سسيءَ لهڻ کان اڳ جلاد کي هڪ سونی اشرفي به انعام ڏنائين- هي انسان يا ملائڪ! جيتري به تعريف ڪجيس تيتري ٿوري- جنهن وقت سسي ڌڙ کان ڌار ٿيس، تنهن وقت سندس سسيءَ ٻوليو:

”سر در قدم يار فدا شد، چه بجا شد؟
اين بار گران بود، آدا شد، چه بجا شد؟“

يعني سچي سائينءَ جي قدمن تان هيءُ سر صدقي ٿيو، ته ڇا بجا آندوسين؟ يعني ڪجهه به بجا نه آندوسين (اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي): هيءُ ڳرو بار (فرض جو) ادا ٿيو، ته ڇا بجا آندوسين؟ اهڙيءَ ريت سندس سسيءَ ڪيترا بيت ٻوليا اهو بيتن جو ڪتاب ”بيسرنامو“ سڏجي ٿو- مطلب ته هيءُ الله جو عاشق سنڌ جي تاريخ جا ورق پنهنجي رت سان رڱي ويو آهي، ۽ اها لالاڻ ڪڏهن به لهڻ جي نه آهي.

شاهه عبداللطيف سندس پهس يا همعصر هو. ٻنهي جي پاڻ ۾ ججهي پريت هئي. سهڻي لال لطيف کي جنهن وقت هن هولناڪ حادثي جي سڌ پيئي، تنهن وقت شاهه عنايت کي ياد ڪري، زار زار رنائين ۽ هيءُ بيت چيائين:

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا!" (شاهہ)

جهوڪ شريف ۾ هرسال ميلو لڳندو آهي، ۽ سنڌ جا صوفي ۽ ٻيا ماڻهوسون جي تعداد ۾ اتي وڃي ڪٺا ٿيندا آهن.

٢٣١- شاهہ عنايت بابت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اول ماڻهيءَ بابت بيت چوندو هو؛ شاهہ عبداللطيف جا سسئي بابت بيت ٻڌي ۽ ٻڌائين، تہ اهي اهڙا وڻي ويس جو پاڻ بہ اهڙا بيت چوڻ لڳو-

"آڏر، نڏر، آڀري، ڪوجهي، ڪميڻي،
تنهن سان ٻاروچل ٻاجهون ڪيون، هوت ڏسي هيڻي؛
اگهائي، 'شاهہ عنايت' چوي، تنهنجي تڪر مان ليڻي،
جا هئي ور جي وهيڻي، تنهن کي محب مليو مهباڙ ۾!"

سنڌي شعر جي ترقي

٢٣٢- دوهرو معنيٰ ٻن سٽن وارو بيت. معمائي فقيرن جا بيت، جي صفحي ١٣١ ۾ ڏنا ويا آهن، تن مان بيت ڇهين ۾ ٻي ٽڪون آهن. شاهہ عنايت جي مٿين بيت ۾ چار ٽڪون آهن- تنهنڪري تاريخي لحاظ کان، شاهہ عنايت ۽ شاهہ عبداللطيف جا جوڙيل چؤ-ٽڪا بيت شعر جي ترقيءَ ۾ هڪ سونهري ڪڙي ڪري ليکبا هنن، دوهرن جي ماترائن ۾ بہ قيرڦار ڪئي. حقيقتؤن دوهري جي هرهڪ مصرع ۾ چوويهہ ماترائون هئڻ گهرجن؛ ٻهرين اڌ ۾ تيرهن

۽ پوئين اڌ ۾ ٻارهن. هنن ٻنهي شاعرن اهي ٻنڌڻ ٽوڙي ڇڏيا: ڪٿي چوويهه-پنجويهه، ته ڪٿي ڇويهه-ڇويهه ماترائون به آنداٿون- اهڙيءَ طرح نمونو ڏي نئون اختيار ڪياٿون.

ڏوهيڙا، لوڙائو ۽ سنڌي ڪافيون

٢٣٣- شاهه عبداللطيف کي راڳ جو شوق گهڻو هو. سندس فقير يا مريد ڪافين سان گڏ بيت به ڳائيندا هئا. انهن رفتي رفتي، مضمون توڙي ڳائڻ جي ڍنگ پٽاندر، بيتن تي نالائي نرالا پيا: خود "دوهڙو" لفظ جو آچار ڦري ٿيو "ڏوهڙو-ڏوهيڙو" ۽ کي "ڏوهو" (دوهو) به چون- هاڻ انهن لفظن جي معنيٰ ۾ به ڦير پئجي ويو آهي: دوهڙو معنيٰ اهو ٻن سٽن وارو بيت، جنهن ۾ ڪا ڌرمي يا اخلاقي ڳالهه هجي. "ڏوهيڙو" معنيٰ اهو بيت جنهن ۾ عشق جي ڳالهه هجي ۽ منجهس سٽون ڪيتريون به هجن ۽ ٻڪرار، جت ۽ ٻيا ڪنن تي هٿ رکي، وڏي سڏ ڏوهيڙا ڏيندا آهن ۽ تن کي عام طرح "لوڙائو" چئبو آهي ۽ ڀٽ، ڀڳت ۽ ٻيا، ڪُهن قصن ٻڌائيندي، ٽپ ٽپ تي جيڪي بيت سُر سان ڳائيندا آهن، تن کي "ڳاهون" (سنسڪرت "گاٿا") چئبو آهي ۽ جيڪي ڏوهيڙا منگتا يا مگڻهار ۽ ٻيا نڙ تي تنبوري تي چوندا آهن، سي اڪثر "بيت" ڪونٻا آهن ۽ جن بيتن ۾ سنت سادو ويدانت جون ڳالهيون يا ٻيون ڌرمي يا نيتي (اخلاقي) ڳالهيون آئين ٿا، تن کي بيتن بدران "سلوڪ" سڏبو آهي. شاهه جي رسالي ۾ پهريائين بيت ۽ پوءِ وايون يا ڪافيون آهن. هاڻ

دستور آهي، ته جيڪي ڪافيون ڳائن ويهن، سي اول ڏوهيڙا ڏين ۽ پوءِ ڪافي شروع ڪن. اهو نمونو اسان جن ماڻهن کي سهڻي لال لطيف سيکاريو، جو سنڌ ۾ ڪافين جوڙڻ جو رواج ٿي پهريائين پاڻ وڌائين.

سنڌي ڪافيون ۽ انهن جو اثر

”اڳڻ آيام پيهي، او الا، مون سارينديٰ سپرين.
مشڪ عطر مون پرين، سهڪس چم سيئي.
تن جني جو طالبو، روح تني سين ريهي—
ساجن سنڌيءَ سونهن جي، آءٌ ڳالهه ڪريان ڪيهي.
تيو لطف، ’لطيف‘ چي، دوست آيو در پيهي.“
(سر ڪنيات)

شاهه عبداللطيف، ههڙيون من موهيندڙ ڪافيون چئي، ماڻهن کي مستان ڪري ڇڏيو. سنڌي ماڻهن کي هيءَ نئين چاشني چکايائين، تنهن کان پوءِ ماڻهن ۾ پنهنجو هوش هلائي، ڪافين جوڙڻ جا نوان نوان نمونا ڪيا؛ هاڻ ڪا ڪافي ”يڪي“ (جيئن مٿين ڪافي آهي)؛ ته ڪا ”سوائي“، ته ڪا ”ڏيڍي“ وغيره— شاهه صاحب ڪافين جو رواج وڌو، سو سنڌ ۾ ان هڪ وڏو وڻ ڪيو اٿس. سنڌ جو راڳ آهي ئي ڄڻ: انهيءَ روح ريجهائيندڙ راڳ اسان جي پر ڳڻي ۾ ڏاڍي سوج مچائي آهي! هنيءَ ۾ ڏسو هاري ناري ڪنهن وقت جهار (پڪي) پيو هڪليندو، ته ڪنهن وقت اها لات پيو لنوندو، جو ڪيا بات! هو جو اوٺي، جنهن کي جيڪو تيڪو

"جت" سڏيندو آهي، سو اڪثر غزل ڪونہ ٿو چوي؛ باقي ڪافين جو ڪوڏيو آهي. جهنگ مان ڪرها (آٺ) قطاريو پيو ويندو. تہ ڪنهن مهل لوڙائو ڏيئي، اها وٺي ڪافي آلاپيندو، جو جهنگ ۾ رنگ لائي ڏيندو! ڪنهن صوفي فقير جي درگاهہ يا ٻئي آستان تي، جڏهن ڳائڻا اچي ٿا ڪڏ ٿين، تڏهن تہ لوليون لاٻو ڏين: دلا ۽ يڪتارا ڪٽي، اهي غضب جون ڪافيون چون، جو ٻڌندڙن جو پِتو بہ پاڻي ڪيو ڇڏين: ڪٿي ٻيگت پوندي آهي، تہ ماڻهو هڪٻئي جي مٿان ڳاهٽ وجهي ٿيندا آهن، ۽ ۽ تير چتڻ جي جاءِ ڪانہ هوندي آهي! رواجي طرح بہ ڏسو تہ سنڌ جا گهڻو ڪري سيئي ڪاسبي، حاج-وٺڻ اکيان رکي پنهنجي ڪرت بہ پيا ڪندا، تہ جهونگاريندا بہ پيا: ڪو مومل راڻي جا مذڪور تہ ڪو سسيءَ جا سور پيو ڳائيندو، يا مارئيءَ جي ساڻيهہ جي سڪ ۽ اباڻن جي اُڪير وچان وچوڙي جا ورلاپ پيو ڪندو- هي سڀ شاهہ صاحب جو پرتاب آهي، جنهن ڪافين جو رواج ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ وڌو. هن سنڌي شاعرن جي سرتاج ڪان پوءِ بيدل، بيڪس، ڏاڻي دلپتراءِ صوفيءَ ۽ ٻين بہ اهو نمونو اختيار ڪيو.

مداحون ۽ مناجاتون

٢٢٤- مداحن ۽ مناجاتن جوڙڻ جو رواج بہ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ پيو، جن ۾ هرهڪ دومري ۾ ننڍيون ننڍيون ٽُڪون رکندا هئا- مثال لاءِ ميان سرفراز خان

ڪلهوڙي جي مداح، مسلمانن جي نبيءَ بابت، هيٺ ڏجي ٿي:

”ڀلا ڄام، هن غلام سندو سوال سڄ تون،
آهيان ڏڌ، غمن گڏ، سچا سڏ سڄ تون،
ٻسي پاڻ، ڪرم ساڻ، ڏکيا ڏاڻ ڏئين مون- ڀلا ڄام...
لنگهيا لڪ، لٿا شڪ، هلي حق گڏياسون،
في الحال منجهه وصال، اچي محب ملياسون- ڀلا ڄام....
’سرفراز‘ ڪي اداس: آهي آس اوهان ڏانهن،
رهه راس، بند خلاص، ٿوبي خاص ڏئين مون- ڀلا ڄام....“

٢٣٥- جمن نالي هڪ چارڻ اڪين ڪان سڄو هو، تنهن پيران پير دستگير ڪان اکين جي روشنائي گهرڻ لاءِ هڪ مداح جوڙي، جنهن مان ٿوريون ٽڪون هي آهن:

”فرزند آهين حسنين جو، آءُ سائل تنهن ثقلين جو،
در گهه مٿي درن رين جو، اوجر مڱان عينين جو،
دارُو ٿئين دارين جو، يا پير پيران پاتشاهه!
’جمن‘ چوي جاهل آهيان، ڪيرتن ڪچو ڪاهل آهيان،
تو در سندو سائل آهيان، يا پير پيران پاتشاهه!“

اهڙيءَ ريت بغداد بند ڏيندو هليو اچي، هندن ٻه پوءِ مداحون جوڙيون- جهڙوڪ: گرونانڪ صاحب جي مداح، درياهه شاهه جي مداح، ۽ ٻيون مداحون.

فارسي نموني جو شعر

٢٣٦- شاهه صاحب ڪان پوءِ سچل ۽ ٻين ڪن شاعرن فارسي بحر ۽ وزن تي ڪي ڪافيون جوڙيون، اهو رواج

عيسوي ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري مير ڪرم علي خان جي راڄ ۾ وڃيو. ان وقت ايران جا ڪي قابل ماڻهو سنڌ ۾ آيا، جي فارسي غزل، قصيدا، رباعيون، مسدس وغيره جوڙيندا هئا؛ خود سنڌ جا مير صاحب، فارسي بحر ۽ وزن تي شعر چوندا هئا؛ ڪين ائين ڪندو ڏسي ان وقت جا ڪي سگهڙ ماڻهو به سندن پيروي ڪرڻ لڳا. انهيءَ وقت ڌاري ثابتعلي شاهه سنڌيءَ ۾ ”مرثيا“ جوڙيا، جي فارسي بحر ۽ وزن تي ٻڌل آهن؛ ڪن ڪن مرثين ۾ ته نج فارسي ٽڪون وڌيون اٿس. ٻهريون سنڌي شاعر، جنهن پنهنجا غزل فارسي بحر ۽ وزن تي الف-بي وار جوڙي ”ديوان“ تيار ڪيو، سو خليفو ميان گل محمد هو، جنهن جو ”ديوان گل“ مشهور آهي. هو صاحب حيدرآباد ضلعي جي هالا پراڻا (تعلقي هالا) ۾ سنه ١٧٤٠ع ۾ ڄائو هو، ۽ اتي، جي سانوڻي مُلن مان هو. ”ديوان“ لفظ خاص طرح انهيءَ شعر جي ڪتاب کي چئبو آهي، جنهن ۾ سمورو شعر الف-بي وار ڏنل هجي. ”ديوان گل“ جڙيو ته ٻين کي به رشڪ آئي؛ جنهنڪري هن وقت ديوان فاضل، ديوان قاسم، ديوان سانگي، ديوان خاڪي ۽ ٻيا ٿورا گهڻا ديوان سنڌيءَ ۾ آهن. ڪن وري رباعيون، مسدس ۽ ٻيو شعر چيو آهي. هن وقت اهو فارسي نموني جو شعر هليو اچي. ڪامسين ڪامروپ، سسئي پنهون، ۽ ٻيا قصا دوهرن جي ترتيب تي ٻڌل آهن؛ پر هاڻ اهو نمونو ڪي ٿورا اختيار ڪن ٿا.

سري جا ستارا

٢٣٧- مولوي ابوالحسن جي وقت کان وٺي، ڪيترن مسلمان عالمن ر ڳو ديني ڳالهين بابت ڪتاب پئي جوڙيا؛ پر ساڳئي وقت شاهه عنايت ۽ شاهه عبداللطيف تصوف جي نهر نئين سر جاري ڪئي، تہ سچل، سامي، جانڻ شاهه، روحل، مراد، غلام علي ۽ دريا خان، بيدل ۽ بيڪس، پارو شاهه، پائي وسڻ، شنڪر پارتي ۽ ٽلهي جي سائن، ۽ ٻين سري (سرحد سنڌ) جي ستارن پنهنجي فيض جي درياهہ جا در کولي، نہ رڳو سري پر سڄيءَ سنڌ کي بهار بهار ڪري ڇڏيو! انهن صوفين ۽ ويدانتين عجيب پلٽون پلٽي، ٻيائيءَ جون ٻنڌيون ٻيجي ڇڏيون، هندن توڙي مسلمانن لاءِ هڪ اهڙو پڪو ۽ وسيع ميدان پيدا ڪيو، جنهن ۾ اڄ تائين ٻنهي قومن وارا هڪٻئي سان رلمل ڪن ٿا- هنديءَ ڪم آڻيندي بہ مسلمانن عار نہ ڪونہ ٿي ڪيو: ڪنبڙي، تعلقي روهڙيءَ وارن درويشن جي ڪيتري ٻاڻي هنديءَ ۾ آهي، جنهن مان هڪ تُڪ هي آهي:

"ڳران جري، مٺن شرڻ تماري آياهہ"

ڪير جيڪر چوي تہ هيءُ ڪنهن مسلمان جو چيل ڪلام آهي؟ اهڙيءَ طرح انهن سري جي ستارن، توڙي ٻين، تصوف ۽ ويدانت جون ايتريقدر پلٽون پلٽيون، جو اڄ جيڪڏهن سنڌي ساهت مان سمورو صوفيانو ڪلام ۽ ويدانتي واڻي ڪڍي ڇڏجي، تہ سنڌ جو علم ادب ڄڻ سڃي مڙدي مثل ٿي پوي!

عامل ۽ پائيبند

٢٣٨- سنه ١٩-١٧١٨ع ۾ ميان يارمحمد ڪلهوڙي وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ پٽس ميان نورمحمد ڪلهوڙي، اُچ ۽ ملتان مان ديوان گدومل ۽ ٻيا ڪي هندو آندا، جي اول دادوءَ جي پرسان خداآباد ۾ اچي رهيا. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي، سنه ١٧٦٨ع ۾ حيدرآباد جو شهر ٻڌايو ته ڪيترا هندو اوڏنهين وڃي رهيا؛ سو اڄ تائين سندن اولاد خداآبادي عامل ۽ پائيبند سڏجن ٿا. انهن ٻاڙي پاڙي ۾ ٽڪاڻا کولايا، ته گرن جي ٻاڻي ۽ گرمکي اکرن جو ڦهلاءُ ٿيو. ڪيترا ديوان لاڙڪاڻي ضلعي ۾ جدا جدا هنڌن ۾ وڃي رهيا، جنهنڪري اوڏنهين به ديوان آهن. ڪي پائيبند جيسلمير، گجرات ۽ ٻين هنڌان آيا، جن مان ڪي ديويءَ جا پوڄاري ته ڪي ويشنو هئا- ائين پرڳڻو ويو وڌندو ۽ ٻولي به ويئي وسيع ٿيندي. پائيبند جدا جدا هنڌن مان آيا، تنهنڪري هندو-سنڌي اکرن ۾ ٿورو ڦير هو، جو اڄ تائين آهي.

سنڌ جو پرڳڻو قنڌار جي تابعي

”جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، تو ڪي قنڌاران جو ڪو.“
(صفحو ٢١٣)

٢٣٩- سنه ١٧٣٩ع ۾ ايران جي بادشاهہ نادر شاهہ، مغلن جو زور ڀڃي، پنجاب ۽ سنڌ پنهنجي تابعي ڪيا. ميان نور محمد سندس آڻ مڃڻ کان نٽايو، ته نادرشاهہ سنڌ تي ڪاهي آيو. ڳڙهن ڏاڍا ڦهر ڪيا. ميان نورمحمد

وٺ هڪ ڪروڙ رپيا ڏرتيءَ ۾ پوريل هئا، سي جڏهن ڏنائين، تڏهن وري حڪومت ڪرڻ مليس؛ پر انهيءَ لاءِ ٻه ويهه لک رپيا ساليانيءَ ڏيل ڀرڻ جو بوجو نادرشاهه مٿس رکيو- نادرشاهه جا "نادري حڪم" اڄ تائين سنڌ ۾ مشهور آهن.

سنڌ ۾ وري ڦرلٽ ۽ ٻاهيون

۲۴۰- نادرشاهه کان پوءِ احمد شاهه دوراني تورڙي سنڌس پٽ تيمور شاهه ساليانيءَ ڏيل طلبڻ لڳا؛ پر ايترو ڏڪو اچي ڪٿان؟ پوءِ ته قنڌار کان ڪٽڪ ڪهي، اها ڏيل زوريءَ اڳاڙڻ ايندا هئا. هڪڙي ٽيندي هئي ڦرلٽ ۽ ٻيون لڳنديون هيون ٻاهيون! ٻيلل فصل ٻه پٺاڻ چٽ ڪري ويندا هئا! ميان عبدالنبي ڪلهوڙي کي ميرن مان خطرو هو، تنهن قنڌار جي حاڪم جي مدد گهري. انهيءَ گهري مدد خان پٺاڻ آيو، تنهن ته هيڪاري وڏيڪ ڦرلٽ ڪرائي ۽ شهرن جا شهر ٻاٻون ڏياري ناس ڪرائي ڇڏيائين! انهيءَ سبب "مدد" معنيٰ ٿي "مصيبت" (صفحو ۱۹۲). انهيءَ ميان عبدالنبيءَ جي وقت ۾، جوڌپور جي راجا ٻه راجپوت ايلچي ڪري موڪليا، جن مير بجار سان خلاصي ڳالهين ڪندي کيس خنجر هڻي ماريو؛ انهيءَ ڪري اڄ تائين چوڻي آهي ته "ڪَنَ جي ڳالهين مير بجار مارايو".

ميرن جي صاحبي

۲۴۱- سنه ۱۷۸۳ع کان وٺي ميرن جي صاحبي ٿي ته قنڌار جي حاڪم مٿن ٻه اها ڏيل مڙهي. تيمڻ ۱۷۹۲ع

۾ مير فتح علي خان آني - مٺي اٺاويهه لک رپيا اڳوڻي بقايا جي عوض توڙي آئيندي لاءِ ڏيڻ، پنهنجي جند ڇڏائي*. سنه ١٧٩٣ع ۾ ميرن حڪومت جو ورهاڱو ڪيو. مير سهراب خان خيرپور هٿ ڪئي، ته ڪي ديوان اوڏنهين ويا، جنهنڪري ”خيرپوري ديوان“ سڏجڻ ۾ آيا ۽ نه ته اصل حيدرآباد جي ديوانن جا ٻاڌر آهن. مير سهراب خان جي پٽ ٺاري خان شاهه بندر هٿ ڪيو، ته ڪي ٺٽي وٽس نوڪريءَ ۾ گهڙيا، جنهنڪري هينئر ٺٽي ۾ به ديوان آهن. سنه ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي، ته سڀني ميرن جي صاحبي پوري ٿي. باقي رڳو خيرپور ۾ عليمراد خان ٽالپر جو راج قائم رهيو. حيدرآباد ۾ ميرن جا قبا اڃ تائين آهن.

٢٤٢- ميرن جي صاحبيءَ ۾ ٻه عيسائي اميرزادا جارجيا (ڪاڪيزس) کان عجيب حالتن هيٺ سنڌ ۾ آيا، جن کي مير ڪرمعلي خان دين اسلام ۾ آندو. سنڌ جا مرزائون انهن جو اولاد آهن، جن مان مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ نظم توڙي نثر جا جيتريقدر علمي خزانا سنڌ کي ڏيئي ويو آهي، نيتريقدر ٻيو ڪوبه سنڌي عالم اڃ تائين نه ڏيئي سگهيو آهي.

تعليم جو انتظام

٢٤٣- سنسڪرت ۽ پراڪرت وارن زمانن، ۾ وديا (علم) سيکارڻ لاءِ هڪڙا هوندا هئا ”آچاريہ“ جي گويا پروفيسر

---

* ميجر جنرل هيگ: ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“، صفحو ١١٧.

هئا ۽ ٻيا هئا ”اُپاڌيايہ“ جي ماستر هئا. اُپاڌيايہ جو آچار بگڙجي ”اوجها“ ۽ ”واجهو“ ٿيا آهن. سنڌ ۾ اڄ تائين هڪ آکھ وارا ”اوجها“ سڏجن ٿا. ”واجهڪا“ يعني هندو ماسترن جا اسڪول تہ انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل ۾ بہ گھڻيئي هئا. هندن جي شاسترن ۽ يونانين جي لکيل احوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي مالھو طب مان گھڻو واقف هئا. اڄ تائين ويڄ (ويدي) آهن ۽ ڳوٺن ۾ بہ ڏاهيون ۽ ڏاها گھڻيئي آهن. اسان جي ڏسنڌي بہ ننڍڙن ٻارن جي ڦڪي سٺڙي اسان جون ڏيڙيون مايون ڪنديون هيون.

۲۴۴- مسلمانن جي صاحبيءَ شروع ٿيڻ سان عربن تعليم جو انتظام رکيو (صفحو ۲۰۵). انهيءَ وقت کان وٺي سيد ۽ مولوي سنڌ ۾ وڏيا، جي اڪثر وعظ ڪندا هئا. ارغونن جي صاحبيءَ ۾ بہ گھڻو زور ديني تعليم تي هو، ۽ شريعت جي پابنديءَ گھڻي هئي؛ جنهنڪري شيخ الاسلام مقرر ٿيندا هئا- جھڙوڪ شاھ قطب الدين شاھ محمود، جو اصل خراسان جو ويٺل هو ۽ بکر ۾ اچي رهيو هو. جمعي جمعي تي وعظ ڪندو هو. مرزا شاھ حسن ارغون کيس بکر جو شيخ الاسلام مقرر ڪيو هو. دهليءَ جي بادشاهن جي پاران صوبا مقرر ٿي ايندا هئا، تہ بہ تعليم جو سرشتو اهوئي هوندو هو. سنہ ۱۷۰۰ع ۾ مولوي ابوالحسن ديني ڪتاب لکيو، ۽ تنهن کان پوءِ ٻيا بہ ديني ڪتاب سنڌيءَ ۾ جڙيا (صفحو ۲۲۸ ۽ ۲۲۹)، تہ بہ اهو سڀ وقت عربي ۽ فارسيءَ جو واهپو گھڻو هو.

٢٤٥- ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين ۾ ٺٽو ۽ روهڙي گويا سنڌ جون يونيورسٽيون هيون؛ ۽ اتي جي سيدن کي حاڪمن لوازما ڀڏي ڏنا هئا ("سنڌ گزيٽيئر"، صفحو ٢٧٢). هندن توڙي مسلمانن جي ٻارن لاءِ آخوندن جا "ختاب" يا مڪتب هوندا هئا، جن ۾ هاڻوڪن اسڪولن وانگر درجا ڪونه هوندا هئا؛ ڪريما، گلستان، بوستان، پندنامو ۽ ٻيا فارسي ڪتاب پاڙهيندا هئا. نڪا هئي تاريخ، نڪا جاگرافي؛ نڪو ڪو حسابي ڪمن پٺيان گهڻو مٿو ماريندا هئا. شاگردن کي خط پٽ لکڻ سيکاريندا هئا. خوشنويسيءَ تي گهڻو زور هوندو هو. هيءَ چوڻي عام هئي، ته "اکر آهن اڌ علم" اها تعليم پنجن - ستن سالن ۾ پوري ڪري، شاگرد وڃي روزگار کي لڳندا هئا. عام چوڻي هئي ته "فارسي، گهوڙي چاڙهسي". ڪو فارسي خواندو جهڙو تهڙو ڏنڊو ڪندو هو، ته ٻيا عجب کائيندا هئا-

"پڙهبو فارسي، وڪڻي تيل،
ڏسو يارو، قسمت جو کيل!" (ٻهاڪو)

پڙهڻ لاءِ ڪي مدرسا يا اسڪول هاڻوڪي وانگر ٺهيل ڪونه هوندا هئا. آخوندن جا مڪتب خانگي جاين ۾ يا وقتي ڪن اوطاقن ۾ بلڪ مسجدن ۾ هوندا هئا، جتي هندو شاگرد به ويندا هئا- ويجهڙائيءَ ۾ به ائين هوندو هو- ڪن مسجدن ۾ رڳو مسلمانن جا ٻار ويندا هئا، ڪي هوند وارا پنهنجي ٻارن جي تعليم لاءِ آخوندن کي پاڻ وٽ گهرائيندا هئا ۽ پاڙي جا غريب ٻار به

اتي اچي مفت ۾ تعليم وٺندا هئا ("سنڌ گزيٽيئر" صفحو ۴٧٢)

عام طرح شهرن ۽ ڳوٺن ۾ آخوندن ۽ مُلن جي پيدائش "جمعگي" هوندي هئي، يعني جمعي جمعي ڏينهن شاگرد پنهنجن استادن کي ڪجهه روڪڙ يا اَنُ داڻا يا ڪانيون ڏيئي ايندا هئا. اَنُ ڏيڻ جو رواج وڏيڪ عام هو. انهيءَ کان سواءِ، آخوندن کي ڏڻ-وار تي ٻين شاگردن جي مائٽن وٽان ڪجهه ملندو هو. هيڻن ٻه هوندو هو، ته ٻارن کي جيڪو ٽول سندن ڪائڻ لاءِ گهران ملندو هو، يا پنهنجيءَ خرچيءَ مان ڪڍندا هئا، ته آخوند کي صلاح ڪندا هئا، ۽ آخوند صاحب جو حصو ٻه "صلاح" سڏبو هو- انهيءَ ريت اها تعليم اڪثر ڪامورن جا ٻار وٺندا هئا؛ پاڻيڀندن جا ٻار گهر ۾ ڏي هندو-سنڌي اکر سکي، اباڻڪي ڪيرت وچي ڪندا هئا. ٿورڙيون ٻانشالائون به هونديون هيون.

عربيءَ جو فارسيءَ جي معرفت اثر

٢۴٦- عربن جي ڪاهه وقت عربيءَ جو جيڪو به سڌو اثر ٿيو هوندو، سو وراڇڊ اپڀرنش تي، يعني سنڌي ٻوليءَ جي ماءُ تي (صفحو ٢٠٥)؛ پر وڏي ڳالهه ته عربن نڪي ڪنهن کي عربيءَ سکڻ لاءِ ٻڌل رکيو هو (صفحو ٢٠۴)، نڪي سنڌ جو سڄو پر ڳڻو سندن هٿ ۾ هو (صفحو ٢٠٨). سنه ١٠٢۴ع ۾ محمود غزنويءَ سنڌ مان خليفن جي نائبن کي ڪڍي ڇڏيو (صفحو ٢٠٩). غزنوي گهرائي وارن جي

وقت کان وٺي، فارسيءَ جو واهپو ٿيو. فارسي اڪيٺي عربي آميز آهي (صفحو ۲۰۴)، تنهنڪري فارسيءَ جي معرفت عربي لفظ آيا (صفحو ۲۱۰). آڳاٽي ۾ آڳاٽو موجود سنڌي شعر معمائي-فقيرن جا بيت آهن، جي عيسوي چوڏهين صديءَ جا جُڙيل آهن. انهن ۾ عربي توڙي فارسيءَ جو اثر لڳائي ڏيکاري ڪونه ٿو (صفحو ۲۱۳). سنه ۱۵۲۱ع کان وٺي ارغونن جي سنڌ ۾ صاحبي ٿي. انهيءَ وقت کان وٺي فارسي تعليم جو سلسلو سنڌ ۾ باقاعدي شروع ٿيو، ۽ سنڌي شعر جي تاريخ به انهيءَ وقت کان وٺي شروع ٿئي ٿي (صفحو ۲۱۴). —"شاهه ڪريم جي بيتن جي ٻولي اڳوڻي نج سنڌي آهي، جا بلڪل صاف ۽ عربي ۽ فارسي لفظن جي آميزش کان پاڪ آهي. عربيءَ جا فقط اوڻيهه لفظ ۽ هڪ اصطلاح، ۽ فارسيءَ جا آٺ لفظ ڪم آندا اٿس"*.

دهليءَ جي بادشاهن جي حڪومت کان وٺي فارسيءَ جو واهپو وڌيو، تہ بہ شاهه جي رسالي ۾ ڏسو تہ نج سنڌي بلڪ نج سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظ گهڻا آهن؛ ۽ انهن جي پٺ ۾ عربي ۽ فارسي لفظ پنجين ڀاڱي جيترا بہ مس ٿيندا.

ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين ۾ هندو ڪامورا خانگي خط پٽ بہ فارسيءَ ۾ لکندا هئا. سنڌيءَ ڏي ماٺهن جو ڌيان اِجهو اهڙو هو، جو ۱۸۴۷-۴۵ع ۾ ڪئپٽن جارج سٽئڪ جي چوڻ موجب پنهنجي مادري زبان (سنڌيءَ) کي مسخرن جي ٻولي ڪري سمجهندا هئا! (صفحو ۷۶).

---

*ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو: "رسالو ڪريمي"، صفحو ۲۹.

سنه ١٨٧٢ع ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ جي وقت ۾، اتر-هندستان جي ٻين ٻولين کان سنڌيءَ ۾ ڌاريا لفظ گهٽ هئا (صفحو ٧٤). سنه ١٨٧٩ع ۾ شرٽ صاحب واري ڊڪشنري جُڙي، تنهن ۾ اڍائي هزار عربي ۽ ٻه هزار فارسي لفظ آهن (صفحو ١٨٢). انهيءَ وقت کان اڄ تائين، ٻيا به ڪيترا عربي فارسي لفظ عام ٿيا آهن- اهڙيءَ طرح فارسيءَ کان، عربي لفظ سنڌيءَ ۾ وڌيڪ آهن، جن مان گهڻا اسم عام، ٿورا اسم ذات، ۽ انهن کان گهٽ صفتي لفظ آهن. سنڌيءَ ۾ عربي عدد ۽ ضمير آهن ئي ڪين، ۽ حرف ۽ ظرف به ايترا ٿورا آهن، جي آڱرين تي ڳڻي سگهجن ٿا. انهيءَ لاءِ سبب هيٺ ڄاڻائجن ٿا.

ڌارين لفظن جي چالو ٿيڻ جا قاعدا

٢٥٧- ٻوليءَ ۾ مکيه ڳالهائڻ جا لفظ ٻه آهن: هڪڙو اسم، ٻيو فعل. اهي گويا اڏاوت لاءِ ڪُپڪا يا ٽاڪيل پٿر آهن. جيڪي حرف ۽ ظرف آهن، سي چڻ ته چُن، ريتي ۽ سيمينٽ آهن، جي ڪُپڪن جي سنڌن ملائڻ ۽ اڏاوت کي پختي ڪرڻ لاءِ ضروري آهن. ڌارين قومن جا لفظ جي روز مره جي محاوري ۾ اچي ويندا آهن، تن مان سڀني کان اڳ اسم چالو ٿيندا آهن. هڪڙي قوم ٻيءَ تي ڪاهي ويندي، ته ٻنهي قومن کي گهٽ ۾ گهٽ هڪٻئي جي ملڪ، قوم ۽ جنگ ڪندڙ مکيه عملدارن جي نالن جي سڌ ضروري پوندي. جنگ بند ٿيڻ کان پوءِ، سڀاوڪ طرح، اول

روزمرهه جي ڪم اچڻ جي شين جي خريد فروخت ٿيندي،
انهن شين جي نالن جي خبر پوندي؛ فتح ڪندڙ حاڪمن
جا دفتر کلندا، ته سرڪاري لکپڙهه ۾ ڪم ايندڙ لفظ،
۽ عهديدارن جي عهدن، لقبن وغيره جي ڄاڻ پوندي.
نوان هنر ۽ ڌنڌا کلندا، ته انهن سان لاڳاپو رکندڙ لفظ
عام ٿيندا. مڪتب کلندا ۽ ڪتابي علم زور وٺندو، ته
پوءِ قسمين قسمين لفظ مروج ٿيندا. اهو آهي ڌارين لفظن
جي چالو ٿيڻ ۽ ٻوليءَ تي اثر ٿيڻ جو عام قاعدو-
مطلب ته اول اسم چالو ٿين ٿا، ۽ صفت ۽ وقتي اسم
ڪم اچن ٿا، تنهنڪري اهي ٻه ٻوليءَ ۾ اچيو وڃن؛
باقي ٻيا ڳالهائڻ جا لفظ تمام دير سان چالو ٿين ٿا.
انگريزيءَ جا هن وقت تائين رڳو اسم سنڌيءَ ۾ چالو
آهن، ۽ هڪڙو ٻه صفت، ضمير، فعل، ظرف، يا حرف
چالو ڪونه ٿيو آهي.

سنڌيءَ ۾ عربي لفظ

٢٤٨- سنڌيءَ ۾ عربي لفظ هيٺين قسمن جا آهن:
اسم- بصر (بصل)، ٿوم (ثوم-فوم)، ڪلف-
ڪرف (قفل) قلم، ڪتاب، مدرسو، منشي، عامل، حڪيم،
طبيب، قاضي، ولي، وظيفو وغيره.
اسم ذات- ادب، ظلم، طاقت، نقصان وغيره.
صفت- حلال، حرام، غافل، ظالم وغيره.
عدد- رڳو "واحد" لفظ عام آهي. سنڌيءَ جا سڀ
عدد شماري ۽ قطاري سنسڪرت بنياد جا آهن.

ضمير- هڪڙو به ڪونهي.

فعل- هڪڙو به عربيءَ جو ڪونهي.

ظرف ۽ حرف- بلڪل (بالڪل)، فقط، ضرور (ظ ف) عام آهن. انهن کان سواءِ کاتر (خاطر)، بگر (بغير)؛ مقابل، موجب، واسطي (اسم-واسطو)، ۽ ٻيا اهڙا عربي لفظ اڪثر حرف جر ٿي ڪم اچن ٿا. بغير، فقط ۽ واسطي بدران سواءِ، رڳو ۽ لاءِ لفظ ڪم آڻي سگهجن ٿا، جنهنڪري انهن لفظن جو جيڪر ڪيپ ڪونه پوي؛ پر تڏهن به اچي ويا آهن، ۽ اها وڏي ڳالهه آهي.

حرف ندا- الا (الله)! شال-شل (شاءالله)، معنيٰ ڏئي ڪري ته!

هن پوئين لفظ جي صورت گهڻي قدر بگڙيل آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪي عربي لفظ ڪن ايامن کان ڪم پيا اچن، ته انهن مان ڪن جي صورت گهڻي قدر ڦري ويئي آهي- جهڙوڪ "تعويذ" جو اچار بگڙجي "تائيت" ٿيو آهي، "سجد" جو اچار بگڙجي "مسيد" "مسيت" ۽ "مهت" ٿيو آهي؛ "بدره" بدران "بدڙي" چئون ٿا.

سنڌيءَ ۾ فارسي لفظ

٢٤٩- جيڪي فارسي لفظ سنڌيءَ ۾ عام ٿي ويا آهن، تن جا ٿورا مثال هي آهن:

اسم- آب، آبادي، آبرو، آتشبازي، بادشاهه، بازيگر، تنگي، پروانو، پرواهه، پهراڻ (پيرهن)، پانجيب (پازيب)،

پيشگير، جام يعني پيالو يا گلاس، جليبي (زلابيہ)، دان، ديگ، رستو، زيون، گجر (گزر) وغيره.

صفت- آباد، برباد، بيزار، پاڪ، تازو، چالاڪ، روشن، هوشيار وغيره.

ضمير- رڳو "خود" لفظ عام آهي.

عدد- دو-دستو، معنيٰ چسو يا چٽ ۽ دو-آتشہ، سہ آتشہ=شراب-اهڙن مرڪب لفظن ۾ فارسي عدد دو (ٻہ) ۽ سہ (ٽي) ڪم اچن ٿا؛ باقي عام طرح اسين پنهنجا سنڌي عدد- هڪ، ٻہ، ٽي وغيره ڪم آڻيون ٿا، جي سڀ سنسڪرت بنياد جا آهن.

ظرف- هردم ۽ هرگز.

حرف جر- "روبرو" لفظ ظرف توڙي حرف جر تي ڪم اچي ٿو.

حرف جملو- اگرچہ، مگر، بلڪ ۽ باوجوديڪ (اڌ عربي ۽ اڌ فارسي).

حرف ندا- افسوس! يا خدا!

سنڌيءَ ۾ ڌيہ-ڌارين يا گڏيا لفظ (Hydrids)

۲۵۰- ٻوليءَ جو اثر ٻن قسمن جو ٿئي ٿو: هڪڙو ٻاهريون، ٻيون اندريون يا جگري. عربي، فارسي، ترڪي، انگريزي ۽ ٻين ٻولين جا لفظ سنڌيءَ ۾ اچي ويا آهن، تہ اهو ٻوليءَ تي ٻاهريون اثر چئبو- اِجھ تائين اهي ڌاريا لفظ ليکجن ٿا- اندريون يا جگري اثر اهو آهي، جنهن ۾ ڌاريا لفظ ڪنهن جي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جو ڀاڱو ٿي پون-

جهڙوڪ ڪن عربي اسمن ۽ صفتن سان، سنڌيءَ جي مصدر واري پڇاڙي ”اڻ“ گڏي، فعل جوڙيا اٿئون: نظر- نظرڻ، قطار- قطارڻ، دفن- دفنائڻ، قبول- قبولڻ، ۽ قرار- قرارجڻ.

”مون کي ڏنءَ ڏيئي، وڃي ڏوليو ڏيت قراريو.“ (شاهه)

فارسي فعلن ”آزمودن“ ۽ ”رسانيدن“ مان امر واحد آهن ”آزماي“ ۽ ”رساي“؛ انهن مان ”آزمائڻ“ ۽ ”رسائڻ“ لفظ جوڙيا اٿئون. ساڳيءَ طرح عربي لفظ ”شان“ ۽ فارسي لفظن ”آب“ ۽ ”ننگ“ مان ”شانائتو“، ”آبائتو“ ۽ ”ننگائتو“ لفظ (”آئتو“ پڇاڙي گڏڻ سان) جوڙيا اٿئون. انگريزي لفظن کي اڃا تائين ايتريقدر سنڌي لفظن سان ڳنڍجڻ ڳتجڻ نه ڏنو اٿئون. ”آگبوٽ“ لفظ ۾ ”آگ“ هندي ۽ ”بوٽ“ انگريزي لفظ آهي؛ انگريزي لفظ ”ڪاليج“ مان سنڌي صفت ”ڪاليجي“ (جوان). اهڙي حالت ماڻهن جي نالن ۾ به نظر اچي ٿي، جهڙوڪ حشمتراءِ قيمتراءِ، نعمتراءِ، ۽ سخاوتراءِ. خانچند نالي ۾ ”خان“ ترڪي ۽ ”چند“ سنسڪرت (چندر). محمد آچار ولد سومار خان— هتي ”محمد“ عربي ۽ ”خان“ ترڪي لفظ آهن. آچار ۽ سومار (آدتيه وار ۽ سوم وار) سنسڪرت بنياد جا لفظ آهن— اهڙيءَ طرح عربي ۽ فارسيءَ جي اثر ڪري ٻيا به ڪيترا ٻيءَ- ٻوليا لفظ سنڌيءَ ۾ ٺهيا آهن، جن ۾ ڏڙ ريڊو ته سڀي ٻاڪري! هڪ ڪري، عربيءَ ۽ فارسيءَ جو اهو وڏو اثر ڇنهو: پر اهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ ڪي گهڻا ڪينهن.

عربي ۽ فارسي اڳياڙيون (Perefixes)

٢٥١- عربي ۽ فارسي اڳياڙيون، رڳو عربي فارسي لفظن سان گڏيون آهن- جهڙوڪ الغرض، في الحال، غير حاضر ۽ لاجواب لفظن ۾ ”ال“، ”في“، ”غير“ ۽ ”لا“ عربي اڳياڙيون آهن، باقاعدي، بيقاعدي، ناپسند، ۽ هرروز لفظن ۾ ”با“، ”بي“، ”نا“ ۽ ”هر“ فارسي اڳياڙيون آهن. انهن فارسي اڳياڙين مان ”بي ۽ ”هر“ اسين ڪن سنڌي لفظن سان گڏيون ٿا- جهڙوڪ: بي ڳڻو، بي ننڪو (بيشرم) ۽ هر گهڙي- انهيءَ سبب ڪي لفظ ٻي ٻوليا ڏي پيا آهن.

ڪوڙي مناسبت (False Analogy)

٢٥٢- عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ خ، غ ۽ ٻيا اکر ڏسي، اسان جا ڪيترا ماڻهو نج سنڌي لفظن ۾ ”ڪ“، ”گ“ وغيره جا اچار به ڦيرائي اٿين ڪن ٿا- جهڙوڪ پکال (پاڻيءَ پرڻ لاءِ کل ۽ ملاکڙو (ملهه وڙهڻ لاءِ آکاڙو يا جاءِ) جا آچار ڦيرائي پخال ۽ ملاخڙو چون ٿا. ”گڦا“ بدران ”غفا“ چوڻ جو رواج ته هندستانيءَ ۾ به آهي- هي ڪوڙي مناسب جا مثال آهن. اهو به عربيءَ فارسيءَ جو اثر ڪري ليکبو جيتوڻيڪ اهڙيون ڦيرڦاريون رڳو غلط فهميءَ سببان ٿين ٿيون*.

عربي ۽ فارسي جو ڪتابي ٻوليءَ تي اثر

٢٥٣- سنڌيءَ ۾ فارسيءَ جا ڪي اصطلاح به عام ٿي ويا آهن- جهڙوڪ باز اچڻ (باز آمدن)، دادي نه استادي

* آمرڪوٽ ۽ سلام ڪوٽ بدران عمر ڪوٽ ۽ اسلام ڪوٽ چوڻ جو رواج غلط فهمي سببان پيو آهي.

(نه داده نه ستانده) ۽ سير پياز پڌرو ڪرڻ- اکري معني ثوم ۽ بصر پڌرو ڪرڻ (سير = ثوم، ۽ پياز = بصر) ڪي عربي ۽ فارسي پهاڪا به ترجمو ڪري چالو ڪيا اٿن (صفحو٢٩٦) شاهه جي رسالي ۾ مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنويءَ جا ڪي بيت ترجمو ٿيل آهن- مثنويءَ جو پهريون بيت هيءُ آهي:

”بشنو از ني چون حڪايت ميڪند،
از جدائيها شڪايت ميڪند“.

شاهه صاحب ان جو ترجمو ڪيو آهي:

”وڍيل ٿي وايون ڪري، ڪُتل ڪُوڪاري؛
هن پڻ پنهنجا ساريا، هو هنجون هڏن لئه هاري“.

اهڙيءَ طرح مثنويءَ جا ٻيا بيت به ترجمو ڪيا اٿس. ”ديوان گل“ ۽ ٻين ڪتابن ۾ عربي ۽ فارسي ڪتابن وارا خيال ترجمو ٿيل آهن. ڪيترا ڪتاب ته اڪر به اڪر فارسيءَ مان ترجمو ٿيل آهن، جهڙوڪ: ”چچ نامو“، ”تاريخ معصومي“، ”تاريخ طاهري“، ”رباعيات عمر خيام“ وغيره- ساڳيءَ جي واڌاري جي اها به هڪ وات آهي، جو ٻين ٻولين جا ڪتاب ترجمو ڪن.

سرائڪيءَ جو اثر

٢٥٤- سرائڪي ٻولي ڄاڻي نيٺيي سنڌ ۾ (صفحو٧٩)؛ تنهنڪري سنڌيءَ تي ان جو اثر گهٽوڌ آهي (صفحو٦٨، ٦-١٠ کان ١٠٩) سرائڪيءَ ۾ ”جُل“ معنيٰ ”هل“ ؛

۽ ”گهڻ“ معنيٰ ”وٽ“ اهي لفظ شاهه ڪريم ۽ ٻين گهڻن شاعرن ڪم آندا آهن.

”آٽ ڏي پهر اندر ۾ نانءُ سائين دا گهڻ.“ (ماهي)

سرحد سنڌ وارو پاسو ٻروچڪو ملڪ آهي، جتي اڄ به سرائڪي عام آهي. ڪلهوڙا ۽ مير به رواجي طرح سرائڪي ڳالهائيندا هئا. جنهنڪري هندو ڪامورا به اها ٻولي ڳالهائيندا هئا. سرائڪي پهاڪا به سنڌيءَ ۾ عام ٿي ويا آهن، جهڙوڪ:

(١) اپني گهوٽ نه نشا ٿيوڻي.

(٢) آپ نه ڀالي، ڀالي ڏون.

(٣) ڀوُنڪ منڏي ڪتي، مڻن نندر نال سُتي.

(٤) شينهن نه ڏيکيا، ڏيک ٻلاڙا، چورنه ڏيکيا ڏيک سوناراءِ.

(٥) ٻلي شير پڙهايا، ڦير ٻلي نون کاوڻ آيا.

(٦) تو آکيسين، مڻن نه سڃسان، مڻن بازي ڪتي.

سنڌ ۾ عيسائي تعليم جو انتظام

٢٥٥- سنه ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي. ٽالپر روهڙيءَ جي سيدن کي جيڪي لوازما ميرن وٽان ملندا هئا، سي انگريز سرڪار بند ڪيا، ته فارسي جي واڌاري کي ڌڪ اچي ويو. ملن ۽ آخوندن جا ڇهه سؤ کن مڪتب سڄيءَ سنڌ ۾ هئا ("سنڌ گزيٽيئر"، صفحو ٤٧٢)، تن ني سرڪار نڪو ڪو پنهنجو ضابطو رکيو، نڪا ڪا انهن لاءِ گرانٽ منظور ڪيائين. سنه ١٨٤٥ع ۾ حيدرآباد جو ڪليڪٽر ڪئپٽن راٿبورن هو، جنهن انگريزي اسڪولن کولڻ لاءِ سرڪار کان ٽي هزار رپيا ساليانو گرانٽ گهري مگر ڪو لائق ماستر ڪونه ملي سگهيو، تنهنڪري ڳالهه اتي رهجي ويئي. تن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر ڪئپٽن پريڊي هو، جنهن جي نالي پٺيان ڪراچيءَ ۾ هڪ رستو "پريڊي اسٽريٽ" سڏجي ٿو. هن صاحب خرچ پنهنجي ڪنديان ڪري، ڪراچيءَ ۾ هڪ اسڪول کوليو، جنهن ۾ عيسائي مذهب جي تعليم مفت ڏيڻ ۾ ايندي هئي. سنه ١٨٤٦ع کان وٺي ١٨٥٢ع تائين اهو اسڪول هڪ لوڪل ڪاميٽيءَ جي هٿ ۾ هو، ۽ سنه ١٨٥٣ع ۾ اهو "چرچ مشن سوسائٽيءَ" جي حوالي هن شرط تي ٿيو، ته عيسائين جو انجيل (بائبل) ضرور

پاڙهڻ ۾ ايندو. "متيءَ" Gospel of St. Matthew
جو سنڌيءَ ۾ ترجمو سيرامپور جي پادرين: سنه ١٨٢٥ع
۾ ڪيو هو. ان جو نئون سنئون ترجمو ڪئپٽن جارج
سٽئڪ ڪيو، جو ديوناگري اکرن ۾ ١٨٥٠ع ۾ ڇپيو.
انهيءَ کان پوءِ "يوحنا" Gospel of St- Jhon جو
ترجمو برنس صاحب ١٨٥٢ع ۾ عربي- سنڌي اکرن ۾
ڪيو: ٻئي سال اهو گرمکي اکرن ۾ به ڇپيو- اهي
خرچ بمبئيءَ جي "آگزيليئري بائبل سوسائٽيءَ"
Bible Society Bombay Auxiliary ڪيا هئا. پوءِ
تہ ڪئين عيسائي مذهب جا ڪتاب، "برٽش ۽ فارين
بائبل سوسائٽي، لنڊن" جي خرچ تي ڇپجي پڌرا ٿيا.
ڪراچيءَ واري مشن اسڪول ڪاليج کان گهڻو پوءِ حيدرآباد
۽ سکر ۾ مشن اسڪول کليا. انهن ۾ هندو توڙي مسلمان
شاگرد ڪلاسن ۾ وڃڻ کان اڳ وچين وڏي صفي
(هال) ۾ گڏ ٿيندا هئا. اسڪول جو پادري اول بائبل
مان ڪجهہ لکر پڙهي ٻڌائيندو هو. پوءِ پادري توڙي
ماستر ۽ شاگرد سڀئي گڏجي ڏڍيءَ کان دعا گهرندا هئا:
"اي اسان جا بابا! تون جو آسمان ۾ آهين، تنهنجو
نالو پاڪ هجي وغيره".

انهيءَ دعا گهرڻ کان پوءِ شاگرد ڪلاسن ۾ ويندا هئا.
اوائلي وارا پادري نهايت لائق انسان هوندا هئا.
جهڙوڪ شرٽ صاحب، جنهن جي سنڌي ڊڪشنري اڄ
تائين مشهور آهي. هو سنسڪرت جو ڄاڻو هو "اڪر-ڏاتو"

نالي هڪ ننڍو ڪتاب جوڙيو هئائين، جنهن ۾ سنڌي لفظن جا سنسڪرت بنياد ڄاڻايل هئا. ڪانئس پوءِ ڪن هندن توڙي مسلمانن کي ڪن پادرين عيسائي مذهب ۾ آندو، ته رفتي رفتي مشن اسڪول ڏڪارجڻ لڳا.

سنڌي آئيونا (لپي) ۽ سنڌي اسڪولن جي ضرورت

٢٥٦- انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪا هڪڙي مقرر ٿيل آئيوڻا ڪانه هئي. سنڌ جي هندن مان برهمڻ ۽ ٿورا ٻيا ديوناگري (شاستري) اکر ڪم آڻيندا هئا، جن جو اڳيي پيو نمونو هو ۽ هاڻ ڪجهه قدر ڦريل آهي. سنڌ جا واپاري هندو-سنڌي يا واڻڪا اکر ڪم آڻيندا هئا، جن ۾ لاڪناڻون يا ماتراڻون ڪينهن ۽ پنجاب جي ''لنڊا'' يا ٺٽن اکرن وانگر آهن؛ ڪيترا خواجا ۽ ميمڻ واپاري به اهي اکر ڪم آڻيندا هئا- اهي اڄ تائين به پنهنجو حساب-ڪتاب هندو-سنڌي اکرن ۾ رکندا آهن؛ هندن کان به خواجن جي لکڻ جو نمونو وڌيڪ پسنديءَ جهڙو آهي، جو هو چار لاڪناڻون يا ماتراڻون ڪم آڻين ٿا*.

سنڌ جا ٻاوا، عاملن توڙي ٻئين جون زالون، بلڪ ڪيترا ٻائيبند گرمکي اکر ڪم آڻيندا هئا، جي سِکن جي

* سنه ١٨٩٠ع ڌاري سنڌ جي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جيڪب صاحب ٿورا هندو-سنڌي اسڪول کولايا ۽ ۽ هندو-سنڌي آئيوڻا ۾ ماتراڻون گڏايائين- اهو ڪم سر ڳوالي راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل ڪيو هو- انهيءَ نئين آئيوڻا ۾ کي هندو-سنڌي ڪتاب به ڇپجي پڌرا ٿيا هئا.

ئي پاتشاهي ڳرو، انگڌ صاحب ١٠٣٨ع ۽ ١٠٥٢ع جي وچ ڌاري جوڙيا هئا. سنڌ جا مسلمان توڙي هندو ڪامورا عربيءَ ۽ فارسيءَ جي نموني سنڌي مضمون لکندا هئا، ۽ سيکڻهن جي لکڻ جو نمونو پنهنجو پنهنجو هوندو هو- جهڙوڪ، ڪنڊ يا نڙيءَ جي اچار وارن اکرن مان اڪثر رڳو عربي ۽ فارسيءَ وارو ”ک“ (ڪ) اکر ڪم آڻيندا هئا ۽ اهو هڪڙوئي اکر ڪٿي ڪ يا ک، ته ڪٿي گ، گ يا گهه ڪري پڙهندا هئا؛ ”گ“ بدران عام طرح ”نک“ لکندا هئا. ”شاهه جو رسالو“، ”ابوالحسن جي سنڌي“، ”ديوان گل“ ۽ ٻيا جهونا سنڌي ڪتاب انهيءَ آڳاٽي نموني لکيل آهن. انگريزن جي صاحبيءَ جا پهريان ٿورا ورهيه، سڀ سرڪاري لکپڙهه فارسيءَ ۾ هلندي هئي، ۽ انگريزي ڄاڻندڙن کان ترجمو ڪرائي، انگريزي عملدار ڪم پيا ٿپائيندا هئا.

سر بارٽل فريئر، جنهن جي نالي پٺيان ڪراچيءَ وارو فريئرهال سڏجي ٿو، سو ١٨٥١ع ۾ سنڌ جو چيف ڪمشنر هو. سندس وقت ۾ اها ڪوشش ڏني نه:

(١) آئينده سڀ سرڪاري لکپڙهه سنڌيءَ ۾ هلي.

(٢) يورپي ۽ ٻيا غير ڏيهي عملدار سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن، ته سنڌي ماڻهن کان پنهنجي سر حال‌احوال وٺي سگهن، ۽ سنڌي لکپڙهه به سمجهي نيڪال ڪن.

(٣) سنڌي اسڪول کلن، جو اڳي رڳو فارسيءَ جو واهپو گهڻو هو.

پر سنڌيءَ لاءِ ڪا خاص مقرر ٿيل آئيويتا هئي ڪانه، ته پوءِ اهي ليٽي مرادون ڪيئن حاصل ٿين؟

ڪئپٽن برٽن، جو پوءِ سر رچرڊ برٽن سڏجڻ ۾ آيو، تنهن رٿ وڌي ته عربي اکرن ۾ ضروري ڦير ڦار ڪري، سنڌيءَ لاءِ آئيويتا ٺاهجي. تن ڏينهن ۾ ڪئپٽن جارج سٽڪ ڊيپوٽي ڪليڪٽر هو، جو سنسڪرت ٻوڙي سنڌي چڱي ڄاڻندو هو. هن صاحب سر رچرڊ برٽن جي رٿ تي اعتراض اٿاري چيو ته هندو-سنڌي اکر جڏهن اڳيئي چالو آهن، تڏهن انهن ۾ ڪهربل ڦير ڦارئون ڪري اهي ڪم آڻجن يا ديوناگري اکر ڪم آڻجن. سر رچرڊ هڪڙيءَ ڳالهه تي، ۽ ڪئپٽن سٽڪ ٻيءَ ڳالهه تي ٽي بيٺو، ته سر بارٽل فريئر وڏي ويچار ۾ پئجي ويو- ڇو: جيڪڏهن عربي-سنڌي اکر ٺاهيا ته هندو اهي اکر سکندائي ڪين، ۽ جي هندو-سنڌي آئيويتا چالو ڪبي، ته مسلمانن کي اها ڳالهه ڪين آئڙندي- ائين هن عملي ڳالهه کي گويا فرقيوار رنگ اچي ويو، ۽ هيءَ هڪ هندو-مسلم سوال ٿي پيو. آئويتا جو جيستائين فيصلو نه ٿيو، تيستائين سنڌي اسڪول به ڪلي نٿي سگهيا. نيٺ اهو آئيويتا جو سوال "ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ" جي ڊئريڪٽرن جي ڪورٽ ۾ فيصلي لاءِ ويو. سنه ١٨٥٣ع ۾ انهيءَ ڪورٽ فيصلو ڪيو، ته "سنڌي آئيويتا لاءِ عربي صورتخطي آزمائڻ گهرجي". تعليمي ڪمن لاءِ ڏهه هزار رپيا منظور ٿي آيا، تنهن کان پوءِ ڪم شروع ٿيو.

مسٽر ايلس، جو پوءِ سر بئروايلس سڏجڻ ۾ آيو، سو سن ١٨٥٣ع ۾ سنڌ جو اسٽنٽ ڪمشنر هو، ۽ تعليم کاتي جو پورٽ فوليو سندس هٿ ۾ هو. عربي-سنڌي آئيويٽا جوڙڻ لاءِ، هن صاحب جي زير صدارت هڪ ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن جا هيٺيان ميمبر هئا:

١. راءِ بهادر نارائڻ جڳنناٿ-جنهن جي نالي پٺيان ڪراچيءَ وارو سرڪاري هاءِ اسڪول سڏجي ٿو.
٢. خانبهادر مرزا صادق علي بيگ (مرزا قليچ بيگ جو مربي پيءُ).
٣. ديوان پريداس انندرام رامچندائي.
٤. ديوان اڌارام ٿانورداس ميرچندائي.
٥. سيوهڻ وارو ديوان ننديرام ميرائي-جنهن "تاريخ معصوميءَ" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو.
٦. ميان محمد-جو ڪجهه وقت حيدرآباد جي نارمل اسڪول جو ماستر هو، ۽ سنڌي گرامر جوڙيو هئائين.
٧. قاضي غلام علي-ٺٽي وارو.
٨. ميان غلام حسين-ٺٽي وارو.

هن ڪاميٽيءَ مقرر ٿيڻ کان اڳ، فورٽ وليم (ڪلڪتي) جي ڪن پروفيسرن اردوءَ لاءِ آئيويٽا ٺاهي هئي، جا اڄ تائين پيئي هلي. هاڻوڪي عربي-سنڌي آئيويٽا مان ظاهر آهي ته هن ڪاميٽيءَ جي ميمبرن، انهيءَ اردو آئيويٽا مان به ڪجهه مدد ورتي هئي، ۽ ٿورو ڌيان انهيءَ آڳاٽي آئيويٽا تي به ڏنائون-جنهن ۾ ابوالحسن جي سنڌي،

شاهہ جي رسالي جا دستخط، ثابتعلي شاهہ جا مرثيا، ۽ ٻيا قديم سنڌي ڪتاب لکيل آهن -انهن ڪجهہ آڳرڻو نمونو تہ ڪجهہ اردوءَ وارو نمونو اختيار ڪري، ۽ ڪن عربي ۽ فارسي اکرن ۾ ڦيرگهير ڪري، عربيءَ جي اناويهن اکرن کي وڌائي ايڪونجاهہ اکر ڪيائون!" اها نئين آئيويتا ١٨٥٣ع ۾ ٺهي هئي.

مٿيون احوال گهٽو ڪري سمورو ائٽڪن صاحب واري "سنڌ گزيٽيئر" (صفحو ١٤٧) مان ورتل آهي. اها اصلوڪي

*سنسڪرت ۾ ٽيٽيهہ حرف صحيح آهن، ۽ اهي سڀ ساڳيا سنڌيءَ ۾ آهن: ايترو تفاوت آهي، تہ سنسڪرت ۾ "ش" اکر ٻن قسمن جو آهي، ۽ سنڌيءَ ۾ رڳو هڪڙو "ش" اکر آهي. سنسڪرت ۾ "ڊ" جي هيٺان ٽيپي ڏيا ٻڙي ڏبي تہ "ڙ" ڪري پڙهبو؛ سنڌيءَ ۾ "ڊ" ۽ "ڙ" ڌار اکر آهن. انهيءَ ريت وري ساڳيا ٽيهہ اکر اچي، ٽين تا. "ٻ"، "ڄ"، "ڏ" ۽ "ڳ" جا اچار پوءِ سرائڪي ڳالهائيندڙن جي سنگ ۾ سکيا هين- اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جا جملي ستٽيهہ اکر آهن: انهن ۾ تيرهن اکر عربيءَ ۽ فارسيءَ وارا يعني ث، ح، خ، ذ، ز، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق ۽ چوڏهون اکر الف گڏي، ايڪونجاهہ اکر ڪيا اٿن- حقيقتون، 'الف (ا) حرف علت ۾ ليکبو آهي؛ پر عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ ا، و، ي، اهي ٽي اکر حرف صحيح توڙي حرف علت ٻنهي ڪم اچن ٿا. انهن مان جنهن بہ اکر جي مٿان يا هيٺان ڪا بہ اعراب ڏبي، تہ اهو حرف صحيح ڪري ليکبو.

سموري لکپڙھ حيدرآباد سنڌ جي ٽريننگ ڪاليج جي دفتر ني اچ تائين رکيل آهي، جا مسٽر انٽڪن سنڌ گزيٽيئر لکڻ مهل گهرائي هئي.

نئين عربي-سنڌي آئيويڊا (لپي) تي بحث

٢٥٧- سنھ ١٨٥٣ع ۾، نئين سنڌي صورتخطي مقرر ٿيڻ تي گهڻو بحث هليو. ڪن هندو صاحبن زور ڀريو، تہ الف، ۽ ع؛ ت ۽ ط؛ ث، س ۽ ص؛ ز، ذ، ض ۽ ظ؛ ڪ ۽ ق؛ ح ۽ ھ جهڙن آچارن لاءِ ڌار ڌار اکر بدران هڪ-هڪ اکر مقرر ڪري، اکرن جو تعداد گهٽائجي- سنڌين اها رٿ هيٺين سبب ڪري رد ڪئي:

(١) سنڌي ٻولي اڳي ئي عربي صورتخطيءَ ۾ لکي ۽ پڙهي اچي، تنهنڪري عربيءَ وارا سڀ اکر قائم ڪجن؛ باقي رکيو نج سنڌي اکرن لاءِ ڪي صورتون مقرر ڪجن.

(٢) جيڪڏهن عربي لفظن جون صورتون مٽائي ڇڏبيون، تہ پوءِ لفظن جي صحيح معنيٰ ۽ اصليت بلڪل گم ٿي ويندي. عربي ۽ فارسي حرفن کي اصلوڪي صورت ۾ قائم رکڻ ڪري اهڙو مونجهارو پيدا نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ عربي ۽ فارسيءَ جون عمديون لغتون (ڊڪشنريون) اڳي ئي موجود آهن.

(٣) جيڪڏهن عربي اکرن جون صورتون ڦيرائبيون، ۽ مسلمانن جا نالا، جهڙوڪ "محفوظ علي" بدران "مهفوز الي" لکبو، تہ ڪوبہ مسلمان اها ڳالهہ قبول نہ ڪندو، تہ هڪ

بامعنيٰ ۽ درست نالو ڦيرائي هڪ بلڪل بي معنيٰ ۽ غلط صورت وارو نالو ڪم آڻجي.

(٤) عيسوي سورهين صديءَ کان وٺي هن وقت (١٨٥٣ع) تائين، سڀ سنڌي ڪتاب عربي ۽ فارسي صورتخطيءَ ۾ لکيل آهن. جيڪڏهن هينئر عربي حرفن جون صورتون ڦيرائبيون، ته اهو چئن صدين جو علم ادب (ساهت) مسلمانن جي آئيندي نسل لاءِ بيڪار ٿي پوندو.

سر بارٽل فريئر، انهيءَ بحث مباحثي ٻڌڻ ۽ فيصلي ۾ مدد ڪرڻ لاءِ، ايلس صاحب سان ٻيا ٻه-چار يورپي عملدار همراهه ڪيا، جن سڀني ٻڪراءِ ٿي عربي صورتخطي قائم رکي ۽ نج سنڌي آوازن لاءِ نوان حرف مقرر ڪيائون.*

آئيوينا (لپي) سڌارڻ جي ضرورت

٢٥٨- نئين عربي-سنڌي آئيوينا جولاءِ ١٨٥٣ع کان وٺي جاري ٿي. ان ۾ ڪي اکر آڳاٽي نموني بيهاريائون (صفحو ٢٥٩). يورپي ۽ ٻيا غير ڏيهي عملدار جن کي

*ڏورا ورهيه ٿيا، ته ڪراچيءَ جي "ڪيسري" اخبار اٺين صورتخطي ڦيرائي، ته ٻولي سمجهڻ کان ٻاهر ٿي پيئي! پوءِ ته اخبار بند ٿي ويئي. قدرت پنهنجا ڪم پاڻيهي پيئي ڪري. جيئن "تفحص" ۽ "صبحالي" وغيره جا اُچار ڦري "تهاس" "سهاڻي" وغيره ٿيا آهن، تيئن ٻيا به اچار پاڻيهي ٿيا ڦرندا؛ جاڳي ٻجهي ڪنهن به ٻوليءَ سان هٿچراند نه ڪرڻ گهرجي.

سنڌي سگهي ٿي، نہ ڏنو تہ اهي اکر منجهائيندڙ آهن- ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي گرامر جي منڍ ۾ ڄاڻايو آهي تہ 'آئيوينا سڌارڻ جي ضرورت آهي، پوءِ نہ بمبئي جو هڪ سيولين انهيءَ ڪم لاءِ سرڪار مقرر ڪيو، تہ بہ آئيوينا ۾ ڪيترئي خاميون اڃا رهيل آهن*'.

هاڻوڪي آئيوينا (لپيءَ) جون مکيہ خاميون

٢٥٩- سنڌيءَ ۾ "وسرگ" يعني "ھ" جي اچار وارا اکر (Aspirates) ڏھ آهن، جي عربيءَ توڙي فارسي ۾ ڪينهن. اهڙن اکرن جوڙڻ لاءِ "ب" ۾ ٽي نقطا پيا بہ هيٺان ڏئي "ڀ" اکر ٺاهيو اٿن؛ "د" جي مٿان فقط ٻہ نقطا ڏئي "ڌ" جوڙيو اٿن؛ "ٻ" ۾ وري هڪڙو نقطو هيٺان ڏئي "ٻ" اکر ٺاهيو اٿن- ۽ "ٺ" مان پاڻ هڪ نقطو ڪڍي "ٿ" اکر ٺاهيو اٿن! هن مان ظاهر آهي تہ اکرن جا نقطا ڪنهن بہ هڪ ترتيب تي نہ ڏنا اٿن. هن باري ۾ ٻي بہ چُڪ ڪئي اٿن: عربيءَ ۾ "پ" اکر ڪونهي، تنهنڪري ان کي ماڳهين ڇڏي، "ف" اکر مٿان ٽي نقطا ڏئي "ڦ" اکر ٺاهيو اٿن- هيءَ چُڪ اهڙي آهي، جهڙو ڪو انگريزيءَ ۾ "ڦتومل" Phatumal بدران Fhatumal لکي! "ڦ" جو بنياد "پ" اکر

---

* ڪي صاحب چون تہ اها آئيوينا سنہ ١٨٦٦ع ۾ ڪئپٽن سٽئڪ سڌاري، پر اها غلط ڳالهہ آهي. ڪئپٽن سٽئڪ ١٨٥٦ع ڌاري گذاري ويو هو، ۽ آئيوينا کهو پوءِ سڌاري هئائون.

آهي. انهيءَ ڪري هندستانيءَ يا اڙدوءَ ۾ اهڙ عقل جو ڪم ڪندا آهن، جو پ-هه گڏي لکندا آهن- جهڙوڪ "قل قول" بدران لکن "ڦل ڦول"- ڪٿي ته پاڻ به اٽڪن ڪيو اٿن، جهڙوڪ: ج ۽ گ ۾ "ھ" اکر ٻجنسي گڏي، "جهه ۽ گهه" اکر ٺاهيا اٿن- آڳاٽا ڪي مسلمان مصنف به ائين ڪندا هئا. جنهنڪري ڇٿبو ته بمبيءَ جي سيوريلز هن حالت ۾ سڌاري بدران پاڻ بگاڙو ڪيو! اڄ به هيٺن ڪرڻ گهرجي ته شاگردن کي اول، ب، ت، پ؛ ٿ، ج، ڄ، د، ڊ، ڪ، ۽ گ اهي ڏهه اکر سيکاري، پوءِ ٻڌائجيز ته انهن ۾ جيڪڏهن "ه" جو اچار گڏبو ته ڀ، ٿ، ڦ، ٺ، جهه، ڃ، ڌ، ڍ، ک، ۽ گهه؛ اهي ٻيا ڏهه اکر ٺهي پوندا- ائين اکرن سکڻ ۾ گهڻي سهولت ٿيندي.

٢٦٠- عربيءَ فارسيءَ ۾ نڪ جي اچار وارا فقط ٻه اکر "م" ۽ "ن" آهن. سنڌيءَ ۾ اهڙا اچار پنج آهن: ڃ، ڱ، م، ن ۽ ڻ- ٻهرين ٻن اکرن جوڙڻ لاءِ "ج" ۾ هڪ نقطو وڌائي ۽ "گ" مٿان ٻه نقطا ڏيئي، "ڃ" ۽ "ڱ" اکر ٺاهيا اٿن، جا غلطي ڪئي اٿن؛ ڇاڪاڻ ته انهن اکرن جو بنياد "ن" آهي، ۽ نه، ج ۽ گ. مثال وٺو سنسڪرت لفظ "ڪنيا" ۽ "سنتيه"، جن جا اچار سنڌيءَ ۾ آهن "ڪڃا" ۽ "ڃج". هتي ڏسو ته سنسڪرت لفظن ۾ اول "ن" آهي، ۽ "يه" جو اچار متجي "ج" ٿيو آهي؛ اهي ٻيئي گڏجي، "ڃ" جو اچار پيدا ڪن ٿا؛ انهيءَ سبب ڇٿبو ته آڳاٽا مسلمان

مصنف صحيح هئا، جو ڄ ۽ ڳ بدران "نج" ۽ "نگ" لکندا هئا- هن ٻنهيءَ جي سڌارڻ بدران پاڻ بگاڙو ڪيوا

نئين آئيوڊنا (لپيءَ) تي هندن جو اعتراض

٢٦١- بيمس صاحب جي گرامر جو جلد پهريون ١٨٧٢ع جو ڇپيل آهي. ان ۾ هن صاحب هندو-سنڌي اکرن جي ذڪر ڪندي جيڪي لکيو آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته سنڌ جي هندن کي نئين عربي-سنڌي آئيوڊنا تي اعتراض هو؛ ۽ جيتوڻيڪ پاڻ ديوناگري اکر ڪم ڪونه آڻيندا هئا، ته به رت ڏني هئائون ته ديوناگري اکرن ۾ ڦير گهير ڪري آهي ڪم آڻجن.*

---

*"There are some twelve or thirtreen different (Hindu-Sindhi) alphabets cuarent in sind,some of which differ very widely from the others Of late, however, the Arabic character, though ill-adopted to exprees Sindhi Sounds; has come into common use, and a modification of the Devanagari is proposed for adoption, thoogh I believe it is not actually employed by any class of Sindhians."

Jhon Beames: "Comparatiue Gaammar of the Modern Aryan Languagcs of India" Vol I, P. 55, Footnote.

اڻيوينڊا (لپيءَ) بابت مصنف جو شخصي رايو

۳٦۲- مسلمان حاڪمن ڪڏهن به ڪنهن کي عربي خواهه فارسي سکڻ لاءِ ٻڌل نه رکيو هو. جنهن صورت ۾ خواجا ميمڻ اڄ تائين هندو-سنڌي اکر پيا ڪم آڻين، تنهن صورت ۾ انهن ۾ لاڪنائون يا ماترائون ڪڍي، آهي چالو ڪرڻ کپندا هئا- جيئن ڪئپٽن سٽئڪ منڊيءَ ۾ ٿي صلاح ڏني هئي- جيڪڏهن انهن اکرن تان ڪن کي اعتراض هو ته اڙدو اڻيوينڊا جا اکي چالو هئي، سا سنڌيءَ لاءِ به اختيار ڪن ها- مطلب ته ”نئين اڻيوينڊا“ جوڙڻ ئي غلط ڪم هوا سنڌي ٻولي لسيلي، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ، توڙي ملتان جي حد تائين، ڪالهائڻ ۾ اچي ٿي؛ پر اسان جي هاڻوڪي اڻيوينڊا هو سمجهي نٿا سگهن. جنهنڪري اسان کان ڏار ٿي پيا آهن ۽ سنڌي ساهت سنڌ کان ٻاهر ڦهلجي نٿو سگهي. وري به شڪر جو هندستان جا هندو توڙي مسلمان مدبر اهائي ڪوشش پيا ڪن، بلڪ ڪي ٻوروپي به صلاح پيا ڏين*، ته سڄي هندستان لاءِ هڪ ئي ڪي اڻيوينڊا چالو ڪجي، ته قومي اتفاق وڌي- ڀلي ته هندي يا اڙدو اکر چالو ڪن، ته اسان سنڌي ماڻهن کي اهو فيصلو اکين تي

*"The use of, different scripts for the languages of India is a source of great inconveenience to us and a hindrance to national solidarity".
Dr. P. J. Thomas: "COMMON SCRIPT"- "*Sind Observer*", *Karachi, 16-1-1941, P. 8, column 1.*

رکڻ گهرجي: هنديءَ ۾ ساهت اڳاهه لتو پيو آهي، ۽
اڙدوءَ جو علمي خزانو به گهٽ ڪونهي: ٻنهي مان
جيڪا به لکپڙهه چالو ڪن، تنهن جو ساهت اسان جو
ٿي پوندو، ۽ سنڌي ساهت جي تڪڙي ترقي ٿي سگهندي،
۽ قومي ڀاؤ به وڌندو.

سنڌي ساهت جو واڌارو

٢٦٣- سنڌي شعر جي شروعات ۽ ترقيءَ جو ذڪر
اڳي ڪيو ويو آهي (صفحو ٢١٤ ۽ ٢٣٤). ميرن جي
صاحبيءَ جا نثر ۾ ڄڻ ته - ٽي ڪتاب هندجن پياءِ پر
اڄ تائين ڇپجي پڌرا ڪونه ٿيا آهن. جيڪي ڪتاب
ڇپيل آهن، تن پٽاندر ڇپجي ٿو: ته سنڌ ۾ اول عيسائن
جي ”انجيل“ جا ڪي ڀاڱا، ١٨٢٥ع کان وٺي پادرين
تيار ڪرايا، ۽ پوءِ ٻيا به عيسائي مذهب جا ڪتاب
ڪڍيائون (صفحو ٢٥٧). جولاءِ ١٨٥٣ع ۾ هالوڪي
آئيوينا ٿي، ته پوءِ سگهوئي فارسي، اڙدو، مراهٽي ۽
گجراتي ڪتابن مان ترجما ڪري: ڊسمبر ١٨٥٤ع تائين
تاريخ، جاگرافي ۽ ليکي جي پيڙهه سوڌا ڪل ڏهه
ڪتاب سرڪار ڇپائي پڌرا ڪيا (”سنڌ گزيٽيئر“، صفحو
٤٧٤). ائين اول درسي ڪتاب نڪتا، جي سرگهواسي
ديوان پريداس انندرام رامچندانيءَ مرحوم خانبهادر مرزا
صادق علي بيگ ۽ ٻين صاحبن جوڙيا. انهيءَ وقت کان
وٺي ڪي وندر جا ڪتاب به نڪتا. سنه ١٨٥٣ع ۾
مرحوم ميان غلام حسين محمد قاسم قريشي ”پنهنجي زميندار

جي ڪِتابُ" نالي هڪ ننڍڙو، پر عمدو قصو لکيو- ٻولي
۽ نيت سنڌي اٿس- سنہ ۱۸۵۵ع ۾ تياري تعلقي هالا
جي مرحوم سيد ميران محمد شاه "ڏا ٽوري ۽ ڪڏا
ٽوري جي ڪِتابُ" لکي، ۱۸۶۱ع ۾ "مفيدالصبيان" ۾
ڇپائي پڌرو ڪيائين- هن صاحب جي ٻولي ۾ واه جي
آهي! تن ڏينهن ۾ انگريزي ٻوليءَ جي ڪنهن ورلي کي
واقفيت هئي، تنهنڪري مائٽن رڳو هندي ۽ فارسي ٻوليءَ
مان ڪهاڻيون ۽ قصا ترجمو ڪري ٿي لکيا. مٿيان ٻيئي
ڪتاب هنديءَ ۾ ترجمو ٿيا هئا. سنہ ۱۸۵۷ع ۾ سرڪوسي
ديوان ننديرام ميوهاڻيءَ "باب نامو" نالي ننڍڙو ڪتاب
ٻارائي درجي جي شاگردن لاءِ لکيو، ۽ ۱۸۶۱ع ۾ "تاريخ
معصومي" جو ترجمو فارسيءَ مان ڪيائين. انهيءَ وچ ۾
اسان جا ٿورا سنڌي صاحب انگريزي ٻولي سکي ويا، ۽ انهيءَ
مان ترجما ڪرڻ لڳا- جهڙوڪ: سنہ ۱۸۶۲ع ۾، سرڪواسي
راءِ بهادر ديوان ڪوڙومل چندنمل "ڪولمبس جي تاريخ"
جو ترجمو ڪيو. سنہ ۱۸۷۰ع ڌاري، سرڪواسي ديوان
تولراءُ شوقيرام آڏوانيءَ ۽ سرڪواسي ديوان اڌارام
ٿانورداس ميرچندائيءَ، گڏجي، جانسن جي "راسيلاس"
جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جنهن لاءِ سرڪار کين
چڱو انعام ڏنو هو. ديوان تولراءَ کي جيڪا رقم ملي،
سا حيدرآباد جي برهمو مندر جوڙائڻ ۾ سا ئي خرچيائين.
انهيءَ سا ڳئي ديوان اڌارام "ايسپ جون آکاڻيون" به
ترجمو ڪيون. سنہ ۱۸۶۴ع ۽ ۱۸۷۰ع جي وچ ۾
ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏوانيءَ ٿي عمدا ڪتاب

لکيا: ” سوکڙي “، ” گل “ ۽ ” گلشڪر “-
ديوان صاحب جي ٻولي نهايت سپڪ ۽ سوادي آهي ۽
هنن ڪتابن لکڻ ۾ پنهنجي اصليت ظاهر ڪئي اٿس-
انهيءَ اوائل واري زماني ۾ جن صاحبن سنڌي ساهتيه جي
خدمت ڪئي، تن مان ديوان ليلارام سنگهه وطن مل لعلوانيءَ،
ديوان ٻولچند ڪوڏومل جڳتياڻيءَ ۽ ديوان ڏيارام گدومل
شهاڻيءَ صدر جاءِ لڌي. مسلمانن مان مرحوم ميان احمد خان
تگيو خان جلباڻيءَ قصن ۽ افسانن لکڻ ۾ چڱو نالو
ڪڍيو؛ پر اسان جو هردلعزيز دوست، مرحوم شمس العلماء
مرزا قليچ بيگ، مڙني کي شهه ڏيئي ويو، جو هن صاحب
جيترا ڪتاب اڄ تائين ڪنهن به ڪونه لکيا آهن
(صفحو ٢٤٣)! ساڌو هيرانند فقط هڪ ڪتاب ”طلسم“
نالي ترجمو ڪيو، جو سنڌس چالاڻي کان ڪجهه وقت
پوءِ مصنف پورو ڪري ڇپائي پڌرو ڪيو- اوائل وارن
ڪتابن ۾ سنڌي ٻنهه نمث ڪم آيل آهي. ڪن صاحبن
وري ”قافيي وارو نثر“ ڪم آندو آهي، جيئن ”گل
خندان“ ڪتاب ۾ آهي.

ناٽڪ جا ڪتاب

٢٦٤- عيسوي اوڻيهين صديءَ جي وچ ڌاري، بمبئيءَ
جي مسٽر ڪيخسرو ڪابرا، ڪن پارسي جوانن جي مدد سان،
”گايڪ اُتيجڪ منڊلي“ بمبئيءَ ۾ برپا ڪئي. اها ئي منڊلي
هئي، جنهن جي ڪن ميمبرن هڪ ناٽڪ جي منڊلي ”وڪٽوريا
ڪمپني“ نالي سنڌ ۾ موڪلي، سنڌي ماڻهن ۾ ناٽڪ جو

خفت پيدا ڪيو. مرحوم مرزا قليچ بيگ جڏهن بمبئي ڪاليج ۾ پڙهندو هو، تڏهن انهيءَ ڪاڪ انيجڪ منڊليءَ وارن هڪ ناٽڪي ڪتاب ”سونا نا مُول نيي خورشيد“ (سون جي مله واري خورشيد) گجراتيءَ ۾ تيار ڪيو، جو پوءِ هنديءَ ۾ ترجمو ٿيو. مرزا صاحب انهيءَ تان ”خورشيد“ ناٽڪ لکيو. سنه ١٨٨٨ع ڌاري، سرکوامي راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل، سري هرش جي جوڙيل ”رتناولي“ ناٽڪ جو ترجمو ڪيو. انهيءَ وقت ڌاري ڪاساين جا ناٽڪ ۽ ٻيا ناٽڪ حيدرآباد ۾ نڪتا، ته ناٽڪ جو خفت هيڪاري وڌيو. سنه ١٨٩٣ع ۾، ڪراچي ڪاليج جي شاگردن هاسٽل جي ضرورت محسوس ڪئي. ديوان ميٺارام، جنهن جي نالي پٺيان هينئر هاسٽل سڏجي ٿي، تنهن چڱو چندو ڏنو، پر ساڳئي وقت ”اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ برپا ڪيائون. پهريون ناٽڪ ”نل دميتي“، ماستر چيتانند پرياڻيءَ جو تيار ڪيل، سنه ١٨٩٤ع ۾ حيدرآباد ۾ ڪيائون. ٻئي سال کان وٺي مرزا قليچ بيگ، ديوان ليلارام سنگهه ۽ ٻين کان ناٽڪ تيار ڪرايائون، ۽ ائين سنڌي ساهت وڌايائون.

سنڌي ساهت جون منڊليون

٢٦٥- سنه ١٩٠٤ع ۾ ”سنڌي ساهت سوسائٽي“ ٿي، تنهن ٻه ڪيترا سال چڱو ڪم ڪيو. هن وقت ”ڪرسنگت“ هيراباد وارا، ”سک لرنڪٽ سوسائٽيءَ“ وارا، سناتن ڌرم وارا، ”ديوان ڪوڙومل ساهت منڊل“، ”سندر ساهتيه“

”رتن“، ”مسلم ادبي سوسائٽي“ وارا ۽ ٻيا، پنهنجي پنهنجي پر ۾ ساهت جي وڌائڻ جي هر طرح ڪوشش پيا ڪن. ڪي جوان وري مشاعرا پيا ڪن، ۽ ڪن ڪي پنهنجون نالڪن جون منڊليون آهن. مسٽر هريسنگهه ماسٽر سکر واري، سنه ١٨٨٠ع ڌاران وٺي، ۽ مسٽر پوڪرداس شڪارپور واري، ١٨٨٦ع کان وٺي ڪتابن ڇپائڻ جو ڪم شروع ڪيو هو. انهن ٻنهي سرڪرواسين جا ڇاپخانا اڄ تائين جاري آهن، هن وقت تائين گهڻيئي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا اٿن- اهڙيءَ طرح هندن توڙي مسلمانن جي گڏيل ڪوششن سان، طرح طرح جا ڪتاب هزارن جي تعداد ۾ نڪتا آهن: ته به نثر جا ڪارائتا ڪتاب، جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ جي ڪم اچن، سي بلڪل ڪٿان ڪٿيا آهن.

ڊڪشنريون ۽ گرامر

٢٦٦- سنه ١٨١٦ع ۾، سنسڪرت جو ناتو يورپي ٻولين سان ثابت ٿيو (صفحو ٦)، ته ٻولين جي باري ۾ رڙيڪ ڪرجنائون ڪيائون. سنڌي ٻوليءَ ڪي به ڪين ڇڏيائون. پهريائين مسٽر والن، ميرن جي صاحبيءَ ۾ اچي سنڌي ڊڪشنري ۽ گرامر جوڙيا، ۽ پوءِ ٻين صاحبن به انهيءَ ڏس ۾ چڱا ٻورهيا ڪيا*. ڊاڪٽر ٽرمپ جو جوڙيل گرامر اڄ تائين مشهور آهي. اهوئي صاحب

1. *Whathen W. H: "A Grammar and Vocabulary of the Sindhi Languvge' Bombay1836*

(ڏسو صفحو ٢٧٤)

هو جنهن سنه ١٨٦٦ع ۾ "شاهه جو رسالو" هٿ ڪري ڇپايو هو.

تعليم جو انتظام

٢٦٧- انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل ۾، انگريزي سيکارڻ لاءِ ماسترن جي درڪار ٿي. انهيءَ گهرج پوري ڪرڻ لاءِ، آڪٽوبر ١٨٥٤ع ۾، هڪ "نارمل اسڪول" ڪراچيءَ ۾ ڪليو. ان وقت ڪي مرهٽا عالم، جي بمبيءَ ۽ پوناڪاليجن مان تعليم وٺي، سنڌ ۾ اچي سرڪاري نوڪرين ۾ گهڙيا هئا، تن مان ڪي نارمل اسڪول ۾ مقرر ٿيا. اهي سنڌي ڪين ڄاڻندا هئا، تنهنڪري انگريزي لفظن جوڙ

(بقايا صفحو ٢٧٣)

2, *Eastwick, E. B: "Vocabulary of the Sindhi Language", Folio, Bombay, 1843.*

3 *Leech; R: "Vocabularies of Seven Languages SpoKen in the Countries West of the Indus", Bombay, 1843.*

4. *Stack, Captain George: A Dictionary. English and Sindhi. Bombay, I819.*

5. *Stack, Captain: A Grammar of the Sindhi Language, Bombay, 1849.*

6. *Stack; Captain; A Dictionary, Sindhi and* English, Bombay, 1855:

7. *Lakishman Vishnu Parajpye: English and Sindhi Dictionary, Bombay, 1868.*

معنائون هندستانيءَ ۾ پڙهائيندا هئا. اهو نارمل اسڪول پوءِ حيدرآباد ۾ پراڻيءَ اسپتال جي پرسان، هڪ مسواڙي جاءِ ۾ ڪوليائون، جنهن ۾ سر ڪوواسي مسٽر چوهڙمل پنجابي (بي. اي) هيڊ ماسٽر ڪري رکيائون-مسٽر چوهڙمل سنڌ جو پهريون ئي گرئجويٽ هو-اهو نارمل اسڪول ڦري هاڻي "مردانو ٽريننگ ڪاليج" ٿيو آهي. سنه ١٨٦٠ع ڌاري، سنڌ جو تعليم کاتو برپا ٿيو، تنهن کان پوءِ گهڻو سڌارو ۽ واڌارو ٿيو. اسانجن ماڻهن به چڱي مڙسي ڪئي. ڪراچيءَ ۾ "مدرسو" ۽ حيدرآباد ۾ "ڊيوبين اڪيڊمي" ۽ ٻين هنڌ ڪي اسڪول کوليائون. ١٨٨٧ع ۾ ڪراچيءَ ۾ "ڊي. جي. سنڌ ڪاليج کليو. هن وقت حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ به آرٽس ڪاليج آهن. سر ڪوواسي پرنسپال شهاڻيءَ جي ڪوشش سان انجنيرنگ ڪاليج ۽ لا ڪاليج کليا. ويجهڙائيءَ ۾ اڪريڪلچرل ڪاليج کليو آهي، ۽ سنڌ کي ڌار يونيورسٽي ملڻ جو به آسرو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ زناني تعليم جو به چاهه وڌيو آهي. هنن ڏليءَ پٽ ثابت ٿي چڪو آهي، ته ڇوڪريون ڪنهن به طرح ڇوڪرن کان گهٽ ڪينهن؛ بلڪ ڪي امتحانن ۾ ڇوڪرن کي به شهه ڏيو وڃن-تعليم جي باري ۾ مرهٽن، بنگالين ۽ پارسين اوائل واري وقت ۾ چڱي مدد ڪئي، جنهنڪري سنڌ جا ماڻهو سنڌن اهو ڪم ڪڏهن به ڪين وساريندا!

انگريزيءَ جو سنڌيءَ تي اثر

٢٦٨- سنڌيءَ ۾ ڪيترا انگريزي لفظ اچي ويا آهن (صفحو ١٨١)، پر اهي گهڻو ڪري سڀ "اسم" آهن، ۽

اڄ تائين سنڌيءَ مان گهڻو ڪنهن‌جي ڪتڃي ڪونہ ويا آهن (صفحو ۲۰۲). ڪيترا انگريزي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا آهن، جنهنڪري سنڌي ساهت کي ڪجهہ اوڄ آئي آهي. پر، انگريزيءَ جا ڪي ٻچڙا اثر بہ سنڌيءَ تي ٿيا آهن: اسان جا ڪيترا ماڻهو، سنڌيءَ ڳالهائيندي، ٽپ ٽپ تي انگريزي لفظ ڪتب پيا آڻين؛ جنهنڪري اصليت کي ڌڪ پيو لڳي (صفحو ۱۸۸ع). ڪي ٻنهہ اکري ترجمو ڪن ٿا-جهڙوڪ: هڪ تاريخ ۾ لکيل آهي تہ ”محمود غزنويءَ جي سورهين ڪاهہ، سنديس پوئينءَ ڪاهہ کان هڪڙو سال اڳين هئي! هيءَ لکڻ جو نمونو انگريزي آهي پر، انهيءَ کان وڌيڪ اعتراض جوڳي ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڪي ”اڻسڌا“ جملا ڪم آڻين ٿا-اها ڳالهہ سنڌي ٻوليءَ جي ذاتي ڀاوَ (Genius) جي برخلافي آهي، ۽ اهو دستور بند ٿيڻ گهرجي!

ٻولين جون منزلون

٢٦٩- جهڙيءَ ريت ٻالپڻ، جواني، ۽ پيري ماڻهوءَ جي جيوت جون منزلون آهن، تهڙيءَ ريت ٻولين کي به ڪن منزلن مان لنگهڻو پوي ٿو. هتي انهن جو ٿورو ذڪر ڪجي ٿو، ته سمجهڻ ۾ سولو ٿئي، ته سنڌي ٻولي هينئر ڪهڙيءَ منزل تي آهي!

(١) ٻولين جي پهرين منزل اها آهي، جنهن ۾ سڀ لفظ "هڪ پدا" يعني هڪڙي پد وارا Mono syllables هوندا آهن، ۽ ڪي به پڇاڙيون Suffixes ساڻن گڏيل نه هونديون آهن، اهي ساڳيا لفظ ڪٿي اسم ته ڪٿي فعل وغيره تي ڪم ايندا آهن؛ ۽ اها خبر رکبو جملن مان پوندي آهي ته فلاڻو لفظ جملي ۾ ڪهڙي ڪم آيو آهي. هن کي "شبد ويچاري" يا "نحوي ترتيب" واري منزل Syntactical Stage چئبو آهي. چيناڻي ٻولي انهيءَ منزل وارين ٻولين جو هڪ مثال آهي.

(٢) ٻي منزل اها آهي، جنهن ۾ ڪي لفظ اسم، اسم فاعل وغيره تي ڪم اچڻ جي طاقت وڃائبو ڇڏين؛ جنهنڪري اهي لفظن جي ٻيان پڇاڙين Suffixes وانگر گڏبا آهن ته اسم جي حالتن ۽ فعلن جي زمانن ۽ ضميرن جي سڏ انهن

مان ٻوندي آهي. اهڙيءَ ٻوليءَ کي مرڪب منزل Agglutinative stage واري ٻولي چئبو آهي، جنهن ۾ ٻچاڙين پٺيان ٻچاڙيون وڌ ڪڍيندو (صفحو ١٢) سنٿالن جي ٻولي، توڙي ترڪي، هنگاري ۽ فلش انهيءَ منزل واريون ٻوليون آهن.

(٣) ٻولين جي ٽين منزل اها آهي، جنهن ۾ ڪي اسم، اسم فاعل وغيره ڌار لفظ ٿي ڪم اچڻ جي طاقت بنهه وڃايو ڇڏين، جنهنڪري اهي ٻين لفظن سان ٻچاڙين وانگر گڏجي ڪم اچيا آهن، جيئن ٻولين جي ٻيءَ منزل ۾ ٿئي ٿو. ٻر، هن ٽين منزل ۾ هيئن ٿئي ٿو، ته اهي ٻچاڙيون سدائين لفظن سان ڳنڍيل رهن ٿيون، جنهنڪري اهي لفظ يڪا ليکبا ٻون ٿا- مثال لاءِ وٺو سنسڪرت لفظ "ڪار" معنيٰ ڪم ڪندڙ يا جوڙيندڙ. اهو ٻين لفظن سان گڏجي ڪم اچيو آهي، جهڙوڪ: سنسڪرت "ڪنب" معنيٰ ٿانءُ يا ٻاسڻ ۽ "ڪنبڪار" معنيٰ ٿانءُ جوڙيندڙ. ساڳيءَ طرح "لوهڪار" معنيٰ لوهه جو ڪم ڪندڙ. اهڙيءَ طرح اها "ڪار" ٻچاڙي اهڙن لفظن سان سدائين ڳنڍيل رهي ٿي، جنهنڪري اهي يڪا لفظ ڪري ليکجن ٿا- هن منزل وارين ٻولين کي "سنجوڳي" يا "مجمل منزل" Syntactical stage واري ٻولي چئبو آهي. ان ۾ اهڙين ٻچاڙين گڏيل لفظن جو گردان يا ڦيرو ٿي سگهندو آهي، تنهنڪري اهي گردان يا ڦيري واريون ٻوليون Inflectional Languages ٻ. سڏبيون آهن. سنسڪرت، گريڪ (يوناني) ۽ انهيءَ منزل واريون ٻوليون آهن

(٤) ٻولين جي چوٿين منزل اها آهي، جنهن ۾ لفظن جون اهڙيون پڇاڙيون، سمي پائي، گسي پيسي وڃن ٿيون، جنهنڪري پهرينءَ منزل جي ٻولين وانگر اهي لفظ پڇاڙين کان سواءِ پيا ڀانئبا آهن، ۽ انهن جي ڦيري ڪرڻ لاءِ ڪي معاون يا مددي لفظ Ausiliary words انهن جي پٺيان گڏبا آهن- مثال لاءِ ساڳيا مٿيان سنسڪرت لفظ ”ڪنڀڪار“ ۽ ”لوهڪار“ وٺو، جن جا اچار سنڌيءَ ۾ ڪنڀار-ڪنڀر ۽ لوهار-لهار-لُهر آهن. هتي ڏسو ته وچ مان ”ڪ“ نڪري ويو آهي، ته باقي ”آر“ پڇاڙي بچي آهي، جنهن جو اچار گهٽائي ”آر“ ڪريون ٿا؛ هاڻ ”ڪار“ لفظ سڃاڻڻ کان پري ٿي پيو آهي، ۽ ”ڪنڀار“ ۽ ”لوهار“ ڍڪا لفظ پيا ڀانئجن. انهن جو ڦيرو ڪبو ته ڪي حرف جر ڪم آڻبا، جهڙوڪ ”ڪنڀار کان دلو وٺ“- هتي ” ”کان“ حرف جر ڪم آيو آهي، ۽ اهو ”ڪنڀار“ لفظ کان ڌار ٿيو بيٺو آهي؛ پر، حالت جريءَ جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو- هنن کي مفصل منزل Analytical Stage واريون ٻوليون چئبو آهي. انگريزي ۽ فرينچ انهيءَ منزل واريون ٻوليون آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي منزل

٢٧- سنڌيءَ ۾ اسين اسمن ۽ ضميرن جي پٺيان عام طرح حرف جر ڪم آڻيون ٿا؛ پر ڪٿي ڪٿي پڇاڙيون به گڏيون ٿا- جهڙوڪ ”هو گهوڙان آيو“، يعني گهوڙي کان آيو- اهڙن سببن ڪري چئبو ته سنڌي ٻولي نڪي

صفا مجمل، نڪي صفا مفصل منزل واري ٻولي آهي؛ تنهنڪري هن وقت ان کي "مجمل- مفصل منزل Syntho-Analytical Stage واري ٻولي ڪوٺبو.

سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو

۲۷۱- پنهنجي پٺ ڪنهن به ڪانه ورائي ڏٺي آهي. اها به ڪنهن اڳ ڏي پاتي ڪانهي، ته هن کان پوءِ اسان جي پر ڪٽي جون حالتون ڪهڙيون ٿينديون؟ انهيءَ سبب جيڪر اڳڪٿي ڪري ڪين سگهبي، ته سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو ڪهڙو ٿيندو؟ پر ٻولي پاڻ پنهنجي ڳالهائي؛ سنه ۱۰۰۰- کان وٺي، جيئن سنڌي ڏار ٻولي ٿي ڪم اچڻ لڳي آهي (صفحو ۷۲)، تيئن سنسڪرت واريون پيچيديون صورتون گهٽبي قدر وڃائي، سادي صورت ورتي اٿس. هن کان پوءِ به جيئن وڌيڪ ترقي ڪندي، تيئن وينداي وڌيڪ سولي ۽ سهنجي ٿيندي، جنهنڪري ان جو وياڪرڻ (گرامر) هاڻوڪي کان وڌيڪ سليس ۽ سولو ٿيندو ويندو.

۲۷۲- هن وقت سنڌيءَ ۾ سڀڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪانه ڪا اعراب آهي ئي آهي. انهن پڇاڙيءَ وارين اعرابن هيٺئر ئي لڏڻ جو سانباهو ڪيو آهي؛ لاڙ ۾ انهن جو اچار اڪثر ڪونه ڪن (صفحو ۱۳۰). اهي گهڻو وقت ڪين جٽينديون، جو اڪرن جي پڊن تي زور ڏيڻ جي ترتيب Accent System ڦرندي پيئي وڃي. ان جو هڪ نتيجو هي ٿيندو، ته ڪيترا اسم، واحد توڙي جمع ۾ هڪجهڙا

رهندا. هينئر ٻه ماڻهوءَ جو جمع ماڻهو؛ ۽ هاٿيءَ جو جمع هاٿي.

٢٧٣- هن وقت تائين اسمن جي اڻن حالتن واريون پڇاڙيون سنڌيءَ مان گم ٿي ويون آهن، باقي رڳو حالت جريءَ واري ”آن-اون“ پڇاڙي (جيئن ڳوٺان- ڳوٺؤن) ۽ حالت مڪانيءَ واري ”آ-اي“ پڇاڙي (جيئن مانيءَ کاڌي ويل يا ويلي) بچيل آهن؛ پر اهي به سيڪنهن لفظ جي پٺيان ڪين ڳنڍيون آهن. اهي به جيڪر وينديون ويرم ڪين ڪن، پر ني، کي، ۾ وغيره حرف جر، اهي پڇاڙيون پاڻ سان ڳنڍي بيٺا آهن. هينئر جي ته ائين پيا سمجهون ته انهن جو بنياد ت، ک، م وغيره آهي، تنهنڪري حالت جريءَ واري پڇاڙي ”آن-اون“ ڳنڍي ٿيون: تان-تؤن؛ کان- کؤن، مان-مؤن وغيره ڳنڍهن وري حالت مڪانيءَ واري ”اي“ پڇاڙي ڳنڍي، ني، کي، ۾ وغيره ٿيون ٿا- انهيءَ سبب اڳوات ڇٽي سگهجي ٿو نه ڪهڙ ۾ ڪهڙ ته ٻه-ٽي صديون اهي پڇاڙيون اڃا قائم رهنديون.

٢٧٤- ضميري پڇاڙيون هينئر ٿي زور ڇڏيون بيٺيون آهن: ”پٽم“ معنيٰ، ”منهنجو پٽ“؛ پر ”منهنجو گهوڙو“ ”گهوڙم“ نه چئبو. هن مان ظاهر آهي ته سيڪنهن اسم سان اهي پڇاڙيون لاڳو ڪري نٿيون سگهجن. ”وٺم“ معنيٰ، مون وٺ، ۽ ”وٺوؤن“ معنيٰ اسان وٺان: ”ڏاڏم“، ”پٽم“ ۽ ٻين اهڙن لفظن جو جمع جوڙي نٿو سگهجي- هن مان ظاهر آهي ته اهو پڇاڙيون گهٽي تائين جتاءُ نه ڪنديون.

ائين باريڪ طرح جاچبو ته معلوم ٿيندو ته اهڙيون صورتون ٻوليءَ مان ائين نڪري ويندڀون، جيئن وڻ پراڻا پن ڇاڻي، نوان پن ڪيندا آهن.

٢٧٥- ٻوليءَ جو آئيندو ڳالهائيندڙن تي وڏو مدار رکي ٿو. عربي توڙي سنسڪرت لفظ، جي رس جس پريا هجن، سي پلي ته ڪم آڻجن. انهن کان ڇرڪڻ ٿيندو پنهنجي تنگدلي ڏيکارڻ. باقي ڳرا عربي يا سنسڪرت لفظ ڪم آڻي، سو ٿيندو ٻوليءَ کي هٿ وٺي بگاڙڻ- سائنس جا لفظ به اهڙا ڪم آڻجن، جي سمجهڻ سولا ٿين. انسان جي بدن جي بناوت بابت هڪ ڪتاب ۾ جيڪي لکيل آهي، تنهن مان ٿورو ڏڪرو هتي ڏجي ٿو:

سوال- پاڻهن ورائجي ٿي، ته وري ٿي؛ سو ڇو؟

جواب- انسان جي مغز ۾ هڪ تنتُو آهي، جنهن کي ”گيان تنتُو پريرنا“ چئجي ٿو. جڏهن پاڻهن ورائڻ جو خيال ڪجي ٿو، تڏهن ”مٽي ٻنداست“ کان وٺي ”ڪور پراست“ تائين زور اچي ٿو؛ ۽ جڏهن اهو ”سڪنڌاست“ تائين اچي ٿو، تڏهن پاڻهن وري ٿي!

ههڙا سنسڪرت توڙي عربي لفظ، ٻوليءَ ۾ هرگز چالو ٿي ڪين سگهندا؛ تنهنڪري ٻوليءَ جي آئيندي جو خيال رکي، پوري ويچارن سان قلم هلائجي.

ٻاڳو ڀيڱو

باب ڇهريون ٻوليءَ جي تبديل ۽ واڌارو

تبديل جا سبب

۲۷۶- سنسڪرت جي ذڪر ڪندي، مٿي اڳيئي چيو ويو آهي ته سنسڪرت اول بگڙجي پالي ۽ پراڪرت ٿي، ۽ جدا جدا هنڌن جون پراڪرت ٻوليون ڦري هاڻوڪيون سنڌي، هندي، گجراتي وغيره ٿيون آهن، (صفحو ۸۰). هاڻ ويچار ڪرڻ گهرجي ته ڪهڙن سببن ڪري سنسڪرت ۾ ايڏو ڦيرو پيو، جو اچي نوان نوان ويس ورتائين؟ هڪواريءَ انهن سببن جي سڌ پوندي، ته پوءِ سمجهڻ سولو ٿيندو، ته ڪيئن سنڌي هينئر ڏه ڦرندي پيئي وڃي، ۽ هن کان پوءِ به ڦرندي رهندي؟ هن باري ۾ علم لغات جي صاحبن جيڪي سبب ڄاڻايا آهن، سي دنيا جي سڀني ٻولين سان هڪجهڙا لاڳو آهن؛ پر مثال ڪن انگريزي ته ڪن سنسڪرت ڏنا آهن، تنهنڪري اسين پنهنجا سنڌي مثال ڏينداسين.

سبب پهريون - ڪشالي جو سنجم

۲۷۷- ٻوليءَ جي بگڙجڻ جو پهريون ۽ مکيه سبب آهي "ڪشالي جو سنجم" Economy of Effort- ونو مثال: ڪنهن ننڍڙي ٻار کي چئبو ته چئو "ڪينو"، ته چوندو "انو"! چو ڏو ائين چوي؟ دنيا ۾ ڪابه ڳالهه "سبب"

ڪان سواءِ ڪاڻ ٿي ٿئي. هن لاءِ ٻه سبب آهن: ”ڱ“ جي اچار ڪرڻ لاءِ، سيڪنهن ماڻهوءَ ۾ نڙيءَ جو Glottis or the opening of the wind-pipe منهن چڱيءَ طرح کولڻو پوي ٿو، ته آواز ٻاهر نڪري؛ ساڳئي وقت جيڀ جي پاڙ جو زور به لڳائڻو پوي ٿو، ته اکر چٽو ٿئي ته ٻيا پوريءَ طرح سمجهن- هيءُ ڪشالي گاڏڙ ڪم، ويچاري ننڍڙي ٻار کان نٿو پڄي؛ تنهنڪري هو ”ڱ“ جو اچار ماڳهين ڪيدي ڇڏي؛ باقي ”ڱ“ جي هيٺان جيڪا زير يعني ”اِ“ جو اچار آهي، سو قائم رکي ”اِنو“ چوي ٿو. هو اڻين ڪونه ٿو سمجهي، ته مون ڪو ”ڱ“ اکر ڪيدي ڇڏيو، هن جي ليکی ته اڳلي چيوئي ”اِنو“! هيءَ ته ننڍڙن ٻارن جي ڳالهه آهي، پر وڏڙي ساڳيا واڳيا ماڻهو اکرن تي پوريءَ طرح زور نٿا ڏين، ته لفظن مان اکر نڪريو وڃن- جهڙوڪ، ”ڪنيڪار“ ۽ ”لوهڪار“ بدران چئون ”ڪنيار“ ۽ ”لهار“. ”ڪ“ جو اچار وچ منجهان ئي نڪري ويو! هتي به چئبو ته اچار ڪرڻ ۾ گهٽ تڪليف ٿي- اهڙا مثال انگريزيءَ ۾ به گهڻيئي آهن*. هيءُ ته سولا لفظ آهن، پر جڏهن ڪنهن لفظ ۾ ٻه-ٽي بلڪ ٽي-ٽي حرف صحيح گڏجي اچارڻا پون ٿا، تڏهن اهو ته هيڪاري ڪشالي گاڏڙ ڪم ٿيو پوي، جو جدا جدا اچارن ڪرڻ لاءِ نڙي، جيڀ، چپن وغيره کي علحدي علحدي نموني چورڻو پوي ٿو!

---

*Godly = Godlike. God-liness = God-like-ness.

هوڏانهن انسان، پنهنجي ذاتي سڀاءَ ڪري، ائين چاهي ٿو ته سڀڪنهن ڳالهه ۾ جيترو گهٽ ڪشالو ٿئي، تيترو چڱو. انهيءَ ذاتي سڀاءَ ڪري، هو لفظن جي اچار ڪرڻ مهل به ڪشالي جو سنجم ڪري ٿو، جنهنڪري اچار بگڙيو وڃن. لاڙ جا ماڻهو ڪشالي جو سنجم گهڻو ٿا ڪن، جنهنڪري سنڌين ٻوليءَ ۾ گهڻو بگاڙو نظر اچي ٿو (صفحو ٩٧ ۽ ١٣١).

ٻوليءَ سان ٻار ڏاڍا وَيل وهائين ٿا: ٻارن کي جيڪڏهن چيڪ چڏي ڏجي، ته ٻوليءَ کي جيڪر ڏاڍا هاڃا هڻن؛ پر گهرن ۾ مائٽ، ۽ اسڪولن ۾ ماستراڻيون ۽ ماستر، کين صحيح اُچار سيکارين ٿا: ٻار جڏهن وڏو ٿئي ٿو، تڏهن پنهنجو به عقل اچيس ٿو ته صحيح اُچار ڪريان، متان ٻيا کلن ۽ چون ته ٻانن جهڙا اُچار يا غلط اُچار ڪري ٿو- پر ٻوليءَ کي بگڙجڻ کان وڏي روڪ تڏهين ٿئي ٿي، جڏهن منجهس ساهت (لٽريچر) لکجڻ ۾ اچي ٿو: ساهت جي نهرن ۽ چشمن ۾ ٻوليءَ جون گهڻو ڪري سڀ اوڻايون ڌوپيو وڃن. انهيءَ هوندي به ٻوليءَ ۾ ڪي ڪي غلطيون رهجيون وڃن، ته به اهي غلطيون ڪري نٿيون ليکجن- جهڙوڪ، ڪو ٻار يا وڏو، چاليهه، سٺ ۽ ستر بدران ناليهه، هٺ ۽ هتر چوندو ته متانئس ڪلنداسين؛ پر ايڪيتاليهه، ٻائيتاليهه، ايڪهٺ، ٻاهٺ ۽ ايڪهتر، ٻاهتر وغيره انگن ۾ اسين پاڻ اهڙا ٻاتن جهڙا اچار ڪريون ٿا، پوءِ ڀاڻ تان چوڻتا ڪلون؟ ڇاڪاڻ ته هاڻ اهي ئي اُچار رواج ۾ آهن، تنهنڪري اهي صحيح ليکبا. چوڻي

ٻه آهي ته "غلط العوام، صحيح" يعني جا غلطي، پڙهيل توڙي اڻپڙهيل ڪندا هوندا، تنهن کي غلطي نه سمجهبو، پر صحيح ڪري ليکبو. مطلب ته ٻوليءَ ۾ "رواج" وڏي ڳالهه آهي.

سبب ٻيو — ملڪ جي تاريخ ۾ تبديل

٢٧٨- ٻوليءَ جي بگڙجڻ جو ٻيو وڏو سبب آهي "ملڪ جي تاريخ ۾ تبديل". جهڙوڪ سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت ٿيڻ ڪري عربي، فارسي ۽ ترڪي لفظ سنڌي ۾ اچي ويا (صفحو ٢٠٤ ۽ ٢١٠). سنڌيءَ ۾ ڌارين لفظ گڏجڻ ڪري، ٻولي ڳاڏڙ ٿي پيئي. ڌارين لفظن جي اچارن ڪرڻ تي امانجن ماڻهن جو وات هريل نه هو: جيئن ڪين سولو لڳو، تيئن انهن جا اُچار ڪيائون، جنهنڪري هاڻ عربي لفظن "رداءُ"، "مطرقه" وغيره بدران چئون "رَڏو"، "مترڪو" وغيره. انگريزن آئي انگريزي لفظ چالو ٿيا، ته انهن جا اچار ٻه ماڻهن بگيڙيا؛ جنهنڪري انگريزي لفظ "ستيشن" بدران ڪي چون "اسٽيشن" ته ڪي چون "ٽيشن"؛ ۽ ٻڙن بدران چون "درجن"- هيءَ ته لفظ آهن، پر وقتي جملا ڦريو وڃن؛ جهڙوڪ: "هو ڪمس ديئر؟" ڦيريدار چون "ڪمر در"

سبب ٽيون — ڌاري ٻوليءَ جو فخر

٢٧٩- ٻولي جي بدلجڻ جو ٽيون سبب هيءُ آهي ته "فاتح قوم جي ماڻهن جي ٻولي سکي، انهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙو ٿيڻ، فتح ٿيل ملڪ جا ماڻهو پنهنجي لاءِ

فخر سمجهندا آهن". جيڪي، فاتح قوم وارن جي ٻولي نہ سکندا آهن، سي بہ ايترو ڪندا آهن، تہ انهن جا ڪي نہ ڪي لفظ زور ڪري ڪم آڻيندا آهن!

شاهہ، سامي، سچل ۽ آڳاٽن شاعرن ڪيترائي نج سنڌي لفظ ڪم آندا آهن-جهڙوڪ: "ڪان" معنيٰ گهوڙو، "اُميٺ" معنيٰ پلٽ، ۽ "آسگهتي" معنيٰ سُرڪيي ٻيا چُڪو-اچڪلهہ اهڙا لفظ ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿو آڻي. ٻيا لفظ تہ ٺهيا، پر بصر ۽ ٿوم، جي ٻيئي عربي لفظ (بصل-ثوم)، سي اسان وٽ عام آهن! هن وقت رڳو ڪراچيءَ ۾ ڪڇي ۽ ٻيا، بصر بدران "ڏونگري" ۽ ٿوم بدران "لسڻ" لفظ ڪم آڻين ٿا: آهي چون "جام" (چام)، پر اسين عام طرح چئون "زيتون". ٻهراڙين ۾ چون "ٻوري"، پر اسين عام طرح چئون "بلبل"! انهيءَ ريت، آڳاٽا لفظ وڃن متروڪ ٿيندا ۽ نوان ڌاريا لفظ وڃن انهن جي جاءِ وٺندا، جنهنڪري ٻولي، وڃي ڦرندي. وقتي، لفظن جي اُچارن ڦرڻ ڪري معنيٰ ۾ ڦير پوي ٿو: جهڙوڪ "تعويذ" جو اچار ڦري "تائيت" ٿيو آهي، تہ هاڻ ٻنهي لفظن جي معنائن ۾ ڦير آهي (صفحو ١٧٢).

سبب چوٿون-لڙهم وچڙ

٢٨٠- 'وڻج واپار يا ٻئي سبب، ٻين قومن سان لڙهم وچڙ ٿئي ٿي تہ انهيءَ ڪري بہ هڪڙيءَ ٻوليءَ جا لفظ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ اچيو وڃن"-جهڙوڪ ٻرچو گيزن، فرينچن وغيره سان لڙهہ وچڙ ٿيڻ ڪري، "ٻورچو گيز" وغيره لفظ، سنڌيءَ

۾ اچي ويا آهن (صفحو ٢٠٤ ۽ ٢١١). ملبار طرف سان لڙهه وچڙ هئڻ سبب، اسان وٽ اِتي-ڏڪر راند ۾ دراوڙي انگ چالو ٿيا آهن (صفحو ١٧٨)-انهن به ٻوليءَ تي ٿورو ٿورو اثر ڪيو ٿيو.

سبب پنجون-ڪوڙي مناسبت (False Analogy)

٢٨١- ٻوليءَ جي بدلجڻ جو پنجون مکيه سبب آهي "ڪوڙي مناسبت" (صفحو ٢٥٣). ڊاڪٽر ڀنڊارڪر ان جا جيڪي مثال ڏنا آهن، تن مان ٿورا هيءَ آهن:

سنسڪرت ڌاتو	پراڪرت ڌاتو	سنڌي مصدر
شرُ	سڻ	سڻڻ ٻڌڻ
جِچا	چاڻ	چاڻڻ

سنسڪرت ۾ "شرُ" معنيٰ "ٻڌڻ"، ۽ "شرڻوتي" معنيٰ "هُو ٻڌي ٿو". اهڙيءَ طرح "شرُ" ڌاتوءَ جي پڇيان "ن" (ڻ) رکيو زمان حال ۽ ٻين ٽن زمانن ۾ ڪڍبو آهي. پراڪرت ڳالهائيندڙن کي اهو پتو ڪونہ پيو، تہ ڪهڙن زمانن ۾ اهو "ن" (ڻ) گڏڻ گهرجي. هنن ڇڪي مستقبل، اسم مفعول وغيره ۾ بہ ائين ڪيو، جنهنڪري هينئر "سڻڻ" لفظ جو ڌاتو ڄڻ تہ "سڻ" آهي؛ نہ تہ حقيقت ڪري "شرُ" آهي. ائين چاڻ-چاڻڻ، وڪڻ-وڪڻڻ وغيره جي ڌاتن ۾ بالائي "ڻ" ڪوڙيءَ مناسبت ڪري اچي ويو آهي. هن وقت سنڌيءَ ۾ بہ ڪي ماڻهو ڪوڙيءَ مناسبت تي هلن ٿا- ڏسڻ مان ڏسجڻ، ۽ پسڻ مان پسجڻ لفظ جڙيا آهن، تہ انهيءَ نموني

کي "ليڻ" مان "ليجڻ" ٺاهي ڪم آڻين ٿا- جهڙوڪ چون ته "مون کان ڪتاب ليجي ڏي نٿو". هيءَ غلط سنڌي آهي؛ ڇو ته ڪپي "ليبٺي نٿو"-"لهڻ" معروف ۽ "ليڻ" مجهول صورت وارو فعل آهي، تنهن ۾ مجهول جي نشاني "ج" گڏڻ، سو ٿيو فعل کي ٻيو ڀيرو مجهول صورت وارو ڪرڻ!

مطلب ته ماڻهن کي جيئن سولو سهنجو لڳي ٿو، تيئن هڪڙن لفظن جي نموني ٻيا آڻين! ڊاڪٽر پنڊارڪر انهيءَ کي سڏيو آهي:

The law of false analogies, or of the generalisation of grammatical forms, or formal genralisation.

بگاڙو معنيٰ واڌارو

٢٨٢- ٻوليءَ جو بگاڙو جنهن کي چئجي ٿو، تنهن ۾ سچ پچ ته ٻوليءَ جو واڌارو آهي: سنسڪرت ۾ جيڪڏهن بگاڙو نه ٿئي ها، ته هيڏو "ڏيئن جو ڏڻ" (هندي، سنڌي وغيره) ڪيئن جڙي ها؟ هيءَ ته ٻولي آهي، پر رڳو لفظن جي بگڙجڻ ڪري به گهٽوڌي واڌارو ٿئي ٿو- وڌو مثال:

(١) "تلڪ"* لفظ جو هندو ماڻهو پيشانيءَ تي ڏين ٿا، تنهن جا بگڙيل اچار: "تِڪڙو" (منهن ڌمي

*"تلڪ" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "ننڍڙو تر". هندو پنهنجي پيشانيءَ تي سيندر وغيره سان ننڍڙو گول چڪرو (تر جيترو) ڪيندا آهن. (تِل=تِل+ڪ).

ٽڪڙو ڏيڻ)، ”ٽُڪرو“ (ڪاٺ وغيره جو)، ”ٽِڪَ“ (منڊيءَ جي، يا آرسي جي)، ”ٽِڪي“ (مٺائي يا ٽِڪاٽي وغيره جي)، ”ٽِڪلي“ (ٿيال وغيره جي)، ”ٽِڪَل“ (وڏو لغڙ جو ٽڪ ٻڌي ٻيهي)، ”ٽِڪلي“ (ڪاغذ جي گول چتي)، ”ٽِلاءُ“ ۽ ٽلي“ (ٽلو مل ۽ ٽلي ٻائي) آهن- هنن سڀني لفظن ۾ گولائيءَ جو خيال سمايل آهي.

(۲) سنسڪرت لفظ ”چڪر“ Chakara معنيٰ چڪرو يا ڦيٿو- انهيءَ لفظ سنڌيءَ ۾ هيٺيون صورتون ورتيون آهن: چَڪَر، چَڪرو، چاڪ ۽ چڪلو (ڦيٿو)، چڪرُ (گهمتاري)، چَڪَر (ڪنڀار جو)، چَڪي (جانڊهه)، چڪلو (مانين ويلڻ لاءِ)، ۽ چيڪلي (ڦيري ٻائڻ جي راند)- هنن سڀني لفظن ۾ بہ گولائيءَ جو خيال سمايل آهي. اهڙا مثال ٻيا بہ گهڻيئي آهن.

۲۸۳- سنسڪرت لفظ ”وتسيہ“، جا بگڙيل اچار: ”وَڇ“ (مذڪر- ٻاڏو)، ”ٻڇڙو“ آهن. فارسيءَ ۾ ”وتسيہ“ جو اچار ”بچہ“ آهي. اهو فارسي لفظ سنڌيءَ ۾ آيو آهي، تہ انهيءَ مان ”ٻَچو“، ”ٻچت“، ”ٻچڙو“، ”ٻچيلو“ ۽ ”ٻچڙوال“ (ٻارن-ٻچن وارو) لفظ ٺهيا آهن. فارسي لفظ ”بچہ“ سنڌيءَ ۾ آيو آهي، تہ اسان کي ڪس ڪانہ لڳي آهي-ڏاريا لفظ ٻوليءَ ۾ اچن ٿا، تہ ٻولي برابر چُوچُو جو مربو ٿي پوي ٿي؛ پر ساڳئي وقت ٻوليءَ ۾ واڌ ٿئي ٿي. انگريزي ٻولي نهايت وسيع آهي، تہ بہ جنگل، نوٽ، جمخانا (جماعتخانہ) ۽ اسان جا ٻيا ڪيترائي ڏيهي لفظ ان ۾ اچي ويا آهن. عربي ۽ سنسڪرت ٻوتر ٻاشائون

يا مقدس ٻوليون آهن، نه ٻه انهن ۾ ڪي يوناني ۽ پيا لفظ اچي ويا آهن-(صفحو ١٧٩ ۽ ١٩٩) مطلب ته سڀ ٻوليون ٻين ٻولين مان ڪي نه ڪي لفظ وٺن ٿيون ۽ ڪابه ٻولي ڌارين لفظن کان آجي ڪانهي؛ تنهنڪري عربي ۽ سنسڪرت لفظن کي سنڌيءَ ۾ اچڻ کان روڪ ڪرڻ، پنهنجي تنگدلي ڏيکارڻي آهي. اهو ٿيندو ٻوليءَ جي واڌاري کي روڪڻ! جيڪڏهن ڪو ڪُرا ڪُرا عربي يا سنسڪرت لفظ سنڌيءَ ۾ گهلي آڻيندو ۽ جي عام خلق جي ڪَن کي ڏي ڪين وڻندا، ته ٻولي انهن کي هرگز چالو ٿيڻ نه ڏيندي!

٢٨٤- لفظن جي ڳالهه، ڇڏي، هاڻ اچو ته ڏسون نه ٻوليءَ ۾ کهڙو بگاڙو ۽ واڌارو ٿيو آهي؟ اسان کي رواجي گرامرن وارا قاعدا ڇاڻائڻا ڪينهن، پر رڳو ٻوليءَ جي تاڃي ۽ پيٽو جاچڻا آهن، جن ۾ اکرن ۽ اچارن سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهيون (Phonology)، ۽ ٻوليءَ جي نحوي بناوت سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهيون (Morphology) ويچارڻيون آهن.

سنڌي ٻگڙيل پراڪرت

٢٨٥- سنڌي، هندي، ۽ ٻيون ڏيهي آريہ ٻوليون ٻگڙيل پراڪرت ٻوليون آهن. انهن کي جيڪڏهن ٻگڙيل سنسڪرت سڏجي، تہ بہ روا آهي، جو ڇو بنياد سنسڪرت مان اٿن؛ پر ڪهڙيءَ سنسڪرت مان؟ "رگ ويد" واري زماني کان وٺي سنسڪرت جون ڇهہ تہ بہ شاخون ٿيون: سنسڪرت پنهنجي سر واڌارو ڪندي، اول وچولي ۽ پوءِ آخرين درجي تي آئي، ۽ هن وقت "سنسڪرت" سڏبوڌي انهيءَ آخرين درجي واريءَ سنسڪرت کي آهي (ڏسو صفحو ٣٤). "رگ ويد" واري زماني کان وٺي، جيڪا سنسڪرت عام طرح ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، سا ورڪ پنهنجي منهن ٻگڙجي "پالي" "پراڪرت" ۽ "اپڀرنش" ٿي، جنهن مان "سنڌي"، "هندي" وغيره ٻوليون پيدا ٿيون. جيئن مٿي اکيئي چيو ويو آهي (صفحو ٣٨، ٦٩ ۽ ٧٠). انهن ڏيهي آريہ ٻولين بہ پنهنجي پنهنجي پر ڳٺي ۾ پنهنجي روءِ سوءِ واڌارو ڪيو؛ جنهنڪري اسان جي سنڌيءَ جا آچارئي علحدا آهن، جن مان ڀريان ڏي ٻروڙي سگهبو آهي تہ اها آهي اسان جي مادري زبان، جنهن جي شعر جي شيرينيءَ هندن توڙي مسلمانن کي موهت ڪري ڇڏيو آهي (صفحو ٢٣٦)- هاڻ هيڪاري چٽيءَ ريت سمجهڻ ۾ ايندو

تہ هاڻوڪي آخرين درجي واري سنسڪرت، جا اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچي ٿي، تنهن مان سنڌي ٻولي ڪانہ پيدا ٿي آهي؛ اها بہ چئڻ تہ سنڌيءَ جي پيءُ ٿئي. پر اُها قديم سنسڪرت ڪان گهڻو بگڙيل نہ آهي ؛ انهيءَ سبب اسين پنهنجيءَ مادري زبان جي انهيءَ سان ڀيٽ ڪنداسين، تہ پتو پوندو تہ سنڌيءَ ۾ ڪهڙو بگاڙو ۽ واڌارو ٿيو آهي؟ انهيءَ ريت سنڌيءَ جون خوبيون ۽ خاميون ڪُلي ظاهر ٿينديون، ۽ اهي ئي ڳالهيون ٻوليءَ جي اونهي اڀياس ڪرڻ ۾ واهر ڪنديون.

سنڌيءَ جي "حرف علت" ۾ بگاڙو

٢٨٦- سنسڪرت ۾ اُٺيتاليهہ "حرف صحيح" ۽ سورهن "حرف علت" آهن. سورهن حرفن علت مان "ر"، "ري"، "لر" ۽ "لري" پاليءَ واري زماني ۾ ئي ٻوليءَ مان نڪري ويا؛ جنهنڪري نڪي پراڪرت، نڪي سنڌيءَ ۽ ٻين ڏيهي آريہ ٻولين ۾ آهن. سنسڪرت ۾ "اَم" (آن) ۽ "آھ" بہ آهن، جي سنڌيءَ ۾ حرف صحيح (م يا ن، ۽ ھ) ليکجن ٿا*- هاڻ سنڌيءَ ۾ فقط ڏھ حرف علت آهن:

Single Vowles ڇڙا علت آ - اَ - اِي - اَ - اَو

---

* "هنُهر هوند مٽي، ور ٻڌيءَ جا پيٽا ٿيا"- (شاھ)
اکي نڪ جي اچار ظاهر ڪرڻ لاءِ "م" گڏيندا هئا، جيئن "هنهر" لفظ گڏيل آهي، تہ سمجهڻ ۾ اچي تہ ان ۾ نڪ جي اچار ٽڪار (Twang) آهي،

اي-آي-او-آو دوهرا-علت Diphthongs

هنن کي "ڏهہ اکري" چئبو آهي. سنڌي لاءِ عربي-سنڌي آئيويٽا (لپي) ڪم اچي ٿي، تنهنڪري سنسڪرت وارين ماترائن يا لاڳنائن بدران، عربيءَ واريون اعرابون (زبر، Orthographical signs or Diacritical marks زير، پيش وغيره) ڪم آڻبيون آهن. "عرب" معنيٰ چٽو ڪرڻ- آءِي اچارن کي چٽو ڪن ٿيون.

اعرابن تي ويچار

۲۸۷- عربيءَ ۾ "الف-و-ي" اهي ٽي حرف علت آهن. انهن مان ڪوبہ اکر جڏهن ڪنهن لفظ جي منڊ ۾ ايندو آهي، تڏهن سدائين حرف صحيح ٿي ڪم ايندو آهي، ۽ خود ان کي چورڻ لاءِ ڪا نہ ڪا اعراب ڪهي-جهڙوڪ آول، وصل ۽ يقين- انهن تنهي لفظن جي منڊ ۾ زبر يعني "آ" جو اُچار آهي. "و" ۽ "ي" اکر جڏهن وچ يا پڇاڙيءَ ۾ ايندا آهن، تڏهن حرف علت آهن، پر جيڪڏهن انهن جي مٿان يا هيٺان ڪا اعراب ڏبي، تہ حرف صحيح ٿي پوندا- جهڙوڪ: "چَوَنْ" ۽ "ٿِيَنْ"، (مصدر- چوَڻ ۽ ٿيَڻ) ۾، "و" ۽ "ي" جي مٿان "زبر" آهي، تنهنڪري حرف صحيح آهن. "وديالیہ" ۾ پوئين "ي" جي مٿان زبر آهي، تنهنڪري اهو حرف صحيح آهي- اهڙيءَ حالت ۾ عربن الف-و-ي مان ٽي نندا يا گهٽيل اچار وارا حرف علت هن ريت جوڙيا آهن:

الف مان زبر يعني آ

و مان پيش يعني اُ

ي مان زير يعني اِ

انهن مان ٽي ڏگها اُچار هن ريت ٿيا آهن:

اَ + اَ = آ   اُ + اُ = اُو   اِ + اِ = اِي

مثال لاءِ وٺو "ڇهه آسي" لفظ. "ڇهه" لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ زبر يعني "اَ" جو اُچار آهي. ۽ "آسي" لفظ جي اڳياڙيءَ ۾ به "آ" جو اُچار آهي. اهي ٻئي اُچار ملائي ڇڏون "ڇهاسي". ساڳيءَ طرح "ست آسي" ۽ "اَٺ اسي" بدران ڇڏون "ستاسي" ۽ "اٺاسي" — اٺين "آ" جا ٻه اچار پاڻ ۾ ملائبا، ته "ڇهه اسي، ست آسي" وغيره جي اُچارن ۾ ڦِنگ (ڀڃڪڙي) Hiatus ٿي پوندو، جنهنڪري ٻاتن جهڙو اچار ٿي پوندو.

"وڄُ"، "ڪنڌُ" ۽ ٻين اهڙن لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش يعني "اُ" جو اچار آهي. انهن جي جمع جوڙڻ لاءِ پراڪرت جي جمع واري "اُ" پڇاڙي ڳنڍيون ٿا، ته ٻئي ملي هڪ يڪو اچار "اُو" پيدا ڪن ٿا، ۽ انهيءَ ۾ نڪ جو اچار ملايون ٿا، تنهنڪري انهن لفظن جو جمع "وڄون" "ڪنڌون" وغيره ٿئي ٿو.

ٽئين مثال لاءِ وٺو عربي لفظ "مسجد" — ان ۾ "س" اکر ساڪن آهي؛ پر اسين پنهنجيءَ عادت پٽاندر "س" جي هيٺان زير ڏيون ٿا، يعني "اِ" جو اچار

ٻالاڏي ڳڌيون ٿا. انهيءَ لفظ مان پوءِ ”ج“ اکر ڪڍي
ته باقي بچيو ’مسِ اِد‘ هتي ”س“ جي هيٺان زير يعني
” اِ “ جو [illegible] ” اِد “ جي اڳيان به ” اِ “
آهي. اهي ٻيئي اچار ملي ”اِي“ ٿين ٿا، جنهنڪري
چٿون ’مسيد‘ هاڻ چڱيءَ طرح سمجھڻ ۾ ايندو ته
ساڳئي ورگ يا ڪلاس جا ٻه ننڍا حرف علت پاڻ ۾
ملي، هڪ ڏگهو اچار پيدا ڪن ٿا.

سنسڪرت گرامرن ۾ هن قسم جي قاعدن کي
”سنڌيءَ جا قاعدا“ Rules of Euphony چوندا آهن.
اهي سنڌيءَ جا قاعدا قدرت جي قاعدن تي ٻڌل آهن،
تنهنڪري اهي قاعدا دنيا جي سڀني ٻولين سان هڪجهڙا
لاڳو آهن. عربيءَ سان به اهي ئي ساڳيا قدرت جا
قاعدا لاڳو آهن، تنهنڪري ڏسڻ مان ڇهه حرف
ٺهيا آهن. عربن انهن جي لکڻ جو دستور به انهن قدرت
جي قاعدن پٽاندر هن نموني اختيار ڪيو:

”آ-اَ-اِ-اِي-اُ ۽ اُو“

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ”اِي“ لکڻ مهل ”الف“ جي
هيٺان زير ڏين ٿا، ۽ ”ي“ اکر خالي ڇڏين ٿا: ڇاڪاڻ
ته ”ي“ جو ملهه فقط ”اِي“ آهي، ۽ ٻيئي ”اِ“ جا اچار پاڻ
۾ ملي ”اِي“ ٿين ٿا. ساڳيءَ ريت ”اُو“ لکڻ مهل الف جي
مٿان پيش ڏين ٿا، ”و“ خالي ڇڏين ٿا: ڇاڪاڻ ته ان
جو ملهه فقط ”اُ“ آهي، ۽ ٻيئي ”اُ“ جا اچارڻ پاڻ ۾
ملي ”اُو“ ٿين ٿا. انگريزيءَ ۾ به ائين Sheep, Keep,

لفظ Moon, Noon ۾، ڊگهي اچار پيدا ڪرڻ لاءِ ٻه حرف علت ڪم آڻين ٿا*.

عربيءَ ۾ اي-آي (آءِ) ۽ (اءُ) جي اچارن لاءِ ٻه ٻه حرف ڪم آڻين ٿا. سنسڪرت ۾ هر هڪ حرف علت کي رکيو هڪڙو اچار آهي.

٢٨٨- هن باري ۾ هيءَ ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته سيني ٻولين ۾ جيڪي حرف علت آهن، تن سيني کي پنهنجو پنهنجو اچار آهي؛ تنهنڪري عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪنهن به ”حرف علت“ کي اعراب نه ڏيندا آهن، ۽ جيڪڏهن ڏبي ته اهو ”حرف صحيح“ ٿي پوندو؛ جيڪي به حرف صحيح آهن، سي گُنگا اکر آهن، ۽ رکيو انهن کي چورڻ لاءِ اعرابن جي ضرورت ٿئي ٿي. سنسڪرت ۾ به ائين ئي ڪندا آهن.

”ر“ ڦرڏو حرف (Protean Vowel)

٢٨٩- سنسڪرت ۾ ”ر“ حرف ٻن قسمن جو آهي: هڪڙو حرف صحيح، ٻيو حرف علت؛ ديوناگريءَ ۾ ۾ اهي لکبا به ٻيءَ ٻيءَ طرح آهن. ”رَنگ“، ”رَت“ (ڳاڙهي)، ۽ ”راجا“ حرف صحيح سان شروع ٿين ٿا.

* انگريزيءَ جي حرف علت جي ترتيب منُجهائيندڙ آهي، جو ڪٿي ڪٿي اکر ساڳيا، پر اچار ٻيا ٻيا- جهڙوڪ Cough (cauf)- R0ugh (ruff)- Bough (bow)Dough (do)- Hough (hock)- and Through (throo)

”رُت“ معنيٰ موسم، ”رِڻ“ معنيٰ قرض، ”رِشي“، ”رِڇ“ (سنسڪرت- رڪش)، ۽ ٻين اهڙن سنسڪرت لفظن جي منڍ ۾ ”ر“ حرف علت آهي، پر اسين اهو حرف صحيح ڪري ليکيون ٿا. پالي ۽ پراڪرت ڳالهائيندڙن کي به انهيءَ تفاوت جو پتو ڪونه پيو، تنهنڪري اهو اکر نڪري ويو.

٢٩٠- سنسڪرت ۾ ڪنهن حرف صحيح جي مٿان يا هيٺان به ”ر“ حرف علت ڳنڍيندا آهن. اهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ آيا آهن، ته انهن ۾ اهو اکر ڦري، هڪ نه ٻيو حرف علت ٿي پيو آهي- جهڙوڪ:

سنسڪرت	سنڌي	تبديل
گهرشٽ	گٿو (گ مٿان زبر يعني آ)	”ر“ مٽجي ”آ“
درشٽ	ڏٺو (ڏ هيٺان زير يعني اِ)	” ” ”اِ“
ورڌ	ٻڍو (ب مٿان پيش يعني اُ)	” ” ”اُ“
مرتيو	موت	” ” ”اُو“

پراڪرت ۾ به ائين تبديل ٿيندي هئي (ڏسو ورچيءَ جو جوڙيل ”پراڪرت پرڪاش“).

٢٩١- پراڪرت واري زماني کان پوءِ اهڙا سنسڪرت لفظ وري چالو ٿيا. ته انهن ۾ ”ر“ کي قائم رکڻ لاءِ، ساڻس هڪ نه ٻي اعراب ڳنڍي اٿون- جهڙوڪ:

سنسڪرت	سنڌي	سنسڪرت	سنڌي	تبديل
مر mri	مرڻ	ڀر bhri	ڀرڻ	”ر“ بدران ”آر“
سر Sri	سيرڻ (چڙهڻ)	پرٿوي	پرٿوي	”ر“ بدران ”اِر“
ورڪش	ورک يا برک معنيٰ وڻ			”ر“ پيش (اُ)

٢٩٢- ڪن حالتن ۾ "ر" اکر هڪ نه ٻئي حرف صحيح ۾ سمائجي ويو آهي- جهڙوڪ: سنسڪرت "ورڌ" "درشن"، "گرڀ"، ۽ "جاماترڪ" جن بدران "ٻڍو" "ڏسڻ"، "ڳڀ"، ۽ "ڄاٽو" معنيٰ ناٺي. سنسڪرت "سرو" بدران ڇڻون "سرب" يا "سپ" (سمورو)، ۽ "ورڪر" بدران ڇڻون "ٻگهڙ" Wolf. اهڙيءَ طرح "ر" اکر ڪنهن حرف صحيح ۾ سمائجي ويندو آهي، تڏهن اڪثر انهيءَ کي "وسرگ" يعني "ه" جي اچار وارو ڪندو آهي- اهڙيءَ ريت، هن "ڦرڻي حرف" ساندي وانگر پنهنجا روپ بدلايا آهن.

دوهرا - علت ۾ بگاڙو

٢٩٣- دراوڙي ٻولين ۾ دوهرا-علت ڪينهن. قديم دراوڙ لوڪ سنسڪرت سکيا ته دوهرا-علت يا ٻِتاسر، يڪساهيءَ اچارڻ ڏکيا لڳن؛ تنهنڪري انهن جا اُچار هن ريت ٻگاڙون:

سنسڪرت	پراڪرت	سنڌي	تبديل
تيل (تئل)	تيل Talla	تيل Oil	آ+اِ=اي
گئور	گور	گورو (ٻورو)	آ+اُ=او

اِدغام Epenthesis سبب اهي ٻه اُچار ملي هڪ ٿين ٿا (صفحو ١٣١)، جنهنڪري ڇڀو نه وزن ۾ ڪوت ڪانه ٿي، باقي اچار ڪرڻ ۾ سولائي ٿي- جو "آي" (آءِ) ۽ "آو" (آءُ) کان "اي" ۽ "او" جا اچار وڌيڪ سولا آهن، ۽ اڄ به اهي ڇڙا يا يڪا حرف ڪري ليکيون ٿا- اهو بگاڙو پاليءَ واري زماني کان وٺي شروع ٿيو، ۽ اهو دراوڙي ٻولين جو اثر ليکجي ٿو (ضميمو پهريون)،

۲۹۴- پراڪرت ڳالهائيندڙ جا اچار ڦيلهڙا هوندا هئا (صفحو ۹۰). اسان جا اچار وڌيڪ پختا آهن، جنهنڪري "آيت"، پيدائش" "پؤنر"، "ڪؤنر" ۽ "اؤنگ" لفظن ۾ دوهرا-علت جا اچارقائم رکون ٿا. انهيءَ هوندي به ڪيترا ڏسو ته "ايت" ۽ "صبر" بدران "ائت" ۽ "سٺر" چون، ۽ لکن ٿا. عربي لفظ "قوم" Qaum بدران ڪيترا چون "قوم" Qom. پر وڏي ڳالهه ته سنڌيءَ ۾ قاعدو آهي ته ڪنهن به لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ دوهرو علت اچي، ته ان جو اچار ضرور ڀڃجي- ته اسمن جو ڦيرو ڪرڻ سولو ٿئي- جهڙوڪ "شيء" جو اچار "ش+اِ" ۽ "چؤ" جو اچار "چ+اُ" ڪبو "اِ" ۽ "آ" پڇاڙيون ليکبيون، ۽ انهن جو جمع ٿيندو "شيون" ۽ "چئون"- اهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ دوهرا-علت رکوناليي ماتر آهن*.

ويدڪ "ڙ"

۲۹۵- سنڌيءَ ۾ ڪل ايڪونجاهه اکر آهن*، جن مان ٽيٽيهه سنسڪرت وارا، چار نج سنڌي (ٻ-ڄ-ڏ-ڳ)،

---

* "Properly speaking there are no Diphthongs in Sindhi." *Dr. Trumpp: Sindhi Grammer Introduction, P.VI*

* همزو (ء)، الف جي هڪ نرالي صورت آهي، ۽ "لا" جو اچار لام ۽ الف جي ميلاپ سان پيدا ٿئي ٿو، تنهنڪري اهي ٻئي ڌار اکر ڪري نٿا ليکجن.

۽ چوڏهن عربيءَ ۽ فارسيءَ مان ورتل آهن (صفحو ٢٦٢).

سنسڪرت وارن ٽيٽيهن اکرن مان ويدڪ "ڙ" سنسڪرت ۾ حرف علت آهي، جنهن جو اچار رڳو سنڌيءَ، گجراتيءَ ۽ مراٺيءَ سانديو آهي، ۽ ٻين ٻولين وڃائي ڇڏيو آهي (صفحو ١٣٠ ۽ ٢٦٢). سنڌيءَ ۾ ڪوبه لفظ "ڙ" سان شروع ڪونه ٿو ٿئي- سڏ ڪرڻ مهل "ڙي" چئبو آهي، سو اصل ۾ آهي "اڙي" (حرف ندا).

"ش" جا ٽي قسم

٢٩٦- سنسڪرت ۾ "ش" اکر ٽن قسمن جو آهي: هڪڙو تارونءَ جي اچار وارو (Palatal)، ۽ ٻيو مغز جي اچار وارو (Cerebral). ديوناگريءَ ۾ اهي لکيا به ٻن ٻن طرح آهن. پراڪرت ۾ ٽنهي "ش" اکرن کي ڦيرائي "س"، "هه" يا "ڇ" ڪندا هئا- اهڙا مثال سنڌيءَ ۾ به آهن، جهڙوڪ: سنسڪرت "پاشا" بدران چئون "ڦاسي -ڦاهي"، ۽ سنسڪرت "ششچر" بدران چئون "ڇنڇر"- انهيءَ تبديل سبب، پراڪرت ۾ ڪوبه لفظ "س" سان شروع ڪونه ٿو ٿئي.

٢٩٧- اپڀرنش پراڪرت ۾ اللندو "س" کي ڦيرائي "ش" ڪندا هئا (صفحو ٧١). هينئر به اسين سنسڪرت لفظن "سنهن" ۽ "ساڌوڪار" بدران "شينهن" ۽ "شاهوڪار" چئون ٿا. پر اهڙا سنسڪرت بنياد وارا لفظ سنڌيءَ ۾ ٿورا آهن؛ گهڻا رڳو عربي ۽ فارسي آهن، جهڙوڪ: "شهر"،

”شروع“، ۽ ”شادي“ ۽ ”شاهه“ وغيره. اهڙن لفظن ۾ ”ش“ جو اچار ڏندن مان ڪونه ٿا ڪريون. جيئن ڊاڪٽر ٽرمپ لکيو آهي- اهو گهڻو تارونءَ وارو ۽ ڪجهه مغز جي اچار وارو (Cerebro-palatal) آهي. جنهنڪري چئبو ته اسان جو اچار وچائين ٿيون آهي، جو نڪي سنسڪرت نڪي پراڪرت ۾ آهي*.

مغز جي اُچار وارا اکر

٢٩٨- ٽ، ٺ، ڊ، ڍ- مغز جي اچار وارا اکر آهن. انهن ۾ ڏورو ”ڙ“ جو اچار سمايل آهي. حقيقتؤن اهي ٻيڻا اکر آهن، جهڙوڪ: سنسڪرت ”تامر“-”ٽامون“؛ ”پتر“، پٽ، ”ميتر“، مِٽ، ۽ ”چِتر“-چِٽ. اڻين ”ت“ ۽ ”ر“ ملي ”ٽ“ ٿيا آهن.

٢٩٩- سنسڪرت ”ينتر“ (جنتر) ـجنڊ، ۽ ”منتر“-منڊ. انين ڏورين حالتن ۾ ”ت“ ۽ ”ر“ ملي ”ڊ“ ٿيا آهن؛ ته نه ته عام طرح ”د“ ۽ ”ر“ ملي ”ڊ“ ٿين ٿا- جهڙوڪ ”دريگهه“-ڊگهو، ”سمدر“-سمنڊ، ۽ ”اندرامت-انڊلٺ.

پراڪرت ۾ انهيءَ عادت سببان سڀ لفظ ”ن“ بدران ”ڻ“ سان شروع ٿين ٿا (صفحو ٦٠): عالم چون ٿا

* "ش" is in Sindhi by no means a palatal sibilant, as in Sanskrit, but a simple dental sound equally unknown in Sanskrit and Prakrit". *Dr. Trumpp: Sindhi Grammar, Introduction, P. XVI.*

نه اهو قديم دراوڙن جي ٻولين جو اثر آهي. هندستانيءَ ۾ چون ”ڏانبا“ ۽ ”ٽوڙنا“ پر اسين چئون ”ڏامون“ ۽ ”ٽوڙڻ“. اها عادت اسان ۾ وڌيڪ آهي، جا سرائڪي ڳالهائيندڙن جي سنگ ۾ پرائي اٿئون ۽ باقي سنڌين آڳاٽي پشاچي پراڪرت تي دراوڙي ٻولين جو اثر ٿيو هجي، ته اها بہ ڳالهه آهي.

وسرگ اکر (Aspirates)

٣٠٠- دراوڙ لوڪ، وسرگ اکرن مان بنيادي اکر کڻي، باقي ”هہ“ جو اچار بچائيندا هئا (صفحو ١٢٥ کان ١٢٧).

”ليهه“- ”لهه“، ۽ ”ڏيھ“- ”ڏهه“- هنن مثالن ۾ ڏسو ته ”ڀ“ مان ”ب“ اکر نڪري ويو آهي، جنهن کري باقي ”هہ“ جو اچار بچيو آهي. ”ڪنڀ“- ”ڪنب“- هتي اتلندو ”ھہ“ اکر کڻي ڇڏيو اٿئون، جنهنڪري باقي ”ب“ جو اچار بچيو آهي؛ اهڙيءَ طرح وسرگ اکرن کي جڏهن ته مرڪب اکر ڪري ليکيون ٿا، جن مان هڪڙو کڻي، ٻيو بچايون ٿا.

نڪ جي اچار وارا اکر (Nasals)

٣٠١- عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ نڪ جي اچار وارا اکر فقط ٻہ آهن: ”م“ ۽ ”ن“ (صفحو ٢٦٦). سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ پنج آهن: ”ڃ“، ”ڱ“، ”م“، ”ن“ ۽ ”ڻ“. انهن مان ”ڃ“، ”ڱ“ ۽ ”ڻ“ سان ڪوبہ

لفظ شروع ڪونه ٿو ٿئي (صفحو ٦٠ ۽ ٦١)، باقي اهي لفظن جي وچ ۽ پڇاڙيءَ ۾ اچن ٿا. اهي اچار اسان سراڪي گهالهائيندڙن جي سنگ ۾ سانديا آهن.
هندستانيءَ ۾ ”ڄ“ ۽ ”ڳ“ جا آچار آهن ئي ڪين. ٿنهنڪري ”مڄڻ“ ۽ ”مڱڻ“ بدران چون ”ماننا“ ۽ ”مانگنا“*.

۳۰۲- ”ٻ“، ”ڄ“، ”ڏ“ ۽ ”ڳ“ اکر وراچڊ اپڀرنش پراڪرت واري زماني کان وٺي سراڪي (وراچڊ پشاچي پراڪرت) گهالهائيندڙن جي سنگ ۾ سکيا آهيون (صفحو ٧١، ٧٩ ۽ ٨٦) حقيقتون اهي ٻيٽا اکر آهن- مثال:

نج سنڌي اکر- ٻٽا اکر

سنسڪرت	سنڌي	تبديل
ورڌ	ٻرڌ- ٻڍو	ب+ر = ٻ
Lajja لجا	لڄ(شرم)	ج+ج = ڄ
درشن	ڏسڻ	د+ر =ڏ
ڪرپ	ڳپ	ڪ+ر =ڳ

مطلب ته ”ٻ“ آهي ٻيٽو ”ب“، ”ڄ“ آهي ٻيٽو ”ج“، ”ڏ“ آهي ٻيٽو ”د“ ۽ ”ڳ“ آهي ٻٽو ”ڳ“.

۳۰۳- اسين سنڌي ماڻهو انهن اچارن تي ايترو ته هري ويا آهيون، جو ڪيترين حالتن ۾ خواه مخواه به اهي تبديل ڪريون ٿا- جهڙوڪ:

* ”مڱڻو“ لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي ”اهو سڱ، جو ڳهري وٺجي (مڱڻ معنيٰ ڳهرڻ)“.

سنسڪرت	سنڌي	سنسڪرت	سنڌي
ٻڪ	ٻگهه، (پکي)	بلي	ٻلي (قرباني)
جال	ڄار	جلُوڪا	ڄوُر (Leech)
دارڻ	ڏارڻ	دنت	ڏند
گين	ڳڻ	گالن	ڳارڻ

هتي به ڄڻ ته ائين سمجهون ٿا، ته ڪو ڳڏيل حرف صحيح آهي، جنهن کي ملائي ٻڪو ڪرڻو آهي؛ تنهنڪري هيءَ مناسبت (False Analogy) جا مثال ليکبا (صفحو ٢٥٣ ۽ ٢٨٨).

جنس ٻيڇان

٣٠٤- سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ جنس مذڪر ۽ مونث کان سواءِ "جنس ٻيڇان" بہ آهي، جنهن لاءِ سنسڪرت ۾ مقرر ٿيل پڇاڙي "آم" آهي، جنهن جو اچار قديم سنڌيءَ ۾ "اُون" چوندا هئا، جيئن هاڻ گجراتي ۾ چون ٿا:

"جي هو پائين کان ڪمان ۾، تہ نٿين ڏج سينُون!"
"ڪجي نہ ڪينُون، وجي در دوستن جي!"
(يمن ڪليان)

هن وقت "سينُون" ۽ "ڪينُون" بدران چئون "سينو" (ڇاتي) ۽ "ڪينو" (بغض يا ڇائت)؛ جن ۾ "او" پڇاڙي آهي، تنهنڪري جنس مذڪر ليکجن ٿا. سنسڪرت "ڦلم" معنيٰ ڦل يا ميوو (مذڪر)، ۽ "ڏالم" بدران چئو "ڏال" (جنس مونث)- اهڙيءَ ريت ٻيڇان اسمن مان گهڻا مذڪر ۽ ٿورا مونث ليکيون ٿا: سنڌي ٻولي اها جنس ٻيڇان واري پڇاڙي وڃائي ڇڏي آهي، تہ ان جو نتيجو ڏسو تہ شڪارپور طرف "رَت" جنس مونث، ۽ ٻين هنڌ جنس مذڪر (صفحو ١٠٣ ۽ ١٦١).

مونث پڇاڙيون (Feminine Suffixes)

٣٠٥- سنسڪرت ۾ "آ" ۽ "اِي" مونث پڇاڙيون آهن، جهڙوڪ: گنگا ۽ گومتي (جنس مونث). سنڌيءَ ۾

انهن ٻن پڇاڙين جا آچار گهٽائي، ”آ“ ۽ ”اِ“ به ڪيا اٿئون، جهڙوڪ: ٻڙا-ٻڙ، وٽلا-ويل نيتي-نيت، ۽ اگني-اگن (باهه). اهڙيءَ طرح ٻن مان چار پڇاڙيون ٿي پيون آهن: ”آ“، ”آ“ ۽ ”اِ“ ”اِي“. ڪن مذڪر اسمن به سنڌيءَ ۾ اهي پڇاڙيون ورتيون آهن، جهڙوڪ: ”راجا“ ”سيٺ“ ۽ ”ڌاڻي“.

مذڪر پڇاڙيون (Masculine Suffixes)

٣٠٦- سنسڪرت ۾ ”آ“ پڇاڙيءَ وارا اسم گهڻو ڪري سڀ مذڪر آهن- جهڙوڪ ”رام“، ”ڪرشن“ ۽ ”گوبند“ جي پڇاڙيءَ زبر يعني ”آ“ جو اچار آهي، جنهن جو اچار پراڪرت ۾ ڦري ٿيو ”او“ ۽ اپڀرنش ۾ گهٽجي ”اُ“ ٿيو. سنڌيءَ ۾ به ڇئون ”رامو“-رام، ۽ ”گوبندو“-گوبند (پڇاڙيءَ ۾ پيش) سنڌيءَ ۾رام-”رامُ“ ۽ گوپ-”گوپُ“ به ڇئون- اهڙيءَ ريت، سنسڪرت واري مذڪر پڇاڙيءَ ”آ“ مان سنڌيءَ ۾ ٽي مذڪر پڇاڙيون ”اُ“، ”او“ ۽ ”اَ“ ٿيون آهن. ڪن مونث اسمن به اهي پڇاڙيون ورتيون آهن، جهڙوڪ: ”ڏيءُ“. ”ڪنڌُ“، ”ڳئو“ ۽ وهو“.

عدد يا وچن (Number)

٣٠٧- سنسڪرت ۾ وچن يا عدد ٽي آهن- مثال: ”ايڪ وچن“ يا عدد واحد: ”ڦلم“ معنيٰ هڪ ڦل يا ميوو؛ ”دو وچن“ (Dual): ”ڦلي“ معنيٰ ٻه ڦل؛ ۽ ”بهو وچن“ يا عدد جمع: ”ڦلاني“ معنيٰ ٽي يا گهڻا ڦل سنسڪرت

وارو ”دو وچن“ پاليءَ توڙي پراڪرت ۾ ڪونهي، تنهنڪري سنڌي توڙي ٻين ڏيهي آريه ٻولين ۾ به ڪونهي. عربيءَ ۾ دو وچن آهي.

”ڏلاسي دارين جي سانچيو سانچي ساهه.“ (شاهه)

عربيءَ ۾ ”دار“ معنيٰ دنيا، ۽ ”دارين“ معنيٰ ٻه دنيائون؛ يعني هيءُ جهان ۽ آخرت، يا لوڪ ۽ پرلوڪ.

جمع جوڙڻ لاءِ پڇاڙيون

٣٠٨- پراڪرت ۾ ”پٽرو“ (پيءُ-پتا) جو جمع ”پٽرا“ ۽ ”پائرو“ جو جمع ”پائرا“. سنڌيءَ ۾ به انهيءَ نموني چئون، ”گهوڙو“ جمع ”گهوڙا“ (”آ“ پڇاڙي.) شڪارپور طرف ”زال“، ”ڪارڪ“ وغيره جو جمع چون ”زالان“ ۽ ”ڪارڪان“ وغيره- جيڪڏهن مٿينءَ ”آ“ پڇاڙيءَ جي پٺيان ”ن“ گڏبو، ته اها ”آن“ پڇاڙي ٿي پرندي؛ ٻر ڪي صاحب ان جو بنيادئي ٻيون ٻڌائين ٿا:

سنسڪرت ۾ ”ڪمل“ جو بهو وچن (جمع) ”ڪملاني“، معنيٰ ني يا گهڻا ڪنول جا گل، ۽ ”ڌن“ (دولت) جو جمع ”ڌناني“. انهيءَ ”آني“ پڇاڙيءَ جو اچار پراڪرت ۾ ”آنئين“ آهي. ان مان پويون ”اِي-اِين“ جو اچار ڪڍي ڇڏبو، ته باقي بچندو ”آن“. بيمس صاحب ۽ ڪن ٻين جي چوڻ موجب زالان، ڪارڪان وغيره واري ”آن“ پڇاڙي، سنسڪرت جي انهيءَ ”آني“ پڇاڙيءَ مان نڪتي آهي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته فارسي زن- ”زنان“ ۽ پسر- ”پسران“

وغيره واري "آن" پڇاڙي ٻـ سنسڪرت جي انهيءَ ٻيجان اسن واري جمع پڇاڙي "آني" مان نڪتي آهي- هن موجب چئبو ته شڪارپوري جنهن نموني جمع جوڙين ٿا، سو نمونو نهايت آڳاٽو آهي (صفحو ١٠٣).

٣٠٩ شڪارپور طرف ڪان سواءِ ٻين هنڌ "زال، ڪارڪ" وغيره جو جمع "زالون، ڪارڪون وغيره چون ٿا. هن "اون" پڇاڙيءَ جو بنياد ٿي ٻون آهي پراڪرت ۾ جمع جوڙڻ لاءِ "او" پڇاڙي ٻه ڪم اچي ٿي، جا سنڌيءَ ۾ رکيو حالت ندا جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿي- جهڙوڪ: "ڀائرو"، "يارو"، "دوستو" ۽ "مائرو"، معنيٰ اي مائون يا ماتائون! (حالت ندا)- انهيءَ "او" پڇاڙيءَ جو اچار پراڪرت ۾ گهٽجي "اُ" ٿيو- جهڙوڪ سنسڪرت "وڌو" معنيٰ زال يا پٽ جي زال (نُونهن)، تنهن جو اچار پراڪرت ۾ "وَهو-ٻهُو" آهي. ان جو جمع آهي "ٻهُونُو" يا "ٻهُوءُ"- ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي جوڙيل سنڌي گرامر جي صفحي، ١٠٦ ۾ لکيو آهي ته سنڌيءَ ۾ انهيءَ "اُ" پڇاڙيءَ جو اچار وَڏي "اُ" ٿيو آهي، ۽ ان ۾ نڪ جو اچار گڏي "اون" پڇاڙي ٺاهي اٿئون. ڊاڪٽر ڀنڊارڪر پنهنجن علم لغات بابت تقريرون (صفحي ٢٠٢) ۾ ڄاڻايو آهي، ته پراڪرت جي مونث لفظن جي جمع واري "اُ" پڇاڙيءَ ۾، جنس ٻيجان واري "آون" پڇاڙي گڏي اٿئون (اُ+آو = آون).

هن موجب چئبو ته "آون" گڏي يا ملاوٽي پڇاڙي آهي، ۽ شڪارپور واري "آن" پڇاڙي وڌيڪ نج آهي،

جو ان جو بنياد سنسڪرت جي ”آني“ پڇاڙيءَ مان آهي. ٻين ٻولين ۾ به ”آن“ پڇاڙي آهي (صفحو ۱۰۲). باقي رڳو گجراتيءَ ۾ اسان وانگر ”ون“ پڇاڙي گڏين ٿا- جهڙوڪ: ”ڪتاب“ جو جمع چون ”ڪتابو“ يا ”ڪتابُون“.

حالت (Case)

۳۱۰- سنسڪرت ۾ اسمن جون آٺ ”حالتون“ آهن: هرهڪ ”حالت“ لاءِ ڪا خاص پڇاڙي مقرر ٿيل آهي، جا حرف جو ڪم ڏئي ٿي. اهي پڇاڙيون پاليءَ ۽ پراڪرت ۾ گهٽي قدر ٿيون، پر سنڌيءَ ۽ ٻين ڏيهي آريہ ٻولين اهي وڃائي ڇڏيون آهن. وري به شايد سنڌي ٻوليءَ ڪي آهي، جنهن ٻن ”حالتن“ جون پڇاڙيون اڄ تائين سانڍيون آهن! (صفحو ۲۸۱).

۳۱۱- سنسڪرت ۾ حالت جري (اپادان وڀڪتي Ablative Case) لاءِ مقرر ٿيل پڇاڙي ”آت“ آهي- جهڙوڪ، رام- ”رامات آهي“ معنيٰ ”رام کان“ (حالت جري- پاليءَ ۽ پراڪرت ۾ انهيءَ مان ”ت“ ڪيڏي، ناقي ”آ“ جو اچار بچايائون. قديم سنڌيءَ ۾ به ائين هو جهڙوڪ: هيج- ”هيجا“ معنيٰ ”هيج مان“ يا ”خوشيءَ مان“ (حالت جري)- انهيءَ ”آ“ ۾ ”ن“ گڏي هاڻ چئون ”آن“ جهڙوڪ: گهر- گهران، ۽ کوٽ- کوٽان معنيٰ کوٽ کان (ڏسو ٽرمپ صاحب وارو گرامر، صفحو ۱۰۷).

(الف) سنسڪرت واري ”آت“ پڇاڙيءَ جو اچار پراڪرت ۾ ٿيو ”آدو“، جو بگڙجي ”اُئو“ ٿيو، جنهن مان ”آءُ“، ۽ ”اُون“ پڇاڙيون نڪتيون آهن:

”پيئو تن ڏراءِ جي ٻنسي پاڻ ٻڌائيون“. (شاھ)
”ڏراءِ“ معنيٰ در ڪان يا در مان (حالت جري)
عام طرح ”اُون“ پڇاڙي ڪم آئيون ٿا. جهڙوڪ گهر
گهرُون ۽ ڳوٺ- ڳوٺون (ڳوٺان).

٣١٢- سنسڪرت ۾ حالت مڪاني Locative لاءِ مقرر
ٿيل پڇاڙي ”اِ“ آهي، جنهن جو اُچار سنسڪرت ۾ نئي
وڏي ”اي“ ٿئي ٿو (رامي= رام تي). اهي ئي پڇاڙيون
سنڌيءَ ۾ ٻجنسي ڪم اچن ٿيون. جهڙوڪ: ويل- ويلي
معنيٰ ويل يا مهل تي (صفحو ٢٨١).

٣١٣- شعر ۾ وقتي لفظن جي رڳو عام صورت
(سامان روپ) منجهان ئي انن حالتن جي معنيٰ ٻاڏمرادو
ظاهر ٿي سگهي ٿي. ۽ ڪنهن به حرف جو گڏڻ جو
ضرور ڪونه ٿو ٿئي- جهڙوڪ:

”جتي ماڻڪ ماڪ، تتي چوران ڏڪيو.“ (شاھ)
”ماڻڪ ماڪ معنيٰ ماڻڪ جو ماڪ، ۽ ”چوران
ڏڪيو“ معنيٰ چورن جو ڏڪيو (ماڪ). عام طرح، نظم
ڏوڙي نثر ۾ حرف جر يا ظرف ڪم آڻنا پون ٿا.

”ٻسو لڄ ’لطيف‘ چوي، ڪيڏي ڪي ڪکن.“ (شاھ)
هن ريت شعر ۾ ”ڪي ڪکن“ چئي سگهجي ٿو،
پر نثر ۾ چئبو ”ڪکن ڪي“- مطلب ته ”ڪي، تي،
۾“ وغيره ”اڳيان ايندڙ حرف“ Prepositions نه آهن، پر
”پٺيان ايندڙ حرف“ Post-positions آهن- ائين،
حرف جر ڪي اسم جي پٺيان ڪم آڻن. دراوڙي نمونو
آهي (ضميمو ٻهريون).

٣١٤- سڄيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ رڳو هڪڙو "رِ" (سنسڪرت "رِ") حرف آهي، جو اسمن جي اڳيان نوڙي پئيان ڪم اچي سگهي ٿو- جيئن "رِ سڄڻ" يا سڄڻ رِي" معني "سڄڻ کان سواءِ".

حالتن جي ٻچاڙين گم ٿيڻ جا نتيجا

٣١٥- (١) سنسڪرت ۾ "راجن"، "ماتر" (ماءُ) "پتر" (پيءُ) وغيره جو ڦيرو ڪبو، ته حالت فاعلي عدد واحد ۾ ٿي انهن جا اچار ڦري ٿيندا "راجا"، "مانا"، "پتا" وغيره سنڌيءَ ۾ "گهوڙو" لفظ جو ڦيرو ڪبو، ته حالت فاعليءَ ۾ ته "گهوڙو" چئبو، پر حالت مفعولي ۾ به چئبو "گهوڙو"- جهڙوڪ: "گهوڙو ڊوڙي ٿو" (فاعلي)، "گهوڙو گاهه کائي ٿو" (مفعولي)-مطلب ته لفظ پنهنجيءَ اڻ ڦٽيل صورت Crude form ۾ ٿي رهي ٿو. "گهوڙو" لفظ جي پئيان جيڪڏهن ڪو حرف جر آڻبو ته چئبو. "گهوڙي کي"، "گهوڙي سان" وغيره. اهڙي طرح "گهوڙو" لفظ جي صورت رڳو هڪ ڦيرو کائي "گهوڙي" ٿئي ٿي، ۽ پوءِ ڪهڙو به حرف جر وجهجي ٿو، ته لفظ انهيءَ ساڳيءَ يعني عام صورت ۾ ٿي رهي ٿو. انهن رڳو حرف جر ڦرن ٿا، تنهنڪري چئبو ته اسمن جو ڦيرو جنهن کي ڇڄجي، سو سنڌيءَ ۾ ٿي نٿو سگهي. ڦيرو اهو، جنهن ۾ اسمن جون ٻچاڙيون ڦــرن- جيئن "ڪوٺ" معني ڪوٺ ڏي يا ڪوٺ ۾؛ "ڪوٺان" جمع ڪوٺڏان، معني ڪوٺن کان-

پر سنڌي ٻوليءَ اهڙيءَ طرح ڦيري ڪرڻ جي طاقت وڃائي ڇڏي آهي. ان جو سبب هيءَ آهي ته سنڌي ٻولي مجمل منزل مان هاڻ مفصل منزل ڏي رخ رکيو آهي. انهيءَ ساڳئي سبب، انگريزي ٻوليءَ ڪي ڦيري ڪرڻ جي طاقت ڪانهي، ۽ اها به حرف جر ڌان سواءِ هلي ڪين سگهندي (صفحو ٧٩٠).

(٢) ”چوڪرو ڪوٺان آيو“- هتي فعل جو انتظام يا عمل Governmentسڌو ”ڪوٺ“ لفظ تي آهي، ۽ فعل ٻڌائي ٿو ته اهو ”ڪوٺ آهي“، ۽ نه ٻيون ڪو هنڌ، جتان چوڪر جو اچڻ ٿيو. ”چوڪر ڪوٺ ڪان آيو“- هتي فعل جو انتظام اڻسڌو يعني حرف جر ”ڪان“ جي معرفت ٿيو آهي. اهڙيءَ ريت حرف جر ڪم آڻي ڪري فعل جو انتظام ڦري ويو آهي.

(٣) سنڌيءَ ۾ ڪنهن به مرڪب لفظ ۾ ٻن ڪان وڌيڪ اسم آڻي نٿا سگهون. ”سنڌ هندو ٻوڏ سهائتا فنڊ“. هيءَ مرڪب لفظ انگريزي نموني جڙيل آهي. سنڌي نموني چئبو ته ”سنڌ جي هندن جي ٻوڏ جي سهائتا جو فنڊ“. جيڪڏهن سنسڪرت جي حالت اضافت واري ”يه“ يا اهڙي ئي ڪا پاڇڙي سنڌيءَ ۾ هجي ها، ته اها يه وجهي اهي سڀ لفظ ڳنڍي سگهون ها. هاڻ رڳو صفت يا حرف اضافت گڏي، ٽن لفظن وارا مرڪب جوڙي سگهون ٿا. جهڙوڪ: ”وڏيءَ دل داتا“، ”چڱيءَ چال وارو“ ۽ ”پيلي ياڪ وارو“.

انهن ڪئين مرڪب لفظ جوڙي سگهجن ٿا، پر انهن ۾ ٻن کان وڌيڪ اسم اچي ڪين سگهندا*.

ضمير

٣١٦ – سنڌيءَ ۾ شخصي ضمير Personal Pronouns فقط ٻه آهن. متڪلم ۽ حاضر. سنڌيءَ مان ضمير غائب گم ٿي ويو آهي، تنهنڪري "هُو–هن" وغيره، جي ضمير اشارو ڏُور آهن، سي ڪم آڻي پورائي پيا ڪريون.

(الف) سنسڪرت "آهم، مام ۽ مم" مان سنڌي لفظ "آنءُ–آءٌ"، "مان" ۽ "مون" ضمير ٺهيا آهن. سنسڪرت ۾ "مم" معنيٰ منهنجو (حالت اضافت). پراڪرت ۾ ان جو اچار ٿيو "مهه"، تنهن ۾ بالائي "جو" گڏي چئون "مهجو– منهنجو."

(ب) سنسڪرت جي ضمير حاضر ۾ "ت" اکر رڳو واحد لفظن ۾ ڪم ايندو آهي، جهڙوڪ: سنسڪرت ۾ توم سنڌي "تون". پراڪرت ۾ اهو "ت" اکر ڇڪي جمع لفظن ۾ به گڏيايون، جنهنڪري سنڌيءَ ۾ ضمير حاضر جمع جون ٻه صورتون– "توهين" (پراڪرت "تهي") ۽ "توهن" (سنسڪرت. "يشمي" Yushme) ٿيون آهن، "توهان" ۽ "اوهان" به چئون ٿا.

(پ) ٻين ضميرن جا رڳو اُچار ڦريل آهن.

*"No componb can be formed from moer than two nouns, a noun compounded of three words is a linguistlc impossiblity in sindhi, as in such a compound all idea of co-ordination or sub-ordination would be completely. lost"
Dr. Trumpp: Sindhi Grammar. p. 33

صفت جي ڀيٽ جا درجا

۳۱۷- سنسڪرت ۾ صفت جي ڀيٽ جي درجن لاءِ "تر"- "تم" ۽ ايس"- "اِشٽ" پڇاڙيون مقرر ٿيل آهن، جهڙوڪ: "پريه" معنيٰ پيارو، "پريتر" معنيٰ ٻين کان پيارو (انگريزي "آر": Great-er ۽ "پريتمر" معنيٰ سڀني کان پيارو. سنسڪرت ۾ "پاپي" معنيٰ گنهگار، "پاپيس" معنيٰ ٻين کان (وڌيڪ) پاپي ۽ "پاپشٽ" معنيٰ سڀني کان (وڌيڪ) پاپي. انگريزيءَ ۾ انهيءَ "اِشٽ" پڇاڙيءَ جو اچار "ايسٽ" آهي، جهڙوڪ: سنڌيءَ ۾ "ٻرڪو"- "موڪشٽ". سنڌيءَ مان اهڙيون پڇاڙيون گم ٿي ويون آهن، تنهنڪري "کان" ۽ "۾" حرف جر جو ڪم آڻي پورائي ڪريون ٿا، جهڙوڪ: "چڱو"، "ٻين کان چڱو" ۽ "سڀني کان چڱو"، يا "چڱي ۾ چڱو"- اهو دراوڙي نمونو آهي، جو سنڌيءَ ۾ اختيار ڪيو اٿئون.

فعل

۳۱۸- سنڌيءَ ۾ وڏو بگاڙو فعلن ۾ نظر اچي ٿو. سنڌيءَ ۾ ڪي زمان ڪٽيل آهن- جهڙوڪ: سنسڪرت وارو مضارع، پراڪرت منجهان ئي گم ٿي ويو، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ به ڪونهي. هن وقت جنهن کي مضارع ڪوٺيون ٿا، سو اڪثر پراڪرت جو زمان حال آهي، جنهنڪري سنڌيءَ ۾ اڪثر زمان حال جي معنيٰ ڏيکاري ٿو- مثال:

”سوري سينگاري، اصل عاشقن کي.“ (شاهه)
”سينگاري“ معنيٰ سينگاري ٿي. (زمان حال)
ماڙ اچان؟ مان وڃان؟- هتي ”اچان“ ۽ ”وڃان“ پوري پوري طرح زمان مضارع آهن. اهڙيءَ حالت ۾ زمان حال جي معنيٰ پوري پوري طرح ظاهر ڪرڻ لاءِ ”ٿو“ (مصدر- ”ٿيڻ“) گڏڻ جي ضرورت ٿي.

(الف) ”مان ڏسان ٿو“ جــــي بنيادي معنيٰ آهي، ”مان ڏسان بيٺو“. ”ٿو“ لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي سنسڪرت ”سٿا“ Stha معنيٰ بيهڻ. سنسڪرت ”سٿيت“ Sthita معنيٰ ”بيٺو“، جو اچار پراڪرت ۾ ٿيو ”ٿئہ“ ۽ ان جي پٺيان مصدر واري ”آڻ“ پڇاڙي گڏجي، سنڌيءَ ۾ ٿيو ”ٿئڻ- ٿيڻ“، جنهن مان اسم مفعول يا زمان ماضي مطابق (ٿيو) ”ٿو“.

(ب) ٽئين ريت زمانن جي معنيٰ پوريءَ ريت ظاهر ڪرڻ لاءِ ”هئڻ“، ”ٿيڻ“ ۽ ”آهيان“ انهن ٽن معاون فعلن جي ضرورت ٿي، ۽ اهي نيون واٽون سنڌي ٻوليءَ پنهنجي لاءِ ٺاهيون آهن.

(ب) ”آهيان“ لفظ فعل ”هئڻ“ مان ڪونہ نڪتو آهي. سنسڪرت ۾ ”ڀُو“ معنيٰ ٿيڻ، جنهن جو اچار پراڪرت ۾ ٿيو ”هوُ“ ۽ ان جي پٺيان مصدر واري ”آڻ“ پڇاڙي گڏجي ٿيو ”هوئڻ- هئڻ“: ”آهيان“ لفظ اصل ۾ آهي، سنسڪرت لفظ ”آسمي“ معنيٰ ”آهيان“ (ڌاتو- ”آس“ معنيٰ ٿيڻ)- مطلب تہ ”هئڻ“ جو بنياد ڪجھ ۽ ”آهيان“ جو

ٿيون آهي، تنهنڪري ”هئڻ“، ”ٿيڻ“ ۽ ”آهيان“ اهي ئي معاون فعل ليکڻ گهرجن، ۽ نه فقط ”هئڻ“ ۽ ”ٿيڻ“.

٩٣- سنسڪرت وارو زمان ماضي مطلق پراڪرت منجهان ئي، ڪم ٿي ويو، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ به ڪونهي. انهيءَ کوٽ جي پورائيءَ لاءِ اسم مفعول کي زمان ماضي مطلق به ڪري ڪم آڻيون ٿا. اسم مفعول ”هليو“، ”ماريو“ وغيره جي پڇاڙيءَ ”س“ پڇاڙي گڏي چئون ”هليس“، ”ماريس“ وغيره. اها ”س“ پڇاڙي اصل ۾ آهي سنسڪرت ڌاتو ”آس“، انگريزي ”Is“ (سنسڪرت ”آسمي“ = آهيان). مطلب ته ”هليس“، ۽ ”ماريس“ معنيٰ ”هليو آهيان“ ۽ ”ماريو آهيان“. اهڙيءَ طرح، سنسڪرت وارو زمان ماضي قريب، سنڌيءَ ۾ زمان ماضي مطلق تي ڪم اچي ٿو- مطلب ته فعلن ۾ وڏو گهوٽالو پيو آهي.

٣٢٠- سنسڪرت ۾ ”ڪر“ Kri معنيٰ ”ڪرڻ“، ۽ ”ڪرت“ معنيٰ ”ڪيو“، جنهن جو اچار اول ٿي ٿيو ”ڪرو“ ۽ پوءِ ”ڪير“. انهيءَ سبب سنڌيءَ ۾ اسم مفعول جي پڇاڙيءَ ۾ ”هاڻ“ ”يو“ ”اِيو“ جو اچار آهي، پر ڪي آڳاٽي پراڪرت وارا اسم مفعول به سنڌيءَ ۾ آهن.

”ڪڪرا ڪربلا جا عليءَ تي اُگهياس“. (شاهه)

سنسڪرت ”گهرش“ (گسڻ-گهڻ) مان اسم مفعول ”گهرشت“ (گٺو)؛ پر ان جي اڳيان ”اُد“ گڏبو ته ”اُدگهرشت“ معنيٰ ”اُگهٺو“؛ ۽ هاڻ عام طرح چئون ”اُگهيو“- اُنهيءَ، ڏيڊ سٺو ڪن اسم مفعول بيقاعدي ٺهيل ليکجن ٿا (صفحو ٨٨)

٣٢١- ”ڪيو“، ”ٿيو“ ۽ ٻيا اهڙا اسم مفعول، جيڪڏهن پوري پوري طرح صفت ڪري ڪم آڻبا هوندا اٿئون، تہ انهن جي پڇاڙيءَ ”ل“ پڇڙي گڏي ڇڏيون ”ڪيل“ ”ٿيل“ وغيره. اسمن ۽ صفتن جي پڇاڙيءَ انهيءَ ”ل“ اکر گڏڻ ڪري، لفظ نهايت مٺاج پيدا ٿئي ٿو- جهڙوڪ: پنهون- پنهل، سهڻو- سهڻل، مٺو- مٺل.

٣٢٢- شعر ۾ اسم مفعول جي پڇاڙي تصغير واري ”ڙو“ پڇاڙي، لفظن کي نهايت رس پيدا ڪندي آهي:

”منهنجو سڳ سرتيون پلي ڪيچ ٿيڙو،
پياري پنهل سان منهنجو پيچ پيڙو.“

سرائڪيءَ ۾ بہ ائين ڪندا آهن (صفحو ١٠٨)

فعلن جا گردان

٣٢٣- سنسڪرت ۾ فعلن جي گردانن جا ڏهہ ڪلاس يا درجا آهن، جي گهٽجي ڪري سڀ سنڌيءَ، هنديءَ وغيره وچائي ڇڏيا آهن. هن وقت سنڌيءَ ۾ گردانن جا ڪلاس يا درجا فقط ٻہ آهن: ”آ“ گردان ۽ ”اِ“ گردان- مثال:

هلڻ = هل+آڻ. هلندو = هل+آندو
ڪائڻ = ڪا+ اِڻ ڪائيندو = ڪا+ اِندو

پهرين مثالن ۾ ”آن“ ۽ ”آندو“ جي اڳيان ”آ“ آهي (”آ“ گردان)، ٻئين مثالن ۾ ”اڻ“ ۽ ”اِندو“ جي اڳيان ”اِ“ آهي (”اِ“ گردان). انهن مڪين، حرف علت

سبب، اهي انهن نالن سان سڏجن ٿا. جنهن امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ پيش يعني ”اُ“ آهي، سو ”اُ“ گردان جو آهي- جيئن ”هلُ“ ۽ ”هلندو“ مان ظاهر آهي.

(الف) اسم حاليي واري ”اِندو“، ”آندو“ پڇاڙي، شَوُرسيني پراڪرت مان ورتي اٿون.

سنسڪرت جي گردانن جا سنڌيءَ ۾ نشان

٣٢٤- سنسڪرت ڌاتو ”ٻُڌ“ Budh (ٻُڌيہ)”سودِ“ Svid (سودِيہ)، ۽ ”يُڌ“ Yudh (يُڌيہ) مان سنڌي مصدر ”ٻجهڻ“ معني سمجهڻ، ”سِجهڻ“ يعني رڌجڻ يا ڪرڻ ۽ ”جهونجهڻ“ يعني لڙڻ يا وڙهڻ نڪتا آهن. سنسڪرت ۾ قاعدو آهي تہ چوٿين ڪلاس جي گردانن ۾ ڌاتوءَ جي پٺيان ”يہ“ گڏجي- مٿين مثالن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو تہ ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ وارو اکر ۽ ”يہ“ هيٺي پاڻ ۾ ملي ”جهہ“ ٿي پيا آهن. هاڻي جڏهن تہ انهن لفظن جو ڌاتو آهي ”ٻجهہ“، ”سجهہ“ ۽ ”جهونجهہ“، اهڙا مثال پيا بہ آهن.

(الف) سنسڪرت ۾ پنجين ڪلاس جي گردان ۾ ڌاتوءَ جي پٺيان ”نُوَ“ گڏيندا آهن، جهڙوڪ ”شُرُو“ معني ٻڌڻ. ان جو اچار پنجين گردان ۾ ”شُرُوڻ“ ٿئي ٿو، ۽ اسين چئون ”سُڻ“ معني ٻڌڻ (٢٨٨).

(ب) سنسڪرت ۾ نائين ڪلاس جي گردان ۾ ”نا“ پڇاڙي گڏيندا آهن، جهڙوڪ ”جِنا“ (ڄاڻ) ۽ ”ڪرِ“

(گرهنا) ۽ ”وڪري“ (ۏڪرڻ)، جن مان سنڌي مصدر ”چاڙهڻ“، ”گهڻ“ ۽ ”وڪڻڻ“* نڪتا آهي. اهڙيءَ ريت سنسڪرت جي گردانن واريون ٻچڙيون، سنڌيءَ جي امر واحد يا ڌاتوءَ جو ڀاڱو ٿي پيون آهن (صفحو ۲۸۸).

مرڪب فعل

۳۲۶- ”هليو وڃڻ“، ”وٺي وڃڻ“ وغيره ۾ فعلن سان اسم مفعول يا ماضي معطوفي گڏي، مرڪب فعل ٺاهيون ٿا. سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪي حرف جر يا اڳياڙيون ڪينهن، جي فعل سان گڏي انهن مان هن طرح مطلب ظاهر ڪجي، تنهنڪري هن ريت مرڪب فعل جوڙڻ جو دستور اختيار ڪيو اٿئون؛ ۽ اهو دراوڙي نمونو آهي.

۳۲۷- فعل کي پوري يا ٻوريءَ طرح مجهول صورت وارو ڪرڻ لاءِ ”وڃو“ (مصدر-وڃڻ) گڏي، مرڪب

---

* سنسڪرت ۾ ”آ“ ۽ ”و“ Vi اڳياڙيون Prettixes ڪن فعلن جي اڳيان اچن ته معنيٰ اُبتي ٿيو پوي. سنڌيءَ ۾ اهڙا مثال آهن، جهڙوڪ: ”نيڻ“ معنيٰ ”ڪٺي وڃڻ“ ۽ ”آنيڻ“ (آڻڻ) معنيٰ ”ڪٺي اچڻ“، ”سارڻ“ معنيٰ ”ياد ڪرڻ“ يا ”دل تي آڻڻ“، ۽ ”وسارڻ“ معنيٰ ”دل تان لاهي ڇڏڻ“! سنسڪرت ۾ ”ڪري“ معنيٰ ”خريدڻ“ To Ptrchase (ڪرار = خريدار، واپاري، واڻيو)، ۽ ”وڪري“ معنيٰ ”نيڪال ڪرڻ“ To Sell (سنڌيءَ ۾ وڪري - وڪرو Sale).

فعل جوڙيون ٿا. جهڙوڪ: جيئن تہ "ڪم ڪيو ويو." هيءَ بہ دراوڙي نمونو آهي.

پريوگ:

۲۲۸- انگريزي جملن ۾ "ترتيب" Order ضروري آهي، يعني سڀ لفظ بانرتيب بيهارڻ گهرجن، جهڙوڪ: "I am eating". جيڪڏهن ترتيب ڦيرائبي تہ معنيٰ ڦري ويندي: "Am I eating". سنڌي ٻولي انگريزيءَ وانگر .فصل منزل واري ٻولي نہ آهي، تنهنڪري ان ۾ موافقت Concord ضروري آهي- "مان ڪانءُ ٿو، مان ڪانءُ ٿي".

فعل جڏهن فاعل پٺاندر مٽجي تڏهن چئبو "ڪرتري پريوگ" Subjective Construction، جي مفعول پٺاندر مٽجي تہ اهو چئبو 'ڪرمڻي پريوگ' Objective Construction پر جيڪڏهن نڪي فاعل نڪي مفعول سان مٽجي، ۽ جيئن جو تيئن رهي، تہ اهو چئبو "ڀاوي پريوگ" Neuter Construction. سنڌي جملا نہ رڳو سنسڪرت، پر دراوڙي ٻولين وانگر بيهارجن ٿا.

ٻوليءَ جي معنيٰ ۽ مراد

۲۲۹- ٻولي معنيٰ، جا 'ٻولجي' يا ڳالهائجي ٿي. ان جو ڌاتو آهي سنسڪرت لفظ "برُو"(bru)، معنيٰ ڳالهائڻ. ٻولي هڪ واهڻ Vehicle آهي، جنهن جي مدد سان انسان پنهنجي اندر جا احوال ظاهر ڪري ٿو: هڪڙي

ڳالهايو، ۽ پين سمجهيو، نہ ٻوليءَ جو مدعا (مطلب) پورو ٿيو- اها آهي ٻوليءَ جي معنيٰ ۽ مراد.

سنڌي وياڪرڻ جو آئيندو

٣٣٠-- سڀني ملڪن ۾ ماڻهو ٻولي ڳالهائين ٿا، ۽ پوءِ عالم، انهيءَ تان صحيح ٻولي ڳالهائڻ ۽ لکڻ لاءِ ڪي قاعدا ۽ قانون ٺاهين ٿا. اهڙيءَ ريت سڀ وياڪرڻ يا گرامر ٻولين تان ٺهيا آهن، ۽ ڪابہ ٻولي گرامر تان ڪانہ ٺهي آهي. گرامر جا قاعدا عام محاوري تي ٻڌل آهن. جيڪو محاورو اڄ صحيح هوندو، سو سڀاڻي نہ بہ هوندو، جو چالو ٻولي سدائين پيئي ڦري. انهيءَ سبب ڪنهن بہ ٻوليءَ جي گرامر کي بقاءُ ڪونهي-- سڀ فنا!

”نہ آهي يڪسان سدا هي زمانو،
گهڙيءَ ۾ ڪجهہ آهہ، گهڙيءَ ۾ ڪجهہ آهہ!“ (قليچ)

اسمن جون پڇاڙيون

۳۳۱- سنڌي ٻوليءَ جي پهرين مکيه خاصيت يا خاص ڳالهه هيءَ آهي ته: "سنڌيءَ جي ڪهڙي به لفظ جو پهريون توڙي پويون اکر 'ساڪن' ڪونهي": سنڌيءَ ۾ سيڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ يا ته ڪو حرف علت، يا ته ڪا اعراب، آهي ئي آهي*. اهو نمونو، ڪشميري ۽ اڙيا يعني اوڙيسا جي ٻولين کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ڏيهي ٻوليءَ ۾ ته ڪونهي، پر خود سنسڪرت ۾ به ڪونهي!

جنس سڃاڻڻ جي سهولت

۳۳۲- سنڌيءَ ۾ جيڪي به ڌاريا لفظ عام ٿي ويا آهن ۽ پڇاڙي وارو اکر ساڪن اٿن، تن ۾ به سنڌن جنس پٽاندر هڪ نه ٻي اعراب ڳنڍيون ٿا. انهن ڪري ته سنڌي ٻولي

---

*'By this vocalic termination the Sindhi has preserved a flexibility, and at the same time sonorousness, of which the other modern vernaculars are completely destitute."

Dr: Trumpp: Sindhi Grammar, p- 31.

انهن کي اهو نپو هٿي، پنهنجو ڪري ڇڏيو ٿي، جنهن ڪري اُنهن جي جنس سڃاڻڻ نهايت سولي ٿئي ٿي*.

عدد سڃاڻڻ جي سهولت

٣٣٢- سنڌيءَ ۾ "عَين" (آ" پڇاڙي) جمع "هَتَ" (آ" پڇاڙي)- انيز عدد جي جهت سنڌ ٻوي ٿي. هندستانيءَ ۾ گهڻن لفظن جي پڇاڙيءَ وارا اکر ساڪن آهن، تنهنڪري "هات" وغيره لفظ، واحد توڙي جمع ۾ ساڳيا آهن.

(الف) سنڌيءَ ۾ کهڙي به ڌاريي لفظ جنهن وقت سنڌيءَ جي مذڪر يا مونث پڇاڙي ورتي، تنهن وقت چئو ته سنڌي لفظ ٿي چڪو، ۽ ان جو جمع ٻوء سنڌي نموني جوڙبو- جهڙوڪ: "ڪورٽ" جمع "ڪورٽون" (Courts)؛ "حرف" جو جمع عربيءَ ۾ "حرُوف"، پر سنڌيءَ ۾ چئبو "حرف"، "حرفَ پٽي ڪڍڻ" بدران "حروف پٽي ڪڍڻ" چئبو ته اهو اصطلاح ئي غلط ليکبو!

(ب) "تاريخ" معنيٰ "تيٽ" Date، ۽ ٻي معنيٰ "احوال" يا "بيان" History، ان جو جمع "تاريخون"، عربيءَ ۾ ان جو جمع "تواريخ"، پر ڪي لکن "هندستان جي تاريخ"

*:" In as much as the *S*indhi requires a vocalic termintion for every noun, the distinction of the gender is not so perplexing as in the other dialects, which offer great difficulities in this point to students"

Dr. Trumpp: Sindhi Grammar, p 32.

يا ”انگلنڊ جي تواريخ“! ڪتاب ۾ احوال رکو هندستان يا انگلنڊ جو، ته واحد لفظ ”تاريخ“ ڪم آڻڻ گهرجي.

لفظن جي وزن جو خيال

۳۳۴- مذڪر ”ڇوڪرو“ مونث ”ڇوڪري“، پر مذڪر ”ڇوڪرو“ مونث ”ڇوڪر“ هئي، ”ڇوڪرو“ (”او“ ٻچاڙي) جو اچار کهڻائي ”ڇوڪرو“ (”اَ“ ٻچاڙي) ڪيو اٿون، ته مونث لفظ ”ڇوڪري“ (”اِي“ ٻچاڙي) جو اچار به کهڻائي ”ڇوڪر“ (”اِ“ ٻچاڙي) ڪيو اٿون. ساڳيءَ ريت ”ڇوڪرو“ جمع ”ڇوڪرا“، ”ڇوڪرو“ جمع ”ڇوڪر“ انهيءَ ريت، جمع جوڙڻ مهل به جمع واري ”آ“ ٻچاڙيءَ کي کهڻائي ”اَ“ ڪريون ٿا. اهين ڇو؟ ته لفظ جو وزن پورو ڪري بيهارجي ٿو. رڳو شعر ۾ وزن جو خيال ڪيو آهي. پر هن ريت، مونث ۽ جمع جوڙڻ مهل وزن جو خيال رکو سنڌي ٻولي ڪري ٿي.

حالتن ۽ صفتن واريون پڇاڙيون

۳۳۵- اسمن جي حالتن وارين پڇاڙين ۽ صفتن جي ڀيٽ جي درجن وارين پڇاڙين جا نشان رکو سنڌيءَ ٻوليءَ ساڳيا آهن (صفحو ۳۱۰ ۽ ۳۱۵).

”مجهول“ لفظن جوڙڻ جي سهوليت

۳۳۶- ”مان ماريان ٿو“- معروف صورت.
”مان مارجان ٿو“- مجهول صورت.

هن ريت رکو ''ج'' (سنسڪرت'' يه'') ڳڏڻ سان، معروف صورت واري فعل کي مجهول صورت وارو ڪري سگهجي ٿو. اها سهوات هندستانيءَ ۾ ڪانهي، تنهنڪري ''مارجان ٿو'' بدران چون ''مين مارا جاتا هون'' يعني ''مان ماريو وڃان ٿو''! اهڙيءَ طرح فعل کي مجهول صورت ۾ آڻڻ لاءِ ''جانا'' (مصدر-جانا) ڳڏي، مرڪب فعل ٺاهين ٿا. هندستاني جملي جو انگريزيءَ ۾ اکري ترجمو ڪبو ته چئبو:

I go being beaten i e. I am beaten.

هيءُ ترجمو بيڙو ٻيو لڳي. اسان جو سنڌي جملو نهايت سهڻو ۽ سولو آهي- سرائڪيءَ ۾ به 'ج'' ڳڏين ٿا.

مستقبل

٣٣٧- سنڌيءَ ۾ چئون ''ڪندس''، ته هندستانيءَ ۾ چون ''ڪرونگا''. هن جو اکري ترجمو ڪبو ته ٿيندو.

I am gone (گا)that I do (ڪرون) i.e. I shall do

هن طرح مستقبل جو اکري ترجمو ڪجي ٿو ته بيڙو ٻيو لڳي، جنهنڪري چئبو ته سنڌيءَ ۾ مستقبل سهڻيءَ طرح جُڙي ٿو. شڪارپوري چون ''ڪندم''(صفحو ٤٠١).

''ٻئو بالواسطه''

٣٣٨- سنڌيءَ ۾ متعدي فعل کي صورتون Voices ونن ٿا. معروف، مجهول ۽ بالواسطه. سنڌيءَ ۾ ٻئو بالواسطه به آهي، جو ٻين ٻولين ۾ ڪونهي.

ڪوٺ کي يعني ٺون کي- ڪوھ ڪٺاءِ معنيٰ ٺون ٺي
ڪاڙ ڪٺاءِ. ڪوھ ڪٺاراھ يعني ٺون ٺي ڪنھن کي
ڇٺو تہ اھو ٺي ڪنھن ڪان ڪوھ ڪٺارائي. سنڌي ٻوليءَ
جي ھيءَ بہ ھڪ وڏي خوبي ليکبي.

ضميري پڇاڙيون

۳۳۹- ضميري پڇاڙيون رڳو سنڌيءَ، سرائڪيءَ ۽ ڪشميريءَ ۾ آھن (صفحو ۸۵). ھنديءَ، گجرانيءَ ۽ ٻين ڏيھي آريہ ٻولين اھي وڃائي ڇڏيون آھن؛ جنھن ڪري چئبو تہ اسان جي سنڌي ٻولي ھڪ ڳنڍيندڙ ڪڙو يا وچ وارو ڏاڪو آھي، جا ھندستان جي ٻولين کي ايراني ٻولين سان ڳنڍي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ اھي پڇاڙيون ساڻيون آھن تہ اھا سنڌيءَ ھڪ وڏي خاصيت يا خاص ڳالھ ڪري ليکجي ٿي*. وري ڏسو تہ اھي ڪم ڪيئن ٿا آڻين! ”ماريائين“ معنيٰ ”ھن ماريو“. پر ڪنھن کي؟ ”ماريائينم“ معنيٰ ”ھن مون کي ماريو“. ھن ريت ھڪڙي ئي فعل ۾ بہ پڇاڙيون گڏي فاعل توڙي مفعول جي معنيٰ ظاھر ڪمي، آھي. ھيءَ سنڌي ٻوليءَ جي ھڪ وڏي خوبي چئبي، جو ھن طرح فقط ھڪ لفظ ڪم آڻي سان سڄي جملي جو مطلب ظاھر ڪري سگھجي ٿو. ھنن پڇاڙين ۾ ٻيون بہ خوبيون آھن جھڙوڪ:

---

*"The use of these suffixes constitutes quite a peculiar feature of the Sindhi language and distinguishes it very advantageously from all the kindred idioms of India- which are desritute of pronominal suffixes."

Dr: Trumpp: Sindhi Grammar, p. 225.

(۱) ڏٺم = مون ڏٺو- ”مون“ حالت فاعلي، پر سچ پچ
ته حالت سببي (Instrumental Case)
(۲) مون رپيا ڏنس = مون هن کي ڏنا- ”هن“ حالت
امدادي (Dative Case)
(۳) ويئو هوندوسانءِ = تولاءِ ويئو هوندس- ”تو“
حالت امدادي.
(۴) گڏجي وڃينس = هن سان گڏجي وڃ- ”هن“
حالت سببي.
(۵) مائٽ آهيانءِ = تنهنجو مائٽ آهيان- ”تنهن“
حالت اضافت.
(حقيقتۇن ”تنهنجو“ صفت آهي.)
(٦) رپيا وٺي اچجانس = هن کان وٺي اچج- ”هن“
حالت جري.
چور پڇيوَ ٿو = توهان کان ٿو پڇي- ”توهان“
حالت جري.
(۷) دير لاتي انس، نون وڃينس:
وڃينس = هن ڏي وڃ- ”هن“ حالت مڪاني.
ڏيو ٿو وسامي، تيل وجهينس:
وجهينس = هن ۾ وجهه- ”هن“ حالت مڪاني.
چو ٿو پاڻي وجهينم = مون تي وجهين- ”مون“
حالت مڪاني.
(۸) پٽم = اي منهنجا پٽ! حالت ندا (Vocative).

نهن پڇاڙين مان جدا جدا قسم جي حرف
ڀي پالمرادو پيئي نڪري، جنهنڪري اسمن ۽
ي آئن ئي حالتن جي معنيٰ پالمرادو ظاهر ٿئي
يءَ وانگر ڪشميري ۽ سرائڪي ڳهٽيون خوبيون
ڏيکارين، ڇاڪاڻ تہ رڳو سنڌي ٻولي آهي جنهن
فارسيءَ ۽ پشتو وانگر اسم، حرف جر ۽ فعل سان
اهي پڇاڙيون ڪڏبيون آهن.

اڪرترڪ يا فعل بيفاعل

۳۳۰- آڳاٽا آريا لوڪ، مڌيہ ديش ۾ هماليہ جبل جي حدن تائين پَٽ والاري ويٺا هئا (صفحو ۲۵)، تہ تبيٽ ۽ برما جي رهاڪن سان لڙهہ وڇڙ ۾ آيا ۽ انهن وانگر، مجهول صورتن وارا جملا جوڙڻ لڳا ("لنگئسٽڪ سروي" جلد ۱). ڀانئجي ٿو تہ "اڪرترڪ" فعل انهيءَ زماني جو يادگار آهي- جو هن وقت سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن بہ يورپي توڙي ڏيهي ٻوليءَ ۾ ڪونهي، جو جملي جوڙڻ لاءِ فاعل ضرور کپي.

"رستي تي هلبو آهي، باغ ۾ گهمبو آهي"، "ٻوڙجي ٿو، تہ پکهر ٿئي ٿو"- هھڙن جملن ۾ رڳو ڪا عام حقيقت ڄاڻائجي ٿي ۽ ڪنهن خاص ماڻهوءَ يا شئي جي ڳالهہ نٿي ڪجي، تنهنڪري هھڙن جملن کي فاعل ٿيندوئي ڪونهي. انهيءَ سبب اهڙن جملن جو صحيح ترجمو ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪري ڪين سگهبو.

باب پنجون

عربي لفظن جي بناوت

۳۴۱- عربي ٻوليءَ جو هڪ هڪ لفظ بيٺل آهي تنهنڪري لفظن جوڙڻ، توڙي لفظن جي بنياد ڳولي لهڻ ۾ گهڻي سهولت ٿئي ٿي.

۳۴۲- عربي لفظن جو ڏاتو يا بنياد اڪثر ٽن حرفن وارو ٿئي ٿو؛ جن مان "فعل" (ف، ع، ل) لفظ مکيه آهي. اهو لفظ خود وزن آهي ۽ ان ۾ ٻين ڪن زائد اکرن گڏڻ سان ٻيا وزن ٺهن ٿا، جهڙوڪ: "فعل" لفظ مان "فاعل" ۽ "مفعول" لفظ ٺهيا آهن. اهي لفظ به وزن آهن، ۽ انهن تي جيڪي لفظ جڙيل آهن تن جا مثال هي آهن.

فعل	فاعل	مفعول	(سه حرفي بنياد "فعل")
عشق	عاشق	معشوق	(" " " "عشق")
قتل	قاتل	مقتول	(" " " "قتل")
حسد	حاسد	محسود	(" " " "حسد")

۳۴۳- "فعل" لفظ ۾ زائد اکر گڏڻ پيا به ڪي وزن ٺاهيا اٿن، ۽ انهن تي جيڪي لفظ ٺهيل آهي تن جا ٿورا مثال هر هڪ وزن جي سامهون ڏجن ٿا:

أفعل: أشرف، أكبر ۽ أعظم.

سه حرفي بنياد جي اڳيان "آ" گڏڻ سان هن وزن جا لفظ ٺهن ٿا، ۽ اهي صفت تفضيل يا صفت مبالغي جي معنيٰ ظاهر ڪن ٿا، جهڙوڪ: "اشرف" معنيٰ ٻين کان يا سڀني کان شرف ۾ وڌيڪ.

آفعال: فعل جو جمع افعال، خبر- اخبار ۽ سبب- اسباب. سه حرفي بنياد جي پهرئين اکر جي اڳيان الف، ۽ ٻوين اکرن جي وچ ۾ به الف گڏڻ سان هن وزن جا لفظ ٺهن ٿا- انهيءَ وزن تي جمع لفظ ٺهيل آهن.

مفعل: مڪتب، مشرق ۽ مغرب.

فعيل- ڪريم، رحيم، حسين ۽ دليل.

(وزن جي وڌيڪ قسمن لاءِ ڏسو عربي ۽ فارسي گرامر.)

۳۴۴- سه حرفي بنياد وڌائڻ لاءِ جيڪي زائد اکر گڏجن ٿا، سي جملي ست آهن:

ا- ت- س- م- ن- و- ي (يتسمنوا)

مثال لاءِ "ناظر" "منظور" ۽ "منتظر" لفظ وٺو هنن مان زائد اکر ڪڍي ڇڏباءِ ته سه حرفي بنياد ملندو "نظر".

(الف) "سجدو"، "سجاڏو" ۽ "مسجد" لفظن مان زائد اکر ڪڍي ڇڏباءِ ته سه حرفي بنياد ملندو "سَجد" معنيٰ سجدو ڪيو- اهڙي ريت سه حرفي بنياد، سداڻين زمان ماضي مطلق ۽ ضمير واحد غائب جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

سنسڪرت لفظن جي بناوت

۳۴۵- سنسڪرت لفظن جي بناوت عربيءَ کان بنهه علحدي آهي. سنسڪرت ۾ رڳو هڪڙو به اکر به ڌاتو ٿي سگهي ٿو،

جهڙوڪ: ”ا“ معنيٰ وڃڻ، ”جيي“ معنيٰ جيئڻ يا ڪٽڻ. سنسڪرت ۾ سڀ لفظ ڌاتن مان نهن ٿا.

٣٤٦- سنسڪرت جي هر هڪ اسم جا ٽي ڀاڱا آهن، جهڙوڪ: سنسڪرت لفظ ”نرس-نره“، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي ”نر“ معنيٰ مذڪر يا مرد (مونث-”مادي“). هن ۾ ”نر“ آهي ڌاتو ان جي پٺيان ”آ“ پرتج يا پڇاڙي Suffix ڪڏبي ته اهو ٿيو ”آنگ“ Stem، ۽ انهيءَ سان ”س“ پڇاڙي Termination ڪڏبي ته لفظ ٿيندو ”نرس“؛ پر عام طرح ”س“ متجي ”ه“ ٿئي ٿو تنهنڪري سنسڪرت ۾ چون ”نره“ معنيٰ مرد. انهيءَ ريت لفظ ٺهي ٺڪي تيار ٿئي ٿو. ان جي پٺيان جدا جدا حالتن واريون پڇاڙيون ڪڏبيون، ته ان جو ڦيرو آسانيءَ سان ٿي سگهندو.

٣٤٧- سنسڪرت ۾ ”آ“ انگ (Stem) وارن اسمن سان، ”ي“، ”ر“، ”ل“، ”و“ يا ”م“، ”ڪ“، ”آن“ وغيره پڇاڙيون ڪڏي اسم ۽ صفت ٺاهين ٿا، جن مان ”ي“ اڪثر مونث لفظن ۾ ڪم اچي ٿي.

ر: سمدر- سمنڊ، چندر- چنڊ، ديور- ڏير (مڙس جو ڀاءُ)، چڪر- چڪرو يا ڦيٿو.

ل: ڪمل- ڪنول (گل)، ڪندل- منڊل، ڪوڪل- ڪوئل، صفتي لفظ چنچل ۽ شيتل- سيتل، يعني ٿڌو.

و: پارشو- پاسو، پورو (puroa)- پورب (اڀرندو).

م: ڌوم- دونهون، ۽ گرام- گام (ڳان = ڳوٺ).

ڪ: سڙڪ (سڙڪ = رستو)، ۽ ڪٽڪ. سنسڪرت ۾ ڏيان جو اچار آڪ، اِڪ، آڪ ٿئي ٿو، سنڌيءَ ۾ ان جا اچار آڪ، ڪو، آڪ، آڪو وغيره آهن، جهڙوڪ: ٻيڙڪ، ڪٽڪ، ڦالڪ، چيڙاڪ، ٻياڪ، اُڊ ڪو، ڦتاڪو، ڀڙاڪو، ڀروڪو، هيلوڪو وغيره. ڪيترن لفظن ۾ "آڪ" جو اچار ڦري "او" ٿيو آهي، جهڙوڪ: واڍو، چيرو ۽ ڏوٻو (ٽبي ڏيندڙ).

ڪار: چمتڪار. سنڌيءَ ۾ ٻه ونڪار، جهٽڪار، پٽڪار،

اِن: سوامن (سوامي- سوامين- سائين- ساءِ)، هستن، هاٿي ڏنن (ڏني = ڏن وارو).

آن: هن ٻچاڙيءَ مان سنڌيءَ ۾ مصدر ٺهن ٿا، تنهنڪري هن جو ذڪر ڏار ڪبو.

٣٤٨- عربيءَ ۽ فارسيءَ وانگر سنسڪرت ۾ ڪي اڳاڙيون (Prefixes) آهن (صفحو ٢٥٣)؛ جي نج سنسڪرت لفظن يا سنسڪرت مان ٺهيل سنڌي لفظن سان ڳنڍيون ڪتيون پيون آهن، جهڙوڪ:

پر: پرڪاش، پريو (ڏٻو).

اَپ: پيٽ- اَپپيٽ، سمنڊ- اَپسمنڊ.

اَو: ڳڻ- اوڳڻ، ترُ- اوترُ.

سُ: (ضد "ڪ"). لڇڻ- سلڇڻ- ڪلڇڻ.

سَ: (ضد "آ"، "نر" يا "ڪ"). سدورو- آدورو- ندرو، سَڌا تورو- ڪَڌانورو معني ٻچڙي سياءَ وارو.

کن اکيارڙين جا اچار بگڙيل آهن، جهڙوڪ سنسڪرت "دشڪال" ۽ "دربل" بدران ڇڏون "ڏڪار" ۽ "ڏٻل ڏٻرو". انهن "دش" ۽ "در" بدران فقط "ڏ" ڇڏيو ٿا.

سنسڪرت "آنت- ڪنٺ = آڪنڊ" ("آت"- "اد" بدران "آ").

سنسڪرت ڌاتو "لپ" معنيٰ ٻولڻ يا چوڻ؛ ان جي پٺيان "آن" پڇاڙي گڏي ڇڏون "لپن"، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ "لئڻ" (لات لنوڻ). "لپن" سان "سم" ۽ "اپ" گڏي ڇڏون "سماپن" ۽ اپاپن، جن جا اچار سنڌيءَ بگڙ جي ٿيا (سلپڻ) سلڻ معنيٰ سچي ڪرڻ ۽ (آپلڻ) "آلڻ" معنيٰ سچي نه ڪرڻ. قديم سنڌيءَ ۾ "آپلڻ" به چوندا هئا:

"آبل! ڪريان ڪيئن! سنهنجو نينهن آپليو نه رهي." (شاعر)

"آپليو" معنيٰ لڪل يا ڳجهو؛ "آپلڻ" معنيٰ لڪائڻ.

سنڌي لفظن جو ڌاتو

۳۴۹- سنسڪرت ۾ "ڪت" معنيٰ چوڻ يا تخمينو ڪرڻ آن جي پٺيان مونث پڇاڙي "آ" گڏڻ سان "ڪٿا" (ڪٿا ڪيرتن) ۽ "آن" گڏڻ سان "ڪٿن" لفظ ٺهيا آهن.

"ڪري ڪبر ڪٿن، آڳي جي اسرار جو؟"

سنسڪرت جو اهو اسم سنڌيءَ ۾ اسم مصدر (ڪٿڻ) آهي. ساڳيءَ ريت سنسڪرت ڌاتوءَ "پوڇ" مان "پُوڇا" (پوڇا) ۽ "پُوڇڻ" لفظ ڏهيا آهن. سنڌيءَ ۾ سڀ مصدر "آڻ" يا "اِڻ" (سنسڪرت "آن") پڇاڙي وٺن ٿا ۽ سينئي مصدرن جي پڇاڙيءَ ۾ ٻيش يعني "آ" آهي.

سنڌيءَ ۾ سيڪنهن امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ ”اَ“ يا ”اِ“ (سنسڪرت ”آ“)آهي. اها پڇاڙي ڪڏهن ڇڏبي نه باقي بچندو ڌاتو. سنسڪرت ڌاتو ”ڪَٽ“ جو اچار پراڪرت ۾ ”ڪهه“ آهي، جنهن مان سنڌي لفظ ”ڪَههُ (چوڻ)، ”ڪَهٽي“ (چوٽي)، ۽ ”ڪهاڻي“ (آکاڻي) ٺهيا آهن. هاڻ انهن لفظن جو ڌاتو ”ڪهه“ ليکبو؛ پر ۽ فڪر نه آهي جيڪڏهن اُصل سنسڪرت ڌاتو ”ڪٽ“ آهي. سنڌيءَ جا گهڻو ڪري سڀ لفظ، اسم توڙي فعل، سنسڪرت ۽ پراڪرت ڌاتن مان ٺهيل آهن. انهن ڌاتن جي پٺيان اسم ذات، صفت وغيره جوڙڻ لاءِ جيڪي پڇاڙيون گڏيون ٿا، سي سڀ سنسڪرت بنياد جون آهن.

(Principles of Sindhi Etymology)

اصولن جو بنياد

"قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهه قديم." (شاهه)

۳۵۰- قادر جي قدرت اپارا جيئن سج، چنڊ تارا وغيره سڀ حڪم جي ڏوريءَ ۾ ٻڌل آهن ۽ ڪن ٺهرايل قاعدن پٽاندر ڪم ڪن ٿا، تيئن ٻوليون به قدرت جي ڪن قاعدن کي سجدو سلام ڪن ٿيون!

۳۵۱- ٻولين جي تبديل جا قاعدا ڪن اصولن تي ٻڌل آهن. انهن اصولن جو بنياد انساني سڀاءَ ۾ سمايل آهي. انسان پنهنجي ذاتي سڀاءَ ڪري ڪشالي جو سنجم ڪري ٿو (صفحو ۴ ۽ ۲۸۳). انهيءَ مکيه اصول مان ڪيترا شاخون ڦٽن ٿيون. مثال لاءِ ننڍين ٻارڙن جا چار جاچيو.

(الف) ڪنهن ننڍڙي ٻار کي چئبو ته چئو "چمي" ته چوندو ته "ٻمي" يا "پمي" - ڇو ٿو ائين چوي؟ "چ" جي اچار لاءِ، چپ جي وچ وارو ڀاڱو اٿاري تارونءَ ڏانهن کڻڻو پوي ٿو، ۽ ساڳئي وقت چپ جي ٻاڦ جو زور به لڳائڻو پوي ٿو؛ اگر هڪڙو ۽ چپ کي تڪليف ٿئي ٿي ٻٽي، سا به ساڳئي وقت! ويچاري معصوم ڪان ايترو ڪشالو ٿو پچي، تنهنڪري "چ" بدران "م" چوي ٿو، جنهن جو

اچارڻ ڇپن جي چورڻ سان آسانيءَ سان ڪري سگهي ٿو. ٻار ٿورو وڏو ھوندو ته ”پ“ به چوندو، جو آھو به ڇپن جي اچار وارو اکر آھي. سڀني قومن جي ٻارن کي اول ڇپن جي اچار وارا اکر چوڻ سولا لڳن ٿا. سنڌي ٻار چڙن ”با-با“ ۽ انگريزي ٻار Pa Pa ۽ ma-ma چوَن ٿا، جن ۾ ”ب“، ”م“ ۽ ”پ“ ڇپن جي اچار وارا اکر آھن- ھن مان ھيءُ اصول ظاهر ٿيو ته اکرن ۾ تبديل يا مٽ سٽ ٿئي ٿي.

(ب) ننڍڙو ٻار ”ڪينو“ بدران ”اِنو“ چوي ٿو. ساڳيا واڱيا به سنسڪرت لفظن ڪنيڪار؛ سورڻڪار، چرمڪار ۽ لوھڪار بدران ڪنيار، سونار، چمار ۽ لوھار چوڻ لڳا. اڌين لفظن مان اکر حذف ٿين ٿا يا نڪري وڃن ٿا- ھيءُ ٿيو ٻيون اصول (صفحو ٢٨٣-٢٨٤).

(پ) ساڳين واڱين ”لوھار“ جو اچار کھتائي ڪيو ”لھار- لُھر“ ته لفظ ڏي ننڍڙو ٿي پيو. عربي ۽ فارسي لفظن سان به اھو ليکو ٿيو آھي، جھڙوڪ: حجام-حجم ۽ ستمگار- ستمگر. اڌين اچارن ۾ سوس ٿئي ٿي- ھيءُ ٽيون اصول.

اھڙيءَ ريت وڏي وستار ۾ ٻوڻ بدران ايترو ڄاڻائجي ٿو ته اصول گھڻي ڏي. آھن، جن مان ڪن مکيه اصولن جو ذڪر ڏار ڏار ڪبو. ھتي اول حرفن جي پڌن تي زور ڏيڻ جي ترتيب جو ذڪر ڪجي ٿو، جو ان جي ڪري به لفظن جا حرف علت ننڍا وڏا ٿي پون ٿا.

پدن ۾ زور ڏيڻ جا قاعدا (Laws of Accentution)

۳۰۲- سنسڪرت جي ”آ“ پڇاڙيءَ وارا لفظ سنڌيءَ ۾ ڪٿي ”او“ ته ڪٿي ”آ“ پڇاڙيءَ وٺي بيٺا آهن (صفحو ۳۰۷). هن ڳالهه سمجهائڻ لاءِ ٿورا مثال ڏجن ٿا.

پڇاڙيءَ جي پد تي زور وارا لفظ (Oxytones)

	سنڌي	هندستاني	پراڪرت	سنسڪرت
Horse	گهوڙو	گهوڙا	گهوڊئو	گهوٽڪ
Leopard	چيتو	چيتا	چتئو	چترڪ
Worm	ڪيڙو	ڪيڙا	ڪيڊئو	ڪيٽڪ
Lamp	ڏيو	ديوا	دوا	ديپڪ
Nail	ڪيلو-ڪيلي	ڪيلا	ڪلا	ڪيلڪ

مٿين سڀني سنسڪرت لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ”آ“ جو اچار آهي. انهن سڀني لفظ جي پڇاڙيءَ واري پد تي زور(accent)ڏجي ٿو، ته سڄي لفظ جي اچار جو بار انهيءَ پڇاڙيءَ واري پد تي وڃي پوي ٿو. انهيءَ بار جي زور وچان، سنسڪرت لفظ جي پڇاڙيءَ وارو ”ڪ“ ٿڏجي وڃي ٿو، پر انهيءَ کوٽ جي مجرائيءَ لاءِ ”آ“ جو آچار وڌي ڊگهو حرف علت ”او“ ٿئي ٿو +، ۽ هندستانيءَ ۽ مراهٽيءَ ۾ ”آ“ ٿئي ٿو- پر اسين پراڪرت وارو نمونو هلائيندا اچون.

+ شڪارپوري به اڳين ٻوڻين پد تي زور ڏين ٿا، ته اچار ڊگهو ٿيو پوي (صفحو ۹۹ ۽ ۱۰۰).

(الف) مٿين لفظن مان سنسڪرت ”دِيپڪ“ ۽ ”ڪيلڪ“ لفظن جي منڍ ۾ ڊگھو اچار ”اِي“ آهي؛ پر سنڌيءَ ۾ ”ڏِيو“ ۽ ”ڪِلو“ لفظن جي منڍ ۾ گھٽجي ”اِ“ ٿيو آهي. مراٺيءَ ۾، سنسڪرت جي منڍ واري ڊگھي اچار کي ائين سدائين گھٽائي نه ڇڏيو ڪن ٿا؛ باقي سنڌي ٻولي، پنهنجن جهونين ساٿيڙين- پنجابيءَ ۽ سرائڪيءَ وانگر سڀڪنهن حالت ۾ ائين نٿي ڪري، جهڙوڪ: گھوٽڪ- گھوڙو ۽ ڪيٽڪ- ڪيڙو جي منڍ وارو ڊگھو اچار قائم بيٺو آهي.

(ب) ٻوٽين پد ڪان اڳئين تي زور (Barytones)

سنسڪرت	پراڪرت	هندستاني	سنڌي	
ڪرڻ	ڪڻو	ڪان	ڪَنُ	Ear
ڪاشٽ	ڪاٺ	ڪاٺ	ڪاٺ	Wood
ڪروش	ڪوس	ڪوس	ڪ	2 Miles
تان	تان		تانُ	Tune
دنت	دنت	دانت	ڏند	To0th

مٿين سڀني سنسڪرت لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ”اَ“ آهي، جو پراڪرت ۾ وڃي ”او“ ۽ اپڀرنش ۾ گھٽجي ”اُ“ ٿيو. سنڌيءَ ۾ سڀڪنهن مصدر جي پڇاڙي ۾ ”اَ“ جو اچار آهي. انهن ۾، ٻوٽين پد ڪان اڳئين تي زور آهي- انهيءَ ريت اچار ڪرڻ جو هڪ ٻيون نتيجو ڏسو:

(پ) مٿين لفظن مان سنسڪرت لفظ ”ڪرڻ“ ۾ ”ڻ“ تي زور (accent) ڪونهي، پر اڳئين پد ”ڪر“ تي آهي؛ تنهنڪري هندستانيءَ ۾ ان جو اچار وڌائي ڊگھو ڪري،

”ڪان“ چون ٿا، جنھن ۾ پويون ”ن“ ساڪن آھي، يعني پڇاڙيءَ واري اعراب ٿڌجي نڪري ويئي اٿس. سنسڪرت لفظ ”ڳُڻ“ جو اچار آھي ”ڳُون“ goon-ائين اچار ڏکو ڪن ٿا، تہ لفظ جي پوئين اعراب ٿڌجي وڃي ٿي-اھوئي سبب آھي، جنھنڪري ھندستاني، گجراتي وغيره لفظن جو پويون اکر ساڪن آھي؛ پر سنڌي ٻوليءَ جي سڀني لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا نہ ڪا اعراب آھي ئي آھي.

حرف علت جي تبديل (Permutation)

٣٥٣- سنڌيءَ ۾ ڪيترن لفظن ۾ ”آ“ بدران ”اِ“ ڇئون ٿا (صفحو ٩٧). انھيءَ تبديل جي تاريخ آڳاٽي آھي- جھڙوڪ: سنسڪرت ”آگني“ ۽ ”آنتر“ بدران لئٽن ۾ اِگنس Ignis ۽ اِنتر Inter.

(الف) پراڪرت ۾ قاعدو آھي تہ ڪنھن ڏتي يا ٻٽي حرف صحيح جي اڳيان ڪو ڊگھي اچار وارو حرف علت ھجي تہ ان کي گھٽائي ننڍو ڪجي- انھي سبب سنسڪرت ”آشچريہ“، ”رُوڪش“ ۽ ”ــوتر“ بدران چئون ”اچرج“ ”رُکو“ ۽ ”سُت“. جيڪڏھن ڳنڍيل حرفن جي اڳيان ”آ“ ھجي، تہ ان کي پاڻ وڌائي ڏگھو ڪجي- انھيءَ سبب سنسڪرت ”پستڪ“، ”ڪشٺہ“ ۽ ”مڪت“ بدران چئون ”پوٿي“، ”ڪوڙھيو“ ۽ ”موڪل“ (موڪ+ل).

(ب) ڪن حالتن ۾ چالو ٻجھي ننڍي حرف علت کي وڌائي ڏگھو ڪبو آھي تہ ساڳئي لفظ مان ٻيون لفظ جوڙي

سگهجي- جهڙوڪ: ٻڪر- ٻاڪرو، سهرو- ساهرو، ۽ جبل- جابلو؛ ٻرڻ- ٻارڻ، ترڻ- تارڻ، ڦرڻ- ڦيرڻ، چڙڻ- چيڙڻ؛ جڙڻ- جوڙڻ ۽ مڙڻ- موڙڻ،

(ب) ٻيءَ طرح ٻه اهي لچڪتا اکر آهن: ڪٿي ريڙ وانگر چڪجي ڍگها ٿيو پون، ته ڪٿي سُسي ننڍڙا ٿيو پون، جهڙوڪ:

سنسڪرت	سنڌي	سنسڪرت	سنڌي	تبديل
شرڌا	سڌ	سنشا	نُونهن	"اَ" مٽجي "آ"
جايا	جوءِ	ڪدا	ڪڏهن	"اَ" مٽجي "آ"
پتا	پيءُ	ماتا	ماءُ	"اِ" مٽجي "آ"
سنڌيا	سنجها-سانجهي	دولا	ڏولي	"اَ" مٽجي "اِي"
گَور	گورو-پُورو	ڀُوتر	ڀوتو	"آءُ" ٿري "او"
شلوڪ	چوڪرو	اوڪس	آڪهه	"اَ" ۽ "او" پاڻ ۾ مٽجن ٿا.

اٺين سنسڪرت لفظ ڦري نج سنڌي ٿي پيا آهن (صفحو ٢٠٥).

حرف صحيح جي تبديل

٣٥٤- ممڪن آهي ته ڪو ماڻهو هڪڙو اکر چوندو، ته ٻيون ٻيءَ طرح سمجهندو. اٺين اکرن جي تبديل يا مٽ سٽ ٿئي ٿي. گهڻو ڪري، ساڳئي ورگ يا ڪلاس جا اکر پاڻ ۾ مٽبا آهن، جهڙوڪ: شڪتي- سگهتي، ششي- ڪکي- چچي، آقا-آغا- آگا، قميص- خميس، ٻنج- ٻنج، ڪڪڙ- ڪکڙ، ڪنب- ڪڙم، ڪنٽي- ڪناڻي،

اڏيھ وار- ارڏوار. پد-پگ(پير)، مسجد-مسيد-مسيت، ارادو-اِيرازو (ڏٺيءَ جو اِرادو، رب جي رضا، قسمت)؛ ڪي ”خدمت“ بدران غلط طرح چون ”خذمت“؛ لنگر- ننگر (ناناري)؛ وار وار- بار بار، جل- جر (پاڙي).

اِدغام (Epenthesis)

۳۰۰- ”ڪسرت آهي قرب ۾، اِدغام ۾ اعراب.“(شاهه) اِدغام اهو آهي، جنهن ۾ ڪنهن ساڳئي لفظ جون ٻه اعرابون پاڻ ۾ ملي، هڪ ٻيو علحدو اچار پيدا ڪن (صفحو ۱۳۱ ۽ ۲۹۹). شاهه صاحب به چوي ٿو ته جيئن اعرابون پاڻ ۾ ملي ٿيون وڃن، تيئن الله جو عاشق به پنهنجي انفرادي هستي ٻڃي، سچي سائينءَ سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿو! ڏسو ته ٻوليءَ جي قاعدن مان وحدت جو سبق ڪيئن سوچي ڪڍيو اٿس!

آچارن ۾ سوس (Contraetion)

۳۰٦- سنسڪرت ”نيتر“ ۽ ”پريتي“ بدران چئون ”نرت“ ۽ ”پرت“ (پريت). سنسڪرت ”لَون“ Lavand ۽ ”شيبا“ بدران چئون ”لُوڻ“ Salt ۽ ”سيجا-سيج“. ”آو“ ava ۽ ”آيہ“ aya ڪي ڏهرا علت جهڙو سمجهي، اِدغام جي نموني هڪ ٻيو ڏگهو حرف علت ڪيو اٿئون. ساڳئي لفظ ۾ ٻه اعرابون هڪٻئي جي پٺيان اچي جڙن ته ڪڙ ٻڙ ڪري ٿيون ٻيهن، ۽ آچار ڪرڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي؛ تنهنڪري انهن ڪي سڌي ڪرڻ جي ترتيب

Levelling process لاڙ ۾ اجها اِها اختيار ڪن ٿا، جو انهن ٻن اعرابن بدران وچان ئي ٻيون يڪو ڊگهو اچار ڪن ٿا (صفحو ١٣٥ ۽ ٢٩٩). ڊاڪٽر ڀنڊارڪر هن کي سنڌيو آهي "Law of dissimilation".

اکرن کي نرم ڪرڻ (Softening)

٣٥٦- "شڪارپور طرف هلياسين "اِين" بدران چون "هلياسين" (اِين جو ڊگهو اچار). اهو حرف علت کي نرم ڪرڻ جو نمونو آهي- سنسڪرت "گهرشڻ" (گسڻ- گهڻ) مان "گهرسو"، هندي "هرسا"، سنڌي "اُرسو-اُرسي" يعني ڀِتر جي، صندلي جنهن تي چنڊن وغيره گهڻجي- هن ريت "گهه" مان باقي "اُ" جو اچار وڃي بچيو آهي.

"وُنُو مينهن وڏ ڦڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي." (شاهه)

"وُنُو" بدران "اُنو" به چئون (مصدر-وسڻ).

سنسڪرت "ڪرت"، پراڪرت "ڪرو"، سنڌي "ڪيو" (Done)؛ سنسڪرت "شوڪ- سوڪ- سُوءَ" (مثل ماڻهوءَ لاءِ ڏک، ماتم)- انين اکر سخت، اول نرم ٿي، پوءِ نڪري ويو وڃي.

اکرن جو حذف ٿيڻ (Elision)

٣٥٨- مُنڍ حذف (Apheresis): سنسڪرت "آٻيِي"، "آت" ۽ "آرليه" بدران چئون "ٻ- ٻ" (also)، "آٽي-ٽي" ۽ "رڻ"؛ "اَپٿڻ-پٿڻ"؛ "اَلتو-لتو"؛ "اُلهڻ-لهڻ"؛ "چيواٽس-پيوٽس"؛ "ڪونه آهي-ڪونهي"؛ "امير-مير"؛ "اسوار-سوار".

(الف) ڪنهن ٻہ لفظ جي منڍ وارو حرف صحيح وس پڄندي حذف ٿيڻ نہ ڏيندا آهيون: سنسڪرت ”ستن“، ”ستنيہ“ ”شمشرُو“ ۽ ”شمشاز“ بدران چئون ”ٿڻ“، ”ٿڃ“، ”مڇُون“ ۽ ”مساڻ“ يا مساڏو-ھتي ”س“ ۽ ”ش“ پنهنجي ٻوئين اکر ۾ سمائجي ويا آهن (صفحو ٣٤٨).

٣٥٩- وچ حذف (Syncope): سنسڪرت ”ساگر“ ”ڪوڪل“، ”سُوچي“، ”راجا“، ”پتا“ ۽ ”ماتا“ بدران چئون ”سائر“، ”ڪوئل“، ”سُوچي-سُئي“، ”راءُ“، ”پيءُ“ ۽ ”ماءُ“-ائين وچ وارا اکر نڪري وڃن ٿا، ڇاڪاڻ تہ مٿن زور (accent) ڪونهي.

(الف) مرڪب لفظن مان ٻوئين لفظ جو پهريون اکر اڪثر حذف ٿيندو آهي- جو اهو وچ ۾ آيل ليکيون ٿا- جهڙوڪ: ڪنڀ ڪار-ڪنڀار، ۽ لوهہ ڪار-لهار، رامقّل، سيتاقّل وغيره مان ”ق“ حذف ٿيو ٿئي. صفحي ١٧١ ۾ ”پقي“، ”مامي“ وغيره لفظ ڏسو تہ وچ وارا سڀ اکر ڪِرَا

٣٦٠- پڇاڙي حذف (Apocope): ”جاء-جابجا“، ”بوء-خوشبو“، ”روء-روبرو“ (پويون حرف علت حذف).

(الف) ”ڏنڊ-ڏن“، ”رنڊ-رن“ ۽ ”رُوپ-رُوء“ (شڪل)، ”دوست-دوس“، ”حجت-حُج“ ۽ ”سرگشت-سرگس“ ائين پڇاڙيءَ وارا ڪيترا اکر نڪري ويا آهن. ”شيت ڪال“ - سيارو، مان پهرئين لفظ ”شيت“ جو پويون ”ت“ اکر ٻہ ڪِرَا (صفحو ١٧١).

نڪ جو اُچار ڳنڍڻ (Nasalisation)

٣٦١- سنسڪرت ”يسيہ“، ”تسيہ“ ۽ ”ڪسيہ“ بدران ڇئون ”جنهن“، ”تنهن“ ۽ ”ڪنهن“؛ سنسڪرت ”يدا“، ”ندا“ ۽ ”ڪدا“ بدران ڇئون ”جڏهن“، ”تڏهن“ ۽ ”ڪڏهن“؛ ۽ ”سنشا“ بدران ”نُونهن“ يعني پٽ جي زال- انهن نڪ جا اچار ڳنڍيون ٿا.

(الف) سنسڪرت ۾ قاعدو آهي ته ٻه حرف علت گڏ ڪم نہ آئجن، ۽ جتي اچن اتي انهن کي ملائي ڍڪو ڪجي (صفحو ٣٩٥). سنسڪرت ”گو“، فارسي ”گاوُ“ ۽ سنڌيءَ ۾ ٿيڻ گهرجي ”گاء“. هتي ٻه حرف علت ”آ“ ۽ ”اِ“ آهن، انهن جي وچ ۾ نڪ جو اچار وجهي ڇئون ”ڳانء“ يا ”ڳنهء“- انهن حرف علت ڌار ٿيو وڃن. انهن نڪ جي اچارن ڳنڍڻ جي عادت سبيان، سنسڪرت وارن سنڌيءَ جي قاعدن ڪان ڇتا پيا آهيون انهيءَ هوندي بہسنڌيءَ (Eoph onv)جا ڪي ڪي نشان آهن، جهڙوڪ: ”سيٺ + اُون“ = سيٺيون- هتي ”اِ“ ۽ ”اُون“ جي ميلاپ سان ”يہ“ جو اچار پاڻمرادو پيدا ٿئي ٿو (صفحو ٣٩٦).

نڪ جو اُچار ڪيڍي ڇڏڻ (Disnasalisation)

٣٦٢- ڪن ٿورين حالتن ۾، لفظن مان نڪ جو اچار اڱلندو ڪيڍي ڇڏيو اٿئون، جهڙوڪ: سنسڪرت ”مانس“ بدران ڇئون ”ماس“ (گوشت)؛ سنسڪرت ”ڪنتري“ بدران ”ڪاڏي“ ۽ ”نمنتر“ بدران ”نوتو“ (نيند)- ڏکهي اچار وارو حرف علت اچي ٿو، تہ ”ن“ نڪري وڃي ٿو.

اکرن کي وسرگ ڪرڻ (Aspiration)

٣٦٣- سنسڪرت ”اڪ“، ”آشرو“ (آنسون)، ”پرڪٽ“، ”ڪوپ“ ۽ جُور بدران چئون ”هيڪ-هڪ“، ”هنجُون“، ”پرگهٽ“ ”کوهه“، ۽ ”جهور“ (تمام ٻڍو) ”سڪان- سُڪان“، ”ڪفن- کڦڻ“، ”سمت“ ۽ ”ساعت“ بدران ڪي چون ”همت“ ۽ ”ساءَ-ٿ“ ۽ فارسي لفظن ”پروا“ ۽ ”دريا“ بدران چئون ”پرواهه“ ۽ ”درياهه“ يا درياءَ.

اکرن کي اوسرگ ڪرڻ (Deaspiration)

٣٦٤- ”ڪنڀ“ بدران چئون ”ڪنب“، ۽ ”ولپداس“ بدران ”ولبداس“- انهن ڪن ٿورن لفظن مان ”هه“ جو اچار نڪري ويو آهي.

اکرن کي مغز جي اچار وارو ڪرڻ

(Cerebralisation)

٣٦٥- هن جو ذڪر اڳيئي گهڻوئي ڪيو ويو آهي (صفحو ٣٠٢).

ٻن بدارن هڪ اچار (Haplology)

٣٦٦- سنسڪرت ”نک هرڻڪار“ جو اچار بگڙجي ٿيو ”نيهه هيرڻ“- هتي ”هه“ جا ٻه اچار گڏ آيا آهن، جن مان هڪ ڪيڏي، باقي چئون ”نيهرڻ“، جنهن سان حجام نُنهن لاهين ٿا. ساڳيءَ طرح ”وشن نگر“ بدران گهڻا چون ”وشنگر“.

تقليب (Metathesis)

٣٦٧- سنسڪرت ”وچن“، ”مڪٽ“، ”وواهہ“، ۽ ”گرهہ“ بدران ”چون“، ”مٽڪ“، ”وهانءُ“ ۽ ”گهر“: ”آلٿو-آلٿو“، ”ڪرڪي-ڪرڪي“، ”پٽر-پرت“، ”آماچ-آچام“ (هدف يا نشان)، ۽ ”جانور-جناور“- اهڙيءَ ريت ڪيترن لفظن ۾ تقليب ٿي آهي، يعني ٻري آلٿاٿي پيا آهن.

گڏيل حرف صحيح بابت قاعدا

ٻالائي حرف اڳيان آڻڻ (Prothesis of Vowels)

٣٦٨- اسان سنڌي ماڻهن جو وات گڏيل حرف صحيح اچارڻ تي هريل ڪونهي، تنهنڪري سنسڪرت ”ستري“ Stri بدران چئون ”اِستري“، ۽ انگريزي لفظ ”سڪول“ School بدران چئون ”اِسڪول“. اهو اڳيان وڌل حرف علت (Prothetic Vowel)، اچارڻ ۾ سهولت ڪري ٿو- هيءُ دراوڙي نمونو آهي.

سور ڀڪتي (Anaptyxis or Intrusive Vowel)

٣٦٩- سنسڪرت ”شلوڪ“ ۽ ”شلاگها“ جي منڍ وارو ”ش“ اکر ساڪن آهي، پر اسين ”اَ“ جو اچار گڏي چئون ”سلوڪ“ ۽ ”ساراهہ“ (وا کاڻ). سنسڪرت ”سوپن“ ۽ ”سمرڻ“ جي منڍ ۾ ”اَ“ گڏي چئون ۽ ”سپنو“ ۽ ”سـِمرڻ“ (ياد ڪرڻ)- دراوڙن وانگر لفظن

۽ هڪ نه ٻيون ”سوريڪتي“ (اچارن پڇڻ لاءِ) حرف علت ڳڌيون ٿا، نه سڀ اکر قائم رهن نه ته ممڪن آهي ته ٻيئي ٻاڻ ۽ پيچي يا ملي ويندا.

ڳنڍيل حرف صحيح جو پچڻ (Assimilation)

۳۷۰- پاليءَ واري زماني ۾ ڳنڍيل حرف صحيح پاڻ ۾ پيچي ويا، جهڙوڪ: ”شبد-سڌ“، ”جنم-جم“ ”چم“، ”آتپن-آپنو“، ليد-لڌو“، ۽ ”دگڌ-ڏڌ“-ڏوڌي- هيءَ حرف صحيح جو اِدغام آهي.

۳۷۱- ڳنڍيل حرف صحيح مان جيڪڏهن ٻيئي زوريريا يا ڏاڍا هوندا، ته ٻيون اکر قائم رهندو ۽ پهريون منجهس سمائجي ويندو؛ جيڪڏهن هڪ زور ڀريو ۽ ٻيون ڪمزور اکر هوندو، ته ڪمزور اکر ڏاڍي اکر ۾ سمائجي ويندو. مطلب ته ”جيڪو ڏاڍو سو ڪابو“ اهو ليکو ٻولين ۾ به لڳو پيو آهي.

مجرائيءَ جو قاعدو (Law of Compensation)

۳۷۲- سنسڪرت ”اگن“، پراڪرت ”اگّ“ (ڳ ٻيڻو)، هندستاني ”آگ“، معنيٰ باهه- هتي ڏسو ته ”ن“ اکر ”گ“ ۾ سمائجي ويو، جنهنڪري پراڪرت ۾ اُچار ٿيو ”اگگ“. هندستانيءَ ۾ انهيءَ مان هڪ ”گ“ ڪڍي، انهيءَ کوٽ جي مجرائيءَ لاءِ، لفظ جي منڍ واري حرف علت ”آ“ کي وڌائي ”آ“ ڪيائون؛ جنهنڪري چون ”آگ“. ساڳيءَ ريت سنسڪرت ”ست-جن“ جو اچار

اول ٽئي ٿو "سججن (سڄڻ)ءَ ٻوءِ "ساجن". سنڌيءَ ۾ ٻنا اکر آهن (صفحو ٣٠٤) ٻيءَ طرح ٻہ انهيءَ مجرائيءَ جي قاعدي تي گهٽو کونہ ٿا هلون (صفحو ٤٥).

ضميمو پهريون

دراوڙي ٻولين جو اثر (صفحو ٢٠، ١٢٣ ۽ ١٢٥)

سنڌي ٻولي جن ڳالهين ۾ دراوڙي ٻولين سان مشابهت رکي ٿي، تن بابت ہ اکر لکي، هرهڪ ڳالهہ جي سامهون صفحي جو نمبر ڇاڙئجي ٿو- تہ پڙهندڙن کي پتو پوي تہ انهن ڳالهين جو هن ڪتاب جي ڪهڙن ڪهڙن صفحن ۾ ذڪر ٿيل آهي.

(١) سنسڪرت ۽ سنڌي ۾ دراوڙي لفظ صفحو ٢٠ ۽ ١٧٧
(٢) دوهرا علت ۾ بگاڙو صفحو ٢٩٩
(٣) وسرگ اکرن بابت صفحو ١٢٥ ۽ ٣٠٣
(٤) مغز جي آچارن وارن اکرن بابت صفحو ٣٠٢
(٥) مرڪب حرفن جي آچارن ڀڃڻ بابت صفحو ٣٤٦
(٦) حالتن جي پڇاڙين بدران اسمن جي
پٺيان حرف جر ڪم آڻڻ بابت صفحو ٣١١
(٧) صفت جي ڀيٽ جا درجا صفحو ٣١٥
(٨) مرڪب فعلن جوڙن جو نمونو صفحو ٣٢٠
(٩) مجهول فعلن جوڙڻ جو نمونو صفحو ٣٢٥
(١٠) جملن ٻيهارڻ جي ترتيب صفحو ٣٢١
(١١) ڇوڪر - ٻاڪر ۽ چلم - ڏلم: اهڙين زائد يا بي معنيٰ لفظ
ڳنڍي مرڪب لفظ جوڙڻ: راوڙي نمونو آهي. صفحو ١٧٦

ڏسو بشپ ڪالڊويل جو جوڙيل "دراوڙي ٻولين جو گرامر"، صفحو ٥٥؛ ۽ ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ جي جوڙيل "بينگالي ٻوليءَ جي تاريخ" جلد پهريون، صفحو ١٧٠ کان ١٧٨.

ضميمو ٻيون

دارڊڪ ٻوليون ۽ سرائڪي

(١) سنڌي، سرائڪي، پنجابي ۽ دارڊڪ ٻوليون (ڪشميري وغيره) ڪيترين ڳالهين ۾ هڪٻئي سان گهڻي مشابهت رکن ٿيون، جن مان ظاهر آهي ته ڪڏ واڌارو ڪيو اٿن.
صفحو ٨٥

(٢) اسمن جون پڇاڙيون رکو سنڌيءَ ۽ ڪشميريءَ ۾.
صفحو ٣٢٣

(٣) اِدغام جي عادت سنڌيءَ دارڊڪ ۾ صفحو ١٣١ ۽ ٢٩٩

(٤) ڳڏيل حرف صحيح هڪٻئي ۾ سمائجي ويا آهن، ته هنديءَ وانگر حرف علت کي ڊگهو نه ڪيو اٿن.
صفحو ٤٧ ۽ ٣٤٨

(٥) "ٻ"، "ڄ"، "ڏ" ۽ "ڳ" اُڪر رکوانهن مان (ڪڇين ۽ گجراتين "ٻ" ۽ "ڏ" جا اچار اسان وٽان ورتا)
صفحو ٨٦ ۽ ٣٠٤

(٦) ٻن علت حرفن جي وچ ۾ "ت" قائم رکڻ صفحو ٨٧

(٧) اکرن کي مغز جي اچار وارو ڪرڻ صفحو ٣٠٢

(٨) اکرن کي اوسرگ ڪرڻ صفحو ١٢٧

(٩) ”ر“ ۽ ”ڙ“ جو فرق نه رکڻ صفحو ١٣٠
(١٠) ”ر“ اکر لفظ جي وچ مان ڪڍي ڇڏڻ صفحو ١٥٢
(١١) ضميري پڇاڙيون رکڻ سنڌي، سرائڪي ۽ ڪشميريءَ ۾. صفحو ٨٨
اشارو: هنديءَ ۾ ”هم-تم“ (ضمير)، هنن ٻولين ۾ ”اسي-تسي-تيسين“، ۽ سنڌيءَ ۾، ”آسين“ ۽ ”توهين“
(١٢) اسم مفعول جي پڇاڙيءَ ”ڙو“ گڏڻ صفحو ١٠٨
(١٣) معروف فعل کي مجهول صورت ڪرڻ لاءِ ”ج“ گڏڻ صفحو ٣٢٥
(١٤) سنڌيءَ ۾ سرائڪي لفظ ۽ پهاڪا صفحو ١٩٥ ۽ ٢٥٥
(١٥) سري جي ٻوليءَ تي سرائڪي اثر صفحو ١٠٦ ۽ ١٠٨

سنڌيءَ جو سرائڪيءَ ۽ ملتاني تي اثر

اشارو: ”ڪنا-ڪنون“ حرف جر، ۽ سنڌيءَ جي حالت جريءَ واري ”آن-آون“ پڇاڙي، سرائڪيءَ ۽ ملتانيءَ ۾ به آهن. ڪيترا لفظ به عام اٿن، جهڙوڪ: ”ڏيڏ“ (ڀيٽ)، ”ٽبر“ (ٻار ٻچا) وغيره.

ضميمو ٽيون
سنڌيءَ جو بلوچيءَ تي اثر

لانگورٿ ڊيمس صاحب جي ناميل ”بلوچي ٻوليءَ جي گرامر ۽ لغت“ ۾ ڄاڻايل آهي ته بلوچي ٻوليءَ جي نحوي

بناوت، پراڪرت ٻولين- خاص ڪري سنڌ ٻوليءَ- جي بناوت، سان ڪجهه مشابهت رکي ٿي (صفحو ٨٨ ۽ ١٠١).

بلوچيءَ ۾ ڪيترا سنڌي لفظ به عام ٿي ويا آهن، جن جن جا ٿورا مثال هي آهن:

بلوچي	سنڌي	بلوچي	سنڌي	بلوچي	سنڌي
آباسي	آٻاسي	اوجاغو	اوجاڳو	بانهن	ٻانهن(زال)
پاڪر	پاڪڙو	ٻرلا	ٻڙلاءَ	تيلن	ٽيلهڻ
پند	پنڌ	جورغ	جوڙڻ	چاري	چاڙهي
درکهو	دڙڪو	دهان	ڏيان	ڊينبُو	ڏينڀو
هبڪغ	هٻڪڻ	هدڪي	هڏڪي	هينا	هيٺو

بلوچيءَ ۾ ٻپها (پٽُو) ٻري (بوجو)، ٻهر (ٽڙي)، پهوغ (ڦوڳ) پهوپهي (ڦٽي) ۽ ٻيا وسرگ اکر آهن، جي هن وقت فارسيءَ ۾ ڪينهن.

ضميمو چوڏون
سنڌيءَ جو آفغاني يا پشتو تي اثر

ڊاڪٽر ٽرمپ جنهن سنڌي ٻوليءَ جو نهايت عمدو گرامر جوڙيو هو، تنهن پشتو ٻوليءَ جو گرامر به ٺاهيو هو، جو هاڻ ڪمياب آهي. انهيءَ گرامر جي منڍ ۾ هن صاحب ڄاڻايو آهي ته جيڪي نج پشتو لفظ سڏجن ٿا، تن مان ڪهڙا پرورين پراڪرت ٻولين (خاص سنڌيءَ، ٿوري قدر پنجابيءَ) مان ورتل آهن. انهيءَ کان سواء، پشتو ٻوليءَ جي اسمن جي ڦيرن ۽ فعلن جي گردانن جي ترتيب

سنڌي نموني سان بلڪل ويجهي مشابهت رکي ٿي. ٻيون ته پشتو ۾ جيڪي متعدي معروف ۽ بالواسطه فعل، ماضي زمانن ۾ ڪم اچن ٿا، تن جي سموري بناوت سنڌي نموني آهي*. هيءَ بلڪل مڪيه ڳالهيون آهن ۽ سنڌيءَ جو پشتو ٻوليءَ تي بلڪل گهڻو ۽ گهاٽو اثر ثابت ڪن ٿيون- هن لاءِ سبب اسان اڳيئي ڄاڻايا آهن (صفحو ٨٨ ۽ ٢٠١).

پشتو ۾ سنڌي لفظ

پشتو ۾ جيڪي سنڌي لفظ عام آهن، تن جا ٿورا مثال:

پشتو	سنڌي	پشتو	سنڌي	پشتو	سنڌي
انگن	اڱڻ	بنگ	ڀنگ	تق	ڌڪ
توڪهه	ٿوڪ	دڪال	ڏڪار	ڪت	کٽ
گنڑل	ڳڻڻ	منگهنر	منگهڻ	هډ	هڏو

Dr.F. Trumpp's Pasoto Grammar, Introduction p. II.


هندستان
جي بولين جو نقشو
كشميري
لهندا
پنجابي
بلوچي
بروهي
سندي
راجستاني
تبيتي
بهاري
بنگالي
مرهٹي
تلنگي
تامل